# ڳالھ
# ۾
# ڳالھ

پارو ٺاڪر چاولا



Name : **Galih Mein Galih**

Written By: :Paru Thakur Chawla

Year :2008

Publisher :Amrita Anand Publication
201 Daffodils, Bhakti Park, Sector -2
Opp Imax Theatre, Wadala, Mumbai-37
Mobile: 9322510668

Cover Design :Anand Lalchandani
Tel.: 9820883807

Layout : Ram Lalchandani
Tel.: 932372436

Printer : Art Spot
Mahim, mumbai -16,

D.T.P. :Shobha Lalchandani
Tel.: 9322510668

Price : Rs. 150

(Partly assistance received from INDUSIND FOUNDATION)

# فهرست


| | |
|---|---|
| **پاٺڪن جا رايا** | 9 |
| **ٻه اکر مون وٽان-رام لعلچنداڻي** | 22 |
| **ما هري ديوي جا پروچن** | 23 |
| جادوگر جوڳي پوجيه دادا واسواڻي-پارو ٺاڪر چاولا | 31 |
| (1)جيڪي ٿيو سو ڀلو ٿيو! | 37 |
| (2)ورڪت بابا! | 38 |
| (3)سچ جو اُپديش | 39 |
| (4)ڀاڳ ۽ پرشارٿ! | 40 |
| (5)ٻوڙو بابا! | 41 |
| (6)دک کان مڪتي! | 42 |
| (7)سيڪو سنمتي دي ڀڳوان! | 43 |
| (8)سنساري رس ڦڪا، آتم رس مٺو | 44 |
| (9)چنتن! | 45 |
| (10)راوڻ کي ڊپ! | 46 |
| (11)ڪمال ۽ گاهه! | 47 |
| (12)آتمڪ پرڪاش | 48 |
| (13)رام جو ڀڳت تلسيداس | 49 |
| (14)تياڳ من سان ٿيندو آهي! | 50 |
| (15)چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق آهي | 51 |
| (16)مان ته پريوءَ جا شڪرانا ٿو مڃيان | 52 |
| (17)راوڻ ۽ باندر | 53 |
| (18)منترن جو جاپ ڪريو | 54 |
| (19)جئه جوان جئه ڪسان | 55 |
| (20)سيٺ جو پٽ! | 56 |
| (21)ايڪاگرتا! | 57 |
| (22)ڌرتيءَ تي سرڳ گروءَ جي ڪرپا! | 58 |
| (23)راجا برهم پٽ! | 59 |
| (24)پريو! تنهنجي عجيب ليلا! | 60 |
| (25)اَنتر ياترا | 61 |
| (26)سڌامو! | 62 |
| (27)جنا ٻائي! | 63 |
| | 65 |





| | |
|---|---|
| (28)راميشور جو راهي! | 66 |
| (29)ڪوٽ! | 67 |
| (30)ڏنوان ۽ گوڏن جو سور! | 68 |
| (31)ڊاڪٽر ڪال! | 69 |
| (32)ايڪ گهڙي آڌي گهڙي! | 70 |
| (33)جارج واشنگٽن! | 71 |
| (34)سمپتيءَ جا غلام نه ٿيون! | 72 |
| (35)خبردار ٿيون! | 73 |
| (36)رامانج آچاريه ۽ گرو! | 74 |
| (37)لالو! | 75 |
| (38)پورو ڀروسو رک ته توکي سنڀالي! | 76 |
| (39)مک ۾ رام بگل ۾ چري! | 77 |
| (40)گروءَ جو شش! | 78 |
| (41)مونکي ملان نه ٺيٺو آهي! | 76 |
| (42)باقي هندستان ڪٿي آهي؟ | 80 |
| (43)شراڌ | 81 |
| (44)مرشد ۽ مريد! | 82 |
| (45)گرو نپٽ نرنجن! | 83 |
| (46)نيڪ نيتي! | 84 |
| (47)حاسد راضي نه ٿيندا | 85 |
| (48)بادشاهه ابوبڪر! | 86 |
| (49)ٻاٽيءَ سان پاڻ کي جوڙي ڇڏ! | 87 |
| (50)ماءُ جو موهه! | 88 |
| (51)حُسن ۽ سوداگر | 89 |
| (52)عجيب فيصلو | 90 |
| (53)جاڳو! جاڳو! جاڳو! | 91 |
| (54)سمپتي، سڦلتا ۽ پريت! | 92 |
| (55)منترن جو جاپ! | 93 |
| (56)ڀڳوان جو درشن! | 94 |
| (57)ڪنجوس! | 95 |
| (58)شري گرونانڪ ديو! | 96 |
| (59)غريب ڪير آهي؟ | 97 |
| (60)مدن واڌيو ۽ صوفي سڪيا! | 98 |

(61)جهڙو ان تهڙو من! 100
(62)گرو شيوا! 101
(63)گرونانڪ مسلمان تو ٿئي! 102
(64)گرو گوبندسنگهہ! 104
(65)ڪنير بٽيو سنت! 106
(66)شواجي مهراج ۽ گئو ماتا! 108
(67)راجا اسراج! 110
(68)بهادر وديارٿي! 112
(69)روح تي داغ ٿي پوي ته! 113
(70)پريم پارس آهي! 114
(71)نينهن وارو بابا نيپراج ! 116
(72)چت جي شڌي! 117
(73)بلہي شاهہ! 118
(74)مون ورت جي شڪتي! 120
(75)دعا ڪم ڪيو! 121
(76)پائي ڀهلي جي شيوا! 123
(77)''سچ جي شڪتي!'' 125
(78)منهنجو پرماتما سمرٿ آهي! 127
(79)جيڪي ڪرين سو هريءَ کي ارپڻ ڪر! 128
(80)هاسارام پمناڻي! 129
(81)گرو گوبندسنگهہ جون قربانيون! 130
(82)ستسنگ ۾ ننڊ چو ٿي اچي؟ 131
(83)ياماشاهہ بنيئو! 132
(84)من کي جيتڻ! 133
(85)رمڻ مهرشي! 134
(86)عالم اِراسمن! 135
(87)سائنسدان آينسٽائين! 136
(88)ستسنگ جي مهما! 137
(89)راجيندر پرساد ۽ مهاتما گانڌي! 138
(90)''قارون بادشاهہ !'' 140
(91)ڪاسائيءَ جو پٽ! 141
(92)دادو ديال ۽ سنياسي! 142
(93)ڀڳت پرهلاد! 143





(94)لڪشمي ماتا! 144
(95)جارج اسٽيفن! 145
(96)ايسپ جي آڪاٽي! 146
(97)''واندو من شيطان جو گهر' 147
(98)ستگر جي شيوا! 148
(99)سمنڊ جي لهر! 149
(100)اُهو ڪي ڪر! 150
(101)سمراٽ ڀرتهري! 151
(102)يوگ وشسٽ ۽ شري رامچندر! 152
(103)ادويت درشن ! 153
(104)تون ڪير آهين؟ 154
(105)محنت ڪر، سڦلتا پاءِ! 155
(106)پاڇن پنيان پيا ڊوڙون! 155
(107)شش! 156
(108)ابراهم لنڪن سچو نيتا ! 157
(109)''پنهنجو ڌرم نہ بدلائيندس'' 158
(110) پتيءَ جو نالو! 156
(111)''انتر آتما روپي زيور!'' 160
(112)اهو شاگرد ڪير هو؟ 161
(113)گروجن وزن پورو پيا ڪن! 163
(114)مسولين جو پوٽ! 164
(115)راجا جنڪ ۽ پاراشر رشي! 165
(116)ڪالي ماتا وشال- تمام وشال 165
(117)ڪوي تلسيداس ۽ دنبي ڪوي! 166
(118)نارد ۽ اُنجو اڳيون جنم! 167
(119)بال گنگادر تلڪ! 168
(120)نيپولين بونا پارٽ! 168
(121)وڪرماديتيہ 169
(122)سياڻو گوپال! 170
(123)گندگي ڦهلائڻ سولي آهي! 171
(124)اسان جي پارٽ جو شان نرالو آهي ! 172
(125)ڪوڪا هٽندو وچ ! 173
(126)مايا ۾ موهجڻ اسنتوش آهي ! 174

# پاڻڪنجار ا يا

♦ پيڻ پارو چاولا جو لکيل دل فريب مها گرنٿ ٣٦٥ ڏينهن ٤٦٥ صفحن وارو سوکڙي طور مليو مهرباني. هن مها گرنٿ کي لکڻ لاءِ اجيڪا محنت مشقت پيڻ پارو چاولا ڪئي آهي سا ساراهه جوڳي آهي. پيڻ جي رات ڏينهن جي محنت مان خون پسيني جي خوشبو محسوس ٿئي ٿي. هن ڪتاب کي پڙهڻ سان انتر آتما جي دويه درشٽي جو اَنڀئه ٿئي ٿو. اَتيت جاڳي عجيب اَحساس ٿو ڪرائي ته جيون جو مول مقصد ڇا آهي ۽ جيون جي خاص پهلن کي ڇهندي هن ڪتاب جي پيڻ رچنا ڪئي آهي هي صرف هڪ ڪتاب نه پر مهاگرنٿ آهي جو من جو مارگه درشن ڪري جيون کي سڦل بڻائڻ ۾ جوڳي مدد ٿو ڪري. هن ۾ ڏنل سکيائون جيون جو آڌار آهن. هي مها گرنٿ هر پانڪ جي دل تي آمِٽ ڇاپ ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. اِهو منهنجو رايو آهي.

اَهڙي مها گرنٿ ٣٦٥ ڏينهن جي سوغات کي حاصل ڪري مان بيحد گدگد ٿيو آهيان. هي مها گرنٿ مون لئه ناياب هيري مثل آهي جنهن کي مان پڙهان پيو ۽ ٻين کي پڻ پڙهائيندس. توهان هي ڪتاب مونکي سوغات ۾ ڏئي پنهنجي قرب جو سچو ثبوت ڏنو آهي. تنهن لاءِ مان توهانجو شڪرگذار آهيان ۽ ساري ڄمار رهندس.

قربن مان- **ساون ڪمار اُداسي**

♦ وڏيڪ اِتي ڄاڻ پئي ته اَدي پارو جو هڪ ناياب بهترين شاهڪار ٣٦٥ ڏينهن واري عنوان ڪتاب شايع ٿيو آهي. جو ڪم مون ٿورو 'هندو' ممبئي ۾ پڙهيو به آهي. سو جيڪڏهن آدرٽيه اسانجي ''سنڌو لئبرري'' لاءِ موڪلي ڏيو. **موهن اُداسي**



♦ توهان طرفان موڪليل '٣٦٥ ڏينهن' ڪتاب مليو. جنهن لاءِ قرب سڪ ۽ پيار پري ڏنيواد.

شاديءَ جي گولڊن جُبلي سال پوري ٿيڻ جي اُپلڪش ۾ اسان جون ۽ احمدآباد جي پوري ڪلاڪار پريوار طرفان لکه لکه واڌايون ۽ شپ ڪامنائون سويڪاريندا.

سائين سرجڻهار توهان ۽ پيڻ پاروءَ کي اَڃا به وڌي آورجا ۽ شڪتي بخشيندو، جيئن توهان ٻئي سنڌي اَدب ۽ ڪَلا جا اَڏوُرا گهرا پري سگهو.

قربن مان توهان جو

**چمن شرما**

♦ توهان دواران پنهنجي شاديءَ جي ٥٠ سالن جي سکميه جيون جي موقعي تي موڪليل سوکڙي '٣٦٥ ڏينهن' پهتي. ڏنيواد ۽ شپ ڪامنائون

شيوا ۾- **ڊاڪٽر ليکواڻي**

♦ پياري ديدي پارو، پيارا جيجا دادا ٺاڪر، نمستي،

سيني ڪان پهرين ته توهانکي شاديءَ جي ٥٠ سالن جون لکه لکه واڌايون ڏيان. پلا مُرکو ته سهين ! ها ها هاٽي نيڪ آهي.

توهان ٣٦٥ ڏينهن ڪتاب موڪلي ته منهنجي دل ٺي جيتي ڇڏي. گهٽ ۾ گهٽ دل سان ياد ته ڪيو، مان توهان جي ايڏي شڪرگذار آهيان جو توهان سان گڏجڻ جي چاهه اکين ۾ پريم جا ڳوڙها ڪٽي آئي. اُميد ته آئينده به دل تان نه وساريندا.

توهان جون رهاڻيون سڀ نه پڙهيون آهن پر جيڪي

پڙهيون آهن تمام سُٺو پرياس آهي. واڌايون قبول ڪندا.

توهان جي ئي **ڪملا**

توهان جوئي **ڪشن**

♦ پاروءَ جو ڪتاب '٣٦٥' ڏينهن پهتو مهرباني.

پيارا ڀاءُ، منهنجي موتيءَ جي طبيعت ڪافي ناساز آهي. ان ڪري ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ من نٿو لڳي. ڏُک آهي - سُک آهي.

**تارا ميرچنداڻي پونا.**

♦ پوڄنيہ ڀاءُ، گهڻيءَ سڪ ۽ اَدبن مون وينتي تہ توهان صاحبن مونکي ٣٦٥ ڏينهن (سونهو) موڪلي وڏي ڌرم ۽ اُپڪار جو ڪمُ ڪيو آهي. مان صبح جو ٥ بجي اُٿندو آهيان ۽ اِسنان پوڄا پاٺ بعد هيءُ پُستڪ پڙهندو آهيان ۽ جيئن جيئن پڙهان ٿو تيئن تيئن من کي آٿت ۽ ناياب شانتي مِلي ٿي.

**داس موهن. گربخشاڻي**

♦ پيارا ڀاءُ ٺاڪر چاولا،

شال سدا خوش هجو. ڀيڻ پاروءِ مونکي ٣٦٥ ڏينهن ڪتاب ڏنو هو، سو ڏاڍو سنو آهي. اڳيون ڪتاب درشٽانت درشٽانت بہ ڏاڍو سنو آهي. شاباس آهي پاروءَ کي جو هيترو وقت ڪڍي نور نچوئي اهڙا امولہ ڪتاب ڪڍي ٿي. ٻيا سڀ ڪتاب ڇڏي، رڳو اهي بہ ڪتاب وري، وري پڙهجن ۽ پڙهي عمل ڪري ۽ هنئين سان هنڊائجن تہ جيڪر هن ڀَوَ ساگر مان آسانيءَ سان پار ٿي وڃجي.

**ڪانتا ايسراڻي**

♦ پارو چاولا گرنٿ مليو. توهان جو نالو تہ گرنٿ نہ آهي. پر آهي گرنٿ. ٣٦٥ ڏينهن آهي توهان جو نالو. جيئن گرو گرنٿ آهي تئين هي بہ گرنٿ آهي. مون هن گرنٿ جو نالو رکيو آهي



پارو چاولا گرنٿ. دلبر جا ٧٠ سال پورا ٿيا.

**هوتو سنڌو پياسي**

♦ پيارا ڀاءُ ٺاڪر ۽ ڀيڻ پارو سموري ڪٽنب سان آنند ۾ هوندا.

افسوس اٿم جو اوهان جي پنجاهہ وهاڻءَ جي اُتسو ۾ شامل ٿي نہ سگهيس ٻاهر نڪرڻ، اڄڪلهہ ڏکيو پيو لڳي. روبرو نہ، تہ دير سان ئي سهين، جهول جهلي شاديءَ جون مبارڪون قبول ڪريو. اوهان جي سوکڙي ٣٦٥ ڏينهن ڪتاب پهتو.

سنيهہ مان

**ڪيرت ٻاٻاڻي**

♦ پوڄنيہ دادي پارو چاولا ۽ شري ٺاڪر چاولا جي

سادر پرڻام، اُميد تہ خوش مزي ۾ هوندا. توهانجو سڪ پريو موڪليل توهان جو لکيل ڪتاب ٣٦٥ ڏينهن مليو. ياد لاءِ گ هڻي گهڻي مهرباني.

**گرداس آهوجا**

♦ هن شڀ ڏينهن تي توهان پنهنجي شاديءَ جا پنجاهہ سال پورا ڪيا اِها وڏي پرسنتا جي ڳالهہ آهي. دلي واڌايون قبول ڪجو. ايشور در وينتي آهي تہ توهانکي سني صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جئن سنڌي قوم ۽ ساهت جي شيوا ۾ اڳي کان اڳرا هجو.

توهانجي موڪليل سوکڙي ڏينهن ٣٦٥ پهتل آهي ۽ هڪ سنو ڪتاب سڀ کان سندر سوکڙي آهي.

شڀ اڇائن سان،

**بنسي کوبچنداڻي**

♦ مانوارا دادا شري چاولا صاحب ۽ ڀيڻ پارو چاولا.

توهان جي موڪليل سوکڙي '٣٦٥ ڏينهن' ملي ڏاڍي خوشي ٿي اچان بہ وڌيڪ خوشي ٿي. جڏهن پڙهيم تہ ٦ مارچ ٢٠٠٤ تي

توهان جي منگلميہ شادي جا پنجاهہ سال پورا ٿين ٿا.

ايشور در هٿ جوڙي وينتي آهي تہ توهان ٻئي سؤ سال کان بہ وڌيڪ آورجا ماڻيو ۽ سنڌي ادب،جاتيءَ ديش جي شيوا ڪندا رهو.

ڪتاب پڙهي رس وٺندو رهندس ۽ پنهنجي ننڍي لئبرري ۾ سانڍي رکندس. **ن ن د لا ل**

**پرساماڻي**

♦ پياري پيڻ پارو،

نمستي. ساهتيہ ۾ اوهان جي جوڙي هلندي پيئي اچي، '٣٦٥ ڏينهن' ڪتاب مليو آهي. سنڌي آواز ۾ رويو ڪندس. شاباس اٿو تہ منڊ ڪان وني، ساهتيہ ۾ هلندا پيا اچو. ٣٦٥ جي ڇپائي وڻي. ضرور پڙهندس. شاديءَ جي اڌ صدي مبارڪ ! اڳوات واڌايون.

'٥٠ سال شاديءَ جا' پنهنجا ۽ ٺاڪر جو انيو لکو تہ سنڌي ادب ۾ سنڌي بزرگہ اديبن ۾ جيون ڪي اچا يوڳڻ جي يا گذارڻ جي چاهنا وڌندي. **گورڌن**

**تنواڻي**

♦ پيڻ پارو ديوي آشا تہ آنند ۾ هوندا. اوهان جو ناياب تحفو ٣٦٥ ڏينهن پهتو. ڌنيواد.

شل جڳہ جڳہ جيئو ۽ ساهت جا گهڙا پريو!

سيوا ۾

**هولارام هنس**

♦ ٦ مارچ تي اوهانجي شاديءَ جي پنجاهہ سالانا ورش گانٺ جي موقعي تي موڪليل سوکڙي ڪتاب ٣٦٥ ڏينهن مليو. تنهن لاءِ ڌنيواد- مالڪ جي لکہ شڪرانا جو اوهان جي دل ۾ مون جهڙي



غريب ڪي اهڙي انمول خزاني وارو پستڪ سوکڙي طور موڪلڻ لاءِ ويچار پئدا ٿيوَ.

مون غريب اڳ ۾ بہ اوهانجو نالو ٻڌو هو، پر اهڙي اميد ڪونہ هئي تہ هن غريب ڪي اوهان جهڙي شخصيت ياد ڪندي.

اوهانجو- **جهامنداس روهڙا**

♦ آدرڻيہ ٺاڪر چاولا ۽ پارو چاولا،

توهانجي سڪ پري سوکڙي٣٦٥ ڏينهن پهتي. تنهن لاءِ توهانجا لکہ ٿورا. اڳتي پڻ يادگيريءَ کان نہ وساريندا.

توهانجي ٥٠ شادي جي سالگره لاءِ مبارڪون قبول ڪندا. ايشور توهان کي وڏي آورجا بخشي جو توهان جي جوڙي سنڌي ساهتيہ ۽ سنگيت جا گهڙا پريندي رهي.

توهان جو- **ارجن پمپاڻي**- اَحمدآباد.

♦ پيڻ پارو چاولا، نمستي،

بعد گهڻي آدب ۽ نياز جي لکجي ٿو تہ اوهانجو ڪتاب پڙهيل ٻڌل ''درشٽانت درشٽانت'' برابر 'هندو' جي آفيس ۾ مليو.

تمام گهڻي مهرباني. اوهان جو ادبي شوق ۽ مايي جو هيءُ ڪتاب نئون ڪرشمو آهي. گوناگون عنوان دلچسپ طريقي سان پيش ٿيل آهن. اُميد اٿم تہ سنڌي سماج وڏي دل سان آجيان ڪندي. زياده اَدب، بندہ. **شيام**

**ٺارواڻي 'شيام'**

♦ توهان وٽان اڄ سڪ جي سوکڙي ٣٥٦ ڏينهن پهتا. شاديءَ جا ٥٠ سونا سال مالڪ جي مهر سان گذاريو. واہ! واہ! لکہ لکہ مبارڪون!

ايشور پنهنجي اپار ميا ديا سان صحت ۽ سگهہ ڏئيو! جو عام کي پنهنجي سکياڏائڪ ۽ وندرائيندڙ لکڻين سان سدا ريجهائيندا

رهو.

ڪتاب پڙهڻ ۾ برابر ويرم لڳندي پر فهرست اکہ مان ڪڍي تہ ڪافي مصالحو نظر آيو.

چيم پهچ تہ لکان ۽ پڻ شڪرانا مڃيا جو هن ڪتاب لاءِ هنکي ياد فرمايو.

پارو ۽ چاولا جو جوڙو فوٽي ۾ ڏيو ها تہ بهتر. محنت برابر پاروءَ جي ٿي ڏسجي. پر ٺاڪر جي بہ پشتي ۽ دعا ضرور هوندي نہ؟

پيار جهجا

شيوا ۾ - **چندرا آڏواڻي**

♦ پيئڻ پارو چاولا،

توهانکي ياد هوندو، ’سپون‘ ۾ شايع ٿيل توهانجي هڪ ڪويتا جو هندي ترجمو ڪرڻ لاءِ مون توهانکان اِجازت گهري هئي! ترجمو ڪيل ڪويتا راجستان ساهتيہ اَڪادميءَ جي ماهوار مخزن ’مدومتي‘ جي مارچ ۲۰۰۴ پرچي ۾ شايع ٿي آهي. مون توهانجي ايڊريس موڪلي سمپادڪ کي عرض ڪيو آهي تہ وابسط ڪاپي توهانکي موڪلي. تنهن هوندي بہ فوٽو ڪاپي پيش ڪري رهيو آهيان. اوهان جو ’۳٦۵ ڏينهن‘ ڪتاب مليو. توهانجي سرگرمي وڻندڙ آهي. ايشور در ڪامنا ٿو ڪريان تہ اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهي.

مهرباني ڪري شري ٺاڪر چاولا کي مونکي مليل سامي پرسڪار جي خبر ’هندواسي‘ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ منهنجون مهربانيون پيش ڪندا. ’هندواسي‘ جي سندن موڪليل ڪاپي پڻ مونکي ملي وئي آهي.

اُميد تہ توهانجي جوڙي مزي ۾ هوندي.

توهانجو- **ڀڳوان اَٽلاڻي**



♦ ’۳٦۵ ڏينهن‘ ڪتاب لاءِ اڱڻڻپ واڌايون.

؛ **گوبند خوشحالاڻي**
؛

♦ پيارا ڀاءُ ٺاڪر

بعد گهڻي پيار ۽ نيازن جي لکجي ٿو تہ ڀاڀيءَ پاروءَ جو لکيل ڪتاب ’۳٦۵ ڏينهن‘ ٿورا ڏينهن اڳہ پهتل آهي. وري بہ شڪر آهيجو ياد تہ ڪيو ٿا. اڄ جڏهن لڇا ڀاٽيا اسانجي گهر آئي هئي تڏهن اِهو ڪتاب مان انهيءَ کي ڏيکاريو، تڏهن وچي اوهانجي چپيل چٽڪيءَ تي نظر پيئي تہ هي ڪتاب اوهانجي شاديءَ جي ۵۰ سالگرهہ جي سوکڙي آهي.سوکڙي تہ سچ پچ اسانکي موڪلڻ کپندي هئي. خير.

اوهانجي شاديءَ جي ۵۰ سالگرهہ گولڊن جبلي تي اوهان کي لکہ لکہ واڌايون. لڇا ڀاٽيا بہ اوهان ٻنهي لاءِ لک لک واڌايون چيون آهن. لڇا ڀاٽيا جيا وڏاڻيءَ سان گڏ اوهانجي سيتا سنڌو پون ۾ ۸ فيبروريءَ تي سنگيت جو پروگرام ڏنو هو.

شال اوهان ٻئي خوش رهو ۽ اَڃان گهڻا گهڻا سال سنڌي جاتيءَ جي شيوا ڪندا رهو. نيازن مان-**چندرا ۽ گهنشام ڪيسواڻي**

♦توهان صاحبن جي ۳٦۵ ڏينهن جي سوکڙي ملي. مهرباني، هئڙي ڪتاب لاءِ ڪروڙين واڌايون.

قربن مان- **هيملتا ٻجاج**

♦ مانواري آدرڻيہ جڳل جوڙي پارو ۽ ٺاڪر چاولا کي نمسڪار

شادي جا شڀ ۵۰ سال پورا ڪرڻ جي موقعي تي ۳٦۵ ڏينهن جو شاندار پستڪ سوکڙي طور پهتو. يادگيريءَ لاءِ ڌنيواد. روزاني ’هندو‘ جي ممبئي ايڊيشن ۾ ڪافي مهنن کان روزانو پستڪ مان هڪ هڪ گراف شايع ٿيندو رهندو آهي. خوب پسند ايندو آهي. پستڪ اندر تواريخي گيان وڌائيندڙ واقعن جو ذڪر ڪيل

آهي. جيڪي توهان ڪافي محنت ڪري گڏ ڪيا آهن. هڪ هنڌ سنگرهه ٿيل واقعن کي ڏسي آنند اچي ويو. جڏهن بہ اِچا ٿيندي لطف ماڻي سگهجي ٿو.

سڪ سنيهه سان- **ايسرسنگهه بيدي**، (اجمير)

♦ هندوءَ ۾ هرروز ٣٦٥ ڏينهن ۾ ڏنل ويچار پڙهڻ لاءِ ملندا آهن. ڪافي اِخلاقي ۽ سکياداڻڪ لڳندا آهن. اَڄ اوچتو ئي توهان وٽان منهنجي پٽ جي ائڊريس تي پستڪ پڻ مليو. اِنجي پهچ بروقت ڏيڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان.

قربن مان- **ڪشور پهوجا ’جيون‘**

♦سنڌيءَ ۾ سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، پوپٽي هيرانندداڻي، تارا ميرچنداڻي، ايشوري جوتواڻي، ڊا. ڪمل گوڪلاڻي، ڊا. درو تنواڻي، اجمير جي ٻٽاڻي، پونا جي شبنم پوناوالا، ريٽا شهاڻي ۽ .... ڪيتريون ننڍيون وڏيون اُسرندڙ ليکڪائون. اُنهن مان ٻاڳوان آهي. اَسان جي هيءَ ڀيڻ جنهن ڪيترائي ڪتاب لکيا. پنهنجو نالو سنڌي ادب جي اتهاس ۾ لکائي ڇڏيو.

٣٦٥ ڏينهن، يعني درويشن ۽ فقيرن جون رهاڻيون. پاروءَ جي من کي ۽ هن ڪتاب کي جي پڙهبو تہ ظاهر ٿيندو تہ هن پنيان ڪيترا اوجاڳا آهن. راتيون آهن. ڦٿل ۽ رنل آهن. ڪتاب جي ڪور تي هڪ نوٽ چٽڪي آهي تہ ٦ مارچ ٢٠٠٤ تي شاديءَ جا (پاروءَ جي شادي) ٥٠ سال پورا ٿيندا. ان موقعي تي هن مهان ڀيڻ سنڌي ادب جي ڪيترن ليکڪن کي سوکڙي ڪري موڪلي آهي. پل اُها خوشي- آنند منهنجي هن ڀيڻ کي مليو هجي. پر جي ٥٠ سال گذري ويا... يعني هن جي هٿن مان. يعنيِ اسان جي هٿن مان نڪري ويا. اُن جو درد ۽ پيڙا ڪنهن کي آهي؟

ٺاڪر چاولا- يعني اسان جو ادو- پاءُ، پنهنجي ئي پتنيءَ جي



هن ڪتاب ۾ لکي ٿو، ’زندگي گذارڻ هڪ ڳالهہ آهي پر ان کي کهڙي پاسي موڙ ڏيڻ ٻي ڳالهہ آهي. جڏهن چؤواٽي تي اچي بهي ٿو رهجي، ان ويل پنهنجي من کي جهنجهولڻ سان ئي ڪا واٽ وني ٿي سگهجي ۽ وري اها کهڙي راه آهي، اهو پنهنجي مليل سنسڪارن تي ٿو آڌار رکي.

’هن کي عادت آهي قلم ۽ ننڍي ڊائري پاڻ سان پرس ۾ گڏ کڻي گهمندي آهي، جنهن جو بہ ڪجهه هن کي وڻيو تہ اهي ٽي- چار لفظ هوءَ ڊائريءَ تي لکي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ رات جو ١٢ کان ٢ بجي تائين هرروز انهن لفظن کي پنهنجي مرضيءَ سان وڏائي آڪار ڏيندي آهي....‘

شري ٺاڪر جي لکڻيءَ مان ثابت ٿيو تہ هنِ ڀيڻ جون ڪيتريون راتيون ڦٿل آهن. اوجاڳن ۾ گذاريل آهن. اُهي بہ پنهنجي امڙ سنڌي ٻوليءَ جي صدقي. ساهت- ڪلا- سنگيت جي صدقي. هونئن ڏنو ويو آهي تہ سنڌيءَ کي اڄ ڪير ٿو پڇي؟ ٻولي ۽ ميلا تہ رڳو ڳالهہ آهي. اسان مان سچ پچ ڪي تہ پاڻ ڏانهن- سماج ڏانهن يا ساهت- ڪلا ڏانهن پورا پورا ايماندار آهن؟ گهرجي لڳن. رت ڦٿل هجي. اُها هن ڀيڻ ۾ شروعات کان آهي.

پاءُ ٺاڪرجي چوڻ ۽ لکڻ موجب هيءُ ڪتاب ٣ سالن جي راتين جي اوجاڳن جو نتيجو آهي. جو ٤٥٥ صفحن ۾ پورو ٿئي ٿو!؟

٣٦٥ ڏينهن ٣٦٥ راتيون ۽ ٣٦٥ ويچار. هيءُ تہ سال هڪ جو حساب آهي. باقي پاروءَ جا بہ سال ڪيڏانهن ويا؟ پريمڪا ڀڳتي کان ماءُ ۽ ڏيءُ. ڀڳتي! کان گووند نام جو لوپ ضروري آهي. نياپو! واد وواد نہ ڪريون! پنهنجي خيال وار! کان مهاتما گ ،انڌي! هنومان ۽ ڳاڙهو رنگ! کان آپو!؛ ڇڏ تہ ڇٽين ! کان پهريون راشٽرپتي ۽ چمپل! ٻُڏو ڪلفيءَ وارو! کان نر نارائڻ ۽ اندر.

ائين ڪيترا ٽائيٽل آهن. ڪل ٣٦٥ آهن. جو صفحہ ٤٥٣ تي

ست ماڙ بلڊنگ تي ڪتاب پورو ٿئي ٿو! مزو تہ اِهو جو سڀ جي پنيان (!) عجب جي نشاني آهي ئي آهي؟

پيڻ جي اک- قلم - پڪڙڻ- لفظن کي ٻڌي ڪري- معنيٰ چڏائڻ سڀ نئون جڻ وچتر آهي تہ هن کي اِهو خيال ڪيئن آيو؟ درشٽانت- حوالا- ڪٿان مليا؟ ننڍيون ننڍيون کهاڻيون ڪٿان مليون؟ هن ڪيئن اُهي ياد ڪيون. مزو اِهو جو ڪتاب کي ڪٿان بہ کوليو. ڪوبہ نمبر ڪڍو. پارو- اوهان سامهون هوندي. جڻ ٣٦٥ نہ ٿيو. ڪا گيتا آهي. جن جا سلوڪ آهن. اسان جي جيون کي ناهين ۽ جوڙين ٿا. سڌارين ٿا. اسان جي من ۽ دماغ کي قيدين ٿا. موڙ ڏين ٿا. شاباس آهي پيڻ پاروءَ کي! سرڳواسي رام پنجواڻي. هن جو گرو هجي ها تہ.... ڪيترو نہ پنهنجي شش کي هينئن سوچيندو- لکندو- ڳائيندو، ڏسي پرسن ٿئي ها.

اڇو. جاچيون پارو چاولا جي قلم جي فيلسوفيءَ ۽ هن جي زندگ يءَ جي سنن ويچارن کي.

’چت جي شڪتي عجيب آهي. جيڪي تون زندگيءَ ۾ ڪندو ٿو رهين. اُهي سڀ انيو ۽ يادگيريون تنهنجي چت ۾ گڏ ٿينديا ٿا وڃن ۽ جڏهن چاهين چت جي شڪتيءَ سان اُنهن کي ياد ڪري سگهين ٿو.‘

’تهل مهل جي ڪجي. ويل ويئي تہ ريل ويئي‘ ’ويچارڌارا چرندڙ پرندڙ ۽ طاقت واري شڪتي آهي. خيال زبردست شڪتي آهي.‘

’دک اچي تہ ڌيرج ڪان ڪم وٺ ۽ سک اچي تہ ڦونڊ ۾ نہ پرجي وڃ. چوتہ ٻئي رهڻا ڪونهن.‘

’چپن تي مرڪ- اندر ۾ ڪاتي اِها بہ ڪا دوستي آهي.‘

’ڏنو ويو آهي تہ ورجاءُ، سرجاءُ سان ڳالهہ وڌيو وڃي.‘



’ڏوه ٿئي تہ باسجي. باسڻ سان سزا بہ گهٽبي آهي. اندر کي بہ آرام ملندو آهي.‘

’ٻئي کي ڏسي ائين نہ چئجي تہ مان بہ هن جي جڳهہ تي هجان ها تہ سکي رهان ها. جتي آهين اُنهن سان نيائي هلڻ جو يتن ڪرڻ ئي سک جو سار آهي. حالتون ڪونہ بدلبيون توکي بدلجڻو آهي.‘

’سچ تي هلڻ ڪٺن تپسيا آهي. سچ جي ساکي اسانجي هر قدم مان ملڻ گهرجي.‘

’اندر ڪوچ. ٻاهر ڪجهہ ڪونهي.‘

’انسان هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن گڻ جي وس آهي.‘

’کهڙي بہ ڪلا ساڌنا گهرندي آهي.‘

’ورچڻ، ذري ذري خفي ٿيڻ بہ خراب عادت آهي.‘

’اڪثر اسين جيڪي ويجهو هوندا آهن اُنهن سان سٺو ورتاءُ نہ ڪندا آهيون. ٻاهرين کي پنهنجو سٺو اثر وجهڻ لاءِ ڏاڍو فضيلت سان ڳالهائينداسين. سچو منش. اهو آهي جيڪو گهر توڙي ٻاهر هڪجهڙو رهي. ٻاهرين ديکاديکي چڱي سچو اِنسان ٿي رهي.‘

’جيون آخر آهي ڇا؟ پد ياترا. جمڻ کان مرڻ تائين.‘

’سنڌي آهين، سنڌي ڳالهاءِ. پنهنجي امڙ سان ڪين ڦٽاءِ. چاچيون ماسيون ڪم نہ ايندءِ، دک ۾ کهڙو حال ونڊيندوَ. ماءُ کي ئي پوندو کهڪاءُ.‘

۽ ٣٦٥ ڏينهن... پڙهندي پڙهندي راتيون گهرجن، کهاڻيون ئي کهاڻيون- ننڍيون کهاڻيون! پوءِ بہ گرونانڪ ۽ هنس (١) ڳالهائيندڙ ڪتو (١٢ (ماڙي ۽ طوطا، ڪانير ۽ گ

نيون (۴۰) ٻاڪوءَ جي ڏيءُ (۴۷) راجا ۽ انب (۵۸) طوطو سمجهي ويو (۸۷) چور ۽ حقو (۱۱۸) ڪوڙي ونگي! (۱۴۸) پهريون راشٽرپتي ۽ چمپل (۱۸٦) ٻڙا سڏا وڻ ٻڙا دک پاوڻ (۲٦٦) ڪسان خودي رام! (۲۹۰) راجا ۽ باندر (۳۳۱) مک ۽ مينهن! (۳۴۲) ٻلي شاه ! (۳۵۴) ست ماڙ بلڊنگ (۳٦۵)

مونکي لڳو. مان زندگيءَ کي وري کولي- ڦولي رهيو آهيان. ٽالسٽاءِ، سارتر، ڊيل، ڪارنگي يا خليل جبران، سڪرات، گيتا، ونوبا، ڪنوررام، سڀ جا سڀ منهنجي سامهون آهن. ڳالهائين پيا. ’۳٦۵ ڏينهن‘ کي اُهوئي پڙهندو جو ۳٦۵ راتيون گذاريندو. ننڊون ڦٽائي. هيءُ سڀ پڙهندو ۽ هينئن سان هنڊائيندو. ڪتاب نہ آهي جڻ شاه جا بيت آهن. معنيٰ اسان کي ڪڍٽي آهي. چڏائٽي آهي. واه پيڻ پارو! اڃان بہ لکندي رہ. اسانکي اهڙا ڪتاب ڏي. جو زندگيءَ کي ويجهو نزديڪ ڏسون، ماڻيون.

**ڊاڪٽر گوورڌن تنواڻي**

♦ Dear Thakur & Paru Chawla,

It was lovely to receive your 50th wedding anniversary celebration card sent by your children & grand - children on 7th March 2004 & Sita Sindhu Bhawan, which will be my pleasure to attend. A companionship of 50 long years together is the sweetest lovable any couple can ask for, & God gives it to them, but the very choicest ones., like you both.

More than the invitation, the accompanied book "365 Days" depicting the 50 years of your life together (memories) will make good reading matter & will be one of the previous books in my collection in my hall library @ home.

With warm regards, to self & your full family.

Your sincerely,

**(Narsing Golani)**



## پہ اکر مون وٽان...

هڪ سلجهيل-ويچاروان ودوان-ياداشت جي پڪي (هڪ قسم جو ڪامپيوٽر)-سڀل گائڪا-سداچاري سنڌي اُچارن جي برک-اتهاس جي ڄاڻو-سنبنڌن جي پُرِ،ساهتيہ ۾ برک ممتامئي سڀاجهي،ڏرمپرائڻ مهلا اگر ڳولهڻ نڪرندا تہ توهان کي پري وڃڻ جي ضرورت نہ پوندي.اسان جي بلڪل وچ ۾ موجود آهي.....شريمتي پارو ٺاڪر چاولا.

پارو چاولا ڪا ساڌارڻ استري نہ آهي، جهڙي اٿس سهنشيلتا، تهڙو اٿس سندس سڀاءُ ، نندو ٻار هجي يا وڏو هجي اُنهن سان اُنهن جهڙي. هرڪنهن سان اڄ تائين نباهيندي آئي آهي. گهر کي مندر ناهڻ واري، سيني ڀاتين کي هڪ مالها ۾ پوئڻ واري. هن کي سمجهڻ مشڪل بہ آهي تہ آسان بہ آهي، سندس زندگي هڪ کليل ڪتاب آهي. ڪنهن کان بہ ڪجهہ لڪ لڪاءُ نہ ڪندي آهي. منهن تي سچ چوڻ واري پر ماڻهن کي اها ڳالهہ پسند نہ ايندي آهي.

سندس جا لکيل کيترا ئي ڪتاب جن ۾ ڪويتائون. ليک- رچنائون-۽ مريادا ۽ ڀڳتي ڀاونامیہ من کي آنند ڏيندڙ درشٽانت جن مان انسان پنهنجو جيون چرتروان ۽ گيانوان بڻائي سگهي.اهڙين رچنائن ۽ ڪويتائن جي جيون جو ارٿ سمجهڻ کي سولو ڪرڻ اهڙن سرل-سرس شبدن ۾ پيش ڪرڻ تہ ڪو هن کان سکي. ٻولي اها هلي جا عام جي مٿي کي سمجهہ ۾ بہ اچي تہ دل جي آرپار بہ ٿئي. رس واري بہ هجي تہ سار واري بہ ’ڳالهہ ۾ ڳالهہ‘ هي هڪ دفعو جي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو تہ پورو ڪرڻ کان پهرين نہ ڇڏيندا، اهڙي لکڻي جي لکندڙ کي ئي ليکڪاءِ اديب ليکبو آهي. اهي سڀ گڻ توهان کي هن ڪتاب ۾ پڻ ملندا ۽ پانيان ٿو تہ توهان کي منهنجي لکڻ پورن روپ سان بلڪل صحيح لڳندو.... (امين)

**رام لعلچنداڻي**

# ڪير ٿو سچي ڏياري ملهائي؟

ڏياري ملهائڻ لاءِ چوگرد چوڏار تياريون پيئون ٿين. گ هر گهر ۾ مٺايون پيون ٺهن يا ورتيون وڃن، گهر گهر ۾ نوان ڪپڙا پيا سُبجن يا سُبايا وڃن، گهر گهر ۾ صفايون پيون ٿين ۽ بجليون پيون لڳايون وڃن، موم بتيون پڻ ورتيون پيون وڃن، گڏوگڏ ديپڪ جلائڻ لاءِ پُسايا پيا وڃن ۽ وَٽيون پيون ٺهن. اِهو سڀ ڏيکاري ٿو تہ ڏياري اچي رهي آهي. پر ڏياري ملهائڻ چا رُڳو ٻاهرين تياري ڪرڻ ۾ آهي؟ سچي ڏياري سو ٿو ملهائي، جنهنجي اَندر جوت جاڳي ٿي ۽ جنهنکي سِري رام جو درشن ملي ٿو. اَسان مان هڪ هڪ سچي ڏياري ملهائي سگهي ٿو، جي اَسين سچيءَ دل سان رام کي پُڪاريون ۽ چئونس تہ اَچي اَسانجي اَندر جي جوت جڳاءِ ۽ اگيان جو انڌيرو دور ڪر ۽ مونکي ياد اچي ٿو منڙي دادا جو هيءُ منو گيت :

رحم ۾ رام، ٻتيون تون ٻار، مهر ۾ رام، پيالي پيئار !
ڪين منگان پيو ڪاڇ تو در، مهر ۾ ڪر مونکي سڪ ستار !
ٻخشيش آسيس تون ڏي مون، اَندر منهنجي اُڪير اُٿار !
وقت وڃي پيو تہ ويسر ۾، هاڻ ڪر تون مونکي تُرت تيار !
سال وڃايم، ڪين سڃاتم، ڏياريءَ ڏينهڙي ڏي ديدار !
نوُري نماڻي اَٿيئي ويڳاڻي، جوت جڳاءِ تہ ٿئي جئڪار !



# لڳَن لوهہ لڳاءِ

هڪ ماڻهو پگهر جو پورهيو ڪري پنهنجي آجيوڪا ڪيندو هو. ڪيس گهر ٻار هو، جنهنجي پالنا پڻ ڪندو هو. هنڪان ايترو پوڙهيو ڪرڻ پڄندو ئي ڪين هو. هڪ ڏينهن چو نہ هنکي وجهہ ملي ويو پنهنجو ڪم ڇڏڻ جو. هڪ سوُرداس ڪبوتر کي هڪ سڄو ڪبوتر روز کاڌو کارائيندو هو. هن ماڻهوءَ اُهو درشيہ ڪي ڏينهن ڏٺو ۽ پاڻ کي چيائين تہ جو پريوُ سوُرداس ڪبوتر کي کاڌو پيو کارائي، سو اَسانکي ٿوروئي ڇڏيندو؟ جو ڪٿلي ماکوڙيءَ کي زرق رسائي ٿو، سو اَسانجي بہ سار سنڀال لهڻ لاءِ ٻڌل آهي. سو هن پوڙهيو ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ڪيس ٿوري ميڙي چونڊي هئي، جا ٿورن ڏينهن ۾ خلاص ٿي ويئي. هاڻي گهر جا ڀاتي بکہ ۾ پاهہ ٿيڻ لڳا.

هڪ ڏينهن ڪيس سندس هڪ دوست گڏيو. هنجا ڏتڙيل حال ڏسي کانئس حال چال ورتائين. هن بہ سبب ٻڌايس تہ چو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هئائين. مِتر مُشڪي چيس : ”پر بہ تو پاڻکي سورداس ڪبوتر ڪري چو سمجهو؟ چو نہ ٿي هن ٻئي ڪبوتر جيان سمجهئہ، جنهن پنهنجي تہ پر گهور لڌي، پر ٻئي ڪبوتر جي بہ. هل تہ مان توکي هينئر ئي ڪم تي لڳايان. پنهنجو خيال نہ ڪرين تہ من ٻارن ٻچن جو خيال پوئي. هنن ويچارن ڪهڙو قصور ڪيو، جو بکہ ۾ پاهہ پيا ٿين؟“

پنهنجي مِتر جا اکر ٻڌي هن ڀاءُ چيو : ”دوست، تون سچ ٿو چئين، تو منهنجون اکيون کولي ڇڏيون آهن. مونکي سگهہ آهي، ٻازوُن آهن، مان ڪم ڪري سگهان ٿو. مونکي هينئر ئي ڪم وٺي ڏي تہ ڪجهہ ڪمائي پنهنجن اَبهم ٻچن کي کارايان.“

فرض کان منهن موڙي، دنيا تياڳ ڪري وڃي پهاڙ پربت تي وهنداسين تہ پريوُ ٿوروئي ملندو؟ پريو تہ ڪم ڪار جي ميدان تي ملندو. ڪم ڪار جو ميدان آهي جنگہ جو ميدان. اَسان مان هڪ هڪ کي جنگہ جوٽڻي آهي، پاڻ سان جنگہ جوٽڻي آهي، پنهنجي

من سان جنگ جوٽڻي آهي. فرض پالڻ ڪرڻ ۾ ڪيترين نه رڪاوٽون، ڪيترين نه رنڊڪون اچن ٿيون، ڪيترين نه تڪليفون، ڪيترين نه مُشڪلاتون جنڪي منهن ڏيڻو آهي. اَسانجي آتمڪ شڪتي وڏي ٿي، جڏهن آزمائش مان لنگهي پار پئون ٿا. منڙي دادا ڪين چيو آهي ته جيون جي جنگ ميدان تي اَسانڪي اُٿي اچي بيهڻو آهي، پاڪڪي سخت ڪري سوُرن سختين کي منهن ڏيڻو آهي. هيءُ گيت منڙي دادا اِن باري ۾ چيو آهي :

اَرجن ! اُٿي آءُ !
لڳن لوهه لڳاءِ !
سينا ساري ٿي توکي سنياري،
دنيا دکيءَ جو دک ٿو پڪاري !
هن وقت چو تون ٿو وسارين،
آتش هاٿي چو نه تون ٿو اُتارين ؟
هيءَ ويل نه آهي وهڻ جي،
هيءَ ويل، اَرجن ! آهي وڙهڻ جي !
هن وقت لشڪر آهي شيطان جو،
هن وقت ڪپي سوُرمو ڀڳو ان جو !
هن وقت ويچارن تي آهي ڏاڍي پيڙا،
هن وقت دنيا وچي وچ سيرا !
هن وقت ڪلوءَ جا نغارا نچن ٿا،
هن وقت طوفان ظلم جا مچن ٿا !
هن وقت دِن رات دک ۾ رُئن ٿا،
هن وقت ڪُڪرمي قمري ڪُهن ٿا !
هن وقت ڪر وچ ميدان تياري ،
هن وقت چڏ سپ يارن جي ياري !
هن وقت اچي نوُري ناد وڄاءِ،
جوٽي جنگ جوڌا ! پنهنجو پاڻ ملهاءِ !



# جڳم ڦوڪڻو پاڻءِ

هڪ ٻن ورهين جي ٻالڪ کي هڪ ڦوڪڻو مليو. ٻالڪ به خوشيءَ وچان ويو اُن کي ڦوڪيندو. تانجو اُهو ڦوڪڻو ڦاٽي پيو. ويچاري ٻالڪ جي ساري خوشي گُم ٿي ويئي ۽ اَچي سُڏڪن ۾ چٽڪيو. سندس ماءُ اِهو ڏسي کيس کڻي پنهنجي گود ۾ لڪايو ۽ پيار وچان مٿس هٿڙو گهمايو. تان جو ٻالڪ سامت ۾ آيو. ٻالڪ ڪنڌ مٿي کڻي ڏٺو ته سندس ماتا جو چهرو ملوُل هو. سندس خيال کيس ستائي رهيو هو. سو هِمت ڌاري ٻالڪ چيو : ”ممي، ڪڇ پرواهه نه آهي. ڊئڊي اِجهو آيو ڪي آيو. هوُ پاڻيهي مونکي ڦاٽل ڦوڪڻو ٺاهي ڏيندو.“ ويچاري اَبهم ٻالڪ کي ڪهڙي خبر ته ڦوڪڻو هڪ وار ڦاٽو ته وري ٺهندو ئي ڪين. مان هيءَ ڳالهه پڙهانئي ته سپاويڪ منهنجا ويچار ٻوڙن ٿا منڙي دادا ڏانهن. منڙو دادا ڪين ننڍو هو ته سندس پوجيه پتا کيس شوراتري ميلي تي وٺي ويو. اُتي دادا کي هڪ ڦوڪڻو وٺي ڏنائين. دادا به ڏاڍيءَ خوشيءَ وچان وٺي اُن کي ڦوڪيو. پر ڦوڪڻو سو، جو نيٺ ڦاٽي ۽ ٻالڪ دادا جو ڦوڪڻو ڦاٽي پيو. ٻالڪ دادا به وسمئه ۾ پئجي ويو ۽ دک ۾ ٿي پيس. پر سندس پتا دلداريءَ طور چيس : ”ٻالڪ، هي سارو سنسار اِئين ئي اَٿيئي. هيءُ سنسار ۽ اُنجون شيون ناسوَنت اَٿيئي، فاني اَٿيئي. اِنڪري متان اُنهن سان نينهن لڳايو اَٿيئي. پريو ۽ اُن جو نام ئي نتيه اَٿيئي. تون پريوءَ سان نينهن لڳائج.“ ۽ ٻالڪ دادا اِها سندر سکيا هينئين سان هنڊائي ۽ مون کي ياد اچن ٿيون منڙي دادا جي هڪ مِٺي گيت جون هيءُ تڪون :

هيءُ دنيا جو باغ سارو، هيءُ نظارو سوُنهن وارو،
جئسي جل ۾ ٻُد ٻُدا !

# واهگرو، شڪر!

جنگ جا ڏينهن هئا. ٻنهي پاسن جا سولجر وغيره ڀُڳڙن وانگر پئي ڀُريا. ڪيترن جون ته ٻانهون، ٽنگون پئي ڇٽ ٿيون. هڪ نوجوان سان جنسي ظلم ٿي ويو. سندس نه فقط ٻئي ٻانهون ڪٽجي ويون، پر ٻئي ٽنگون پڻ. ڏسندڙن جا چپ ڏندن سان ٿي لڳا، پر هو اَڏول وينو هو. خود ڊاڪٽر ڪيس ڏسي وائڙو ٿي ويو، جڏهن هن ڪيس هڪ مِٺي مشڪ ڏني. هيڏي پيڙا، هيڏو ڪشٽ، ته ٻه چپن تي مُشڪ چڙهيل! اِن مان صاف ظاهر هو ته هو صدقي اِنسان هو ۽ پرڀوءَ جي ڪيئي تي راضي هو!

مان جڏهن هيءَ ڳالهه پڙهان ٿي ته هڪ درشيه منهنجن اکين اڳيان اچي ٿو ڦري. چوٽيهه سال هن ڳالهه کي ٿي ويا آهن ته ٻه وسريو نه وسري ٿي.

آگسٽ ۱۹۵۹ع ۾ منهنجي دادا اهڙو ڌڪو کاڌو، جو سندس فيمر (femur) هڏي ۾ چير پئجي ويئي. اُن وقت کان وٺي هو نه پاڻيهي پاسو ورائي سگهندو هو، نه اُٿي ويهي سگهندو هو. پريا ڇهه سال پوءِ دادا پنهنجي سرير جو چولو ڇڏيو. پر سرير جي بيحد پيڙا سهندي دادا جي مُک مان هي اکر پيا نڪرندا هئا : ”واهگرو، شڪر! واهگرو، شڪر!“ اڄ ٻه ڪڏهن ڪڏهن آڌيءَ رات جي اوُنده ۾ يا ڏينهن جي ڪنهن پهر ۾ اِهي اکر هنن ڪنن ۾ گهنڊ جيان اچي وڄندا آهن :

واهگرو، شڪر! واهگرو، شڪر!



# دير نه ڪر، دروازو کول

هڪ نقاش پنهنجن هٿن سان هڪ چٽيل تصوير پنهنجن شاگردن کي ڏيئي چيو ته توهين مونکي اهڙي ساڳي تصوير چٽي ڏيو. رنگ وغيره سڀ توهان اڳيان حاضر آهن. پنجويهه ئي ڄڻا جي نقاش وٽ تصويرون چٽڻ سکي رهيا هئا، سي ڪم کي لڳي ويا. پر عجب اِهو ته جڏهن تصويرون چٽي نقاش اڳيان رکيائون ته سڀني ڏٺو ته هڪ هڪ جي تصوير نه صرف نقاش واري تصوير کان بدليل هئي، پر هڪ ٻئي کان پڻ هڪ هڪ جي تصوير نرالي هئي.

اَسان مان هڪ هڪ ڪين روز تصويرون پيو چٽي، ڪو ڪهڙن رنگن ۾، ته ڪو ڪهڙن ۾. ڪو ڏس ته صبر ۽ صدق جي رنگن سان پيو تصويرون چٽي، ته ڪو وري ڪام ڪروڌ جي رنگن سان. ڪو ڏس ته پيار ۽ پريم جي رنگن سان پيو چٽي ته ڪو مرڳوئي ساڙ، وير ۽ ڌڪار جي رنگن سان. مڙيوئي هڪ هڪ جي تصوير ڀن ڀن آهي. سڀاڳو سو، جو روز تصويرون چٽي ٿو پرڀوءَ جي پياس جي رنگن ۾. تڏهن منهنجو دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو ته :

دير نه ڪر تون، دروازو کول!
عاجز آهيان، ٻاڻي ٻول!

ڦٽيل آهيان، منجهه فراق،
نظر تنهنجي ڪري مون پاڪ!

ٺڪاجي ٺڪاجي آئي آهيان،
عاجز اکين سين ٻيٺي آهيان!

چٽ چڪنا آهي چيرن ۾،
ڀِٽرا آَٿم ته پيرن ۾!
دير نه ڪر تون، دروازو کول!

# نام ئي جيون جو آهي جياپو

اَسانجو هڪ سنڌي ڀاءُ ڪجھ وقت وڃي برما ۾ رهيو. اُتيجي هڪ ڇوڪري وٽس نوڪري ڪندي هئي. هيءُ ڀاءُ ڇو نہ موٽي آيو هندستان ۾ ۽ پاڻ سان گڏ هن ڇوڪريءَ کي بہ وٺي آيو. هن ڀاءُ جا گهر جا سڀ ڀاتي سويل صبح جو اُٿي مندر ۾ ڪنا ٿي ڪجھ وقت پوڄا پرارٿنا ڪندا هئا. نيم سان آرتي بہ ڪندا هئا. هيءَ برمي ڇوڪري بہ نِت نيم سان اچي پوڄا ۾ شامل ٿيندي هئي. سنڌي سمجھندي ڪونہ هئي تہ بہ پوڄا وقت مندر ۾ ضرور وهندي هئي. هڪ دفعي ڪانئس پڇيائون تہ تون مندر ۾ ويهي ڇا ڪندي آهين. هن چيو : ”مان هڪ اڻپڙهيل ڇوڪري آهيان. مان خاص تہ ڪجھ ڄاڻان بہ ڪونہ، سو پريوءَ کان گهران ڇا؟ پر جڏهن توهين پرارٿنا ڪندا آهيو تہ مان پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي آهيان تہ توهانجون پرارٿنائون ٻڌي ۽ اُونائي.“ ڪهڙي نہ سندر پرارٿنا هن برمي ٻالڪيءَ جي آهي، ڪيڏي نہ خود غرضيءَ کان خالي!

سوال اُٿي ٿو تہ سچي پرارٿنا ڇا آهي؟ سچي پرارٿنا اُها آهي ڇا تہ اَسين پريوءَ کان رڳو ڪجھ نہ ڪجھ گهرون پيا؟ جي گ هرڻو آهي تہ گهرون آتمڪ اُنتي. سچي پرارٿنا آهي پياس جي پڪار، آهي پڪار وڏيڪ وڏيڪ پياس واسطي. پر اَسين ڏسو پريوءَ کان ڇا پيا گهرون. اِمتحان لاءِ پڙهنداسين ڪونہ، پوءِ ڪنداسين پرارٿنا تہ ”هي پريوُ ! اَسان کي اِمتحان ۾ نہ رڳو پاس ڪج، پر سنو نمبر پڻ ڏج.“ مائٽ وري پرارٿنائون ڪن تہ سندن پٽن ڌيئن جي شادي ٿئي، سنو گهر ملين، سٺي نوڪري وڏي پگهار واري ملين. عهدي اِقبال وارا وري گهرن تہ ڪين وڏو عهدو ملي ۽ خوب نوڪر چاڪر سندن اَرڊليءَ ۾ هجن ۽ سندن سلامي پيئي پرجي. پر گهٽا آهن جي پاڻ پريوءَ جي حاضريءَ ۾ رهڻ چاهين ٿا؟ سچي پرارٿنا آهي پريوءَ جي نرمل حاضريءَ ۾ رهڻ ۽ پريوُ مليو تہ پوءِ ڇا کپي دنيا؟

ڌنڌي وارا ماڻهو تہ اَول اَول ڪندا لڪشمي پوڄا جيئن ڪين ناڻو ملي. جهجهو ناڻو نصيب ٿئين، پر ناڻي جي بکہ سندن لهيئي ڪين. اَلائي ڇو؟ پر نام لاءِ گهڻن کي بکہ آهي؟ سچي پرارٿنا آهي نام لاءِ پرارٿنا. منڙي دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چيو آهي نہ :



”جي نام جپيان تہ آنءُ جيئان، مَر جاوان جي نام نہ جپيان !
نام ئي جيون جو آهہ جياپو، نام نِڌر کي آهہ نينهن نياپو !
نام ئي جيو جي آهہ جوتي،نام اُڪير موري صاحب اوتي !
نام ئي موري تيرٿ اِشنان، نام ئي سوپيا، نام نِڌان !
رحم تُهاري صاحب ! چاهيان، ديجي نوُري، تہ نام آنءُ پايان !“

# امر پيار جي ساکي

سنہ ۱۶۴۳ع ۾ شهنشاهہ شاهہ جهان پنهنجي منڙي ممتاز جي ياد ۾ هڪ شاهي سندر عمارت ”ممتاز محل“ نالي اَڏائي. ماڻهن وري اُن نالي کي ننڍو ڪري ڪوٺيو ”تاجمحل“. اڄ ڏينهن تائين اِها عمارت تاجمحل جي نالي سان مشهور آهي. اڄ ڏينهن تائين اُها اَمر پيار جي ساکي پيئي ڏئي. اِها عمارت نهي ڇو تہ ممتاز بيگم جي آخرين اِڇا اِها هئي تہ سندس ياد ۾ اهڙو ڪو يادگار کڙو ڪيو وڃي، جو جڳہ ڏسي ريسوُن ڪري، جنهن جهڙي ٻي عمارت دنيا پر ۾ نهي نہ هجي. اڄ تاجمحل کي دنيا جي ستن عجيب ڳالهين مان هڪ ڪري ليکيو وڃي ٿو. روز تاجمحل تي ڪيترا نہ ياتري اڄ ڪالهہ وڃن ٿا ۽ وڃي ٿا اُن اَمر پيار جي نشانيءَ جو درشن ڪن. تاجمحل ڏس تہ اِنسان جو اَٿاهہ پيار اچي ياد پوي. تاجمحل ڏسڻ سان اِنسان اِهو بہ سمجهي ٿو تہ پريوءَ جو پيار ڪيڏو نہ اَپار آهي. راڻيءَ جي پيار جي صدقي راجا تاج محل اَڏايو. اِنسان ذات جي پيار جي صدقي پريو پنهنجا پيارا هن سنسار ۾ موڪلي ٿو. اُهي پريوءَ جا پيارا هن پرٿويءَ تي اچي اَسان لاءِ ڇا نہ سوُر سختيون سهن ٿا، ڪشٽ ڪاٽين ٿا. اَمر ڌام جا اَمير اَسانجي ڪاتر فقير بڻجي ٿا اچن، جيئن اَسين اوُندهہ مان نڪري روشنيءَ ۾ اچون. دکہ جي چڪر مان لنگهي سچو سکہ پراپت ڪريون، اَشانتيءَ جي اوڙاهہ مان نڪري چت شانتيءَ جو ٻي ٻها موتي حاصل ڪريون. منڙي دادا ڪين سنتن جي باري ۾ چيو آهي:

مشڪي مٽيءَ ۾ جيئن ڪنوَل گل، تيئن مُشڪي مايا ۾ رام ريجهائن،
ڪوٽ جنم جي قهري ڪرمي، اِڪ لحظي ۾ تہ اوُ ٿا لاهن،
دوُر ڪري سڀ دويش اَسانجا، ٿا ڪن ۾ پار پهچائن،
اَندر اوُجل ڪري سي ڪامل، ٿا ڌام الکہ جي جوت جڳائن،
آتم ڌارا ورڪا وَسائن، ڏيئي نوُري ساکي پيار ۾ !

# جادوگر جوڳي پوجيہ دادا واسواڻي
# جي جوڳياڻي پوجيہ ما هري'

**پارو ٺاڪر چاولا**

**'اکين ۾ ٿي ويھہ، آنءُ واري ڍڪيان،**
**توکي ڏسي نہ ڏيھہ، آنءُ نہ ڏسان ڪو ٻيو.'**

پوجيہ ما هري پنهنجي ستگرو، پنهنجي دادل شاهہ کي چوندا ئي جادوگر جوڳي هئا.

**'جادوگر جوڳي آيو، جنهن اندر جي ڪَلِي کولي،**
**وڪارن جي وهڪري مان ڪڍي، ٻڌائي سچ جي ٻولي.'**

پوجيہ ما هري جڏهن جڏهن پنهنجا پروچن لوڪن اڳيان رکندا هئا تڏهن تڏهن گروءَ جي ڪرپا ۽ رحم، رهڻي ڪهڻي ۽ سچ جي ساکي ڏيندا هئا.ائين تہ پوجيہ ما هري پاڻ کي ڀاڳن وارو سمجهندا هئا جو سندن جنم پوجيہ دادا واسواڻيءَ جي ڪٽنب ۾ اڄ کان ٩٢ سال اڳہ ٢٦ نومبر ١٩١٥ ۾ ٿيو جتي جائي جم کان پنهنجي ستگروءَ جو سنگہ ۽ رنگہ مليو جنهن کين رڱي لعل ڪري ڇڏيو.

پوجيہ ما هري هميشه پنهنجي ستگروءَ جي نقش قدمن تي هلڻ لاءِ وڪہ وڌائيندا رهندا هئا. هنجي عشق ۾ پاڻ پچائيندا رهندا هئا.

**عاشق نام سڏائڻ سؤکو**
**نينهن نڀاوڻ آهي اوکو.**
**(پوجيہ دادا واسواڻي)**

**خودي ۽ خدا هڪ مياڻ ۾ ڪونہ ماپندا**
**سچو گرو پردا دور ڪري ٿو**
**خوديءَ جو پردو لاهي ٿو.**

سچا ستگرو اندرين ياترا ڪرائين ٿا. ٻاهرين ياترا تہ سچي مايا آهي جا جيوَ کي پنهنجي جار ۾ ڦاسائي رکي ٿي.

پوجيہ ما هريءَ جو اهوئي چوڻ هوندو هو تہ سچي ستگرو جو پلئُہ پڪڙيون ۽ پنهنجو املهہ مانکہ جنم جيڪو تمام ملهائتو آهي اُهو سڦل ڪريون.

**آندو آتاري، ستگر پنهنجي گهر ۾،**



**ڏيئو ڏنائين هٿ ۾ ٻيائيءَ ڙي ٻاري،**
**ناَ نَت نواري، سامي ڇڏيائين ڇن ۾**
**(سامي)**

پوجيہ ما هري پنهنجي جيون ۾ ستگر جي سنگہ جي برابر ساکي ڏني. سندن هي ڳالهيون جيڪي پاڻ ڏارڻ ڪيون هئائون اسانکي سيکاريندا رهندا هئا.

**پوترتا :**- نہ رڳو شرير پوتر رکون پر من پوتر رکون. من پوتر ٿيندو شپ گڻ ڏارڻ سان. هرهڪ لاءِ پريم ۽ ديا رکون پريم جو جذبو جنهن وٽ آهي اُهوئي پرماتما ۽ پنهنجي ستگرو جي ويجهو آهي.

**'اکيون اندر جو کولي ڏس تون،**
**پريم اٿيئي پرماتما'**

گروءَ پڇيو شش کان- هتي آيو آهين؟
پرماتما سان پريم ڪرڻ سکڻ آيو آهيان.
گروءَ نہ ڦهہ پڇيس. پاڙيواري سان پريم ڪندو آهين؟
شش وائڙو ٿي چيو 'پاڙي واري سان؟ مان تہ پرماتما سان پريم ڪرڻ جي راهہ پڇڻ آيو آهيان.'

گروءَ چيو 'ٻچا! اُهو پرماتما پاڙيواري ۾ بہ آهي. اسان کي جي پرماتما کي پائڻو آهي تہ هرهڪ ۾ اِها جوت پسڻي آهي.

**من! تون جوت سروپ هئہ،**
**اپڻا مول پڇاڻ. (گرواڻي)**

**نئڙت:-** نئڙت معنيٰ نهنائي- پنهنجو هٺ ڇڏڻ... آپو ڇڏڻ.... ڏکئي ۾ ڏکئي ڪم کي سولو ڪري سگهجي ٿو ڪروڌ جو ڪارڻ بہ اهنڪار آهي. اسانجو اهم آهي.

ان بيماريءَ کان ڪيئن ڇٽون؟

پنهنجي من ۾ جيڪي وڪارن جون ٻاهيون ٻيبوڻ ٻرن اُهي پريم ۽ نئڙت سان وسايون. دونهين اندر ۾ دکي پيئي. پوءِ اُن تي ستگرن جي وچنن جو امرت ڇڻڪايون پاڻ سان سچا ٿيون تہ اها وڪارن جي دونهين بہ جهڪي ٿي ويندي.

هڪ داس پنهنجي مالڪ کي روز زور ڏيئي نند ڪرائيندو هو ۽ هڪڙي ئي ڳالهہ هرروز ٻڌائيندو هو.

**'زبان جي مٺي سٺي آهي**
**تہ اَگلن کي آئت ٿي ڏئي،**
**۽ کوڙا اکر ڦٽي ٿا ڇڏين.'**

ان ڪري اکرن جي سنڀال ڪريون.

اکرن جي سنڀال ڪندا رهنداسين تہ ڪروڙ تي بہ جيت پائينداسين.

**شيوا:-** گهر سنسار جي شيوا تہ سڀ ڪو ٿو ڪري پر شيوا ڪريون پنهنجي ستگر جي. غريبن گهرجائن جي. شاگرد جي جيڪي هوشيار آهن پڙهي سگهن ٿا. پر پئسي جي ڪمي ڪري اڳيان نٿا وڌي سگهن. بيمارن جي، وچولي درجي جي نياڻين جي، شيوائون انيڪ آهن پر دل کپي، اُتساهہ کپي، جنون کپي.

ور ور ڪري پوڄيہ 'ما' کان سڀ پڇندا هئا. ڪُر ڪُر ڪندا هئا. گلاب تہ گهڻو سٺو پر ڪنڊا ڇو آهن؟

پر ائين ڇو نہ ٿا سوچيون تہ ڪنڊا بہ پيارا آهن جو اُنهن سان گلاب گڏ آهي.

**'واهہ واهہ جت وهارين**
**فضل نوري وهارين ٿو.'**
**'تيري ڪانٽون سي ڀي پيار**
**تيري ڦولون سي ڀي پيار'**
**اهڙي من جي وِرتي ٿاهيون.**
**سکہ دکہ ۾ هڪجهڙا رهون**

دکہ اچي تہ نہ گهبرايون
سکہ ۾ ڦولجي نہ وڃون

'پوڄيہ ما هري' جيستائين ٻاهر اَچي وڃي سگهندا هئا. بہ ٻيرا ضرور 'سيتا سنڌو پون' ۾ ايندا هئا. پنهنجا پروچن شروع ڪن تنهن کان اڳ سيني ڳائيندڙن جا سنڌي ڪلام ڌيان سان ٻڌندا رهندا هئا ۽ ور ور ڪري چوندا هئا تہ ڪير ٿو چوي سنڌي ٻولي ختم ٿي ٿئي هتي تہ سنڌو درياهہ پيو وهي. درويشن ۽ صوفي سنتن جا ڪلام پيا هلن. پوءِ پاڻ پنهنجو پروچن شروع ڪندا هئا ۽ ڪئين درشٽانت ٻڌائيندا. هڪڙي درشٽانت مونکي ڏاڍو ڇهيو هو انڪري اڄ تائين ياد آهي.



هڪ مرد ننڊ ۾ سمهيو پيو هو. هن کي سپنو آيو تہ هيءُ سرڳ جي دروازي اَڳيان بيٺو آهي مونکي اندر سرڳ ۾ وڃڻو آهي. مون ڪئين گرنٿ ۽ ڌرمي ڪتاب پڙهيا آهن.

'ترس! اُتي بيٺل فرشتي چيو 'مان ڏسان تہ تو ڌرمي ڪتاب سنتن جي پريم ۾ پڙهيا آهن يا پاڻ کي دنيا ۾ سرخرو ڪرڻ لاءِ.'

وري ٻيو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو سامهون آيو. مان سرڳ ۾ وڃڻ ٿو چاهيان. مون تمام گهڻا ورت رکيا آهن.

'ترس! مونکي پڇڻ ڏي تہ تنهنجو ارادو نيڪ هو يا نہ.'

آخر هڪ سادو، غريب مسڪين شخص اَڳيان آيو. مون وٽ ٻيو تہ ڪجهہ ڪونہ هو. جيڪا روٽي يا ڊبروٽي کائڻ لاءِ ملندي هئي مان اُها بہ هڪ مونکان ڏتڙيل سان وراهي کائيندو هوس ڇو جو هو هلڻ کان بہ لاچار هو تنهنڪري پنهنجي لاءِ روٽي ڪمائي بہ نہ سگهندو هو. مان هن جي جهوپڙيءَ کي صاف ڪري پاڻيءَ جي جڳہ ڀري رکندو هوس. نہ صرف ايترو پر مان روز پرماتما کي وينتي ڪندو هوس تہ مونکي سگهہ ڏي، مون داس تي ايتري ڪرپا ڪر جئن اُنهن جي شيوا ڪري سگهان جيڪي تڪليف ۾ آهن ۽ پنهنجو پيٽ گذران بہ ڪري نٿا سگهن.

فرشتي فرمايو 'تون بيشڪ غريبنواز آهين ۽ تون ئي سرڳ جي دروازي ۾ گهڙڻ لائق آهين تنهنجي لاءِ سرڳ جا دروازا کليل آهن.'

مان تہ ٻڌندي ئي خاموشيءَ ۾ اَچي ويس. گهرجائن جي شيوا ۽ همدردي اسانکي پرماتما جي در تي پيارو ڪري سگهندي.

پوڄيہ ما هريءَ جا اٿاهہ گڻ ۽ اُنهن تي هلڻ. اُنهن جي پيروي ڪرڻ. پنهنجي گرديو جي چرنن ۾ جهڪيل. اَسان کي سڀ ڪجهہ ڏيئي ويا آهن. اَسانکي اهي گڻ کڻي. اُنهن تي عمل ڪري پوڄيہ ما هري جي گڻن جي ساکشي ڏيڻي آهي.

شل پنهنجي مهر جو هٿڙو اسان تي ڌريندا رهن.

**'اَگهئي تہ ڪائو ڪڇ، نہ تہ ماڻڪن جي بہ موٽ ٿئي،**
**پلئہ پايو سچ، مان تہ آڇيندي ئي لڇ مران.'**

ٻار آسائين اکين سان پئي ڦوڪڻي واري ڏانهن نهاريو، رهيو نہ ٿيس. پڇيائين 'هي ڦوڪڻو گهڻي؟' چيائين ڏهہ پئسا. هن وٽ پئسا تہ هُئا ڪونہ. ٻن ٽن ڏينهن ۾ پئسا گڏ ڪري ٻاڙهو ڦوڪڻو ورتائين. ڦوڪڻو

هٿ ۾ هئس تہ پاڻ کي شهزادو پيو سمجهي. ڦوڪڻي تي کهڙو ڀروسو. جيئن ئي ڇاتيءَ سان لڳائي هيٺ مٿي پئي ڪيائين. ڦوڪڻو ڦاٽي پيو ۽ اُن غريب ڇوڪري جي دک جو انت ئي ڪونہ هو. هن کي ائين پئي لڳو مون سڀ ڪجهہ وڃائي ڇڏيو.

ڇا اسين سڀ ائين ڪين آهيون؟

ملندو آهي تہ ڦولجي ويندا آهيون.

جي کسجندو آهي تہ پاڻ کي سڀني کان وڏيڪ دکي سمجهندا آهيو.

اهو ڪونہ سوچيندا آهيون تہ مون آندو ڇا ۽ منهنجو ويو ڇا؟

خالي هٿ آيا آهيون ۽ خالي هٿ وينداسين. بادشاهہ سڪندر ڪجهہ نہ ڪٺي سگهيو تہ تون مان ڇا ڪڻنداسين.

پوڄيہ ما هري سچي معنيٰ ۾ سنت هئي ۽ هوءَ اها رهڻي رهي.

**ڪَهڻي ڪبو ڪوہ، جي رهڻي نہ رهياسين.'**
**پوڄيہ ما هري رهڻي رهي ڪٽي ويا سنسار مان.**

مون ناچيز جا بہ ٻہ ئي ڪتاب 'درشٽانت درشٽانت' ۽ '۳٦۵ ڏينهن' پنهنجي وهاڻي جي پرسان رکندا هئا. اِهو پاڻ بہ ٻڌايائون. ڀيڻ سشيلا بہ ٻڌايو ۽ منهنجو تہ لڄ کان ڪنڌ ئي جهڪي ويو ۽ پوڄيہ ما هريءَ لاءِ شرڌا وڌي ويئي.

مان چاهيندي بہ سندن ٽائين پهچي نہ سگهيس. پر مونکي اڄ بہ ائين ٿو لڳي هو پوني ۾ پنهنجي آشرم ۾ ويٺا آهن. ڪڏهن بہ وڃي درشن ڪري ايندا سين!

**ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،**
**تن جو عبدل لطيف چوي، مٽيءَ بہ لڌو مان،**
**ڪوڙين ڪَنِ سلام، اچي آڳهن اُن جي.'**
**(شاهہ)**

سنڌ جو شاهہ فرمائي ٿو تہ جيڪي سڄي رات جاڳي نام جي سمرڻي سورين ٿا اُنهن جي خاڪ بہ مانُ پاتو آهي. اُنهن جي اڱيان ڪڙورين اچي نمن ٿا، دعا گهرن ٿا.

پوڄيہ ما هري بہ اُنهن مان آهي جن سڄي رات پنهنجي گروءَ کي ڏيايو آهي.

اهڙيءَ 'ما' کي منهنجو وار وار پرڻام!



# ڳالهہ
# ۾
# ڳالهہ

## (1)جيڪي ٿيو سو ڀلو ٿيو!

راڻيءَ جو نَوَ لکو هار گم ٿي ويو. نوڪرياڻي ڊوڙندي آئي- ڏاڍي گهٻرايل- ٻانهي چيو ”مهاراجا! نَوَ لکو هار گم ٿي ويو.

راجا چيو ”اڇا هوئا ڀلا هوئا“.

ٻانهي عجب ۾ پئجي ويئي.

وري ٿوري وقت ڪانپوءِ ڊوڙندي آئي. چيائين هار ملي ويو. وري به راجا چيو ”اڇا هوئا ڀلا هوئا.“ اُتي وزير ويٺو هو. جنهن راجا کان پڇيو ”اهو ڀلا ڪيئن ٿا چئو؟ ويو تڏهن به اَڇا هوئا ڀلا هوئا ۽ هاڻي مليو آهي ته به اڇا هوئا ڀلا هوئا.“

راجا ڏاڍو ڌيرج سان جواب ڏنو ”هڪ ڏينهن ته سڀ ڇڏي وڃڻو آهي. ٿورو ٿورو ويندو ته سهسائي وڃبو ۽ جي نَوَ لکو هار مليو ته راڻي خوش ٿي ويئي. مان پنهنجي دل ۾ اُن جو دکه سکه ڇو ڪٽان؟

”پوري هئه ووهي مرد جو حال ۾ خوش هئن جي ملي مال تو خوش هئه، جي ٿيوين بي حال تو ڀي خوش هئن.“

جنهن کي پورو گيان ٿيو آهي. جيڪو آتمڪ آنند جو مزو ماڻي رهيو آهي اُهو سنسار جي پدارٿن جو ڇا سوچيندو!

---

☆ **سؤ اُستاد هڪڙي ماءُ**

☆ **هڪ ڪوڙ کي لڪائڻ لاءِ ڏهه ڪوڙ ٿا ڳالهائڻا پون.**

☆ **پنهنجا فرض پرسن چت سان پورا ڪر، ٻيو ساڌنا نه ڪر.**

☆ **پنهنجو ڏوهه قبولڻ سورهيائي آهي، سزا گهٽبي آهي.**



## (2)ورڪت بابا!

ورڪت جوڳين جون عجيب ڳالهيون آهن. هر وقت گذارين پنهنجي مستيءَ ۾، هن دنيا ۾ رهندي به ڄڻ هو هتي ڪونهن.

ورڪت بابا ويٺي شِوَ جي ڀڳتي ڪئي. ”اوم نمو شوايه، اوم نمو شوايه“ منتر به پئي اچاريائين ۽ پرسان ٻاهه ٻاري اَٽي جا لڏون ويٺي سيڪيائين.

شِو پارپتي به گهمندي اَچي بابا جي ويجهو پهتا. پارپتي چيو شِو مهراج کي ته هيترو ورڪت ٿيو آهي ته به اٽي جا لڏون ويٺو سيڪي. شِو جي ته جاڻي جاڻٽهار آهي ڄاڻائين ٿي ته هن جو من سنسار ۾ آهي ڪونه. من جي موُج لاءِ پيو لڏون سيڪي پر پارپتيءَ کي سمجهائڻو هوس سو ٻئي ڄڻا وڏي ويا بابا جي اَڳيان ۽ چوڻ لڳا. ”بکشام دي دي بابا- بکشام دي دي بابا“ ساڌو اُهي اَٽي جا لڏون ڪڍي شِو کي ڏنا. شِوجيءَ چيو ته تو اسانکي هي ڏنا آهن مان توکي راڄ ٿو ڏيان.

ساڌوءَ چيو ”لڏون واپس ڪر. مونکي راڄ ڏيئي جهنجهٽ ۾ ٿو وجهين. مايا ۾ ٿو ڦاسائين.“

پارپتي اهو ٻڌي اواڪ رهجي ويئي.

---

☆ **شرڌا جي نقدي ڏئي ستگروءَ کان آتم ڌن وٺ.**

☆ **ڏيکاءُ لاءِ نمرتا ڏيکارڻ اهنڪار جو لڇڻ آهي.**

☆ **سادگيءَ ۾ پنهنجي سونهن آهي.ءُ**

## (3)سچ جو اُپديش

شش گهڻن سالن کان گروءَ وٽ رهندو هو. وقت به وقت پيا سوال جواب ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن شش گروءَ وٽ ويو ۽ چيائين ''سچ جو اُپديش ڪريو. آخر ستيه ڪي ڪيئن پائجي؟

گروءَ چيو ته ستيه جي مهما تمام گهڻي آهي. تون شيوا ڪندو رهه. پوءِ مان توکي ستيه جو راز ٻڌائيندس. گروءَ وڌيڪ چيو ته هڪڙو ڪم ڪر. وڃي ڪنهن گهر مان ڪا خميص يا ڪرتو وٺي اچ پر اُن گهر مان جتي ڪو دکي نه هجي.

شش سيٺ جي گهر ويو. خميص گهريائين. سيٺ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو ته شرط ٻڌايائينس ته توکي ڪو دک نه ڪونهي. سيٺ روئي وينو. ڇهه مهنا اَڳه جوان پٽ گذر ڪري ويو آهي. ائين ڪندي سوين گهرن ۾ ويو پر ڪوبه گهر دک کان خالي نه هو. سڀ تناءَ ۾ هئا.

شش گروءَ وٽ آيو ڪيس سڄو حال احوال ٻڌايائين. گروءَ چيو ته دک آهي. هرڪو دک کان ئي ڊڄي ٿو. پر دک ٻاهران نٿو اچي، آسمان مان ڪونه ٿو اچي، ڪير ڪنهنکي دکي به نٿو ڪري، دک بنا ڪوڻ جي به نٿو اچي، شش چيو ته اسين دک کي ڇو ڪوٺينداسين؟

گروءَ چيو ''انسان رجي گڻ ۽ تمي گڻ جي ڪارڻ پنهنجي لاءِ دک پاڻ ٿو پيدا ڪري. دکي سکي ٿيڻ اسانجي هٿ ۾ آهي. دک جو ٻٽڻ بند ڪري ڇڏجي ۽ سک جو ٻٽڻ کولي ڇڏجي. اهو ئي ستيه جو راز آهي. سکي جيون جو رهسيه آهي.



## (4)ڀاڳه ۽ پرشارٿ!

ٻن ديوتائن ۾ واد وواد ٿي ويو. هڪڙي چيو ته پرشارٿ وڏو آهي. ٻئي چيو ڀاڳه ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿو ملي. پرشارٿ کي وڏي سمجهڻ واري ديوتا چيو ڏيکاريو ته ميان.

هڪڙي رستي تان پئي ويا. رتنن جو ڍير پيو هو. سامهون زال مڙس پئي آيا. ديوتا چيو هنن جو ڀاڳه ڪونهي. هاڻي پاڻ ڏسي انيوَ ڪجاڻءِ. ٿورو اَڳيان هليا، ته پتي پتنيءَ کي چيو ته هاڻي جوان آهيون، سڀ ڏسي ٿا سگهون پر ٻڍاپي ۾ ته نظر نه هوندي ته ڪيئن ڏسي سگهنداسين؟ پتنيءَ چيو ته ٿورو رستو اکيون پوري هلي ٿا ڏسون. پتيءَ چيو ته پتي ٿا ٻڌون اکين کي، پتي ٻڌي هلڻ لڳا ۽ رتنن جي ڍير کان اَڳيان لنگهي ويا.

پلا ٻڌايو ته ڀاڳه سان ڪيئن ٿو ملي؟ هڪڙو انڌو هو. ديوتا چيس ته مان تنهنجون اَکيون ٺيڪ ڪري ٿو سگهان، پر توکي هڪڙو ئي وَرُ گهرڻو آهي. اُن ۾ جيکي گهرڻو اٿيئي گُهرُ. اَکيون يا ٻيو ڪو پدارٿ!

سورداس سياڻو هو، ٻه منٽ سوچي ديوتا کي وينتي ڪيائين ته هڪڙو ئي وَرُ ڏيوم. ''مان پنهنجي پوٽي کي سوني ٿالهه ۾ پوچڻ کائيندو ڏسان.''

ديوتا چيو ''تٿاستو''

ديوتا ٻئي ديوتا ڏانهن نهاري چيو ته ڏٺئه ته ڀاڳه ڪيترو ٻلوان آهي.

## (5)ٻوڙو بابا!

بندرابن ۾ هڪ ٻوڙو بابا رهندو هو. ڪير به ڪجهه چوندو هو سو ٻڌي ڪوبه جواب ڪونه ڏيندو هو. ماڻهو سمجهندا هئا تہ هو ٻوڙو آهي.

هڪ ڏينهن مکيون پون پون ڪري ماناري کي گهيڙي ويون. بابا چيو تہ ڏسو پون پون ڪري قاسڻ ٿيون وڃن. ماڻهن ڏنو تہ هي تہ ٻڌي سگهي ٿو. هو تہ مکين جي پڻ پڻ بہ ٻڌي ٿو سگهي.

ماڻهن پڇيو تہ توهين ٻوڙا آهيو ڪونہ پوءِ ٻوڙا ٿي ڇوٿا گهمو؟ اڄ توهانکي ٻڌائڻو ئي پوندو. تڏهن ٻوڙي بابا چيو تہ هنن ٽن سببن ڪري ٻوڙو ٿي ٿو گُهمان؟

هڪڙو تہ گلا ٻڌڻ کان بچيو پيو آهيان ٻيو ساراهہ ٻڌي ها ها ڪرڻ کان ڇٽو پيو آهيان. ٽيون جي پنهنجي گلا ٻڌندو آهيان تہ پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. جي سمجهندو آهيان تہ ڪير ڪوڙ ٿو ڳالهائي اجايو الزام ٿو مڙهي تہ کين آشيرواد ڪندو آهيان تہ شل کين سمت اچي. سچ ڳالهائين ۽ سچ تي هلن. اهو ئي سبب آهي جو ٻوڙو ٿي گهمندو آهيان.

ماڻهو ٻوڙي بابا جي مهانتا کي سمجهي واهہ واهہ ڪرڻ لڳا.

---

**☆ آتم ويچار ڪريون:-**

**سدائين اوچا ويچار ڪريون. متان سٺيون حالتون اسانکي گهيلي وجن يا ابتڙ حالتون اسانکي دٻائي نہ ڇڏين. ساوڌان رهون تہ پڳوان اسان کان پري ڪونهي.**



## (6)دکم کان مکتي!

پڳوان مهاوير سيني پريمين ۽ ششن کي ڪٺو ڪيو ۽ کين چيائين تہ اڄ مان توهان کان هڪ سوال پڇان ٿو.

مهاوير پڇيو ''دنيا جو هر پراڻي، جيو جنت ڪنهن کان ٿو ڊڄي؟

سڀ سانت ٿي ويا. ڪنهن بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو. آخر سيني چيو تہ اسان تہ پورو جواب ڏيئي نٿا سگهون توهين ئي ڪرپا ڪري اسانکي انهي سوال جو جواب ٻڌايو.

پڳوان مهاوير جواب ڏنو تہ هرڪو پراڻي، هر جيو جنت دکہ کان ٿو ڊڄي. گهڻن ئي قسمن جا دکہ آهن. بيماريءَ جو دکہ، مرتيو جو دکہ، پئسي جو دکہ، اولاد جو دکہ ۽ ٻيا بہ سنسار ۾ ڪَيئن دکہ آهن.

تڏهن وينل پريمين پڇيو

''دکہ ڪٿان ٿو اچي؟''

مهاوير چيو ''دکہ جو ڪو دڪان ڪونهي جتان خريدي ٿو اچجي. دکہ تي ڪڏهن ڪنهن پئسو بہ نہ خرچيو آهي. دکہ بنان ڪوٺڻ جي اچي ٿو متان پوي ۽ پَلئہُ بہ نٿو ڇڏي. اُن مان ڇوٽڪارو فقط منش پائي سگهي ٿو ڇو جو ٻين جيون جنتن ۽ جانورن کي ٻُڌيءَ جو ٻل ڪونهي. منش نام سمرن ۽ آتم گيان سان دکہ مان مکتي پائي ٿو سگهي.

---

**☆ رهڻيءَ بنا ڪٿڻي ڪمڙي ڪم جي!**

**☆ عِلم تہ عمل نہ تہ دفتر ڇا ڪندا!**

## (7)سيڪو سنمتي دي پڳوان!

مهاتما گانڌي هميشهه دهرائيندو هو
’’سيڪو سنمتي دي پڳوان‘‘
سيني کي سمت اچي.

سڌ پرش آيو ڳوٺ ۾، ٿورن ڏينهن ۾ ڏاڍو مشهور ٿي ويو. هڪ ٻئي کي ٻڌائڻ لڳو ته سڌ پرش جو درشن ڪري ۽ جيڪي چاهيندين سو پائيندين.

شل نه ماڻهن کي ڪو ڏس ملي پوءِ ته قطارون لڳي وييون. هرڪو پيو گهري ڪو اولاد منگي، ڪو پئسو، ڪو بنگلو، ڪو موٽر، هرڪو وڃي گهرندو. سيني کي سڌ پرش چوي ’’تٿاستو‘‘

ڳوٺ جو زميندار به آيو. اُن گهريو منهنجو ٺاٺ باٺ ٻڌيو رهي، مزدور آيو اُن گهريو ته ڪو ڪنهنجو غلام نه رهي، سڌ پرش سيني کي چوي ’’تٿاستو‘‘

هرڪو اچي دنيوي پدارٿ پيو گهري. پر ائين ڪير ڪونه چوي ته سنمتي اچي. سڌ پرش پيو سوچي ته سنمتي گهرن ته اسين ڏيئي سگهون ٿا. سُمتي ملي ته سڀ مسئلا سلجهي وڃن. اُتي نه ڪورٽ جي ضرورت آهي نه سرڪار جي، سُمتي، شڌ ٻڌي ڪامڌينو آهي. ڪلپ ورکش آهي.

---

**☆پڳوان ۾ ٻُڌي رکجي:-**
**شرير جي آسڪتي ڪمڙي ڪر جي، اڳي به نه هو، پوءِ به نه هوندو. هينئر مانش جنم ۾ آهيون، پرماتما پريم ملي رهيو آهي.**



## (8)سنساري رس ڦڪا، آتم رس مٺو

هڪ ساڌڪ روز گيتا، رامائڻ ۽ ٻيا شاستر پڙهندو هو. ڪنهن پڙهيل ماڻهو اُن ساڌڪ کان پڇيو ته هي شاستر سچا آهن يا ڪوڙا؟ ساڌڪ ويچار ڪيو ته جي چوان ٿو ته سچا آهن ته ثبوت گهرندو ۽ اُهو مان ڏيئي نه سگهندس ڇو جو اهو انڀوءِ نجو پنهنجو آهي جو ٻئي کي سمجهائي نٿو سگهجي. جيڪو اُنهن مان رس ملي ٿو اُن کي پاڻ ئي ڄاڻي ٿو سگهجي. اڌياتمڪ شاستر اهڙا آهن جن تي واد وواد ڪرڻ اجايو آهي.

۽ جي چوان ٿو ته ڪوڙا آهن ته مان پاڻ سان دوکو ٿو ڪريان سو اُن واد وواد ۾ نه پئجي چپائين ته مان نٿو ڄاڻان ته اهي شاستر سچا آهن يا ڪوڙا آهن. مان ترڪ ڪترڪ مان نه ڄاڻان باقي اهو سچ آهي ته جڏهن کان مون پڙهڻ شروع ڪيا آهن، اُنهن تي ويچار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته منهنجو جيون سڌري ويو آهي.

ڪمند جيئن جيئن چوسبو وڃبو آهي تيئن اُن مان ميناج نڪرندو ويندو آهي ڦڪو ٿيندو ويندو آهي. پر شاسترن جو رس، آتمڪ رس اهڙو مڌر آهي جو ڪڏهن ڦڪو نٿو ٿئي. سنساري رس ڦڪا ٿي ٿا وڃن. پر شاسترن مان مليل آتمڪ رس ڪڏهن به نٿو گهٽجي.

---

**☆ڀڳونت شانتيءَ جو ابياس ڪريون:-**
**من ۾ آنند کي اُڀاريون پوءِ من شُد ٿيندو، ٻڌي شُد ٿيندي.**

# (9)چنتن!

مالڪ نوڪر رکيو، سادو سودو هو، نوڪر کي چيو تہ اڄ مونکي چئين بجي اٿارج مونکي ضروري ڪم آهي. نوڪر ڦٽ سان جواب ڏنو تہ مونکي وقت ڏسڻ ڪونہ ايندو آهي. توهين ئي ٻڌائجو تہ چار لڳا آهن. تڏهن مالڪ سمجهي ويو تہ هن سکيا نہ ورتي آهي ان ڪري هن ۾ ڪنهن بہ قسم جو چنتن ڪونهي. انسان ننڍي يا وڏي ۾ شڪتي آهي پر چنتن ضروري آهي. چنتن لاءِ پنج ڳالهيون مکيہ آهن.

(۱) **سکيا:-** سکيا ڪانسواءِ صحيح سوچ نٿو ٿئي.

(۲) **وياپڪ درشٽي:-** آچاريہ تلسيداس کي وياپڪ درشٽي هئي. پوري مانوتا لاءِ ڪم ڪيائين.

(۳) **ديس ۽ ڪال کي سمجهڻ:-**

جڏهن ديس ۽ ڪال تي ڌيان ڏبو تہ سماج نرماڻ ڪري سگهبو. جتي الڳپڻو آهي. اُتي واڌارو نٿو ٿئيپرگتي نٿي ٿئي.

(۴) **ساڌنا:-** جنهنجو اسانجي پوري چريتر سان سنبنڌ آهي.

(۵) **سامودايڪ چيتنا:-** ضروري- فقط پنهنجو نہ سوچڻ گهرجي. اُهو تہ سوارٿ آهي، سيني لاءِ سوچڻ ۽ ڪرڻ کي سامودايڪ چيتنا ٿو چئجي.

---

☆ **سد ڀاونا رکون:-**

**ڪنهن جي لاءِ دوش درشٽي نہ رکون، هر ڪنهن جي سڀاءُ سان نڀائڻ جي ڪوشش ڪجي. نہ ڪري سگهجي تہ سمجهجي هن جو سڀاءُ ائين ئي آهي.**



# (10)راوڻ کي ڊپ!

راوڻ جو نالو تہ اسان سيني ٻڌو آهي. گياني هو. ويدن جي ٽيڪا بہ لکي هئائين. پر تہ بہ پنهنجي سڀاءُ ڪري دئيت هو. راجائيءَ جو اهنڪار هوس. دل ۾ حسد ۽ وير پاليندو هو.

راجا رامچندار جي ساراهہ ٻڌي جلندو رهندو. ڪيس اهو يقين ڪونہ هو تہ شري رامچندر وشڻوءَ جو اوتار آهي. شري رام ۾ شڪتي آهي.

راوڻ کي ڪنهن ٻڌايو تہ تنهنجو مرتيو سهج ڪونہ ٿيندو. ان جو ڪارڻ جنڪ جي ڌيءُ ٿيندي ۽ توکي راجا دسرٿ جو پٽ شري رام ماريندو. راوڻ کي ڊپ ويهي ويو. من ۾ پيو گهاٽ گهڙيندو هو تہ ڪيئن راجا دسرٿ ۽ راجا جنڪ جو انت آڻيان. ڪيس مرتيو جو ڊپ ويڙهي ويو هو ان ڪري هنسا ڪندي ۽ چالاڪيون ڪندي بہ ڪين ٿڪبو هو.

اهنڪار ۽ حسد ئي راوڻ جو انت آندو. آڳڪتي سچي ٿي. شري رام ئي ڪيس ماريو ۽ هن کي مڪتي بخشي. لڇمڻ شري رام کان پڇيو ”راوڻ جهڙي کي بہ توهان سيني پاپن کان مڪت ڪري ڇڏيو. ان جو سبب ڪهڙو؟

شري رام سمجهايو لڇمڻ کي تہ مونسان وير رکي بہ مونکي ياد تہ ڪندو رهندو هو. ڪنهنجو بہ نام جپڻ وير سان يا پيار سان اجايو نٿو وڃي.

---

**ڪو بہ ڪرم ڪريون سوارٿ لاءِ نہ ڪيون، پر اُپڪار لاءِ ڪيون.**

## (11)ڪمال ۽ گاهه!

ڪبير وڏو سنت ٿي گذريو آهي. جنهن کي نام سمرن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ڪونه سجهندو هو. هو پٿر جي پوڄا کي نه مڃيندو هو، هو گهر ۾ ويهي ڪيرتن ۽ نام سمرن ڪندو هو، ساڌن سنتن جي شيوا ڪندو هو، ڪنهنکي پنهنجي گهر تان بکيو نه موٽائيندو هو، ماتا لوئي ڪبير جي استري اها ڳالهه چاهيندي هئي ۽ هوءَ به اهڙي وهنوار سان سيني کي خوش ڪندي هئي. هنن کي به ٻار هئا. پٽ ڪمال ۽ ڌيءُ ڪمالي.

ڪبير جو پٽ ڪمال جهنگل ۾ گاهه ڪٽي، وڪڻي، ڪجهه پئسا گهر کڻي ايندو هو. ائين هننجو گذارن ٿيندو هو.

هڪ ڏينهن ڪمال گاهه ڪٽڻ لاءِ ويو. شام تائين موٽيو ڪونه، تڏهن ڪبير کي خيال ٿيو ۽ کيس ڏسڻ لاءِ ويو ته ڇاٿو ڏسي؟ ته ڪمال بنا چرپر جي وڻ اڳيان اکيون بند ڪري بيٺو آهي. ڪبير ڏونڌاري پڇيس ''بچا! اتي ائين ڇو بيٺو آهين؟'' گاهه ڇو نه ڪٽيو اٿيئي؟؟''

ڪمال چيو ''بابا مان اڄ ڪانپوءِ گاهه نه ڪٽيندس ڇو جو هاڻي مون محسوس ڪيو آهي ته جيئن مون ۾ ساهه آهي تيئن هنن وڻن، پنن ۽ گاهه ۾ اهو ئي ساهه آهي. مان ڪيئن ڪٽيان؟''

ڪبير سمجهي ويو ته هن جي آتمڪ درشٽي جاڳي آهي. هن جي هردي ۾ گيان جو پرڪاش ٿيو آهي ته سائين سرووياپڪ آهي.

''تيڏا مڪان واهه واهه، جت ڪٿ وسين به تون ئي.''



## (12)آتمڪ پرڪاش

هڪ سورداس هو، ڪنهن گهٽنا ۾ سندس اکين جي روشني ويندي رهي، هو ڪنهنجو سهارو وٺي گهمندو رهندو هو، ماڻهن چيو صبح ٿيو آهي، ڪيڏو پرڪاش ٿيو آهي، انڌي چيو ''پرڪاش ڪٿي آهي؟ مونکي ته ڪجهه خبر نٿي پوي، مان ته ڪو پرڪاش محسوس نٿو ڪريان، مونکي ته ڪجهه نظر نٿو اچي.''

ڪي ماڻهو هيءُ مسئلو کڻي گوتم وٽ ويا. کيس اُن سورداس کي سمجهائڻ لاءِ چيائون.

گوتم چيو ''مان بحث ڪري هن کي مڃائي نه سگهندس. منهنجي سمجهائڻ مان به ڪو فائدو ڪونه ٿيندو. هڪڙو اُپاءُ آهي. هنجي اکين جو علاج ڪري هنجي اکين ۾ روشني آڻجي پوءِ هن کي مڃائي ٿو سگهجي.''

آپريشن ڪرايائون. هن جي اکين ۾ روشني آئي. يڪدم چيائين ''پرڪاش آهي، برابر آهي، پاسي ٿو.''

گوتم ٻڌ چيو ''ڇهي ڏيکار، هٿ ۾ کڻي ڏيکار، ڇهي ڏيکار.

اُن چيو ''ڇهي نٿو سگهجي محسوس ڪري ٿو سگهجي.''

گوتم ٻڌ چيو ته جڏهن گيان جو پرڪاش اندر ٿئي ٿو تڏهن احساس ٿئي ٿو. انهيءَ پرڪاش، انهيءَ سنا، انهيءَ آڌار تي اسين ڏسون ٿا، ٻڌون ٿا، هلون ٿاچلون ٿا. آتمڪ شڪتي اسانجو سچو سوروپ آهي.

''نيڻن مان ٿو ڪير نهاري،
مکه مان ٿو ڪير پڪاري.
سڀ ۾ آ روپ تنهنجو، روپ انوپ تنهنجو.''
دل ۾ آ تنهنجو آستان (وفا)

## (13)رام جو ڀڳت تلسيداس

تلسيداس ننڍي هوندي کان اڪيلو هو. آشرم ۾ پلجي وڏو ٿِيو. اتي شاسترن جو اڀياس ڪيائين. پوءِ پروچن ڪندو هو، هڪ ڏيءُ جي پيءُ کي وڻي ويو، دل ۾ چيائين ته ماءُ پيءُ ڪونهي ته ڇا ٿيو؟ ٻار ته سداچاري آهي، شيءِ گ ڻن وارو آهي سو پنهنجيءَ ڌيءُ جي شادي تلسيداس سان ڪيائين. ڏاڍو پنهنجي استريءَ کي پيار ڪندو هو. تلسيداس کي ڪڏهن به ماءُ ۽ پيڻ جي ممتا ۽ پريم ڪونه مليو هو. استريءَ جو پريم ڏسي استريءَ ۾ ڏاڍو موهه ٿي ويس.

سندس استريءَ کي پيءُ وٺڻ آيو، هوءَ پيڪي هلي ويئي جڏهن شام جو گهر آيو، پنهنجي پتنيءَ کي نه ڏسي ڏاڍو دکي ٿيو. عجيب قسم جا نمونا ڪري، يعني مردي کي ٻيڙي سمجهي ندي پار ڪيائين ۽ نانگ کي نوڙي سمجهي مٿي چڙهي، اڌ رات جو وڃي پنهنجي استريءَ وٽ پهتو. پتني وائڙي ٿي ويئي. هئڙي برسات ۾ ڪيئن آيو آهي؟

جڏهن ڏنائين ته ڪيس پريم جي انڌ ۾ ڪجهه خبر نه پيئي آهي تڏهن ڪيس چيائين. ”هن هڏ ماس جي پتلي لاءِ هيڏو جوکم کنيو اٿيئي، ايترو جي رام سان پريم ڪرين ته رام جو ڀڳت ٿي وڃين“

تلسيداس جاڳي پيو، پويان پير ڪري سڌو رام ڀڳت هنومان جي چرنن ۾ اچي رام ڀڳتيءَ جو وردان حاصل ڪيائين، ۽ اُن ۾ لين ٿيو.



## (14)تياڳ من سان ٿيندو آهي!

پيءُ گياني هو. هن چاهيو ٿي ته منهنجو پٽ به گياني ٿئي ۽ شانتي پائي. انسان اصل ۾ ته پنهنجي مقصد پاڻ سڃاڻڻ لاءِ، گيان ۽ شانتي پائڻ لاءِ منش جنم وٺي هن سنسار ۾ اچي ٿو. پٽ کي سمجهايائين ته گيان سان من شانت ٿئي ٿو. پٽ ساڌنائون ڪيون، مؤن ورت ڌارڻ ڪيو، پر شانتي نه ملي. وري ٿي سال جهنگ ۾ ويو. لنگوٽي پائي ڪرمنڊل هٿ ۾ کڻي، پر تڏهن به شانتيءَ جو انڀوءَ نه ڪيائين، سوچڻ لڳو هاڻي ڇا ڪريان؟ پيءُ چيو تياڳ- تياڳ- هن پنهنجي ديهه تياڳڻ لاءِ باهه جو پنيٽ ٻاريو.

پٽ پڇيو، ”هي ڇا ٿو ڪرين؟“

”ديهه ڪٿي به رهي، محل ۾ رهي يا پونگيءَ ۾ رهي، ڪوبه فرق نٿو پوي. “

چڏٽيون من جون برايون آهن. اهنڪار من ۾ آهي، واسنائون من ۾ آهن، حسد من ۾ آهي، اُهي ڪيڏٽيون آهن، تياڳ من سان ٿيندو آهي نه ديهه سان، جيستائين من جون اهي اشڀ ورتيون نه تياڳيندو تيسين من پرسن نه ٿيندو، من شانت نه ٿيندو.

---

☆چنتن:-

**چنتن امڙو ڪجي جنهن مان شانتي وڌي، پرماتما ڏانهن وڌي، اُن ۾ شرڌا ۽ پريم ٿئي. پنهنجي پائڻ ۽ لاهڻ، کائڻ، پيئڻ جو چنتن ته ڪرڻو ئي ڪونهي. اُهو پرالبڌ انوسار ملي ٿو.**

## (15)چوٽ ۽ ڪرڻ ۾ فرق آهي

سنت ڪبير جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪبير ڪي ننڍي هوندي ڪان نام سمرن ۽ گيان پائڻ جي لڳن لڳل هئي. هو گهر ۾ جيڪو وقت هوندو سو ايڪانت ۾ پنهنجي ڪنڌ وٺي وينٺو نام سمرن ڪندو هو. ٻاهر ويندو تہ پيو ستسنگہ ٻڌندو، ڪڏهن سنتن وٽ، ڪڏهن ناٿن وٽ، تہ ڪڏهن وري مُلن وٽ، هر هڪ مذهب ۽ مت جا گڻ گرهڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو.

هڪ ڏينهن گنگا جي ڪناري ڪنهن پروهت ويٺي، اڳيان ويٺل ساڌڪن کي پنهنجا پروچن ٻڌايا. اوچ نيچ ڪوبہ ڪونهي، ذات پات تي ڪونهي جيڪو وهي سو لهي، جڏهن سندس اُپديش پورو ٿيو تہ يڪدم چيائين ”گنگا مئيا ڪي جئہ“ ”پاون گنگي- هر هر گنگي“

يڪدم ويٺلن کي چيائين تہ آهي ڪو جو ڪرمنڊل ۾ منهنجي پيئڻ لاءِ پاڻي ڪٽي اچي؟ ڪوبہ ڪونہ اُٿيو. ڪبير خيال ڪيو تہ مان ئي ٿو پنهنجي ڪرمنڊل ۾ گنگا جل ڀري اچي ٿو پروهت کي ڏيان. ڪرمنڊل ڀري اَچي اَڳيان رکيائين، پروهت پڇيو ”ڇا تون برهمڻ آهين؟ ڪبير وراڻيو، ”نہ! مان تہ ڪوري آهيان. ڪپڙو اُڻندو آهيان.“

بس پروهت ڪاوڙجي ويو، تون نيچ ذات جو آهين، تو ڇو پاڻي آندو؟ مان تہ برهمڻ جي هٿ جو پاڻي پيئندو آهيان.“

ڪبير نمرتا سان چيو تہ هينئر ئي توهان چيو تہ اوچ نيچ ۽ ذات پات جو ڀيد نہ رکجي، گنگا مئيا سڀ ڪجهہ ڌوئي ڇڏيندي آهي.



## (16)مان تہ پربوءَ جا شڪرانا ٿو مڃيان

سوامي چنميانند هن صديءَ جو سنت آهي. ٿورا ئي سال ٿيا آهن جو هنن ديهہ تياڳي آهي. سندن شش سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهن. سوامي انيوءَ آنند سندن شش،سندن اُپديشن جي گهڻي پيروي ڪندو آهي. پنهنجا پروچن ڏيڻ وقت پنهنجي ستگرو چنميا نند کي ضرور ياد ڪندو آهي.

هڪ ڏينهن ننڍو پرسنگہ ٻڌايائين تہ سوامي جن سان پاڻ ڪلڪتي ويو. اُتي صبح جو پروچن پاڻ ڪندو هو ۽ شيام جو سوامي جي پروچن ڪندا هئا. گيتا ۽ ٻين اُپنشدن تي سندن پروچن ٿيندا هئا. هڪڙي ڏينهن جيئن پاڻ صبح جو گيتا جي ٢ اڌياءَ تي وياکيا ڪري آيو تہ سوامي جي ۽ ٻيا ناشتي لاءِ سندن لاءِ ترسيل هئا.

جيئن ڪرسيءَ تي ناشتي ڪرڻ لاءِ ٿي وينا تہ سوامي کي گوڏن ۾ سور هئڻ ڪري کين ڪرسيءَ تي وهڻ ۾ چڱي تڪليف ٿي تہ اُتي ئي هڪڙي اَما چيو تہ ”سوامي جي! هڪ ڳالهہ پڇان؟“ پل پڇيو سوامي جيءَ چيو اَما چيو ”توهان سنتن کي بہ ايتري پيڙا؟ توهين تہ پربوءَ جا پيارا آهيو.“

سوامي جن کي ڪيترن سالن ڪان ڊائبٽيز آهي ۽ هينئر کين تازو هارٽ جي تڪليف بہ ٿي هئي تہ بہ صبر سان اَما کي سمجهايائون. ”شڪر آهي جو گوڏن ۾ سور آهي. ڪرسيءَ تي ويهي ڪم تہ ڪري ٿو سگهان.“

شش انيوءِ آنند جي دل تي اهي اکر اُڪري ويا.

## (17)راوڻ ۽ باندر

رامائڻ ۾ وارتا آيل آهي ته جڏهن راوڻ هنومان ۽ ٻين باندرن سان پڇي نه سگهيو، هنومان سندس لنڪا ساڙي ڇڏي سيتا ماتا جي رکشا ڪرڻ لڳو ۽ ٻيا به باندر چوڌاري لنڪا ۾ پکڙجي ويا.

شري رام به باندرن جي سينا وٺي راوڻ سان يڌ ڪرڻ آيو. باندرن سان راوڻ جو لشڪر پڇي نه پيو سگهي تڏهن راوڻ راڪشسن کي حڪم ڪيو ته گانءِ جو روپ ڌاري باندرن ۾ ڪاهي وڃو ۽ وڃي باندرن کي ماريو.

شري رام گانءِ کي ڏٺو، چيائين گانءِ تي تير ڪيئن هلايان؟ وڀيشڻ چيو ته هيءَ سڀ راوڻ جي مايا آهي. توهين به ٻاڻ هلائي شينهن پيدا ڪيو. منتر جي شڪتي ڪم آڻيو. شري رامچندر ائين ڪيو ته گانءِ به اُتي ترسي نه سگهي ۽ باندر به تتر بتر ٿي ويا.

منترن ۾ عجيب شڪتي آهي.

صرف صحيح ڍنگ سان جنهن کي اُچارڻ اچن ته اُهو پورو فائدو وٺي ٿو سگهي.

---

☆ **من کي رمز سان سمجھائجي:- ڪمڙي به اسٽتي اچي، من کي اڏول رکڻ جي ڪوشش ڪجي**

☆ **من جي شڪتي:- من تي خاص ڌيان ڏيڻو آهي. من ۾ ٻين جي دوشن جو چنتن اسانجي من کي خراب ڪندو آهي. ٻني تي الزام به نه مڙهجي، ٻين جي غلطين تي پنهنجو چت خراب نه ڪجي.**



## (18)منترن جو جاپ ڪريو

سوامي وويڪانند ٻن انگريزن سان چين گهمڻ ويو. انگريزن کي ڏسي چيني ڪاوڙجي ويا ۽ اُنهن ٻن ڄڻن کي مارڻ لڳا. لٺيون هٽي ٻنهي انگريزن کي ستي وڌائون. تڏهن سوامي وويڪانند وچ ۾ پئي اُنهن کي ڇڏايو ۽ ڪين ٻڌايائين ته اسين ڀارت جا سنت آهيون. پوءِ ته سڀ ڍلا ٿي ويا. اچي سوامي وويڪانند کي پرڻام ڪيائون، معافي ورتائون.

پوءِ ته سڀ چيني سوامي وويڪانند کي گهيري ويا. هر انسان کي، چاهي اُهو دنيا جي ڪهڙي به ڪنڊ ۾ هجي، دک ته لڳو ئي پيو آهي. دک به ٽن قسمن جا آهن، تن جو دک، ڌن جو دک ۽ من جو دک ۽ هرڪو اُنهن دکن جو علاج سنتن وٽ ئي ڳولهيندو آهي. سيني چينين پنهنجا دکڙا ٻڌائڻ شروع ڪيا. هن اونڪار جو منتر ڏنو. سيني تعويذ ٺاهي پائي **ڇڏيو** ۽ دک وقت جپ ڪندا رهندا هئا. شري ڪرشن گيتا ۾ چيو آهي ته ويدن ۾ اونڪار جو شبد مان آهيان. انهي منتر جو جپ ڪرڻ سان سڀ دک دور ٿين ٿا.

---

☆**پنهنجون غلطيون لڪايون نه:-**

**پنهنجن ڏوهن ۽ غلطين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. لڪايون نه، چو جو غلطي ته غلطي آهي. اُن کي لڪائي ٻيو غلطي ٻڌائي اُن جا شڪرانا مڃيون. اهو اسانجو متر آهي، ان ڪري پنهنجي غلطيءَ کي سڌارڻ لاءِ هميشه تيار رهجي.**

## (19)جئہ جوان جئہ ڪسان

لال بهادر شاستريءَ اسانجي ديش کي اهو نعرو ڏنو. جڏهن سنہ ١٩٦٥ ۾ پاڪستان هندستان تي حملو ڪيو تڏهن پرڌان منتري لال بهادر شاستريءَ ڀارت جي جنتا کي عرض ڪيو تہ هن وقت اسانجي ملڪ کي پئسي جي گهڻي ضرورت آهي اچو تہ پنهنجا خرچ گهٽايون ۽ اُها شروعات پنهنجي گهر کان ئي ڪيائين. سندس استري لليتا بيمار رهندي هئي ان ڪري گهر جي صاف صفائي ڪپڙن ڌوئڻ ۽ ٻئي ڪم لاءِ مائي رکيل هئي. ان کي ڪيڏي ڇڏيائين مائيءَ گهڻو ئي چيس تہ اَما بيمار آهي، گهر جو هيڏو ڪم ڪير ڪندو؟ چيائين پنهنجي ڪمري جي صفائي ۽ پنهنجا ڪپڙا مان ڌوئيندس ۽ باقي گهر جي صفائي ۽ ٻيو ڪم ٻارن کان ڪرائيندس.

شاستريءَ جي وڏي پٽ کي ماسٽر ٽيوشن ڏيڻ ايندو هو ان کي بہ جواب ڏيئي ڇڏيائين. ماسٽر چيس تہ اجايو پٽ جو سال ٿا وڃايو.

شاستريءَ چيو ''ماسٽر صاحب! هن ديش جا لکين ٻار پڙهن ئي ڪونہ ۽ جيڪي پڙهن ٿا اُنهن مان لکين ناپاس ٿا ٿين. منهنجو پٽ بہ پاس نہ ٿيو تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي. مان ڪو خاص ماڻهو ڪونہ آهيان. مان بہ هڪڙو ڀارت جو ناگرڪ آهيان.

ڌوتي ڦاٽل پائي پئي شاستري ويو. لليتا چيو تہ نئين ڌوتي ڇو نٿا وٺي اچو؟ جواب ڏنائين ''اِن کي ڪٽي ٽوپو ڏيئي ڏي، هينئر مون ۾ نئين ڌوتي وٺڻ جي سمرٿي ڪونهي.'' اهڙو هو نسوارٿ اسانجو پرڌان منتري لال بهادر شاستري.



## (20)سيٺ جو پٽ!

سيٺ جو سچو ڌيان پئسن ڪمائڻ ۾ هو. ڪهڙي بہ طريقي ڌن ڪٺو ڪريان ۽ سکي ٿيان اهو ئي پيو سوچيندو هو. ڪڏهن اهو خيال ڪونہ ڪيائين تہ هيءُ ڪوڙو ڌن تہ ڳڏ ڪونہ هلندو اهو پوين لاءِ ڇڏي ويندس پر پنهنجي لاءِ ڪو آتمڪ ڌن ڪٺو ڪريان اهڙو ويچار هن کي ڪڏهن ڪونہ آيو.

آخر اُهو ڏينهن بہ آيو جڏهن هتان ڪيس لڏڻو پيو. جو آيو آهي اُهو ويندو ضرور.

''رهي ڏينهن بہ چار، هتان تون نيٺ لڏندين''

ٿورن ڏينهن ۾ ئي سڀ ڪجهہ سهج سڀاءُ ٿي ويو. هنجو پٽ وڃي دڪان جي ڪرت کي لڳو ۽ هو بہ ڌن وڌائڻ جي چڪر ۾ رهندو هو.

هڪ ڏينهن دڪان کولي اڃا وينو مس تہ هڪڙو ٿلهو متارو ٻڪرو دڪان تي چڙهندو پيو اچي. ماڻهن کي چيائين هن کي ٻاهر ڪڍو. هو اڃا ڪيس ڌڪ هڻي ڪڍن تہ وري دڪان طرف پيو وڌي. آخر دڪان جي مالڪ کي ڏاڍا خار لڳا ۽ ڏنڊو کڻي ڪيس ماري پري ڇڏي آيو تہ ڏسي پريان هڪ ساڌ مالها هٿ ۾ کڻي پئي آيو. هن کي ڏسي مشڪي ڏنائين. دڪان جي مالڪ گهڻو ئي مشڪڻ جو سبب پڇيس پر هو جواب اهوئي ڏئي تہ توکي ٻڌائيندس تہ ڏکہ ٿيندءِ. آخر مالڪ تمام گهڻو ضد ڪيو تہ ساڌ ڪيس ٻڌايو تہ هيءُ تنهنجو پيءُ آهي؟ هن کي پسوءَ جي جوڻ ملي آهي جو هن ڪڏهن بہ سچي ڌن، آتم ڌن لاءِ ڪونہ سوچيو هو. تنهنڪري وري وري هن ڌن پٺيان پيو ڊوڙي.

سيٺ جو پٽ اهو ٻڌي دنگ رهجي ويو.

## (21)ايڪاگرتا!

وهنواري ڪم هجي يا پرمارٿي ٻنهي ڪمن لاءِ ايڪاگرتا تمام ضروري آهي. وهنواري سائنسدان ٻه جيسين ايڪاگر ٿي ڪنهن ڪم ۾ من نه لڳائيندو ته ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهندو. پرمارٿي ٻه جيسين پاڻ کي فاني دنيا جي فڪرن کان فارغ نه ڪندو تيسن پرماتما ۾ ايڪاگر ٿي نه سگهندو.

ائنستائين سائنسدان جي ڳالهه ڪندا آهن ته جڏهن ڪنهن نئين کوجنا ڪرڻ جو فيصلو ڪندو هو ته ڏينهن جا ڏينهن اُن ۾ لڳو رهندو هو ٻئي ڪنهن پاسي سندس ڌيان ئي ڪونه ويندو هو.

هنجي خاص دوست هنکي فون تي ڏوراپو ڏنو ته گهڻو وقت ٿيو آهي مليا ڪونه آهيون سڀاڻي مان تنهنجي گهر توسان اچي لنچ ڪائيندس. ائنستائين کيس چيو ته ڀلي اچجانءِ مان وينو هوندس.

پنهنجي نوڪر کي ٻه چئي ڇڏيائين ته سڀاڻي ٻن ڄڻن جي لنچ ناهجانءِ ۽ پاڻ پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. سڄي رات ۽ ڏينهن پنهنجي کوجنا ۾ ويست رهيو. هنجو دوست آيو هڪ ٻجي منجهند جو. هن کي ڪا سمڪ ئي نه رهي هو ويهي ٿڪو سوچيائين هن کي ڪا سزا ته ڏيڻ کپي سو ٻنهي ڄڻن جو کاڌو کائي رمندو رهيو. ٿوري وقت کانپوءِ هو اُٿيو ڪجهه کائڻ لاءِ ته ڪجهه هئو ئي ڪونه، وري ٻه ائين سمجهيائين ته مون کائي ڇڏيو هوندو پر اها يادگيري ڪونه آيس ته مون کو دوست کي چيو هو.

اهڙي ايڪاگرتا سان هن کوجنائون ڪيون. جو اڄ تائين اُنهن لاءِ مشهور آهي.



## (22)ڌرتيءَ تي سرڳ گروءَ جي ڪرپا!

”جي تو نام جپيو، آهين منجهه سرڳ اٽڪيو رهئين وشين ۾، آهين منجهه نرڳ“ سنت روداس جي اَڳئين جنم جي ڳالهه ڪندا آهن ته منتر ورتائين سوامي رامانند کان. شيوا گروءَ جي ڪندو هو پر هڪ ڏينهن پاپ ٿي ويس. گروءَ کي سيٺ جو ان ڪارايائين جيڪو غريب غربن کان وڏو وياج کائيندو هو. سوامي رامانند جي درشٽيءَ ۾ اُهو چمار هو- چيائينس! هي شش تو هي ڇا ڪيو، مونکي چمار جو اَنُ ڪارائِيَئه، هاڻي توکي سراپ ڀوڳڻو پوندو.

ٻئي جنم ۾ روداس چمار ٿيو. ذات ته چمار جي هئس پر گروءَ جي ڪرپا سان ڀڳت ٿيو. اهڙو مهان ڀڳت جو سندس ٻاڻي گرو گرنٿ صاحب تي چڙهيل آهي ۽ ڏاڍي پريم ۽ شرڌا سان ڳائي ويندي آهي.

ائسي لال تجهه بن ڪوُن ڪري غريب نواز گُسئيان ميرا، ماٿي ڇترڌري.“

(۱) جا ڪي ڇوتِ جڳت ڪو لاڳي، تا پر تمهي ڍري.
(۲) نيچَهُ اوچ ڪري ميرا گووند، ڪاهو تي نه ڌري.
(۳) نامديو، ڪبير ترلوچن، سڌنا سئن تري،
(۴) ڪهي روداس سنو ڀائي ساڌو، هر جيءُ سيئي سري ميرا

ٻائي روداس کان منتر ورتو سري تلسيداس درشن ڪرڻ آيو.

اَڳئين جنم ۾ توڙي هن جنم ۾ گروءَ جا وچن ٻڌائين ۽ منتر اُچاريندو رهيو.

پاپ پڇ پٽ نه ڇڏيندو آهي.

گروءُ جي منش جنم ۾ جنهن سان ساڻ هوندو آهي.

## (23)راجا برهم پٽ!

راجا کي سپنو آيو، تنهن ۾ اڌ سلوڪ پيو چوي، ”پنجن جنمن کان مليل هئاسين.“ پنيان پورو ڪري نہ سگهيو. جاڳي پيو من منجهي پيس تہ هاڻي هن کي پورو ڪيئن ڪريان؟ راڄ دربار ۾ سيني کي چتايائين جيڪو هيءُ سلوڪ پورو ڪندو تنهن کي اڌ راڄ ياڳہ ڏيندس. گهڻن ئي سلوڪ تي مٿو ماريو پر راجا کي ڪنهنجو بہ پنيون اڌ سلوڪ آئڙيو ڪونہ. ڏاڍو پريشان هو. اُن مايوسيءَ ۾ ننڊ بہ موڪلائي ويس.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ هڪ ڪسان جو ڇوڪرو آيو. دربان کي چيائين راجا سان ملڻو آهي. ڇوڪري چيو مان سلوڪ جو پويون اڌ ٻڌائڻ آيو آهيان. راجا دربان ۽ ڇوڪري جو وارتالاپ ٻڌو يڪدم ڇوڪري کي اندر سڏ ڪيائين ۽ کيس چيائين تہ ٻڌاءِ اڌ سلوڪ جي مونکي نہ سمجھ ۾ آيو تہ سزا ملندءِ، ڇوڪري چوڻ شروع ڪيو. ”پنجن جنمن کان مليل هئاسين پر ڇهين جنم ۾ وڇڙيا آهيون.“ راجا برهم پٽ کي ڳالھ دل سان لڳي، پڇيائينس توکي اهو ڪنهن ٻڌايو؟ ڇوڪري چيو تہ بن ۾ مني وينو آهي تنهن مونکي ٻڌايو ۽ چيائين تہ راجا کي وڃي ٻڌاءِ.

راجا منيءَ وٽ آيو. سوال جواب ٿيو تہ تون ڪيئن ٿو چوين پنجن جنمن ۾ گڏ هئاسين ۽ هن جنم ۾ وڇڙيا آهيون؟ منيءَ شانت من سان چيو تہ تون منهنجو ڀاءُ آهين، اسان پنج جنم گڏجي تپسيا ڪئي پرم آنند پائڻ لاءِ، پر توکي راجا ٿيڻ ۽ عيش ڪرڻ جو سنڪلپ اچي ويو. مان تپسيا ۾ لين رهيس تنهنجي سنڪلپ جي ڪري توکي



راجائي ملي آهي. پر ڀاءُ اهي پدارٿ ڇا آهن؟ جن مان ڪڏهن بہ ترپتي ٿيڻي ڪونهي. انهن ۾ سدائين اترپت ٿو رهجي. تياڳہ سان ڪنهن بہ پدارٿ جي اڇا ئي ڪونہ ٿي ٿئي. تون مونکي راجائي ڏين تہ بہ نہ وٺندس جو مان ان پرپنچ ۾ پوڻ نٿو چاهيان.

”چاھ گئي چنتا مٽي، منوا بي پرواھ
جسڪو ڪَڇو نہ چاهيئي، وو شاهون کي شاھ“

## (24)پريو! تنهنجي عجيب ليلا!

آدي شنڪر آچاريہ سنسار جي عجيب ليلا ڏسندي ڏسندي اُن پرماتما ۾ لين رهندو هو جنهن هيءَ عجب جهڙي رچنا ڪئي آهي. پاڻ ساکي ٿي وينو پنهنجي ليلا ڏسي.

هڪ ڏينهن منجهند جو وقت هو. اُس تمام تکي هئي آدي شنڪر آچاريہ پئي ويو تہ ڇا ٿو ڏسي! هڪ ڏيڏري ٻار کي جنم ڏيئي رهي آهي ۽ نانگہ اُن مٿان ڦڻ جهلي ڏيڏريءَ کي بچائي بينو آهي.

سوچڻ جي ڳالھ آهي هوئڻ جيڪر نانگہ ڏيڏريءَ کي ڳرڪائي پنهنجو پيٽ ڀري ها ۽ هوءَ پاڻ کي بچائي نہ سگهي ها پر جڏهن نانگہ ئي سندس رکشا ڪري رهيو هو تہ ڪير ٿو کيس نقصان پهچائي سگهي!

جيئن ئي آدي شنڪر اها روئداد ڏٺي ازخود سندس منهن مان نڪري ويو پريو! تنهنجي مهما اپر اپار آهي تون جنهن کي بچائڻ ٿو چاهين تہ ڪنهنجي دواران بہ سندس بچاءَ ڪري ٿو سگهين تڏهن تہ چوندا آهن تہ پريوءَ کي ڪروڙين هٿ- ڪروڙين اکيون آهن. هو ڪنهن بہ نبل کي پنهنجي ڪرپا سان بچائي ٿو سگهي.

## (25)انتر ياترا

گهميو پئي، پتڪيو پئي، ڪجهه ڪاڻ لاءِ پئي ڳوليائين. ايتري ۾ پير ۾ اچي ڪا سخت شيءِ گول گول لڳس. کنيائين ته لوٽو ڏسي ته سونو لوٽو آهي، راهه ويندڙن کان پيو پڇي ته سچ پچ سونو آهي. سيڪو اُٿلائي پيو ڏسي ۽ چوي آهي ته سونو لوٽو ايترو ٻڌي مغز جا وائيسر ڦري ويس. گهڙي گهڙي پيو چوي ”سونو لوٽو، سونو لوٽو مونکي مليو آهي.“ پاسي ۾ ڪنهن رشيءَ جو آشرم هو تنهن جو هن شخص کي ڏٺو ته سمجهي ويو اوچتو اچي ههڙو سونو لوٽو هٿ لڳو اٿس. شايد ڪل ٽڙي ويئي اٿس سو ڪيس چيائين اندر هليو اَچ. ٻاهريون لوٽو ازخود سندس هٿ مان ڇڏائجي ويو ۽ اندر ويو.

رشيءَ کيس سمجهايو، ٻاهرين پدارٿن کي ڇو وٺي وينو آهين؟ اچ ته مان توکي انتر ياترا ڪرايان. توکي ڪاڏو پيتو ۽ رهڻ لاءِ جڳهه سڀ توکي ڏيندس. هنکي ته بڪ هئي. رُليو پتڪيو پئي سو اتيئي رهي پيو. رشيءَ کيس اندرين ياترا جي ٻوجهه ڏني ته سون چاندي ۽ ٻيا پدارٿ ته اتيئي پيا هوندا پر تون نه هوندين. هاڻي توکي اهو سمجهڻو آهي تون آهين ڪير؟ نه تون پنهنجي مرضيءَ سان آيو آهين ۽ نه پنهنجي مرضيءَ سان ويندين. اها آتمڪ ستا آهي جنهنجي ڪري تون آيو آهين ۽ اُن ستا جي زور تي هلي به ويندين. سنسار ۾ رهي اُن آتمڪ ستا، چيتن جو تون سمرن ڪر ته توکي ڪنهن به ٻاهرين شيءِ يا پدارٿ جي ضرورت ئي نه پوندي.



## (26)سڌامو!

سڌامو شري ڪرشن ڀڳوان جو ننڍي هوندي جو متر هو. ٻئي ساٿئي ڏينهن سنديپني آشرم ۾ گروءَ کان سکيا وٺڻ لاءِ گهڙيا ياسري ڪرشن پهرين گهڙيو ۽ گرو دکشنا ۾ سون، چاندي ۽ ٻيا ڪيترا پدارٿ رکيا پر سڌامو غريب هو. اُن وٽ ڪجهه ڪونه هو اُهو تلسيءَ جو هڪ پتو دکشنا لاءِ کڻي آيو هو اُهو ئي گروءَ جي چرنن ۾ رکيائين. ٻنهي کي گروءَ پاڻ وٽ رهايو. سچن گرن ۾ نه امير غريب، اوچ نيچ جو ڀيد ڪونه ٿيندو آهي ۽ کين چيائين ته ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهائجو.

هڪ ڏينهن گروءَ کين جهنگل مان ڪاٺيون کڻي اچڻ لاءِ موڪليو. ٻنهي کي چڻا کائڻ لاءِ ڏنائين. ڪرشن پنهنجا چڻا به سڌامي کي رکڻ لاءِ ڏنا. ايتري ۾ موسلا ڌار برسات اچي پيئي. ٻئي هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا. هڪ ٻئي لاءِ واجهائيندا رهيا پر پاڻيءَ جي تيز وهڪري ڪري هڪ ٻئي کي ڳولهي نه سگهيا. سڌامي کي لڳي بک سو ڪنڊ ۾ ويهي رهيو چڻا کائڻ- پنهنجي حصي جا کاڌائين تڏهن به اچا کيس بک هئي جو ڪرشن جو حصو به کائي ڇڏيائين. جڏهن برسات جو زور گهٽيو. آسمان ڪجهه صاف ٿيو ته ٻئي اچي دڳه تي مليا، ڪرشن پڇيس ”تو چڻا کاڌا؟ سڌامي چيو ’ها‘ ”منهنجا چڻا ڏي مونکي به ڏاڍي بک لڳي آهي“ ڪرشن چيس. سڌامو ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنائين ته اُهي به مون کائي ڇڏيا. ڪرشن بک ۾ وياڪل ٿيندي چيو ته تو منهنجا چڻا کائي ڇڏيا آهن. هاڻي سڄي زندگي چڻا ئي چٻيندو رهجانءِ. اهي ڪرشن جي مکه مان نڪتل وچن سچا ٿيا. پاڻ دوارڪا جو راجا ٿيو ۽ سڌامو دريدر- وري به ڪرشن مترتا جو ننگه رکيو جو کيس به ڏئي ڇڏيائين.

## (27) جنا بائي!

جنا بائيءَ جي ڳالھ ڪندا آهن ته جڏهن ڇائي تڏهن سندس پيءُ پرلوڪ پڌاريو. ماڻس جيئن تيئن ڪري پاليس. ٿوري وڏي ٿي ته ماڻس کي چنتا ته ڪيس شينهن ڪلهي چاڙهيان. متان مان به نه مري وڃان. گهٽيئي ور گهر اچن پر موٽيو وڃن ڇون هيءَ بدنصيب آهي. اڇڻ سان پيءُ کي کائي ويئي. آخر ماڻس به هنجي شاديءَ جي اچا رکندي گذاري ويئي. پوءِ ته اوڙو پاڙو ڪيس نياڳي سمجهي ڌڪاريندو رهندو هو. ڪو بيٺو ڪونه سهندو هوس. هوءَ روئندي رهندي هئي ۽ پاڻ کي مارڻ جون رٿون پيئي رٿيندي هئي. آخر هڪڙي ڏينهن تنگ ٿي نديءَ ۾ ڪٽي ٽپو ڏنائين. اُتي جو وٺو هو نامديو ڀڳت، جنهن ٧٢ ڀيرا وٺل ڀڳوان جو ساکيات درشن ڪيو هو، اُن ڏٺو هڪ نڍي نياڻي پنهنجي جان ٿي وڃائي. سو ڪيس نديءَ مان ڪڍي آيو، ڪيس پنهنجي گهر ڪٽي آيو، ٿوري وقت ڪانپوءِ سجاڳ ٿي نامديو کي ڏوراپو ڏيندين ڇيائين ته تو مونکي ڇو بچايو. منهنجو هن پري دنيا ۾ ڪير به ڪونهي. تڏهن نامديو سمجهايس ته جنهنجو ڪير نه هوندو آهي اُنجو وٺل ڀڳوان هوندو آهي ۽ اُن ئي مونکي تنهنجي بچائڻ لاءِ موڪليو آهي. تون ڪوبه خيال نه ڪر تون منهنجي ڌيءَ آهين. مونسان رهه ۽ نام ڀڄن ڪري ۽ شيوا ڪري پنهنجو جنم سڦل ڪر جنا شيوا ۾ لين رهندي هئي نام به جپيندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن نامديو ڪيس جنڊ تي اٽو پيهڻ لاءِ ڏيئي ويو. هوءَ جنڊ هلائيندي رهي ۽ ڏاڍو ٿڪجي پيئي سو اُتيئي ڪيس ننڊ



اچي ويئي. نامديو جي مندر جي وٺل ڀڳوان ڏٺو هيءَ ته ٿڪجي پيئي آهي سو پاڻ اچي سندس ڪم پورو ڪيائين. اچا وڃڻ تي هو ته ايتري ۾ شور مچي ويو ته مندر جي مورتي غائب آهي سو وٺل ڀڳوان تر تڪڙ ۾ پنهنجو مٽڪ ۽ سڀ ڳهڻا اُتي ڇڏي اچي پنهنجي جڳهه تي براجمان ٿيو. ڏسن ته مٽڪ ۽ زيور آهن ئي ڪونه. ڳوليندا اچي اُتي پهتا جتي جنا جنڊ جي پاسي ڪان سمهي پيئي هئي ۽ وٺل ڀڳوان جو مٽڪ ۽ ڳهڻا به اُتي پيا آهن. سمجهي ويا ته جنا ئي ڪنيا آهن ۽ هاڻي مڪر ڪري سمهي پيئي آهي. ڪيس ڏونڌاري اُٿاريون ۽ ڌمڪائيندي ڇيائون تون چور آهين تو چوري ڪئي آهي. جنا به ڇرڪ ڀري اُٿي ۽ ڪين گهٽو ئي ڇيائين مون چوري ڪونه ڪئي آهي. پر هو مڃين ئي نه، ايتري ۾ نامديو به آيو، اُن کي به ٻڌايائون هو به حيرت مان جنا ڏانهن نهاريندو رهيو ته تو هي ڇا ڪيو؟ آخر فيصلو ٿيو ته هن کي پوليس ۾ ڏجي ۽ سزا ڏيارجي. جي ڦاسي اچيس ته اها به ڏياري ڇڏجيس. ڀڳتن جو رکپال ڀڳوان، دينن جو ديال، ڪيئن ٿو پنهنجي ڀڳتن تي ڀيڙ سهي سگهي سو وري اچي پرگهٽ ٿيو. ڇيائين چوري مون ڪئي آهي. مون ئي هتي مڪٽ ۽ زيور لڪائي رکيا آهن. ڦاسي يا سزا جيڪو به توهان فيصلو ڪيو آهي اهو مونکي ملڻ گهرجي ۽ نه هن نردوش کي جنهن چوري نه ڪئي آهي. هوءَ ته گهري ننڊ ۾ سمهي پيئي هئي. مان ئي هتي آيس. تڏهن نامديو وٺل ڀڳوان جو درشن ڪيو ۽ سمجهي ويو ته جنا جو ڏوهه ڪونهي. ڀڳوان هن جي مدد ڪرڻ آيو هو.

## (28)راميشور جو راهي!

مهاتما ڪاشيءَ ۾ وشوناٿ جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو. ترپت ٿيو ۽ سمجهيائين هاڻي مڪتي ملڻ ۾ دير نہ لڳندي. اهو ويچاري اَڳيان وڌيو تہ ڪنهن ٻئي مهاتما چيس تہ مٿان سمجهين تنهنجي ياترا اتي پوري ٿي اڃا توکي راميشور وڃڻو آهي. هتان وشوناٿ مندر جو جل کڻي جڏهن راميشور مندر ۾ ويندين ۽ اُهو جل اُتي چاڙهيندين تڏهن تون مڪت ٿيندين تڏهن ياترا سڦل ٿيندي. سو جل جو لوٽو ڀري هليو راميشور ڏانهن، ڪٿي اُتر پرديش، ڪٿي هيٺ ڏکڻ ۾ ڪنياڪماريءَ وٽ راميشور.

هلندو رهيو، ٿڪو بہ ڏاڍو هو پر جل چاڙهڻ لاءِ وڃڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو. اوچتو رستي تي گڏهہ ڏٺائين. نتهڻ اُس ۾ پاڻيءَ لاءِ ڦٿڪي رهيو هو. خير! گڏهہ چئي تہ ڪين ٿي سگهيو ڪجهہ پر هن محسوس ڪيو تہ هو اُڃايل آهي. هن وٽ تہ اهو ئي لوٽو هو جل جو جيڪو راميشورم چاڙهڻ لاءِ ڪنيو هئائين. يڪدم اندر ۾ سڄاڳي اچي ويس تہ گڏهہ کي اُڃ ۾ ڦٿڪائي راميشور ۾ جل چاڙهي ڇا ڪندس. راميشور ۾ شِو آهي تہ هن ۾ وري ٻيو ڪير آهي ڇا؟ سو يڪدم اُهو جل جو لوٽو کڻي وجي گڏهہ کي پياريائين.

من ڏاڍو ترپت ٿيس. شانتي اچي ويس، پرسنتا سندس چهري مان ٻَکي رهي هئي.

’’هتي هُتي، اندر ٻاهر آهي اُهو- من ۾ ڪر ويچار.‘‘



## (29)ڪوٽ!

غريب مائٽن پيٽ کي پٽيون ٻڌي پئسا بچائي پنهنجي پٽ کي ڪوٽ نهرائي ڏنو. ٿڌ جي موسم هئي. ٻار روز اُهو ڪوٽ پائي اسڪول ويندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن ڪوٽ پائي اسڪول پئي ويو تہ رستي تي هڪڙا ماءُ پٽ ٿڌ ۾ ڏڪي رهيا هئا. ڪروندڙا ٿيا وينا هئا، هنن کي تڙڦندو ڏسي پنهنجو ڪوٽ لاهي اُنهن ماءُ پُٽن جي مٿان وڌائين. اسڪول مان موٽي جڏهن گهر آيو تہ مائٽن ڏٺو تہ ڪوٽ تہ آهيئي ڪونہ. اسڪول ۾ وساري تہ ڪونہ آيو آهي. يا گم ڪري آيو آهي، اهو سوچي پيءُ ٻار کان پڇيو تہ هو اهڙو ڪچي جهڙي پٽ، پيءُ کي ڏاڍو غصو آيو، پٽ کي ڏاڍي مار ڏنائين پر هو سانت رهيو، ماءُ ڏمڪايو ٻار ڪجهہ نہ چيو. ماڻس چيو تہ توکي ڏکہ نٿو ٿئي تہ مائٽن ڏکيو سکيو گذر ڪري توکي ٿڌ کان بچڻ لاءِ ڪوٽ وٺي ڏنو ۽ تون خبر ناهي ڪنهن کي ڏيئي آئين؟

پٽ چيو’’اَما! مونکي اصل ڏکہ ڪونهي ڇو جو جن ماءُ ۽ پٽ کي مون ڪوٽ ڏنو اُهي مونکان وڌيڪ گهرجائو آهن. ڦٿڪي رهيا آهن، مونکان وڌيڪ ڪوٽ جي گهرج هنن کي آهي.‘‘

ماڻس جي اَکين ۾ **پاڻي اَچي** ويو.چيائين ’’تون لکن ۾ هڪ آهين، جنهن جي دل ۾ ديا آهي.‘‘

’’دیا ڌرم ڪا مول هئہ! پاپ مول ايمان
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي جب لگہ گهٽ ۾ پران!‘‘

## (30)ڏنوان ۽ گوڏن جو سور!

ڏنوان کي ڏن تہ گهٽئي هو پر شرير جا ڪشٽ ڪٽي ٿا ڇڏين؟ هڪڙي ڏينهن جيئن ئي ننڊ مان اُٿيو تہ چيچلائي پيو. ڏاڍو گوڏن ۾ سور آهي. هلي نٿو سگهان، واهر ڪريو، مدد ڪريو سندس زال ۽ ٻار ڊوڙندا آيا. پر هو بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهيا، آخر ڊاڪٽر کي گهرايائون جنهن چيو تہ مان دوائون لکي ٿو ڏيان اُهي وٺي. اُن ڏينهن کان دوائون شروع ٿي ويون. ڇهہ مهنا لاڳيتو وٺڻ سان بہ ڪو فائدو نہ ٿيو. تڏهن ڏنوان سوچيو تہ ڪنهن وڏي ڊاڪٽر کي ڏيکاريان، ويو هڪ ڪنسلٽنٽ وٽ، تنهن ڪيس تپاسي پني تي ڪجهہ لکي ڏنو. هن سمجهيو تہ ڪي دوائون لکيون هونديون پر جان اچي ٻاهر ڏسي تہ لکيل هو تہ هتان سڌو وڃ. ٿي اسٽيشن تي وڃ ۽ وڃي ڪنهن منجهيل يا ڏُکيءَ جي مدد ڪر شيوا ڪر.

هو سڌو ريلوي اسٽيشن تي ويو تہ پريان ڏٺائين تہ هڪ مائي بسترو پيٽي اَڳيان رکي روئي رهي هئي. ڏنوان پڇيس ”چو ماتا! تنهنجي اَکين ۾ آنسون، ڪهڙو دکہ اٿيئي؟ مان توکي مدد ڪندس، تون مونکي ٻڌاءِ“ اُن مائيءَ چيو تہ مان هتي صفا ڌاري آهيان. مونکي هتي جي ڪجهہ خبر ڪونهي. ڏيءُ اسٽيشن تي وٺڻ اچڻي هئي پر پهتي ڪونهي. مان منجهي پيئي آهيان مان هاڻي ڪيڏانهن ويندس. مونکي رڳو سندس فون نمبر آهي، ڏنوان فون ڪري هنجي ڌيءَ کان ائڊريس ورتي ۽ ڪيس وڃي اُتي پهچائي آيو. ڌيڻس چيو تہ اَما برابر لکيو هو تہ مان اچان ٿي پر ڪڏهن اهو مونکي ياد نہ رهيو چو جو اَما جو لکيل خط ٻارن هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو مان ٿي ڏينهن لاڳيتو اسٽيشن تي ويندي هئس. اڄ ئي نہ ويئي آهيان.

توهانجا ڪهڙن اکرن ۾ شڪرانا مڃيان لفظ ئي نٿا سُجهن. توهين نہ هجو ها تہ اَما تہ ڀٽڪي وڃي ها.

ڏنوان کي بہ هنکي مدد ڪندي ايتري خوشي ٿي جو سندس گوڏن جو سور ئي هنکان وسري ويو ۽ وري نہ ڪيس سور جي سٽ پيئي.

ٻين کي سکہ ڏيون تہ اسانجو دکہ دور ٿي ويندو.

## (31)ڊاڪٽر ڪال!

انگريز ڊاڪٽر ڪال مانسڪ روڳن لاءِ هڪ اسپتال کولي، ڇهہ مهنا روڳي رهيا، اُنهن کي دوائون ڏنائون، اُنهن جي سنڀال ڪيائون پر دوائن ڪجهہ فائدو نہ ڪيو، هوشيار ڊاڪٽر هو، سوچڻ لڳو تہ ڪهڙو نمونو وٺجي جو مريض هتان نوبنا ٿي وڃن نہ تہ تہ اسپتال جو نالو ئي خراب ٿي ويندو. ڪيس خيال آيو تہ دوائن سان گڏو گڏ پريم سان وهنوار ڪري ڇهہ مهنا ٻيا بہ آزمائجن. سڀني ڊاڪٽرن، نرسن ۽ ڪرمچارين کي گهرائي اهڙو پرستاوَ پاس ڪيائين. ڇهہ مهنا گذريا، وڃي اسپتال جو معاونو ڪيائين، ڏسي تہ سڀ سرها آهن. سڀ خوش وينا آهن. سڀ هڪ ٻئي سان حال احوال پيا ڏين وٺن، سمجهي ويو تہ پيار ئي نسخو آهي، دوا آهي اهڙن مريضن جي!

**”پريم والون ني کب وقت پوڇا،**<br>
**ان کي پوجا ۾ سن لي اي اوڌءَ،**<br>
**يهان دم دم ۾ هوتي هئہ پوجا،**<br>
**سر جهُڪاني کي فرصت نهين هئہ،**<br>
**يهہ اصل ۾ هئہ تو پريم کي کيا بات هئہ.“**

## (32)ايڪ گهڙي آڌي گهڙي!

ويرپلا شڪاري هو. هو هرڻن ۽ ٻين جانورن کي ماري پنهنجو پيٽ پاليندو هو، اُنهن جون کلون وڪڻي پنهنجو گذارن ڪندو هو. هڪ ڏينهن شڪار ڪندي رات ٿي ويئي. ٻڪ ۾ اُڃ ڪيس ڏاڍو وياڪل ڪيو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين، پريان هڪ جهوپڙي ڏٺائين ۽ اُن ۾ روشني ڏسي اوڏانهن ويو. جيئن ئي اندر گهڙيو ته ڏٺائين هڪڙو سادو وينو هو ۽ شِوَ جي ڌيان ۾ لين هو. ٻڪ اُڃ وساري ويرپلا به شو جي ڌيان ۾ پڄڻ ۾ مگن ٿي ويو. اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪيل ورت ۽ پڄڻ هن جو پاپ ڪولي ڇڏيو. شڪاريءَ جي ديهه تياڳي ٻئي جنم ۾ راجا ويرسين ٿي راڄ ڪرڻ لڳو. راڄ ڪندي اوچتو هڪ ڏينهن شِوَ جي مورتي ڏسي ڪيس اَڳيئين جنم جي يادگيري اچي ويئي. جانور ۽ جانورن جون کلون ياد آيس تنهن سان گڏ سادوءَ سان گڏ ويهي شِوَ جو سمرن- پڄڻ ياد آيس سمجهي ويو ته اها شِوَ مهراج جي ڪرپا آهي جو مان راجا ٿيو آهي. پوءِ ته شِوَ جو پوڄاري ٿي پيو. سومر جو ورت رکڻ شروع ڪيائين ۽ چون ٿا اُنهن ڏينهن کان سومر جي ورت جي پرٿا مچڻ ۾ آئي آهي. شِوَ مهراج کي گرو ڪري مڃيائين. سُرت جاڳي پيس سوچڻ لڳو رهڻو ته ڪجهه به ڪونهي. سرير جهڙو غدار ٻيو ڪو ڪونهي. ڪيترو به هن کي ڪارايو پيئاريو ته به سکي ٽيٽو ڪونهي. ڪڏهن مٽي ۾ سور، ڪڏهن گوڏن ۾ سور، ڪڏهن ٻخار ته ڪڏهن ڪنگهه، چو نه شپ ڪرم ڪري پرماتما جو پڄڻ ڪريان ته اُن سان وچي ملان.



**''مت ڪر ڙي گمان، گلابي رنگ اُڙ جائيگا،**
**مت ڪر ڙي گمان، پتنگي رنگ اُڙ جائيگا.**

ويرسين راجا ٻڍو ٿي ويو. هن سرير تياڳيو. سندس سوڪيم شرير شِوَ ۾ لين ٿي ويو. شِوَ لوڪ پهچي ويو. اينري ۾ نارد اچي ٻڌايو ته سٽيءَ ( شِوَ جي استري) پتا جي يگيه ۾ پنهنجو سرير تياڳيو آهي. اُهو ٻڌي شِوَ ويرسين راجا کي حڪم ڏنو ته دڪش کي به سبق سيکار. هن دڪش جو يگيه ڦٽائي سيني کي سزا ڏني. هڪڙيءَ گهڙيءَ جي ستسنگ ڪرڻ سان هن جي سدگتي ٿي.

**''ايڪ گهڙي، آڌي گهڙي، آڌيءَ تي پن آڌ.**
**تلسي سنگت سادڪي، ڪٽي ڪوٽ اپراڌ.''**

## (33)جارج واشنگٽن!

جارج واشنگٽن ڦهريون پرڏان منتري هڪ ڏينهن ڪنهن هنڌان لنگهيو ته ڏٺائين ته هڪ جانور جو ٻچو ڪيچڙ ۾ ڦاٿو پيو هو سو پاڻ ڪار مان لهي اُن ٻچي کي ڪيچڙ مان ڪڍيائين. جڏهن هنکي ڪڍي ٻاهرڻائيڪو ڪري هلڻ لڳو، ٻچو ايڏو خوش ٿيو هو جو جيئن ئي هنکي ويندو ڏٺائين وٺي جهٽڪو ڏنو ته سڄو ڪچرو اچي جارج جي مٿان پيو. هو گهبرائجي ويو ڇو جو جارج کي سڏو سنسد ۾ وڃڻو هو. پر يڪدم پاڻ سنڀالي ورتائين ۽ اُنهن ڪپڙن سان سنسد ۾ ويو. اُنهن کان پنجن منٽن جي مهلت گهريائين. فريش ٿي وري سنسد ۾ آيو ۽ پاڻ کي ڏاڍو خوش ۽ هلڪو محسوس ڪيائين.

## (34)سمپتيءَ جا غلام نہ ٿيون!

گوتم ٻڌ جو شش هو. هو تپسيا ڪندو رهندوهو. هڪڙي تپسيا اها بہ ڪيائين جو گهڻا سال هو پٽ سان لڳو وينو هو.

اوچتو هڪ ڏينهن ويٺي ويٺي الائي ڪهڙو گيان جو خيال آيس. اُٿي ڪڙو ٿيو. چاڪڙيون مٿي تي رکي راجا جي دربار ۾ ويو. راجا هن کي ڏٺو، ڏاڍو ناراض ٿيو، هيڏانهن هوڏانهن پيو نهاري، سوچي پيو، هتي وينل ڇا چوندا؟ چوندا هيءُ ڪهڙو مورکہ راجا جي دربار ۾ آيو آهي. ايتري ۾ گوتم ٻڌ جي شش ڳالهائڻ شروع ڪيو، اُپديش ڏنائين.

”راجائي ۽ سمپتيءَ تي سوار ٿي اُنهن کي ڪم آڻيو. پر مٿي تي چاڙهي اُنهن جا غلام نہ ٿيو.“

ان اُپديش ۾ وڏو راز رکيل آهي. اڪثر اسان کي سمپتي، راجائي ۽ مال ملڪيت ملي ٿو تہ اسين اُنهن جي نشي ۾ مست ٿي اُنهن جا غلام ٿي اهنڪار ۾ پرجي هلندا ٿا رهون.

گيان جو راز تہ ان ۾ اهو آهي تہ ملي تہ ونڊي ورهائي کائجي، غريبن جي شيوا ڪري، نياڻين جا ڪارج ڪري، اسڪول کولائي تہ سندس سمپتي سڦلي ٿئي. باقي اُن کي مٿي تي کڻي پيو چوندو مان راجا آهيان، مان ڏنوان آهيان.

مٿي تي رکيل مايا تہ پرائي آهي.
يا ڇڏي وڃبي يا چور ڦري ويندا.



## (35)خبردار ٿيون!

سوامي ديانند سرسوتي صبح جو سويل ساڌنا ڪرڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن جيئن ساڌنا ڪري پئي موٽيو تہ رستي تي ڪيس هڪڙو انگريز گڏيو. جنهن اُن ساڌوءَ کي (ديانند) ڏسي پڇيو، ”هندستان ۾ انگريزن جو راڄ ڪيستائين رهندو؟

ساڌو ديانند چيو ”اَڄ جڏهن مان صبح جو ساڌنا ڪري موٽندو هوس تہ مونکي گهٽيءَ انگريز گڏبا هئا پر هاڻي ايڪڙ ٻيڪڙ گڏبو آهي تنهن مان سمجهان ٿو تہ هاڻي هو آرام پسند ٿي ويا آهن. لڳي ٿو هو ڀارت ۾ ٿورو وقت رهندا.“

اُن وقت تہ اُن انگريز ڌيان ڪونہ ڏنو. پر جڏهن ٿوري وقت ڪانپوءِ ڀارت آزاد ٿيو تڏهن محسوس ڪيائين تہ ساڌو ديانند جا وچن ٻڌي مونکي خبردار ٿيڻ گهربو هو ۽ ٻين کي بہ خبردار ڪرڻ ضروري هو. هاڻي تہ ڳالهہ هٿن مان نڪري ويئي آهي.

ڀارتواسي! اسين بہ هاڻي جاڳون. ڪرسي ۽ پئسي جي ننڊ مان سجاڳہ ٿيون. متان دير نہ ٿي وڃي ۽ پوءِ پڇتائڻو پوي.

---

**☆ پنهنجو ڪم دل سان ڪريو:-.**
**چستيءَ سان ڪريون،جيئن ڪوئلي جي کاڻ ۾ ڪم ڪريون پر هٿ ۽ ڪپڙاخراب نہ ٿين، سنسار ۾ ڪم ڪريون پر ڪرتاپڻو ۽ اهنڪار نہ ڪريون. اهو ڪرم ئي لاڀدائڪ آهي.**

# (36)رامانج آچاريہ ۽ گرو!

رامانج آچاريہ پنهنجي گروءَ جي شيوا ٽهل ڪري هن ڪي منتر ڏيڻ لاءِ راضي ڪيو. گروءَ چيس مان توکي موڪش منتر ٿو ڏيان جنهن جي جپڻ سان تون مڪت ٿي ويندين. پر شرط اهو آهي تہ تون اُهو ڪنهن کي بہ نہ **ٻڌائيندين.** جي ٻڌائيندين تہ تون دوزخ ۾ ويندين، نرڪ ۾ ويندين، گروءَ سان انجام ڪيائين تہ مان اهو منتر ڪنهن کي نہ ٻڌائيندس.

هنڪي گروءَ امولڪ وچن ڏنو. اُچاري ٿو شرڌا سان، اندر گيان جي جوت جڳي ڪپاٽ کلي ويس، اهڙو آنند ۾ اچي ويو، مستيءَ ۾ اچي ويو، جو گروءَ کي نٽو ٻڌائي، مٿي چوٽ تي چڙهي سيني کي پيو پڪاري، موڪش جو منتر ونو، توهين بہ مڪت ٿيو.

گروءَ کي ڏاڍو ڪروڌ آيو. چيائين ”مون توکي ڇا چيو هو تہ جيڪڏهن تون ڪنهنکي ٻڌائيندين تہ دوزخ ۾ ويندين، نمرتا سان گروءَ کي چيائين ”مونکي ياد آهي توهان برابر چيو هو پر مون خيال ڪيو مون هڪڙي جي دوزخ ۾ وڃڻ سان هي سڀ مڪت ٿي وڃن تہ ڪيڏي نہ ڀلائيءَ جي ڳالھ ٿيندي.

اهو ٻڌي گروءَ جون اَکيون پرجي آيون ۽ گلي لڳائي چيائينس تہ تنهنجي پلمانسائي ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان ۽ پاڻ کي ڀاڳيوان پيو سمجهان تو جهڙي شش کي پائي!



# (37)لالو!

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو لالو نالي هڪڙو شخص رهندو هو. ڪمائيندو بہ هو وڃائيندو بہ هو، عيش عشرت ۾ سڀ پئسا نشٽ ڪندو هو، سندس استري ڌرمي خيالن جي هئي، هن جي لاءِ پرارٿنا ڪندي هئي تہ هن کي سبڌي اچي، پنهنجو پاڻ کي سنڀالي، سڄي ڳوٺ ۾ بدنام ٿي ويو آهي. پرارٿنا ۾ تاثير آهي- سو هڪ ڏينهن سندس استري ڏسي تہ روئي وينو، پڇيائينس ڇو سائين ايترو روئو ڇو ٿا؟

چيائين مون ڏاڍا پاپ ڪيا آهن منهنجو اُڌار ڪيئن ٿيندو؟ منهنجو تہ هي جنم ئي اجايو ويو.

تڏهن سندس استريءَ کي ڳالھ سجهي آئي- ڪيس چيائين تنهنجو اُڌار ٿي سگهي ٿو- مان توهانکي هڪ ميري چادر ۾ ميرا ڪپڙا وجهي ٿي ڏيان، اها هڻ ڪٽي سڄي ڳوٺ ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهمو، ماڻهو ضرور ڪجھ نہ ڪجھ چوندا پر مهرباني ڪري توهين ڪجھ بہ نہ ڪڇجو بلڪل جواب نہ ڏجو! هن جا ڪرم اچي جاڳيا سو پوري ڳوٺ ۾ گهمندو رهيو، ڪن چيو چريو آهي! ڪن چيو ڪَلِ ٿري اٿس- پر هن ڪجھ بہ نہ چيو! اٿين شام جو موٽي گهر آيو. اچي هڻ پنهنجي استريءَ کي ڏنائين، ڪيس ٻڌايائين مان ڪجھ نہ ڪڇيو آهي، گلا ٻڌندو رهيس پر چپ رهيس.

جان ڪٽي چادر کولي ڏسن تہ بنا ڌوئڻ جي ڪپڙا ڪير جهڙا اَڇا ٿي پيا آهن. جڻ سندس سڀ پاپ ڌوپجي ويا. تڏهن تہ ڪبير صاحب چيو آهي.

”همري ڪپڙي نندڪ“ ڌووي!

# (38)پورو پروسو رکہ تہ توکي سنڀالي!

ماتا پاروتي وقت بہ وقت شو مهراج کان گيان جون وارتائون ٻڌڻ چاهيندي هئي. هڪ ڏينهن شو مهراج گيتا جو گيان پئي ماتا پارپتيءَ کي ٻڌايو. اوچتو ئي اوچتو **شِوجي** اُٿي تڪڙو هلڻ لڳو. ماتا وائڙي ٿي ويئي پر ڪڇيائين ڪونہ.

ٿوري وقت ۾ ئي شو مهراج موٽي آيو ۽ اڃا گيتا جو پرسنگ شروع ٿي ڪيائين تہ ماتا پارپتي پڇيو ”سوامي! تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن هلي ويا؟ اهڙو ڪهڙو ڪم هو توهانکي؟ وري موٽي بہ جلد ئي آيا. ڳالهہ ڇا آهي؟ شِوَ مهراج ڪيس ٻڌايو تہ منهنجو ڀڳت تڪليف ۾ هو. مان اوڏانهن ڀڳس. ”ڀڳت جيئن ئي سنان ڪري نديءَ مان نڪتو تہ پنهنجي نام جي مستيءَ ۾ هلندو پئي آيو. سندس نظر ئي ڪونہ ويئي تہ ڌوبيءَ ڪپڙا ڌوئي اُتي وڌا هئا. پير ڏيندو پئي ويو، ڪپڙا خراب پئي ٿيندا ويا، ڌوبيءَ کي ڏاڍو غصو آيو. پٿر کڻي ڀڳت کي پئي هنيائين سوچيم وڃي جلد ڀڳت کي بچايان سو جلدي اُتي هليو ويس. اُتي وڃي ڏسان تہ ڀڳت بہ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري رهيو آهي، سندس پرسان بہ پٿر پيا هئا. کڻي ڌوبيءَ کي هڻي رهيو هو. مان پويان پير ڪري موٽي آيس.“ ماتا پارپتيءَ کي سمجهائي چيائين تہ جي ڀڳت جو پروسو پورو آهي تہ ڀڳوان پاڻ کي اُنجي رکشا ڪرڻ لاءِ ٻڌل سمجهندو آهي.



# (39)مکہ ۾ رام بگل ۾ ڇرُي!

هڪ گهر ۾ ڪوئا گهڻا ٿي پيا. گهر جو وڏو هڪ پستڪ وٺي آيو، جنهن ۾ ڪوئن کي پڪڙڻ جا سوَ طريقا لکيل هئا. اُنهن مطابق روز ڪونہ ڪو نئون طريقو ڪم آڻي کين پڪڙيندو هو. هڪ ڏينهن هو ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪتو تہ سندس پتني رنڌڻي ۾ ويئي ۽ اهو ڪتاب کڻي وڃي پنهنجي پاسي کان رکيائين تہ جيئن ئي ڪوئو ايندو مان کيس پڪڙيندس، ڪوئو آيو، ڪتاب مان پڙهي ڪجهہ ڪونہ، رڳو پيئي چلائي تہ مان توکي پڪڙڻ جا سوَ طريقا ڄاڻان، اڄهو ٿي توکي جهليان، هاڻي توهين ئي ٻڌايو تہ ڪوئو ڇا سمجهندو؟ ڪوئي نڪا ڪئي هم نہ تم ڪتاب منهن ۾ جهلي ڪتري پنو پنو ڪري ڇڏيو. اهو آهي درشٽانت!

سڏانت اهو آهي تہ اسين ڄاڻون ڪونہ رڳو وتون ڳالهيون ڪندا ڌرم جون. اسين انهن ڳالهين ۾ لڳا پيا آهيون تہ اڄ هن مندر ۾ ٿو وڃان، ڌرم کي اسان ائين ڪري ڇڏيو آهي ڪلاڪ بہ ڪنهن نہ ڪنهن مندر ۾ وڃون باقي ٢٢ ڪلاڪ ويهي ڪوڙ ڳالهايون ۽ پاپ ڪريون.

ڌرم آهي سچائي- شڌ آچار.

انسان جي من ۾ ديا هوندي تہ ٻئي سان برائي نہ ڪندو. ڪنورتا هوندي آهي تہ خبر ئي نہ پوندي آهي تہ اسين ڪنهن سان ڪا برائي ڪريون.

اڄ ڌرم جو اهو روپ ٿي ويو آهي!

## (40)گروءَ جو شش!

گروءَ جو شش بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽر وٽ ويو. ڊاڪٽر دوا ڏاهي ڏنس.

سوال: ڪيائين- گهڻا دفعا وڻان؟

ٻيو سوال:- پاڻيءَ سان وڻان يا کير سان؟

ٽيون سوال:- گلاس ۾ وڻان يا ڪٽوري ۾؟ هن جو بحث ۽ ترڪ ڪترڪ ٻڌي ڊاڪٽر اچي تنگ ٿيو. چيائين مونکي في ڏي پوءِ هتان هلندو ٿيءُ.

وري سوال:- روڪڙا ڏيان يا نوٽ ڏيانءِ؟ ڊاڪٽر خفي ٿي چيس، جيڪي وڻيئي سو ڏي، منهنجي جند ڇڏ!

ساڳئي نموني گرو به اسانجو وئد آهي. نام روپي اوشڌي، دوا ڏئي ٿو. اسانکي واد وواد يا ترڪ ڪترڪ نه ڪرڻ گهرجي. تڏهن به شش پڇي ٿو ”نام ڪيڏي مهل جپيان؟ ڪاڏي ڪان اَڳه يا ڪاڏي ڪانپوءِ؟

گرو سمجهائيندو ٿو رهي ته نيم سان نام روپي دوا شرڌا روپي کير سان وٺندو اچ. آهستي آهستي توتي اثر ٿيندو ۽ تون نام جي رنگ ۾ اچي ويندين.

شش پڇيو:- پرهيز ڪهڙي ڪريان؟

گرو:- واسنا کان، حسد کان، چنچلتا کان، اشڌ ويچارن ۽ موهه کان، اِهي جيو کي نام جي راهه تان هٽائڻ وارا آهن. اُنهن کان پرهيز ڪر.

**☆ شاهوڪاري آهي دل سان نه ڌن سان.**

**☆ جتي پيار آهي اُتي ڌڪار جي پاونا نه رهندي.**



## (41)مونکي ملان نه ٽيٽو آهي!

شيخ محمد سورهن سالن جو ٿيو. پٽس هن کي پنهنجو پد ڏيڻ ٿي چاهيو. ملان ڪرڻ ٿي گهريائين. ان لاءِ اهو شرط هو ته ٻڪري جي قرباني ڏئي، پٽس هن کي ڪم تي لڳايو. کيس ٻڪرو ڏنائين ۽ ڇري ڏنائين وڃي حلال ڪري اچ. ٻڪري کي جهنگل ۾ وٺي ويو. جيئن ئي ڇري هٿ ۾ کنيائين ۽ ٻڪري کي هڻڻ لاءِ تيار ٿيو ته سندس من ۾ انسانيت جاڳي ۽ ٻڪري کي ماري نه سگهيو.

پٽس پڇيس ”قرباني ڪٿي آهي؟ جيسين ٻڪري جي قرباني نه ڏيندين تيسين ملان ڪيئن ٿيندين؟ “

شيخ محمد چيو ”مونکي نه ٽيٽو آهي ملان وٽ پنهنجو حصو.“

پٽس پنج موچڙا هٽي ڪڍي ڇڏيس. هو هردوار ويو، سنتن جي سنگ ۾ ويو. تڪارام سان ڏاڍي دل هئس. اُن جا اُپديش وڻندا هئس ۽ اُهي گرهڻ ڪري نام سمرن ۾ لڳي ويو. سنت تڪارام سمجهايس نه ڊڄڻو آهي، نه چنچل ٿيڻو آهي. پاڻ ۾ ايشور انس پيدا ڪرڻو آهي. جيئن دک دردرتا هٽي وڃي.

اوم نمو اويڪت نارائڻا
اوم نمو اويڪت رام
پرا پري شياما شياما.

**☆لگن واري ماڻهوءَ لاءِ ڪجهه به ڏکيو ناهي، لگن سان ڪاريه ڪر ته پوءِ تنهنجي سمرڻ شڪتي به وڌندي.**

## (42)باقي هندستان ڪٿي آهي؟

هڪڙو سيٺ ڏاڍو شاهوڪار هو. اچانڪ هن جي گهر هڪڙو سنت پڌاريو. ٿورو وقت ترسي وڃڻ لڳو، سيٺ چيو ”سوامي ڀوڄن نٿا ڪريو ته گهٽ ۾ گهٽ کير ته پي وڃو.“ پنهنجي نوڪر کي سڏ ڪيائين ۽ چيائينس ته سوامي جن لاءِ کير کڻي اَچ. نوڪر ٿورو اَڳيان ويو وري موٽي آيو ۽ سيٺ کان پڇڻ لڳو ”ڪاري ڳانءِ جو کڻي اچان يا اڇي ڳانءِ جو؟“ سيٺ ڪاوڙجي ويو چيائين ته ڪجھ به کڻي اچ. وري موٽي آيو ”نئين ڳانءِ جو کڻي اچان يا پراڻيءَ جو؟“

اسين انهن ڳالهين ۾ اٽڪيا پيا آهيون. ڪارو، گورو، نئون پراڻو ۽ گهڻو يا ٿورو.

ڌرم آهي شڌ وهنوار!

اسين به شڌ ۽ نرمل بڻجي ڌارمڪ بڻجون. هندستان ۾ رهون ٿا. هندستان نٿو ملي، هي سناتني آهي، هي وئشڻوي آهي. هي هندو آهي، مسلمان آهي، جيني آهي ته باقي هندستان ڪٿي آهي؟ ڌرم جو لائسينس اڇي ويو آهي پر ڌرم هٿ نه آيو آهي.

مطلب ته پاڻ کي ڌارمڪ سڏايون ٿا پر وهنوار ڀيد ڀاوَ وارو ۽ مت پنٿ وارو ڪريون ٿا. اهو نٿا سمجهون.

”اڪِ قصر، در لکه، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرکه، تيڏانهن صاحب سامهون.“

---

**☆پيار جو ساهه ڳٽون انُ ۾ قاعدو ڪهڙو؟ اڌ ياتمڪ گيان سائنس جي پهچ کان پري آهي.**



## (43)شراڌ

سنت ايڪناٿ جو شراڌن ۾ وشواس هو ۽ چوندو هو ته جيڪو اسين پنهنجي وڏن ۽ ماءُ پيءُ جي نمت شرڌا رکي ڪريون ٿا اُها اسانجي ڀاونا ۽ سچي شرڌا سان اُنهن کي پهچي ٿي.

سنت ايڪناٿ پنهنجي پتنيءَ سان گڏ پيءُ جو شراڌ ڪرڻ لاءِ هردوار پهتو. ساتوڪ ڀوڄن پنهنجي پيءُ جي ياد ۾ برهمڻن لاءِ تيار ڪيائين. انتظار پئي ڪيائين برهمڻ جو ته ايتري ۾ ڇاتو ڏسي ته ڪي اَڇوت پئي لنگهيا. هڪ اڇوت چيو ڀوڄن جي خوشبوءِ ته کائڻ لاءِ هرڪائي رهي آهي. بکه به ڏاڍي لڳي آهي. اهو ٻڌي سنت کي خيال آيو ته ڇو نه هي ڀوڄن هنن اڇوتن کي کارايان سو اُنهنکي ڪوٺي پريم سان اُنهن کي ڀوڄن کارايو. تنهن کان پوءِ رڌڻ جي جڳهه صاف ڪري برهمڻن لاءِ ٻيو ڀوڄن تيار ڪيائين. ايتري ۾ براهمڻ به اچي ويا پر جڏهن ٻڌائون ته سنت ايڪناٿ اسان کان پهرين اڇوتن کي کارايو آهي ته ناراض ٿي هلندا رهيا ۽ کائڻ کان صاف انڪار ڪيو.

ايڪناٿ پنهنجي پيءُ جي مورت اڳيان اچي سنڪلپ ڪيو، پترن کي پڪار ڪئي. ته خود سندس پيءُ برهمڻ جي روپ ۾ اچي اُهو ڀوڄن پريم سان کاڌو. ايڪناٿ سچو سنت هو، ڪنهنکي اڇوت يا گهٽ ذات جو نه سمجهندو هو. هن لاءِ سڀ ڀڳوان جا روپ هئا.

”پپر ۾ پرميشور ته ٻير ۾وري ٻيو ڪير؟“

## (44)مرشد ۽ مريد!

قاضي انور ميان هو مريد- گروءَ جي ڳولها ۾ نڪتو، سعيد حيدر بخش کي پنهنجو مرشد مڃيائين، يقين رکيائين، پوري اعتبار سان سندس ڪٿا ٻڌندو هو.

''دنيوي سک پل حاصل هجن!

عيش عشرت لاءِ داروں هجي،

هر پدارٿ ماڻڻ لاءِ هجي پر ايشور انش، الاهي عشق ڪانسواءِ سچو سک ۽ شانتي نٿي حاصل ٿئي جيئن جيئن گروءَ جا اُپديش ٻڌندو وڃي تيئن سندس اندر روشني اُتپن ٿيندي ٿي وئي.

قاضي انور ميان جي مک مان واڻي نڪتي.

''آڪاش ديکا، پاتال ديکا،
تين لوڪ ۾ اس ڪو ديکا
سيني لوڪ ۾، گگن ۾
سمندر بستي بن ۾
اُس کي سوا ڪڇه نه ديکا
مسلمان هو يا هندو هو
دونو ۾ اُسڪو ديکا
وو ايشر الله همارا سنگ نه ڇوڙي
جهان ديکا وهان رام ڪو ديکا
اُس کي سوا ڪڇه نه ديکا!
جئسي آڪاش هر گهٽ اور گهر ۾ هئه
وئسي رام ڪو سڀ ۾ رمتي ديکا!



## (45)گرو نپٽ نرنجن!

اورنگزيب الله ڀڳت هو. پنج نمازون روز پڙهندو هو جيڪو مسلمانن جو نيم آهي پر تڏهن به تعصبي هو. ڀيد رکندو هو، سيني هندن تي ظلم ڪيائين ۽ زوري زبردستي اُنهن کي مسلمان ڪندو هو. هن جي انهي ظلم ڪري ئي گرو تيغ بهادر صاحب جن کي قرباني ڏيڻي پيئي ۽ شهيد ٿيو. جو سر وچي دهليءَ جي چاندني چونڪ ۾ ڪريو جتي شيش گنج گردوارو آهي.

نرنجن دتاتريہ ڀڳوان جو ڀڳت هو. هو اُنجي ياد ۾ رهندو هو ۽ پڪار ڪندو رهندو هو ته ڪڏهن ملندين؟ آڪاش واڻي ٿي گرو پورڻما تي، هو اُتي ويو جتي سندس گرو هو. هن کي ڪاڻڻ لاءِ ماس ڏنائون هو ويشنو هو، هن انڪار ڪيو، گروءَ چيو ''نپٽ لو'' جڏهن پرساد ڪاڏائين کيس منو لڳو، گرو نپٽ جي شيوا ڪيائين. اُن جي آگيا ۾ رهيو. گروءَ پاڻ سان جوڙي نالو ئي رکيس ''نپٽ نرنجن''، ٻاڻي چيائين.

''اورنگزيب! سوُ سلطان جهان،
ڪوُن هئه مسلمان،
خدا کي نه ڪوئي پهچان،
خدا تو هئه هر گهٽ ۾،
سوُ سوُ ڪلما پڙهڪي،
ڪر کي نماز روزا،
نه اپني روح ڪو کوجا
ڪهي نپٽ نرنجن
ناچ نه جاني، آنگن ٽيڙا،
آيا ائسا آيا نهين، ديکا ائسا ديکا نهين
ترا ائسا ترا نهين، چلا ائسا، چلا نهين
کايا ائسا کايا نهين، ديئا ائسا ديئا نهين
پيئا ائسا پيئا ڪوُن ليئا ائسا، ليئا ڪوُن
جهان تهان جلوا اُسڪا هئه،
هر نور ۾ چمڪ اُسڪي هئه''

## (46)نيڪ نيتي!

ڪنهن بادشاهه قيديءَ کي قتل ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. قيدي ڏاڍو نا اُميد ٿيو ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. سياڻن سچ چيو آهي ته جيڪو پنهنجي جان تان آسرو ڪٽيندو آهي ته پوءِ جيڪي دل ۾ ايندو اٿس سو چئي ڏيندو آهي. هنجي زبان تان مهر لهيو وڃي. جڏهن ڪِ سوڙهو گهٽيل ٻلو ڪتي کي پڪڙيندي ويرم ڪونه ڪندو آهي.

بادشاهه سندس ٻولي سمجهي ئي نه پيو، تنهن وزير کان پڇيو ”هيءُ قيدي ڇا پيو چوي؟“

سياڻي وزير چيو ته هيءُ چوي ٿو نيڪ انسان پنهنجي ڪاوڙ تي قبضو ڪري ماڻهن کي گناهه بخش ڪن ٿا ۽ رب اهڙن انسانن کي پيار ڪري ٿو. اهي لفظ ٻڌندي ئي بادشاهه کي رحم اچي ويو ۽ اُن قيديءَ کي خون جي سزا به معاف ڪري ڇڏيائين، ٻيو وزير جو پهرئين وزير جي برخلاف هو، سو چوڻ لڳو ”اسان جهڙن وزيرن کي بادشاهه جي دربار ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ نه گهرجي. هن خوني قيدي توهان کي بد شد ڳالهايو آهي، گاريون ڏنيون آهن.“

بادشاهه کي وزير جي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ چيائينس ته ”اي وزير! هن جيڪو ڪوڙ ڳالهايو آهي سو مونکي تنهنجي سچ کان وڌيڪ پسند آهي ڇاڪاڻ ته هن جي ڪوڙ ۾ نيڪ نيتي سمايل آهي ۽ تنهنجي سچ ۾ بدنيتي ۽ کوٽ پريل آهي.

سياڻا چوندا آهن ته نيڪ نيت سان ڪوڙ جهڳڙي پيدا ڪندڙ سچ کان بهتر آهي.



## (47)حاسد راضي نه ٿيندا

هڪ راجا وٽ هڪڙو سپاهي رهندو هو. جو عقل ۽ سياڻپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، عمر جو ننڍو هو پر سندس پيشانيءَ مان بزرگيءَ جو نشانيون پئي بکيون.

راجا جو مٽس راز هوندو هو ڇاڪاڻ ته جهڙو هو صورت جو سهڻو تهڙي سندس هلت چلت، هو سنن لڇڻن وارو هو. هن جيڏا ٻيا به ڪيترائي هن جا دوست هئا، سي هن جي خوشنصيبيءَ تي حسد ڪرڻ لڳا ۽ مٿس بي ايمانيءَ جا الزام هڻي ڪيس مارائڻ جو بيهوديون ڪوششون ڪرڻ لڳا.

”جي راجا مهربان، دشمن کي ڇا مجال“ راجا ان سپاهيءَ کان پڇيو ته هي ڇو اچي تنهنجي پنيان پيا آهن؟ آخر هنن جي توسان ڪهڙي دشمني آهي- ڪو ته سبب هوندو؟؟

سپاهيءَ عرض ڪيو- مهاراج! مون حضورن جي مهر جي ڇانوَ ۾ رهي سيني کي راضي ڪيو آهي. پر حاسد کي راضي نٿو ڪري سگهان، ڇاڪاڻ ته اهي تيستائين راضي نه ٿيندا جيستائين منهنجي عزت برباد ٿيندي نه ڏسندا، مهاراج! توهان جو رحم ڪرم قائم هجي، مونکي حاسد جي پرواهه ئي ڪانهي!

”ڪنهنجي دل نه ڏکويان ائين ڪري ٿو سگهان، پر نه حاسدن سان پڄان، جي پاڻ پيا ڏکه ۾!“

---

☆ **ساتوڪ ڪاٿو:-**

**جيڪي شيون ڪم آٿيون ٿا اُهي شڌ مئڻ گهرجن.**

## (48)بادشاهه ابوبڪر!

محمود بادشاهه جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ ابوبڪر بادشاهه ٿيو. محمود بادشاهه جا لفظ هن کي ياد رهيا. بادشاهه ٿي راڄ نه ڪجانءِ، خليفو، شيواڌاري ٿي رهج، پرجا جي پرگهور لهج ۽ راڄائي خزاني جي پائي به ميري نه ڪجانءِ.

ابوبڪر اهڙو پلو بادشاهه هو جو چوندو هو جيئن پرجا رهندي تيئن مان رهندس، اُنهن جي دک ۾ دکي ۽ سک ۾ سکي، سندس بيگم جنهنجو نالو بيگم بانو هو اُها ٻوڙها ٻاڙيندي هئي. هيڏي وڏي رياست جو مالڪ ٿي سادگيءَ ۾ رهين ٿو. اڃا ڪيستائين سُڪيون روٽيون کارائيندين؟

بيگم بانو کي به سِڪا روز ملندا هئا. اُن مان ئي کيس پورت ڪرڻي پوندي هئي. هڪ ڏينهن بيگم بانو ابوبڪر کي چيو ''اسان وٽ مجلس ڪڏهن ٿيندي؟ سکيون روٽيون کائي وات ۾ ڦٽ ٿي پيا آهن.''

ابوبڪر چيو ''تون مجلس ڪري سگهين ٿي ٻن سِڪن مان بچائي- باقي وڌيڪ مان توکي ڏيئي نٿو سگهان.''

بيگم بانو ٿورو ٿورو بچائي سال ڪانپوءِ مجلس ڪئي، پيٽ ڀري کاڌائون، پر ابوبڪر يڪدم چيس ته تنهنجي معنيٰ تون بچائي سگهين ٿي نه! مان هاڻي توکي هڪڙو سِڪو ڏيندس.

اهڙو هو ابوبڪر سادگيءَ جو مالڪ!



## (49)ٻاڻيءَ سان پاڻ کي جوڙي ڇڏ!

هڪڙو گرو پنهنجي شش کي چوندو هو ٻچڙائيءَ جي پاڙ آهي پاڻ کي سرير سمجهڻ، اهو نه وسار ته تون ڇم جو چولو ڪونه آهين. تون آتما آهين، گرو ياد ڏيارين ٿا. شش اُهو سڀاڳو جنهنکي اها سمجهه اچي، پروڙ پوي، انهيءَ چوڪ مان نڪري اچون ته مانش جنم سڦلو ٿئي.

نَوَن دروازن وارو ديس آهي سرير،
توکي دسوون دوار کولڻو آهي،
پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻو آهي.
تن کان پري، من کان پري،
خيالن کان پري، راڳ دويش کان پري،
وڪارن کان پري،
حسد وير کان پري آهي،
اُهو پرماتما جيڪو وينو اسان لاءِ واجهائي، نام روپي وکر ڪنو کر ته درشن پائين ۽ اُن جي وچنن سان پاڻ کي ٻاڻيءَ سان جوڙي ڇڏ ته آنند ۾ رهين.

---

☆ ڀڳوان ڀاوَ جو بکيو آهي، ميرا ڀاوَ سان سمرڻ ڪيو ته زهر به امرت ٿي پيو.

☆ شبدن ۽ منترن ۾ ادڀت شڪتي آهي.

☆ منش ڪرم ڪرڻ ۾ آزاد آهي، پر ڦل ڀوڳڻ ۾ نه.

## (50)ماءُ جو موهه!

سڪندر بادشاهه جي قبر تي هن جي ماءُ روئي رهي هئي، ورلاپ ڪري رهي هئي ته اي سڪندر! تون جوانيءَ ۾ ڪنهن به سک ماڻڻ ڪانسواءِ هليو وئين نه تو شادي ڪئي. ائين ڇو ٿيو؟ منهنجو اهڙو ڪهڙو ڪرم هو؟

هڪ **درويش** پئي ويو. سڪندر جي ماءُ کي ڳوڙها ڳاڙيندو ڏسي بيهي رهيو ۽ چوڻ لڳو- اي سڪندر جي ماءُ- خدا ته عمر مطابق توکان رڳو هڪ پٽ کسي ورتو آهي، جنهن لاءِ تو هيڏو رودن ڪيو آهي. پر تنهنجي انهي پٽ ڪيترن لکن جوانن جو قتلام ڪيو آهي. ڪڏهن اُنهن جي مائٽن جو خيال ڪيو اٿيئي. جيئن سڪندر تنهنجو هڪڙو سڪيلڌو پٽ هو تيئن ٻين مائٽن جا اهي جگر جا ٻچا هئا، اُنهن کي قتلام ڪرڻ جو تنهنجي پٽ کي ڪهڙو حق هو رڳو انهيءَ لاءِ جو سڪندر کي دنيا فتح ڪرڻي هئي پر ڪيس نصيب ڇا ٿيو، اهو ئي موت، جنهن منزل تي هرهڪ کي وڃڻو آهي. سڪندر جي ماءُ بنا ڪجهه چوڻ اُتان ماٺ ميٺ ۾ هلي وئي.

---

☆ **ڪرم ٿيندا آهن ساڌنن سان، تن، من، ڌن ساڌن هجي يا شڌ شڌ ڀاءُ ساڌن هجي.**

☆ **ويل وقت وري نه ملندو، جي هڪ ڀيرو تو قدر ڪيو ته سدائين ڪندو رهندين.**

☆ **جو پنهنجو پاڻ ۾ پورو آهي اُهو منجهيل آهي.**



## (51)حُسن ۽ سوداگر

حسن موتين جواهرن جو ڌنڌو ڪندو هو. هڪ سوداگر ڪان مال وٺي ڳوٺن، شهرن ۾ ويندو هو، هڪ ڏينهن هن ڏٺو ته مال ته آهي ڪونه، وڃي ٿو سوداگر ڪان وٺي اچان.

سوداگر وٽ ويو، مال گهريائين، سوداگر چيس مال ته گهڻو ئي آهي پر مان هينئر ئي ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر پيو وڃان، توکي به هلڻو هجي ته هلي سگهين ٿو ڌنڌي جو ڪم ڪونهي، مان پنهنجي شخصي ڪم لاءِ وڃان ٿو تون به هل، حسن به سوچيو ته مال بنا ڪم ڪار ته ٿيندو ڪونه ڇو نه مان به وڃي چڪر هڻي اچان.

حسن به هنن سان ويو. سوداگر پاڻ سان وڏو اٽالو ڪنيو هئو، جن ۾ وڏا وڏا عالم، تعليميدان، مشهور ڊاڪٽر ۽ وئد به هئا. سوين سندر استريون هار سينگار ڪيل، هلندا ويا- هلندا ويا جهنگ ڏانهن، اُتي هڪ تمام سندر سينگاريل شاميانو هو، پهرين عالم ۽ تعليميدان اندر ويا، جن مجار (جيڪا سوداگر جي جوان پٽ جي هئي) سجدو ڪري هٿ جوڙي چيو ته اسانجو علم ۽ گيان به توکي بچائي نه سگهيو. تنهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر ۽ وئد ويا جن به پنهنجي مجبوريءَ جو اظهار ڪيو ته اسان ڪئين دوائون، ستيون ۽ ڦڪيون توتي آزمايون پر ڦڪين ۽ دوائن فرق نه ڪيو، پوءِ سندر جوان استريون ويون جن به روئڻهارڪي آواز ۾ چيو ته موت تي اسانجو به زور نه هليو. جيئري ته اسان توسان گهڻيون رنگ ريليون ڪيون. آخر ۾ سوداگر ۽

حسن ويا. سوداگر تہ گوڏا کوڙي مجار تي سامھون ويھي رھيو. ڳوڙھا ڳاريائين ۽ پنھنجي بيوسيءَ جو ذڪر ڪيائين. حسن بہ سجدو ڪيو. جڏھن اُٿان ٿي موٽيا، سڀ چپ ھئا، ڪنھن بہ ماٺ کي ٽوڙڻ جي ھمت نہ ڪئي.

آخر موڪلائڻ جو وقت آيو. سڀ ھليا، حسن بہ ھلڻ لڳو، سوداگر چيس تہ ھاڻي مال ڏيڻ لاءِ تيار آھيان.

حسن چيو تہ توھانجي فرزند جي مجارتي توھانجي بيوسي ڏسي مونکي ڪجھہ منو نٿو لڳي. ھاڻي دنيا جا ڏنڊا نہ ڪبا. سچ جو سودو ڪبو ۽ ھلندو رھيو.

## (52)عجيب فيصلو

جسٽس چندر چارو دت ھاءِ ڪورٽ جو وڏو جج ھو، ھو ڏسي ٿو تہ سندس پٽ کي اڇي ڏوھيءَ جي ڪٽھڙي ۾ بيھاريون ھُو خون جي ڪيس ۾ پڪڙيو ھو.

پيءُ سوچي ٿو. ھن وقت منھنجو فرض ڪھڙو آھي؟ انصاف کي تہ پٽيون ٻڌل آھن، انھي کي انڌو چيو ويندو آھي.

من ۾ جنگہ جاري آھي. آھي سڪيلڌو پٽ، جج اُھو جو ڪنھنجو بہ پيءُ ڪونھي، جج جو ڪنھن بہ مٽ مائٽ سان انصاف جي وقت رشتو ڪونھي.

زال چيس ٿي تہ جي پٽ ڦاسيءَ تي چڙھندو تہ مان جي نہ سگھنديس. جج چوي ٿو تہ مان بہ جيئرو رھي نہ سگھندس. مان پنھنجو فرض پورو ڪري ھنڪي ڦاسيءَ تي چاڙھي مان بہ مري ويندس.

ٿيو بہ ائين پٽ جي سزا ٻڌائي اتيئي ڍرڪي پيو.

موھہ ۽ فرض جي جنگہ ۾ فرض جي سوڀ ٿي.



## (53)جاڳو! جاڳو! جاڳو!

دادا ساڌو واسواڻي ھميشھہ اھي وچن پنھنجي ستسنگہ ۾ ضرور دھرائيندا ھئا. چوندا ھئا جيڪڏھن مونکي لکہ زبانون ھجن تہ مان ائين ئي چوندو رھندس. جاڳو! جاڳو! اَگيان جي ننڊ مان جاڳو! وقت تي جاڳو نہ تہ مانش جنم جھڙو وجھہ ھٿ مان ھليو ويندو.

”جاڳين تہ جاڳہ، نہ تہ سمھڻ اَڳيئي گھڻو،<br>
تو جا پائئين توڙ جي، سو مانجھاندن جو ماڳہ،<br>
سلطاني سھاڳہ، ننڊن ڪندي توکي نا ملي.“

دادا جن ٻڌائيندا ھئا تہ اُنھن ڏينھن مان حيدرآباد سنڌ ۾ ھئس. اُتي سنڌ جو عالم، ڏاھو ليڪڪ اُتي رھندو ھو. جنھن شاھہ جو رسالو بہ سنڌيءَ ۾ ڪڍيو آھي. جڏھن گڏبو ھو تڏھن چوندو ھون، ”ڪنھن ڏينھن منھنجي گھر ھلو،“ ھڪ ڏينھن رستي تي ملي ويو چيائين ھينئر ئي ھلو منھنجي گھر، دادا جن ساڻس گڏجي ويا، ڪجھہ وقت وينا پوءِ دادا جن کي چيائون ھتان ھيٺ ھلو تہ پنھنجو تھخانو ڏيکاريان توھانکي، ھيٺ لھي ويا، پوڄا جي ڪوٺي ٺھي پيئي ھئي. دادا جن پڇيس ھي ڇو ٺھرايو اٿو؟

قليچ ٻبگہ چيو، ”مان ھتي روز اڇي بہ ٿي ڪلاڪ مراقبي ۾ ويھندو آھيان ۽ روز پاڻ کي ياد ڏياريندو آھيان تہ ھي تنھنجو اصلي وطن ناھي توکي اصل وطن ڏانھن- رب جي حاضريءَ ۾ وڃڻو آھي، سندن ئي لکيل آھي.

”دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ چا ٿيو؟<br>
آخر مليو نہ جي رب، پيو سڀ مليو تہ چا ٿيو؟<br>
پل ھٽ ھجيئي شاھي، لکہ لشڪر ۽ سپاھي، ٿينديئن علھہ ڏي راھي، جڳ فتح ڪيو تہ چا ٿيو؟ آ ھ ي ق ل ي چ ارمان، ڪيو شرڪ توکي شيطان،<br>
من ۾ نہ ٿئين مسلمان، ڪلمو پڙھيو تہ چا ٿيو؟

## (54)سمپتي، سڦلتا ۽ پريت!

هڪ مائي گهر ۾ اڪيلي ويٺي هئي. سندس گهوٽ پنهنجي ڪم تي ويل هو. رسوئي تيار ڪري اُنجو انتظار ڪري رهي هئي تہ ايتري ۾ در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. در کوليائين تي مهمان بيٺا هئا. هڪڙي چيو مان سمپتي آهيان، ٻئي چيو مان سڦلتا آهيان، ٽئين چيو تہ مان پريم آهيان، پريت آهيان. مائي گهٻرائجي ويئي، چيائين تہ منهنجو پتي گهر ۾ ڪونهي. ٿوري وقت ۾ ايندو تڏهن توهين اچجو. هو ٻاهر ويهي انتظار ڪرڻ لڳا. هنجو پتي آيو، استريءَ هن کي ٻڌايو تہ ٽي مهمان آيا هئا پر مون کين اندر اچڻ نہ ڏنو ۽ جي وري اچن تہ مون وٽ رسوئي تہ هڪ ڄڻي جي وڌيڪ آهي. ايتري ۾ وري در تي کڙڪو ٿيو، در کوليائون ٽيئي بيٺا هئا. گهوٽ استريءَ جي ڳالهہ ياد ڪري چيائين هڪڙو اندر اچي، پڇيائون ڪير؟ مڙس استريءَ کان پڇيو سمپتي ٺيڪ ٿيندي نہ؟ چيائين نہ! نہ سڦلتا سٺي ٿيندي، سڦلتا ڌن جي ڪري ايندي، ٻئي ٿي پوندا. اڇا سڦلتا کي اندر اچڻ لاءِ چوڻ وارا هئا تہ سندن نوٺهن کٽان ٻاهران آئي. ٻڌي چيائين تہ مان سمجهان ٿي تہ پريم، پريت سڀ کان سريشٽ آهي، اُنجي ڳالهہ هنن کي ٺيڪ لڳي ۽ پريم کي اندر گهر ۾ اچڻ لاءِ چيائون تہ ٽيئي اندر اچڻ لڳا چيائون جتي پريم آهي، ٻئي لاءِ پريت آهي اُتي ٿي ڇا پر ٽيهہ بہ هڪ ڄڻي جي ڪاڏي مان ڪائي سگهندا!

پريم ٽئي پرماتما

”ڏس اکيون اندر کولي اندر جون،پريم ٽئي پرماتما“



## (55)منترن جو جاپ!

اندرا گانڌيءَ جي گرو آنندمئي ماءُ هئي، هري بابو آنندمئيءَ جو ساٿي سنت هو. هري بابا بيمار ٿي پيو، ڪيس اسپتال ۾ رکيو ويو. گرو آنندمئيءَ کي اطلاع ڏنو ويو. اُن چيو سيني کي تہ هنومان چاليسا پڙهو. پڙهيائون تہ بہ هري بابا جو سرير ڍلو ٿيندو ويو. هن جو سرير ڇٽي ويو. ما آنندمئي آئي تہ هري بابا تہ آتما ۾ لين ٿي ويو.

ما يڪدم چيو تہ ائين ڪيئن ويندو؟ مونکي هن سان ڳالهائڻو آهي. ۴۵ منٽ اندر هئي پوءِ در کولي سيني کي ٻڌايائين تہ مون بابا سان ڳالهايو. توهين بہ اچو. سڀ حيران ٿي ويا، بابا کي ڏسڻ لڳا تہ بابا تہ ٺيڪ ويٺو آهي. ماتا کان پڇيائون تہ اهو ڪيئن ٿيو؟ اسين تہ گهٻرائجي توهان وٽ آيا هئاسين.

ماتا چيو ”منترن ۾ وڏي شڪتي آهي. ساڌيل منتر جو جاپ ڪندو رهجي تہ گهڻو ڪري اُهو ڪم ڪندو آهي، جي ڪٿي ساهہ اٽڪيل هوندو آهي تہ مڪت ٿي ويندو آهي. سرير تہ برابر ويٺو آهي پر بي وقتائتو نہ ويندو جي منترن جو جاپ ڪندا رهنداسين.“ ڇئن مهنن ڪانپوءِ هري بابا ڪاشيءَ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. پر ڊاڪٽر منع ڪئي تہ توهين ياترا نٿا ڪري سگهو. آنندمئي ماتا چيو وڃڻ ڏيوس. مون ڇئن مهنن جي مهلت ورتي آهي. ڪاشي ويا ۽ اُتي آتما ۾ برهم لين ٿيا.

## (56)ڀڳوان جو درشن!

مهرشي رمڻ ڏکڻ هندستان جو تمام اوچ ڪوٽيءَ جو سنت ٿي گذريو آهي. پرديش مان اميريڪا مان پال برٽن ڪنهن رشيءَ جي کوج ۾ ڀارت ۾ آيو. گهڻيئي مندر مڙهيون ڏٺائين پر ڪيس مهرشي رمڻ جهڙو وگياني ڀيو نظر ڪونہ آيو. اُتي ئي ڪيترا مهنا رهي پيو.

مهرشي رمڻ ڪان ڀڳتن پڇيو ”ڇا اسانکي ڀڳوان جو درشن ٿي سگهي ٿو؟“

”ها ڇو نہ ٿو ٿي سگهي، پر ڀڳوان کي سڃاڻڻ واريون اکيون ڪپن.“ مهرشي اُنهن کي چيو.

”هڪ هفتي تائين ڀڳوان جي مندر ۾ پوري لڳن سان هن جي ڀڳتي ڪريو، ستين ڏينهن ڀڳوان ايندو. هن کي سڃاڻي، درشن ڪري پرسن ٿي وڃو.“

ڀڳتن مندر کي سجايو، ڀڳوان جو سينگار ڪيو ۽ ڪيرتن شروع ڪري ڇڏيو. مهرشي رمڻ مندر ۾ وقت بہ وقت وڃي ڪيرتن ۾ وهندو هو.

ستين ڏينهن ڀنڊارو ڪرڻ جو ڪاريہ ڪرم هو. ڀڳوان جي لاءِ طرح طرح جا ڀوڄن بڻايا ويا. مندر سامهون هڪ وڻ هيٺان ميرا ڪپڙا پائي هڪ فقير ويٺو هو. هو نهاري رهيو هو تہ شايد مونکي بہ ڪو ڀنڊاري جو پرساد ڏيڻ اچي. هڪ ماڻهو ديا ڪري هن لاءِ پوري ڀاڄيءَ جو ڊونو کڻي وڃڻ لڳو تہ هڪ برهمڻ ڪاوڙجندي چيو تہ اهو پرساد ڀڳتن لاءِ آهي، ڪنهن فقير لاءِ نہ آهي. اهو ماڻهو ڊونو واپس کڻي آيو. مهرشي رمڻ اهو نظارو ڏسي رهيو هو. ڀنڊارو پورو ٿيڻ ڪان پوءِ ڀڳتن مهرشيءَ ڪان پڇيو ”اڄ ستين ڏينهن ڀڳوان تہ نہ آيو.“

”مندر ٻاهران جيڪو فقير ويٺو هئو اُهو ئي ڀڳوان هئو. توهان جي اَکين هن کي ڪٿي سڃاتو.“ مهرشيءَ چيو.

اهو ٻڌي سيني ڀڳتن جا منهن لهي ويا.



## (57)ڪنجوس!

سيٺ پريو ڀاڳيو هو پر هئو ڏاڍو ڪنجوس. زال ۽ ٻہ ٻار هئس پر ٻارن کي ۽ زال کي پورو کائڻ بہ ڪونہ سهندو هو.

ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويٺو هوس. سندس زال ٻہ لوليون گيهہ ۾ جهٻيل ۽ کير جو لوٽو ڏنس، پنڌ ڪندو وڃي، آخر ٿڪو هڪ وڻ هيٺان ويهي جيئن ئي لولين جي هڙ کوليائين تہ سچو گيهہ پيو ڳري ۽ لوٽو بہ پستن بادامين پيل کير سان ڀريل هو. ڏاڍو ڪاوڙجي ويو. اُن غصي ۾ کير ۽ لوليون کڻي وڻ جي پاڙ ۾ ڦٽي ڪيائين. نانگہ ديو نڪري آيو ڇپائين ور گهر، هو ڊپ ۾ اُٿي ڀڳو، موٽي آيو پنهنجي ڪاوڙ جي ڳالهہ ٻڌايائينس تہ توتي ڏاڍو غصو آيو. جيڪي تو ڏنو هو سو کڻي وڻ جي پاڙ ۾ وڌم نانگہ ديو نڪري آيو وَرُ گُهرَڻَ گهرڻ لاءِ چيائين پر مون ڪونہ گهريو ڇا گهرانس، سڀ ڪجهہ تہ اسان وٽ آهي. زال هئي سياڻي تنهن چيس تہ ”شال جيڪي منهنجو آهي سو منهنجو ٿئي.“ ٻورن ڏينهن ڪانپوءِ وري سيٺ واپار لاءِ نڪتو. وري اَڳي وانگر ديوتا آيو هن بہ همٿ ڪئي ڪري زال وارو ٻڌايل ور گهريو. پل ۾ ڦرڪو ئي ڦري ويو. سيٺ پيو پاڻ کي ڏسي مون قاتل ڪپڙا ڇو پاتا آهن؟ هيترين ڏن هوندي مون پنهنجو کهڙو حال ڪيو آهي؟ گهوڙو بہ نہ ورتو اٿم. گڏهہ تي پيو سواري ڪريان. ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ پاڻ سان نشچو ڪيائين تہ دان پڃ ڪري مان پنهنجو مانش جنم سڦلو ڪندس. اڳي تہ مان چڻ سيٺ ئي ڪونہ هوس، پائي پائيءَ تي پيو ڇڇون ماريندو هوس. شاباس آهي سگهڙ زال کي جنهن اهڙو وَرُ گهرڻ لاءِ چيو، جيون ئي سڦل ٿي ويو.

”مايا اچڻي وڃڻي، ڪهڙي ڪهڙي ڀاءِ،  
ڪن جي چور کڻي ويا، ڪن جي ساڙي باهہ،  
ڪن جي دٻي رهي ڌوڙ ۾، ڪن جي راجا کاءِ،  
”سامي“ سڦلي ٿيندي ساءِ، جا ڏيندين ڏٽيءَ جي نانو تي.

## (58)شري گرونانڪ ديو!

شري گرونانڪ جو جنم پائي ڪالوءَ جي گھر ٿيو. پنڊت هرديال چنيي ڏسي سياڻي ماتا ترپتا کي ٻڌايو ته هي ٻالڪ مهان آهي. اڳيان هلي هزارن لکن شيوڪن جي راهه روشن ڪندو، سينيي کي رام رس پياريندو، هي اوتار ڌاري تنهنجي گھر ۾ آيو آهي.

پر پائي ڪالو هن کي ساڌارڻ ٻالڪ سمجھي دنيوي ڌنڌن ۾ لڳائڻ لاءِ پيو پاڻ پتوڙيندو هئو. هڪ ڏينهن پائي ڪالو شري نانڪ کي حڪم ڏنو ته فصل تيار آهي، ٻنيءَ ۾ وڃي جھار هڪل، گرونانڪ پيءُ جي چوڻ تي کيت ۾ آيو. پکين کي هڪلڻ بدران چوي پيو،

”رام دي چڙيان، رام دا کيت،
کائو چڙيا ڀر ڀر پيٽ.“

شري نانڪ جي ورتي لڳل نام ۾، هن کي جيڏانهن تيڏانهن اُن الڪه جي جوت پيئي نظر اچي.

پريو پياري ڀڳت جا ڪم به پاڻيهي ڪندو آهي. پکين کاڌو پوءِ به فصل بچي ويو.

”جيڪي هجيئي ڪري چڏ سائين جي حوالي.“

---

☆ **منجھيل من شيطان جو گھر آهي. اُن وقت ڪو به فيصلو نه ڪر.**

☆ **جيترا گھٽ پدارٿ، اوترو خوشيءَ سان جيئڻ جو لطف ايندو.**



## (59)غريب ڪير آهي؟

هڪ سنياسي ڪنهن پريميءَ وٽ پوڄن ڪائڻ لاءِ ويو. هن پوڄن ڪرائي، هن کي چار پئسا دڪشڻا ڏني. سنياسي بابا ته پاڻ وٽ پئسا رکندا ڪونه آهن. سوچڻ لڳو ته هنن پئسن جو ڇا ڪريان؟ ڪنهن کي ڏيان؟؟

هن ڪنهن برهمڻ کان پڇيو ”هنن چئن پئسن کي سٺي نموني ڪيئن ڪم آڻيان؟

برهمڻ چيو ”چئن پئسن مان ڇا ٿيندو؟ انهن مان ته هون به ڪونه ٿيندو. ڪنهن غريب کي ڏيئي ڇڏيو.“

سنياسي بابا هڪ غريب جي اڳيان اچي بيٺو ۽ چوڻ لڳو مان چار پئسا غريب کي ڏيڻ ٿو چاهيان. جيتوڻيڪ هو غريب هو پر سوايماني هو، هي به غريب قبولڻ لاءِ تيار ڪونه هو.

ورڪت بابا چوراهي تي بيٺو هئو ته سندس نظر راجا تي پيئي، ڏاڍي ٺاٺ باٺ سان گھوڙي تي چڙهي ٻين ڪرمچارين سان گڏ پئي ويو. يڪدم چار پئسا هن کي ڏيندي چيائين ”وٺ هي پئسا گھڻن ڏينهن کان توکي ڳولهي رهيو هئس ڪو غريب نٿي مليو. توهين ڌن اڳارڻ لاءِ وڃي رهيا آهيو، مونکان به هي وٺو ته منهنجي چنتا لهي.“

راجا:- مون وٽ هيڏو وڏو راڄ آهي، خزانو آهي ۽ محل ماڙيون آهن.“

ورڪت بابا:- اهو ته تو هنسا ڪري، بلاتڪار ڪري، بي ايمانيءَ سان ڪٺو ڪيو آهي، توکان وڌيڪ ٻيو غريب ڪير آهي.“

ڌن جي گھٽ وڌ ٿيڻ ڪري ڪو ڌنوان يا نرڌن نٿو ٿئي. سنتوشي ماڻهو ئي ڌنوان آهي.

گئو ڌن، گڄ ڌن، سورڻ ڌن، اور رتن ڌن کان،
جب آوي سنتوش ڌن، سب ڌن ڌوڙ سمان،
ڪنهن وٽ ڪجھه به کائڻ لاءِ گھٽ هجي،

رهڻ لاءِ پوري ساري جڳهه نه هجي، پائڻ لاءِ جھڙا تهڙا ڪپڙا هجن پر جي هن کي اچا ناهي ۽ جيڪي اٿس اُن تي راضي آهي ته اُن جھڙو ڌنوان ٻن لوڪن ۾ ڪوبه ڪونهي!

## (60)مدن واڻيو ۽ صوفي سکيا!

شاهہ لطيف وٽ مدن واڻيو جيڪو هندو هو، سو شاهہ صاحب جي شيوا ٽهل ۾ رهندوهو. شاهہ صاحب جو مدن واڻيي تي پيار هو. اهو ڏسي سڀ مريد ۽ قاضي حسد ڪندا هئا. سدائين اهو ئي سوچ هوندو هون تہ مدن واڻيي کي هيٺ ڪيئن ڪريون ۽ شاهہ صاحب جو پيار ڪيئن هٽ ڪريون؟

شاهہ صاحب وٽ مدن واڻيي کي ڏسي قاضي ڪاوڙيل رهندا هئا. ان پرمارٿ جي راهہ ۾ جتي هڪ ٻئي سان ملي جُهلي هلڻ کپي اتي بہ حاسد پنهنجو جلوو ڏيکارڻ ڪانسواءِ نہ رهندا آهن.

هڪ ڏينهن قاضيءَ پڇيو مدن کان

”هتي ڪو واڻيو آهي؟“

مدن نهہ پهہ چيو ”مان واڻيو! ڳوٺ واڻين جو.“

پڇيو قاضيءَ ”قاضي ڪو آهي؟

مدن:- ڳوٺ قاضين جو!“

”يلا ڪو ياڙيو آهي؟“ قاضيءَ وري پڇيو.

مدن:- ”ڳوٺ ياڙين جو! ايشور يا الله هڪ آهي. سڀ اُنجي آسري تي ياڙي وينا آهيون. ٻيو آهي ڪير جنهنجو آڌار وٺون، آسرو وٺون- هو ئي آهي ايشور! هو ئي آهي الله“!

**”سوئي هيڏي، سوئي هوڏي، سوئي من وسي،**
**سوئي سو پسي، نِتُ تنهين جي سوجهري.“**

قاضي جواب ٻڌي شرمندا ٿيا!



## (61)جهڙو ان تهڙو من!

باسمتي چانورن وڪڻڻ واري جي اسٽيشن ماسٽر سان ڳالهہ ٺهي ويئي. اڌ قيمت تي باسمتي چانور ڪيس ملڻ لڳا. اندر وويڪ تہ ٻوليندو آهي. سيٺ کي بہ لڳو تہ پاپ ٿي رهيو آهي. ڪجهہ دان- ڌرم ڪرڻ کپي.

هڪ ڏينهن باسمتي چانورن جي ڪيرٽي ٺهرائي ساڌو بابا کي عرض ڪيائين تہ اچي منهنجي گهر ڪيرٽيءَ جو پوڄن پرساد گرهڻ ڪريو. سيٺ چيو ”مهاراج! هينئر اُس گهڻي ٿي ويئي. ڪجهہ وقت آرام ڪري، پوءِ هليا وڃجو.“ ساڌو جنهن ڪمري ۾ آرام ڪري رهيو هو اُتي سيٺ جون هڪ لکہ رپين جون ٿهيون چادر سان ڍڪيل ڏٺائين.

ساڌو بابا آرام ڪيو، ڪيرٽي ٿوري هضم ٿي. چوريءَ جا چانور جو کاڌا هئائين تہ من ۾ آيس تہ نوٽن جي هڪ بہ ٿهي کڻي پنهنجي جهولي ۾ وجهان تہ ڪنهنکي خبر تہ ڪونہ پوندي. شام ٿي هو سيٺ کان موڪلائي آشيرواد ڏيئي هليو ويو.

سيٺ ٻئي ڏينهن جيئن ئي روپيا ڳڻڻ وينو تہ ڏهہ هزار گهٽ نڪتا. سوچڻ لڳو تہ ساڌو بابا تہ ڀڳوان جو روپ هو. هنن نوڪرن ئي کنيا هوندا. سو نوڪرن تي مارڪٽ شروع ٿي ويئي. ائين ڪندي ڪندي اچي منجهند ٿي.

ايتري ۾ ساڌو بابا اچي نڪتو ۽ ڪيس ڏهن هزارن جي ٿهي جهولي مان ڪڍي ڏني.

سيٺ کي اعتبار ئي نہ اچي، چوي پيو لڳي تو منهنجا نوڪر ئي پاڻ کي بچائڻ لاءِ توهان کي ڏيئي ويا آهن. توهين تہ ديالو آيو متان اُنهن کي بچائڻ لاءِ ائين ڪندا هجو.

ساڌوءَ چيو ”ان ۾ ديا جي ڳالھہ ڪونهي، نوٽن جي ٿهي سچ پچ مان ڪٽي ويو هوس. سيٺ! هاڻي سچ ٻڌاءِ تہ تو اها ڪيرٽي کهڙن چانورن جي نهرائي هئي ۽ ڇا جي لاءِ نهرائي هئي؟“

سيٺ سچي ڳالھہ ڪري ٻڌايس تہ مان چوريءَ جا چانور خريد ڪندو آهيان.

ساڌو بابا چيو:- ”چوري تہ مون تنهنجا چوريءَ جا چانور کائي ڪئي. اڄ صبح جو جڏهن اُنهن جي صفائي ٿي تڏهن منهنجي ٻڌي سجاڳ ٿي. هي رام! مون هيءُ ڇا ڪيو؟ پڪ ئي پڪ نوڪرن تي مار پوندي هوندي ۽ مان موٽي آيو آهيان.“

تڏهن تہ چوندا آهن،
”جهڙو ان، تهڙو من،
جهڙو پاڻي، تهڙي واڻي.“

---

☆ ڀيرين پاڻ کي سڌار، پيا توکي ڏسي پاڻيهي سڌرندا.

☆ جي تون چاهين تہ تنهنجا ڪير گڻ ڏسي تہ تون پين جا گڻ جاچڻ شروع ڪر.

☆ تون ڪجھہ حاصل ڪرڻ ٿو چاهين تہ نہ واد وواد ۾ رڌل رهڻ، نہ دست اندازي ڪرڻ.



## (62)گرو شيوا!

شري ڪرشن جو گرو سانديپني هئا، سدامو بہ هن سان گڏ گروڪل ۾ ئي رهندو هو.

هڪ ڏينهن گرو ماتا (گرو سانديپني جي پتني) جنهنکي هي گرو ماتا سڏيندا هئا. هنن کي جهنگل ۾ ڪاٺيون ڪرڻ لاءِ موڪليو. هوءِ جڏهن جهنگل ۾ پهتا تڏهن سخت برسات شروع ٿي. آسمان ۾ بجلي جا ڪڙڪا پئي آيا. چوڌاري پاڻي پرجي ويو. چوطرف اوندھہ ڇانئجي ويئي. اهڙي سخت برسات هئي جڻ پرلئہ پئي لڳي. آنڌي، برسات ۽ اوندھہ جي ڪري ڪين رستو بہ ڏسڻ ۾ نہ پيو اچي. ٻئي ڏاڍا وياڪل ٿيا ۽ جهنگل ۾ ڀٽڪندا رهيا هٽ هٽ ۾ ڏيئي.

گرو سانديپني کي جڏهن گرو ماتا ٻڌايو تہ ٻہ ئي ٻالڪ ڪاٺيون ڪرڻ ويا آهن ۽ اڃا موٽيا ڪونهن. تڏهن کين ڏاڍو خيال ٿيو، ڳولهيندا اچي اُتي پهتا جتي هي ٻئي ڄڻا پريشان ٿي گهمي رهيا هئا. چيائون ”پٽ! توهان اسان لاءِ گهڻي تڪليف سَني آهي. پنهنجي شرير جي پرواھہ نہ ڪري بہ شيوا ۾ لڳا رهيا. نہ تہ پنهنجو شرير تہ سڀني کي پيارو ٿيندو آهي. سچ پچ تہ توهين گروءَ جي قرض کان مڪت ٿي ويا. شش جو اهو ئي مول ڪرتويہ آهي جو پنهنجو سڀ ڪجھہ گرو شيوا ۾ ارپڻ ڪري مان توهان ٻنهي تي ڏاڍو پرسن آهيان. توهان جون سڀ اڇائون ۽ منوڪامنائون پوريون ٿين ۽ جيڪو توهان هتي رهي ويدن جو ابياس ڪيو آهي اُهو توهان کان ڪڏهن نہ وسرندو.

”ستگر هوءِ ديال تہ سرڌا پوريئي،
ستگر هوءِ ديال تہ ڪبهو نہ جهوريئيءَ“

## (63)گرونانڪ مسلمان ٿو ٿئي!

ٿيو ائين جو هڪ ڏينهن سلطانپور جي نواب شري نانڪ ديو کي پاڻ وٽ گهرائي موديخاني جو حساب ڪتاب ٺيڪ طرح رکڻ تي چاهيو. پر جيئن ئي نانڪ صاحب آيو ته نواب چيس ته اچ ته اسان سان گڏ هلي مسجد ۾ ڏٺيءَ جي، رب جي عبادت ڪريو. سڄي سلطانپور ۾، جن به هن کي مسجد ۾ ويندي ڏٺو وٺي هلايو ته گرونانڪ مسلمان ٿو ٿئي.

مسجد ۾ جڏهن سڀ نماز پڙهڻ لڳا تڏهن گرونانڪ پاسيرو ٿي بيهي رهيا. جڏهن نماز پوري ڪري سلطان گرونانڪ کي اُتي ئي بيٺل ڏٺو ته ڏوراپو ڏنائين ته ''توهان اسان سان نماز نه پڙهي.'' شري گرونانڪ ديو چيو ته ''پنهنجي من کان پڇيو توهان جو من نماز ۾ هو يا قنڌار جا گهوڙا خريد ڪرڻ ۾ لڳل هو. پوءِ مان ڪنهن سان نماز پڙهان؟''

يڪدم قاضيءَ چيو ته ''مونسان ويهي نماز پڙهو ها!''

گروجن چيو ''توهانجو من به نماز ۾ ڪٿي هو. توهان به نئين ڄاول وڇڙي جو خيال ڪيو ته متان کڏ ۾ ڪري نه پوي.'' اهو ٻڌي سلطان ۽ قاضيءَ کي عجب لڳو ۽ ڏاڍا شرمندا ٿيا.

''مالا توڪَرَ ۾ ڦِري، منوا ڦري ڏهه دسا !''

---

☆ **پرماتما کي ياد ڪرڻ زندگي آهي، اُنکي وسارڻ موت آهي.**



## (64)گرو گوبندسنگهه!

جڏهن اورنگزيب پنهنجي بادشاهيءَ جي نشي ۾ هندن تي ظلم ڪيا، ڪشميري پنڊتن کي آزاريو. سيني هندن کي مسلمان ڪرڻ جي پڌرائي ڪئي. تڏهن گرو گوبندسنگهه، جيتوڻيڪ ٻار هو ته به لڙڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ انهي لڙائيءَ ۾ سندس پيءُ گرو تيغ بهادر صاحبن کي قرباني ڏيڻي پيئي. پر اها تعصب جي آگ ڪونه اُجهاڻي، هندن تي ظلم ٿيندا رهيا ۽ گرو گوبندسنگهه به پنهنجي سئنا تيار ڪندا رهيا. سندن ئي ٻاڻي آهي:-

**''سوا لاک سي ايڪ لڙائون**
**تبِ گوبندسنگهه نام ڪهائون**
**ايڪَ اڪال ڪا جاپ جپائون**
**تبگوبندسنگهه نام ڪهائون.''**

جيئن ئي خبر ملي ته مغلن جي وڏي سئنا آنندپور کي هٿ ڪرڻ لاءِ اڳيان وڌي آئي آهي، گروگوبندسنگهه پنهنجي مترن کي چيو ته اسين هن وقت اوکي گهڙيءَ مان گذري رهيا آهيون. توهانجو ساٿ هوندو ته سڀ ڀلي ٿيندي. سيني سڪ سپاهين جا منهن لهي ويا. چوڻ لڳا ته اسين هيترا ٿورا سڪ ڇا ڪري سگهنداسين؟ چڱي ڳالهه ته اها ٿيندي ته اسين ڪنهن سلامتي واري جڳهه تي هليا هلون.

گرو گوبند سنگهه چيو ته مان برابر توهانجو اڳوان آهيان پر مان توهان کي آزاد ٿو ڇڏيان جن کي وڃڻو

هجي پل وچن پر هن کان پوءِ منهنجا سک نہ رهندا. پر مان پنهنجي نہ موٽندس چاليهہ جٽاڇپ چاپ ۾ موٽي پنهنجي ڳوٺ روانا ٿيا. پنهنجي گهر پهتا، ڳوٺ ۾ هلچل مچي ويئي. انهن سکن جون زالون سمجهي ويون ۽ تلوار ۽ ڍال کڻي هلڻ لڳيون. هاڻي توهين ويهي ٻار سنڀاليو. اهو ٻڌي سکہ شرمندا ٿيا ۽ موٽي ويا ۽ آنندپور جي پرسان مغلن کي مات کندي چاليهہ ئي جٽا قربان ٿي ويا. گرو جن جا چار صاحبزادا بہ قربان ٿي ويا.

تڏهن هر وقت گروءَ جي ارداس ڪندي چوندا آهيون، چار صاحبزادا، پنج پياريان (اُهي پنج جيکي سکي ڌرم اختيار ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا ويا ۽ ٻيا پڇي ويا هئا).

چاليهہ مکتيان دي ڪمائي دا ڌيان ڌرکي ٻولو سري واهگرو.

جڏهن گرو گوبندسنگهہ چوڏاري لاشن جا ڍير ڏسي معاونو ڪرڻ آيا تہ هڪڙو اوچتو- هڪ لاش اَکيان نميو تہ ”ست سري اڪال“جو مٺر شبد ٻڌائين.

چئہ ڇا آهي؟

”هو- پنا اسانجي استيعفا....

”اسانکي بخشجو-“ ۽ ائين اکيون بند ڪري ڇڏيون!

”گرو جي ناهووندا گوبندسنگهہ جي!
رهندي اِڪ هندو دي نا اک جند جي.“

☆ **ماءُ پيءُ جي شيوا ڪري ايشور جو راضپو حاصل ڪر.**



## (65)ڪنير ٻٽيو سنت!

هيءُ ڪنير پنڌرپور ۾ مشهور هو. هن کي ڳوٺ جو هر ماڻهو سڃاڻندو هو. هيءُ مَٽَ، دلا ۽ نڪر جا ٻيا ٿانوَ ڏاڍي محنت ۽ سچائيءَ سان ٺاهيندو هو. هنجون گهرجون گهٽ هيون ان ڪري واجبي اگهہ تي وڪڻندو هو. هر مٽڪي مان چڻ سريلو آواز نڪرندو هو.

واپار ۾ ٺڳي بلڪل ڪونہ ڪندو. هو چوندو مان پانڊورنگا وٺل جو ڀڳت آهيان. مان گراهڪ کي ٺڳيان معنيٰ تہ مون پانڊورنگ کي ٺڳيو.

صبح جو سويل اُٿي ٻئي جٽا سندس زال ۽ پاڻ پنهنجي ڪم کي لڳي ويندا هئا ۽ ڪم ڪندي نام بہ پيا جپيندا هئا. هٿ سان آهستي آهستي ٿانوَن کي روپ ڏيندا هئا. رانڪو تہ صبح کان شام تائين ٿانوَ ٺاهيندو رهندو هو.

”هاڻي اڄ تہ ڪورو تپائي هنن ٿانوَن کي پچايون.“ رانڪو پنهنجي پتنيءَ کي چيو ”سياڻي بزار لڳڻي آهي. اُٿي هلي وڪڻنداسين.“

ڪورو دکايو ٿوري ئي وقت ۾ ڪورو تيار ٿي ويو. اُن ۾ ٿانوَ ٺاهي رکيائون. اينتري ۾ ٻليءَ جو آواز ”ميائو ميائو“ ٻڌائون ۽ ٻلي ڪوري جي چوڌاري چڪر هڻڻ لڳي. پئي ڦيرا پاتائين. رانڪو کان ڇيهہ نڪري ويئي. يڪدم ياد آيس تہ صبح جو هڪڙي ٿانوَ ۾ ٻليءَ پنهنجا ٻچڙا رکيا هئا. مون الڳہ بہ ڪري رکيو هو ”هي مون ڇا ڪري وڌو؟“ رانڪو کي ڏاڍو ارمان ٿيڻ لڳو. ٻلي پاڳلن وانگر

چکر هٽندي ''مياؤن مياؤ'' ڪندي رهي.

رانڪا جي من ۾ جهٽڪو آيو، ڇا ڪيو وڃي؟ ڪيئن ٽانو ڪڍيو وڃي. ڪيئن پونگڙن کي بچائجي رانڪا سوچيو ته ڀڳوان ئي هن وقت مدد ڪري ٻچن کي بچائيندو. رانڪو هٿ جوڙي ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ ۾ پڪارڻ شروع ڪيو، ''تون ئي هنن ٻچن جي رکشا ڪجانءِ، منهنجي لڄ پت رکجانءِ، مان خوشيءَ سان سڀ ڪجهه تياڳ ڪري پنهنجي ''جيون جو هڪ هڪ پل تنهنجي سمرن ۾ مهما ۾ گذاريندس''. هن پاڻ سان فيصلو ڪري ڇڏيو ته جي ٻچا نه بچيا ته مان به اَنُ جل نه ورتائيندس. مون پاپ ڪيو آهي. مان پنهنجي پاپ جو پراشچت ڪندس.

رانڪو پرماتما جي نام جي مهما پيو ڪري، ٻلي ٻچن جي موهه ۾ ڦيرا پيئي پائي، نيٺ باهه ٺري ٿي، رانڪو اُٿيو، ٽانوَ ڪڍڻ لڳو، گهڙا ڪڍڻ لڳو، ٻليءَ مياؤ مياؤ ڪئي ته اندران آواز آيو مياؤ ٻچا سلامت آهن. ٻچڙا بچي ويا. اُن پل کان وٺي رانڪو ڪنير نه رهيو. سنت ٿي ويو.

مهاراشٽرا ۾ ان وارتا جي سيني کي ڄاڻ آهي.

---

☆ **الهه معنيٰ اعليٰ سيني کان مٿي-پرميشور معنيٰ پرم ايشور، ٻئي هڪ آهن.**

☆ **هٿ جيڪو ڏئي ٿو سو ايشور آهي.**

☆ **امو ڪڏهن نه وسار ته ماءُ پيءُ توکي امولڪ ديهه پردان ڪئي آهي.**



## (66)شواجي مهراج ۽ گئو ماتا!

اتهاس شاهد آهي ته شواجي مهراج هندو ڌرم لاءِ، استرين جي عزت بچائڻ لاءِ سڄي عمر پاڻ پتوڙيو، ڪامياب به ٿيو. پنهنجي ماتا جيجا ٻائيءَ جي سکيائن جو هن تي گ هٽو پرڀاءُ ٿيو.

چوڏهن سالن جو شواجي پنهنجي پيءُ جو خط پڙهي رهيو هو. شوبا! تون هاڻي جوان ٿيو آهين، مان چاهيان ٿو ته توکي بادشاهه وٽ حاضر ڪريان. مونکي پڪ آهي ته تون پنهنجي عقلمنديءَ سان ۽ سچائيءَ سان مانُ سنمان پائيندين ۽ ترقي ڪندين. تنهنڪري جلدي بيجاپور هليو اچ. شواجي منجهي پيو، ٻه ٽي ڀيرا خط پڙهيائين پوءِ آزمودگار ڪونڊديو وٽ ويو اُن کان صلاح پڇيائين.

دادا جي ڪونڊيو چيو ته پلي وڃي مسافري ڪري اچ. اُن مان علم ۽ گيان ملي ٿو. جيتوڻيڪ مونکي تنهنجي سياءَ جي خبر آهي ته تون مسلمان بادشاهه وٽ نوڪري نه ڪندين.

پيءُ سان گڏ بيجاپور ڏانهن وڃي رهيو هو ته شاهجي پڇيو ''تنهنجو ڪهڙو ويچار آهي؟''

جواب ۾ شواجي پڇيو ''ڇا توهين چاهيو ٿا ته مان توهانجي پيروي ڪريان؟'' شاهجي چيو ته دربار جي نوڪريءَ ۾ دولت شهرت آهي. يڪدم شواجيءَ جواب ڏنو اسان جي جاگير مون لاءِ گهڻي دولت آهي، باقي شهرت

جي پرواھہ ڪين اٿم.“ شاھجي چپ رهيو. شواجي چوڌاري نهاريو، مسجدون منارا، ڏاڙهيون ۽ برقعا ڏٺائين. اوچتو ڳئونءَ جي درد ڀري رنڀ ٻڌائين. هڪ ڪاسائي ڪيس چڪي ڪهڻ لاءِ پئي وٺي ويو. ڳئونءَ سمجهي ويئي هئي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڏاڍو ڦٿڪي پر ڪاسائي هٿ آيل ڳئونءَ ڪيئن ڇڏيندو. ڪڏهن ڇرو ڳئونءَ جي ڪنڌ تي وهائڻ وارو هو ته سندس هٿ نونٽ ڪان الڳ ٿي وڃي پري پيو. ڪاسائيءَ نهاريو. نوجوان نينگر ڌڪار ڀري نگاهہ سان ڏسي رهيو هو.

بيجاپور جي شاهي رستي تي هندوءَ مومن جو خون وهايو. راهگير اُٿي ڀڳا.

شواجي ۽ شاهجي اچي دربار ۾ پهتا. بادشاهہ تخت تي ويٺو هو. سردار سجدو ڪري رهيا هئا. شاهجي به پٽ کي وٺي بادشاهہ وٽ پهتو. شاهجيءَ سجدو ڪيو پر شواجيءَ ڪنڌ نه نوايو.

سيني وينلن جون نظرون نوجوان ۾ ڪٽل هيون. بادشاهہ اچي ڪاوڙيو ته تو پنهنجي پٽ کي دربار جا قاعدا نه سيکاريا آهن. شاهجي جواب ڏئي تنهن کان اڳ شواجي اُٿيو چيائين ته مونکي پتاجي سڀ سيکاريو آهي پر هن مونکي پنهنجي پراچين ڌرم جي بي عزتي ڪرڻ نه سيکاري آهي. ڳئونءَ هندن جي ماتا آهي ۽ ان کي ڪاسائي وچ رستي تي قتلام ڪري رهيو آهي. مان اُن بادشاهہ جي شيوا نٿو ڪري سگهان جيڪو منهنجي ماءُ جو اپمان ٿيڻ ٿو ڏئي. بادشاهہ وائڙو ٿي ويو. مونکي دربار جي دولت ۽ عزت کان پياري منهنجي ڳئو ماتا آهي. ائين چئي شواجي رمندو رهيو.



# (67)راجا اسراج!

**آسا مهلا پهلا**

”وار سلوڪا نال، سلوڪ ڀي محلي پهلي ڪي، لِکي، ٹُنڊِي اسراجيءَ ڪي ڏُني!“ هي سلوڪ جڏهن پڙهان تڏهن لڳندو هو ته اسراج جي ڪا وارتا هوندي. آخر ملي آهي. راجا ٻچتر بيرج نالي تمام سندر استريءَ سان شادي ڪئي. راجا کي اڳيئن زال مان هڪڙو اسراج نالي پٽ هو. ڪوٺي مت واري راڻي پنهنجي پٽ تي موهت ٿي پيئي ۽ کيس ڪڪرم ڪرڻ لاءِ چوڻ لڳي. شهزادو اسراج، جو پورن ڀڳت ورتيءَ جو هو تنهن ماءُ جي نازن نخرن ۽ داب دڙڪن ڏانهن ڌيان نه ڏنو. ماٽيجي ماءُ ڪوڙ بدرو ٺاهي راجا کي ٻڌايو ۽ پٽ مٿان الزام هنيو. راجا به بنا سوچ ويچار جي ڪروڌ ۾ ڀرجي چنڊالن کي حڪم ڪيو ته هنکي ماري هنجو ڪو عضوو مونکي آڻي ڏيکاريو. بي ڏوهي شهزادي تي چنڊالن کي رحم پئجي ويو. اُنهن سندس هڪ هٿ ڪپي کيس کوهہ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. اُتان اچي ڪي واپاري لنگهيا، جن هن کي کوهہ مان ڪڍي پنهنجي شهر وچي ڌوٻيءَ وٽ وڪڻيائونس. اسراج ڌوٻيءَ وٽ رهيو ۽ ڌوٻيءَ جي گهڻي شيوا ڪيائين.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اُنهي ملڪ جو راجا بنا اولاد مري ويو. راجا جي وزيرن ۽ مکيہ ماڻهن اڳين رسمن موجب ڪي شرط رکيا جي سڀ اسراج پورا ڪيا. هو راڄ گديءَ تي ويٺو. گهڻن ماڻهن چيو ته هيءُ ڌوٻيءَ جو پٽ شودر آهي گاديءَ جي لائق نه آهي. پر هن جڏهن کين

ڀڄايو تہ مان ٻچتر بيرج راجا جو پٽ آهيان تڏهن سيني جو شڪ دور ٿيو ۽ خوشيءَ سان هنڪي راجا ڪري مڃيائون.

ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ٻچتر بيرج راجا جي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو ۽ سندس ماڻهن ٻڌو تہ راجا اسراج جي ملڪ ۾ سڪار آهي جو اَنُ خريد ڪرڻ لاءِ اُتي ويا. راجا اسراج بنا پئسي اُنهن کي انبار ان جا ڏنا ۽ ائين راجا ٻچتر جي پرجا بچي ويئي. اُنهيءَ وقت تائين راجا کي پنهنجي راڻيءَ جي فريب جي سچي خبر پئجي ويئي، پوءِ تہ راجا اسراج کي گهرائي پنهنجي گاديءَ تي وهاريائين ۽ پاڻ بن ۾ تپ ڪرڻ هليو ويو. ٻنهي ملڪن جو راڄ راجا اسراج نيتي ۽ نياءِ سان ڪيو ۽ هنجي جس تي راڳين وارون ڳاهيون. اُنهن وارن کي آسادي وار ۽ ڳائڻ جي آگيا ڇهين پاتشاهي گرو هر گوبند صاحب جن ڪئي آهي.

---

☆ **جن کي مهاساگر مان تري پار ٿيٽو آهي تہ اهو پيار ۽ همت جو هٿيار ڪٽي-ٽپي ٿو پوي ساگر ۾.**

☆ **انسان پنهنجو دشمن پاڻ آهي. سندس هر هڪ چاهنا ۾ بربادي جو عڪس سمايل آهي.**

☆**سرشٽيءَ جو رچيندڙ پنهنجي هر هڪ رچنا ۾ پنهنجي خوبي ظاهر ٿو ڪري.**

☆**اُپائٽمار هر وقت اموئي پيو سنديش موڪلي تہ اُٺ پنهنجي شڪتي سڃاڻ ۽ اڳيان وڌ !**



## (68)بهادر وديارٿي!

ڀارت تي جڏهن انگريزن پئي راڄ ڪيو، ہ وديارٿي امتحان ڏيئي گهر وڃي رهيا هئا. رستي ۾ ڇا ٿا ڏسن تہ سنيما جي ٻاهران ڏاڍي ماڻهن جي ڀيڙ ڪني ٿي ويئي هئي. ماڻهو ڏاڍا گهٻرايل هئا. هڪڙو شاگرد جو تمام سنهڙو سـ

ڀڪڙو هو پر هو همٿ وارو ۽ سياڻو. سندس دل نہ رهي، وڏي ويو ماڻهن وٽ ۽ پڇيائين ٿيو ڇا آهي؟ ماڻهن چيو تہ اسانجون نونهر ڏيئر اندر رهجي ويون آهن. اسين جيئن پڪچر ڏسي ٻاهر پيا اچون تہ هال جي دروازي تي انگريزي پوليس نشي ۾ پريل بيهي رهي. اسين ٻاهر نڪري آيا آهيون پر زالن ۽ ڏيئن کي ٻاهر اچڻ ئي نہ ڏنائون. هن وديارٿيءَ ٻئي پنهنجي ساٿيءَ کي چيو تہ هل تہ هلي هننجي مدد ڪريون.

ساٿي چيس ''اسانجو ڇا وڃي ڇڏ هننکي'' هو پنهنجي فرض کان منهن موڙي ويو ۽ پنهنجي ديشواسين جي ڪابہ مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. هو اُتان هليو ويو. سنهڙي سيپڪڙي شاگرد کان رهيو نہ ٿيو اُهو انگريزي پوليس جي مٿان شينهن وانگر گجگوڙ ڪندو ڪاهي پيو ۽ ڇوڻ لڳو ''هتان هليا وڃو- نہ تہ مان توهانجو برو حال ڪندس.'' ائين چوندي زور سان ٽپو ڏيئي هڪ جي ڇاتيءَ ۽ ٻئي کي مٿي تي لت ڏاڍي زور سان هڻي ڪڍي. هو ٻئي ٻڃي ويا ۽ ڀڄي ويا ۽ ٿيون پوليس وارو معافي وٺي رهيو هو ۽ هن کي يقين ڏياريائين تہ مان

توهانجي زالن ۽ ٻارن کي سهي سلامت ٻاهر ٿو ڪڍان ۽ هن سيني مائن ۽ ٻارن کي ڪڍيو ۽ پاڻ بہ هلي ويو. بيٺل ماڻهو ان شاگرد جي بهادري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ کيس آسيسون ڪرڻ لڳا.

اهو تہ آهي هڪ واقعو. پر سڏانت اهو آهي تہ هڪ انسان جو ٻئي انسان ڏانهن فرض آهي اُنجي مدد ڪرڻ، اسين سچا انسان تڏهن ليکباسين. جٽائو پکي ٿي بہ پنهنجي پرانن جي بازي لڳائي بہ ماتا سيتا کي راوڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

## (69)روح تي داغ ٿي پوي تہ!

ڏياريءَ جي ڏينهن هرڪو نوان ڪپڙا پائڻ چاهيندو آهي. ماڻ خيال ڪري سيني لاءِ نوان ڪپڙا وٺي ايندي آهي. اُن ڏينهن ٻارن کي ڪڍي ڏيندي آهي تہ نوان ڪپڙا پايو تہ لڇمي پوڄا ڪنداسين. هڪڙي ٻار کي ماڻ نوان ڪپڙا پهرايا. ايتري ۾ سندس دوست آيا، ٻاهر ويو. ٿوري وقت کانپوءِ روئندو آيو، روئي بہ پيو، ماڻ کي ڏيکاري بہ پيو، نوان ڪپڙا خراب ٿي پيا آهن، داغ ٿي پيا آهن.

ماڻ چيو تہ پٽ خيال نہ ڪر مان توکي نوان ٻيا ڪپڙا ٿي ڏيان.

پٽ روئندي چيو ”مان ڪپڙن لاءِ ٿورو ئي ٿو روئان، مونکي تہ اهو ٿو خيال ٿئي، روح تي داغ نہ ٿين، دل ۾ داغ نہ ٿي پوي، دل ۾ داغ ٿي پوي تہ!“



## (70)پريم پارس آهي!

هڪ گهر ۾ سَسُ نونهن پاڻ ۾ نہ ٺهنديون هيون. روز ڪٽ پٽ ٿيندي هئي. نونهن هئي گهٽ گهر جي سو سَسُ روز اُٿندي وهندي طعانا هڻندي هئي. ويچاري ڇوڪري جي زندگي خراب ٿي پيئي. گهوٽ ويچارو ماءُ جي بہ رکندو هو ۽ پتنيءَ کي سمجهائيندو هو. هڪ ڏينهن هن جي زال هئي غصي ۾ سو بنا ٻڌائڻ جي پنهنجي ماءُ جي سوٽ، جنهنکي بہ مامو چوندا هئا اُن وٽ هلي وئي ۽ کيس چيائين ”مان روز روز جي جهڳڙن مان ڏاڍي وياڪل ٿي پيئي آهيان. توهين آهيو وئد، مونکي ڪي اهڙيون پڙيون ناهي ڏيو جو منهنجي سَسُ جي جيون جو انت ٿي وڃي.“ مامي ڏاڍو سمجهايس تہ تڪڙ نہ ڪر، صبر ڪر، پاڙيهي سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

نونهن نہ مڃيو ۽ هٺ ڪيائين تہ جي سَسُ لاءِ ڪا زهر جي پڙي نہ ڏيندا تہ مان آپگهات ڪنديس. هن جي مامي آخر هن کي ڪي جڙيون ٻوٽيون ڏنيون تون اُهي گهوٽي سوادي ڀوڄن ۾ ملائي سَسُ کي کارائجانءِ، پوءِ آهستي آهستي تنهنجو ڪشٽ دور ٿي ويندو.

هوءَ مامي کان جڙيون ٻوٽيون وٺي گهر آئي ۽ روز کيس سوادي ڀوڄن ۾ ملائي ڏيڻ لڳي. سَسُ جي هر ڳالهہ رکندي هئي. ڏيکاءَ لاءِ ڏاڍو پريم سان ورتاءُ ڪندي هئي. پوءِ سَسُ ڇا ٿي وڙهي؟ نہ جهيڙو نہ ڪٽ پٽ- پريم ۽ پنهجائپ وارو وايومنڊل ٿي پيو. گهوٽ بہ وائڙو ٿي ويو.

خاص ڏينهن تي هو اسڪول نہ ويا. ٻئي ڏينهن پاڻ هڪ ڏينهن جي درخواست لکي کڻي ويا ۽ وڃي هيڊماستر کي ڏنائون ۽ معافي ورتائون ۽ کيس ٻڌايائون تہ مان ڪنهن ضروري ڪم جي ڪري اٽڪي پيو هوس.

هيڊ ماستر سندس منهن ۾ نهاري چيو تہ ڇئو ڇا ٿا؟ توهين ڪلهہ اسڪول ۾ حاضر هئا، مان پاڻ توهان سان گڏ ڪلاس ۾ هوس ۽ انسپيڪٽر بہ توهانجي پاڙهڻ لاءِ تمام سٺي رپورٽ ڏيئي ويو. تڏهن بابا نيبراج سائينءَ جي راز کي سمجهي ويو. تنهن ڪانپوءِ تہ نوڪري بہ ڇوڙو وقت ڪيائون. چيائون هاڻي سائينءَ پرماتما جي حاضريءَ ۾ رهيو.

”ستگر دين ديال موڪہ ڪاريءَ لايا“ (گرٻاڻي)

---

☆ **نندڪ اسان جا عيب ڌوئي ٿو نندا جي ڌُپ کان توں پاڻ کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪندين**

☆ **گلا هماري جو ڪري متر همارا سوءِ.**

☆ **غريب اُهو آهي جو اڇائن ۾ جڪڙيل آهي.**

☆ **شاهوڪار اُهو آهي جنهن جون گهرجون گهٽ آهن.**

☆ **قرض آهي مرض ! قرضدار ماڻهو سدائين بيمار ۽ دکي.**

☆ **زندگي ائين گذار جيئن پيا ريس ڪن.**



# (72)چت جي شڌي!

## چت جي شڌي!

چت شڌ تہ سدگڻ اسانجي اندر!

اهنڪار سان چت اشڌ ٿو ٿئي، جڏهن هو پنهنجي واسنا جي پورتيءَ لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو تہ هو راوڻ ۽ ڪنس بڻجي ٿو وڃي.

اهڙي پرارٿنا ڪيون تہ منهنجو چت شڌ رهي، اهڙي ڀاونا ڪيون ۽ اُن پنهنجي سنڪلپ تي درڙ رهون.

جيڪي چئون سو ڪيون،

کهڻي ۽ رهڻيءَ ۾ ڪو فرق نہ رکون. گانڌيجي ان ڳالهہ جي ڪري سڦل ٿيو. انگريز چوندا هڪڙي هئا ڪندا ٻي هئا پر گانڌي جي جيڪي چوندو هو سو ڪري ڏيکاريندو هو. چو جو هن جو چت شڌ هو. پنهنجي برائيءَ ۽ دوشن کي سڃاڻي نردوش ۽ صاف ٿيڻ هرهڪ منشيہ جو پرم ڪرتويہ آهي رام ڪرشن پرمهنس جي ڌرم پتني ناري ستسنگ- منڊل شروع ڪيو. اُن ۾ هڪ وشيا بہ ايندي هئي. ناري منڊل جي ٻين استرين اعتراض ورتو، هن کي ستسنگ ۾ نہ اچڻ کپي!

ما شاردا اُنهنکي سمجهايو تہ جڏهن هوءَ پنهنجي برائي محسوس ڪري ۽ ستسنگ ۾ آئي آهي تہ اُن تي اسانکي تڪليف نہ ٿيڻ کپي. چو جو ستسنگ ئي اهڙو درياهہ آهي جتي اشڌ ڪچرو سمائجي ويندو آهي. گنگا ۾ اسين ڪيترا گل ڦل ٻيڙيون اُڇلايون ٿا تہ بہ گنگا پوتر آهي. ستسنگ بہ گنگا کان گهٽ نہ آهي، جي هيءَ پنهنجي چت شڌي جو سنڪلپ کڻي آئي آهي اسين تہ پاڻ کيس ساٿ ڏيون- مدد ڪريون.

”شانتي جل ستسنگ تو پياري،
تتل تن من ستسنگ ٺاري،
تنهن سان نينهن لڳايو-“

## (73)بلي شاهه!

هي پنجاب جو مشهور شاعر آهي. هن جي عقيدت سندس شعرن ۽ ڪلامن مان ظاهر آهي.

بلي شاهه ذات پات جي ڀيد ڀاوَ کي نه مڃيندو هو. ڇا هندو، ڇا مسلمان سڀ انسان هڪ خالق جي خلق آهي، سڀ ۾ پرماتما جو جلوو آهي. سندس ڪلام ٻڌندي لڳندو آهي ته هن به پنهنجي گرو شاهه عنايت مان سچو گيان حاصل ڪيو هو.

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڀيري بلي شاهه پنهنجي مرشد کي عرض ڪيو ته مڪي شريف جي روزي جي زيارت ڪرڻ لاءِ موڪل ڏيو. شاهه عنايت کي حج جي ڳالهه ڪانه آئڙي ۽ کيس چيائون ٽئين ڏينهن ئي تون رسول پاڪ جو درشن ڪندين. ان رات ئي بلي شاهه خواب ۾ رسول جو چهرو ڏٺو ۽ سندس مرشد شاهه عنايت به اُن جي ڪاٻي پاسي کان ويٺل هو. کيس ٻنهي ۾ ڪو فرق نظر نه آيو. تڏهن دنگ رهجي ويو ۽ ازخود سندس منهن مان نڪتو، مان ڀلس، منهنجا پيرِ مرشد! توهان منهنجا دين ايمان آهيو. مون توهانجو دامن پڪڙيو آهي، دامن ڪين ڇڏيندس، سڀ ڪجهه توهين ئي آهيو، منهنجي محبت ۽ عقيدت کي قبول ڪريو، قدر ڪريو.

’’سوئي هيڏي، سوئي هوڏي، سوئي من وسي، سو ئي سو پسي، نِتُ تنهين جي سوجهري،

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،

پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.‘‘



## (74)موُن ورت جي شڪتي!

موُن ورت ڌارڻ ڪرڻ جي معنيٰ ئي آهي پنهنجي شڪتي بچائڻ، ڇو جو واد وواد ۾ اسانجي شڪتي ضايع ٿي ٿئي ۽ وري به ڪجهه ڪونه ٿو، ان ڪري مهاتما گانڌي هفتي ۾ هڪ ڏينهن سومر جو موُن ورت ڌارڻ ڪندو هو ۽ اها سچي شڪتي سچو هفتو ڪم آڻيندو هو.

طوطو جيستائين چپ هوندو آهي ۽ وڻ تي لڪو ويٺو هوندو آهي تيستائين شڪاري کيس ڳولهي نه سگهندو آهي. جيئن ئي ٽان- ٽان ڪندو آهي پڪڙجي پوندو آهي ۽ شڪاريءَ جي هٿ اچي ويندو آهي.

گڻيش جيءَ لاءِ چوندا آهن ته ويد وياس مهاڀارت سچو به گڻيش جيءَ کان لکائيندو ويو. عجب اهو جو هڪ ڀيرو به ائين نه پڇيائين ڇا ڇَپُوَ اهڙي ايڪاگر ورتيءَ سان لکندو رهيو. جڏهن پڇاڙيءَ جو پروُ به وياس جيءَ لکائي پورو ڪيو تڏهن گڻيش جيءَ کي چيائين ’’هي وگهن ناشڪ توهين ڌن آهيو ۽ ڌن آهي توهانجي لکاوت. مهاڀارت جو سرجن ته حقيقت ۾ توهان ڪيو آهي. هڪ بي ڳالهه به توهان جي عجيب آهي، اُها آهي توهانجو **موُن** رهڻ. هيترن ڏينهن جو اسانجو ساٿ آهي انهيءَ وچ ۾ مون اٽڪل ٢٠ لک شبد چيا آهن پر توهان جي مُک مان هڪ لفظ به نه ٻڌو آهي. گڻيش جيءَ موُن جي مهما ٻڌائيندي چيو. ’’جيترا به پراڻ ڌاري آهن اُنهن جي پراڻ شڪتي ڪنهن حد جي اندر آهي، ڪن ۾ پراڻ

شڪتي گھٽ ڪن ۾ وڏيڪ پر بي انداز تہ ڪنھن ۾ بہ ڪونھي تپ ۽ سنجم جي سيني سڏين جو آڌار آھي مڪہ تي ڪنٽرول معنيٰ موۡن! اجايو ڳالھائڻ سان اسانجي شڪتيءَ جو نقصان ٿيندو آھي.

پاڻ ڀڳوان شري ڪرشن تيرھن سال انگريش رشيءَ جي آشرم ۾ رھي موۡن رھيو تڏھن يڌ جي ميدان ۾ ارجن کي گيتا جو گيان ڏيئي سگھيو. اھا شريمد ڀڳوت گيتا جنھن جي سڄي دنيا ۾ مڃتا آھي.

رمڻ مھرشي ٤٥ سال اروناچلم ۾ رھيو ۽ اُن بہ ڪي ئي ورھيہ موۡن جو انيو ڪيو. پال برٽن پنھنجي ڪتاب ''گپت پارت جي کوج'' ۾ انجو ورنن ڪيو آھي. گھٽ ڳالھائڻ ۽ ضروري ڳالھائڻ بہ شانت رھڻ جي اوسٿا آھي. بس اھو ئي سنڪلپ ڪريون تہ بنا ضرورت نہ ڳالھايون. اسان لاءِ ايترو ئي بس آھي.

---

☆ ٻڌوان لاءِ خيال جو ڦرڻ ئي بندگي آھي.

☆ ستگر وٽان گيان پائڻ لاءِ شرڌا روپي ٿن ھئڻ گھرجي.

☆ ستگر کي ساڻ سمجھہ تہ لاڀ پائين!

☆ پُٽُ سپاتر آھي تہ پاڻيھي پنھنجي جيون ٺاھيندو.

☆ پٽ جي ڪپاتر آھي تہ پنھنجي لاءِ ۽ مائٽن لاءِ عذاب آھي.



## (75)دعا ڪم ڪيو!

بابا نيپراج روھڙيءَ جو سنت بيدل جو شش ٻٽيو. اھڙو نام ڪمايائين جو سڀ ڪيس مھان سنت ڪري ليکيندا ھئا. ڳالھہ ڪندا آھن.

روھڙيءَ ۾ ھڪ طبيب جي سالي بيمار ٿي پيئي. طبيب گھڻائي حيلا ھلايا پر ڦڪين فرق نہ ڪيو. ھڪ ڏينھن بابا نيپراج اچي اُن طبيب وٽ نڪتو، طبيب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنھنجي ساليءَ جي بيماريءَ جو ٻڌايائينس ۽ چيائين تہ سائين مون وسان نہ گھٽايو آھي. اھڙي ڪا مھر ڪريو تہ ھن ويچاريءَ جو دڪہ دور ٿي.

بابا نيپراج پاڻ گھر ۾ گھڙي آيو آھي. طبيب ويچار ڪيو تہ پاڻي تہ پيارڻ گھرجي سو مڱن جي دال جو پن ڪيس کائڻ لاءِ ڏنائين ۽ پاڻي پيري آيو. بابا نيپراج پن مڱن جو کائي (اڳي دال مڱن جي پتي تي رکي ڏيندا ھئا) اھو پن اڳيان پيل ٻريل سگري ۾ وجھي ڇڏيو. اھو پن ڏسن تہ ٿن ھنڌان سڙيو آھي ۽ ٿن ھنڌ ٿنگہ ٿيا. بابا حڪيم کي چيو تہ ھن مائيءَ کي ٿن ھنڌ سور آھي. حڪيم جيڪي دوائون ڏيڻ ڪپن سي ڏين ڪونہ، پوءِ پيا چون ماستر صاحب توھين مھر ڪريو. يڪدم حڪيم دوائن جي پيتي کڻي آيو ۽ اُن مان دوا ڪڍي پنھنجي ساليءَ کي ڏني ۽ سندس سالي تندرست ٿي پيئي. سنتن جي دعا بہ دوا جو ڪم ڪندي آھي.

''تون حبيب، تون طبيب، تون ئي ڏٺن ڏيُ،
تون ڏئين، تون لاھيئن،تون ئي ھادي رُب
آھيم ايءُ عجب، واريو ويڄ وھارين.'' (شاھہ)

# (76)پائي ڀلي جي شيوا!

پائي ڀلو گروجن جو سک هو. گرٻاڻيءَ جو گهڻو اڀياس هوس جنهن ۾ گرو شيوا جي گهڻي مهما لکيل آهي.

گرو ارجن صاحب جن ڏينهن ۾ سري امرتسر تلاءَ جو ڪم پئي ڪرايو تڏهن ڪيترا سکه مٽيءَ جو ڪاريون سِرُنِ پچائڻ لاءِ ڪوري ڏي ڪٽي ويندا هئا. پائي ڀلو به اُنهن سان ئي ڪم ڪندو هو. هڪ ڀيري ٻالهين ڪندي ڪنهن پائي ڀلي کي ٻڌايو ته مٽيءَ ۾ جيڪڏهن انسان جي وشٽا گڏجي ته اُن ۾ سرؤن پچائڻ ڪانپوءِ تمام پڪيون ٿينديون آهن. جيئن ئي پائي ڀلي اها ٻالهه ٻڌي خيال ڪيو ته مان به ڇو نه ائين ڪريان جيئن تلاءَ جو ڪم پڪو ٿئي. سو ماڻهن جي وشٽا جا ٽوڪرا ڪٽي اڇي مٽيءَ ۾ گڏڻ لڳو. عجيب ٻالهه ته اها هئي جو کيس اهڙو گندو پورهيو ڪندي ڪراهت نه آئي. پائي ڀلو نمرتا سان ٻاهرين اها شيوا ڪندو هو پر هردو به صاف ٿيندو ويس.

گرو ارجن ديو پائي ڀلي جي هيءَ ڏکي شيوا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ هڪ ڏينهن سڄي سنگت سان گڏ ڪوري ڏي ويا. پائي ڀلو ته پنهنجي شيوا ۾ مگن هو، ستگرن تي نظر پونديئي وڃي وڻ پنيان لکو. گرو ارجنديو هيڏانهن هوڏانهن نهاريو تڏهن هڪڙي سکه چيو ته پائي ڀلو وڻ پنيان لکو ويٺو آهي. گروجن جيئن ئي ڏانهس وڌڻ لڳا، پريان پائي ڀلي چيو ''ستگرو! منهنجي ويجهو نه اچو مان ته گند سان ڀريو پيو آهيان، اوهان



کي بدبوءِ ايندي''

گروجن جهٽ کيس پاڪر پائي وچي مليا ۽ ميرن ۽ وشٽا ڀريل ڪپڙن ڏي نه ڏٺائون، پوءِ پائي ڀلي کي چيائون ''پيارا تنهنجي شيوا درگاهه ۾ قبول آهي. اسان کي ته توهان مان سڳنڌ پيئي اچي''. تون هڙڙي ڪٺن شيوا ڪري سيني سکن جو سرمور آهين ۽ آسيس ڪندي چيائون سدائين شل خوش رهين.''

''جن شيويا تِنِ پايا مانُ،
نانڪ گاويئي گُڻي نڌان.''

(جپ صاحب پوڙي ۵)

---

☆ هر هنڌ، هر جنس ۾ سرجنهار جو نور پيو ٿو ٻکي.

☆ هي سائين ! اهڙو پنهنجو نشو ڏي جو ڪُل سنسار ڪان بي خبر ٿي تنهنجي حڪم ۾ اڏول رهان

☆ تن تسبيح من مڻيو، اهو خيال جو مڻڪو پيئي ڦيريان.

☆ ٻنا ڏوهه ڪو توکي پٽ پاراتا ڏني ته اُنهن کي رحمت سمجهه.

☆ تون پنهنجو من جو مالڪ حوالي ڪرين ته سکي رهين.

## (77)''سچ جي شڪتي!''

ڪنهن شهر ۾ اهڙو ڀيانڪ ڏڪار پيو ته اُن شهر جي راجا جا سڀ ان جا گدام ۽ خزانو خالي ٿي ويو. لوڪ ۽ پشون پکي سڀ بک ۾ مرڻ لڳا. راجا کي ڏاڍو خيال ٿيو، پرجا راجا لاءِ ڪٽنب سمان آهي. سوچيندي ڪيس ويچار آيو ته ڪنهن سنت مهاتما جي شرن وڃان. ڪنهن مهاتما وٽ لنگهي ويو. مهاتما چيو ''ماڻهن جا پاپ ڏاڍا وڌي ويا آهن. تنهنڪري اڪال پيو آهي، مون ۾ ايترو يوگ بل ڪونهي جو سرشٽيءَ جي پاپن کي دٻائي برسات ڪرائي سگهان.''

راجا چيو ''لوڪن ته پاپ ڪيا آهن پر گونگين ڳانين ۽ اُنهن جي وڇڙن ڪهڙو پاپ ڪيو آهي؟ تنهنڪري برسات تمام ضروري آهي. ڪرپا ڪري ڪو اُپاءُ ٻڌايو.''

مهاتما چيو ''هي راجن! تنهنجي شهر ۾ هڪڙو واپاري رهندو آهي. جيڪو تور به پوري ڏيندو آهي ڪنهن سان بي ايماني نه ڪندو آهي. هنجو نانءُ ئي ائين مشهور آهي سُپٽيو واپاري. اُن کي وڃي عرض ڪريو ته پرارٿنا ڪري پريوءَ کي ريجهائي ته برسات ضرور پوندي. ''

ٻئي ڏينهن راجا اُن سچي واپاريءَ وٽ ويو ڪيس عرض ڪيائين، وينتي ڪيائين ته ڪيترا ماڻهو، ڳانيون مينهون بک ۾ مري رهيا آهن، انهن تي ديا ڪري پرارٿنا ڪري برسات وسائڻ جي ڪرپا ڪريو.



اُن سچي منش چيو ''مهاراجا! مان ته نه ساڌو آهيان نه يوگي، مان ته هٽ دوڪان تي سامان توري ڏيندو آهيان.''

''ڀلي تون سامان ٿو تورين پر تون سچ تي بيٺل آهين، تو ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايو آهي، ٻيو دولاب تو ۾ ڪونهي، توهين جي پرارٿنا ڪندا ته برسات ضرور وسندي.''

''مون ۾ ايتري طاقت ڪونهي، پر توهان کي جي مهاتما چيو آهي ته اُن جا وچن ڪوڙا ڪونه ٿيندا. واپاريءَ ساهمي هٽ ۾ ڪنئي ۽ چوڻ لڳو ''تارازي! جي مون ڪڏهن ڪوڙ نه ڳالهايو آهي ته تون هڪ هنڌ بيهجي وڃ. ائين ئي ٿيو نه ته خالي تارازي لڏندي رهندي آهي. تڏهن واپاريءَ چيو ته تارازي ٻڌائي رهي آهي ته مان سچ تي آهيان ته هي ايشور! منشن جا ڪرم ڪهڙا به آهن، مان توهانکي پرارٿنا ٿو ڪريان ته توهين اندر ديوتا کي آگيا ڏيو ته برسات ٿي پوي.''

سچ ۾ وڏي طاقت آهي، هو پرارٿنا ڪندو رهيو ۽ ايتري ۾ آڪاش ۾ بادل ڇانئجي ويا ۽ برسات پوڻ لڳي.

''سچ جهڙي تپسيا ناهي، ڪوڙ جهڙي وپٽا ناهي''
جنهن جي هردي سچ، اُتي پريو پاڻ.

---

☆ **ڪرم ڪرڻ جو سنجم:-**

**جيڪي وٽي سو ڪريون. اهو ڪرم ناهي شپ ڪرم ڪرڻ جي اچا رکون، گهر ۾ ڏيان ڏيون. جيڪا شيءَ جتان کڻون اُتي رکون.**

## (78)منهنجو پرماتما سمرٿ آهي!

راجا راڄ ڪاروبار ايمانداريءَ سان هلائيندو هو. پرجا جي پرگهور بہ پريم سان لهندو هو. پرماتما سان بہ پريت ڏاڍي هئس. روز ايڪانت ۾ ويهي پرماتما سان روح رهاڻ ڪندو هو ۽ سندس حڪم هو تہ ان وقت مون وٽ ڪير بہ نہ اچي. جي ايندو تہ اُن جو سر تلوار سان ڪپيو ويندو. سڀ راجا جي حڪم جي پيروي ڪندا هئا. سائينءَ جي پيارن جا دشمن سندن ڪٽنب جا يا ڀيا بہ ڪيترا نڪري ايندا آهن. هڪ ڏينهن هو پنهنجي پوڄا جي ڪمري ۾ پرماتما سان روح رهاڻ ڪرڻ ۾ لين هو تہ سندس ئي ڀاءُ شهر ۾ فساد ڪرائي ڪي ئي ماڻهو مارايا، ڦرلٽ ڪرائي، ڪنهن ڪي راجا جي اڳيان وڃڻ جي همٿ نہ ٿي، حڪم ئي اهڙو نڪتل هو. سندس ماءُ کي چيائون تہ تون اڳيان وڃ. تون ئي قربان ٿيءُ جيئن شهر بچي پوي.

هن جي ماءُ سيني جو عرض اگهائي ۽ سڄي شهر جي چنتا جو خيال ڪري راجا جي روم ۾ ويئي. ڏٺائين تہ هو تہ ڀڳوان سان لين وينو آهي تہ بہ وڏي واڪي چيائين پٽ! هوئن تہ مان نہ اچان ها پر سڄو شهر لٽجي رهيو آهي، ڪي ئي ماڻهو ماريا ويا آهن. راجا سجاڳ ٿيندي چيو، ”اَما منهنجو پرماتما سمرٿ آهي، تون فڪر نہ ڪر.“

هوڏانهن پرماتما ڏٺو تہ هن ڀڳت راجا تہ سڀ ڪجهہ مون تي لاهي رکيو آهي.

**”مون تہ پنهنجو بار بابلا توتي وڌو آهي.**
**بي فڪر مان آهيان، مونکي پرواهہ پائيءَ جي ناهي“**



سو سپاهيءَ جو روپ ڌاري سندس ئي گهوڙو ڪٽي ويو شهر کي بچائڻ. لٽيندڙن ۽ ڦريندڙن کي ويو تلوار سان ماريندو، سندس ڀاءُ کي بہ اُتان تڙي ڪڍيائين.

راجا جڏهن پنهنجي روح رهاڻ مان اُٿيو تہ وري ماءُ چيو تہ هاڻي ڪجهہ ڪر. جيئن ئي پنهنجي گهوڙي جي نزديڪ آيو ڇا ٿو ڏسي تہ گهوڙو پگهريو پيو آهي، سندس راڄ جي ماڻهن چيو تہ توهان جو ڪو سپاهي آيو سيني کي ماري شهر کي بچائي ويو آهي. تڏهن راجا سوچيو منهنجو اهڙو ڪهڙو سپاهي اهڙو ڪم ڪري سگهندو؟ هاڻي سمجهيم- خود پرماتما سپاهي بڻجي هيءُ ڪاريہ ڪيو آهي جنهن کي هر وقت اسانجي چنتا لڳل آهي. ڀلهار وڃان اُن پريو پرماتما تان- شل نہ وسري.

---

☆ **ڀاهرين مٽ مٽ ڪري ديا جو ڏونڪو نہ مڻ!**

☆ **دل جي ڪوملتا کي ديا ٿو چئجي.**

☆ **سائين ڪانسواءِ ڀيو آهي ڪير-ڇاتي ٿو ”مان مان“ جي هنبوڇي هٽين!**

☆ **اجا روشني ڏي پريو ! اجا روشني ڏي!**

☆ **پنهنجي شڪتيءَ سان ڀرپور ڪر نہ تہ قدم قدم تي پيئي ٿاٻرجان.**

## (79)جيڪي ڪرين سو هريءَ کي ارپڻ ڪر!

ٻيڙي ڳوٺ ۾ رهندي هئي. ڏاڍي غريب هئي. ٻڌائين تہ ڳوٺ ۾ ڪو سنت آيو آهي. ويچار ڪيائين تہ مان بہ سنت جو درشن ڪري پنهنجو اُڌار ڪريان. آئي سنت وٽ، جڏهن ٻيا سڀ ويا. اچي سنت سان حال ڪيائين. چيائين مونکي ڪرشن جو درشن ڪرڻو آهي. اُپاءُ ٻڌايو.

سنت چيس- ”دان ڪر“

مائيءَ چيو- مون وٽ ڌن ڪونهي.“

سنت چيو”روز ستسنگہ ۾ وڃ.“

چيائين ”سرير ۾ ست ڪونهي- اچ بہ الائي ڪيئن آئي آهيان.“

تڏهن سنت چيس ”هي سڀ کان سولو اپاءُ جيڪو ڪم ڪرين اُهو هريءَ کي ارپڻ ڪر. گهر ويٺي تون اهو ئي ڪر تہ توکي ڪرشن جو درشن ڏيندو.“

مائي گهر آئي، اُن ڏينهن کان جيڪو بہ ڪم ڪندي هئي تہ چوندي هئي ”هري ارپڻم“ هڪڙي ڏينهن ڪچرو ٻاهر اُڇلايائين تڏهن بہ چيائين ”هري ارپڻم“ سامهون نارد پئي آيو. مائيءَ کي چماٽ هڻي ڪڍيائين، چيائين ڪچرو بہ ڪڏهن هريءَ کي ارپڻ ڪبو آهي؟ مائيءَ تي چماٽ جو اثر ڪونہ ٿيو پر وئڪنٺ ۾ هري ڳل تي هٿ ڏيئي ويٺو هو. نارد پڇيس ”اهو ڇا؟“

”تو مائيءَ جو اپمان نہ ڪيو آهي پر منهنجو اپمان ڪيو اٿيئي. هوءَ تہ وشواس ۽ شرڌا سان مونکي ارپڻ ڪري رهي هئي“ هري ناراض ٿيو.

”پربل پريم کي پالي پڙڪر،پريو ڪو نيم بدلتي ديکا.
اُن کا مان ٽلي ٽل جائي، ڀڳ کا مانُ نہ ٽلتي ديکا.“



## (80)هاسارام پمناڻي!

دادا هاسارام سان ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پيءُ سان سندس گهر ۾ ملاقات ٿي هئي. مان تہ ٻار هئس پر هن جي مقناطيسي شخصيت مونکي ڇڪيو هو.

دادا برنس روڊ تي رهندا هئا ۽ اسين آلٽري ميدان تي رهندا هئاسين. پنجن منٽن جو پنڌ هو.

منهنجي پيءُ کي ڪو هنن ۾ ڪم هو سو اسين سندس گهر وياسين.

دادا جن اُن وقت کاڌو کائي رهيا هئا. مٽرن جي دال ۽ ڦلڪو- روز سندن ئي اهو ئي کاڌو هو. اسانکي ڏسي هڪ پئسي جا پڪوڙا گهرايائون. منهنجي پيءُ چيو- ائين ڇو ڪيوَ؟ چيائين:- ”مهمان ڀڳوان آهي اُنجو مانُ ڪرڻ گهرجي.“

مان ڇوڏاري سندن ڪمري ۾ ڏٺو ڪوبہ فرنيچر ڪونہ هو. ٻہ سيمنٽ جا ٿلها ٺهيل هئا. هڪ تي پاڻ ويٺا هئا ۽ ٻئي تي اسانکي وهڻ لاءِ چيائون. رهڻ ۾ ڪهڙي سادگي! خيال اوچا ۽ انصاف پسند!

مونکي ياد آهي جڏهن ١ نومبر ١٩٣٩ تي رُڪ اسٽيشن تي خبيثن ڀڳت ڪنور جو خون ڪيو هو. سڄي سنڌ ۾ ماتم ٿي ويو هو. پر خوني بي خوف گهمي رهيا هئا. هندن ۾ همٿ ڪونہ هئي جو سرڪار خلاف آواز اُٿاري سگهن پر دادا پمناڻي مات ڪري ويهي نہ سگهيا. هن بهادر سنڌ اسيمبلي ۾ آواز اُٿاريو ۽ سرڪار کي خونين جي ڄاڻ آهي تہ اُنهن کي پڪڙي ڇو نہ ٿي؟ هيءَ بہ ڪا سرڪار آهي! گهٽيون ڌمڪيون مليس پر جان جي ڊپ کان هو سچ ڇوڙ کان بہ نہ رهيو. هيءُ نڊر سوروير ڪاريہ ڪرتا هو، پر سچ لاءِ جان قربان ڪري ڇڏيائين. ٿورن ڏينهن کانپوءِ روهڙي اسٽيشن جي پرسان منجهند جي وقت هو بہ خبيثن جي گولين جو شڪار بڻيو.

دادا پمناڻي- مشهوريءَ کان پري، سچو، نڊر ۽ سانتيڪو ڪاريہ ڪرتا هو.

## (81)گرو گوبندسنگھ جون قربانيون!

سيني تواريخ نويسن جو چوڻ آهي تہ پنجاب ۾ گرو گوبندسنگھ ۽ مهاراشٽر ۾ شيواجي مهراج جي دم سان اسين هندو اڄ سِرُ اوچو ڪري هلي سگھون ٿا.

پنهنجي پيءُ شري گرو تيغ بهادر صاحب کي تہقربان ڪري چڪا هئا. سندس پتا ڪلندي پنهنجو ڪنڌ ڪپايو. تڏهن بہ اورنگزيب جي ظلم جي تلوار ويئي ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندي. گرو گوبند سنگھ پنهنجا چار پٽ قربان ڪيا تہ بہ هڪڙو ڳوڙهو بہ نہ ڳاڙيائون. پاڻ ائين پئي چيائون تہ جي چار سوء بہ هجن ها تہ ديس تان قربان ڪري ڇڏيان ها.

سندن ئي چوڻ آهي:-

”ڀارت ديش جي بچاءَ ۾ چار ڇڏيا مون واري، چار چار هئا تہ ڇا ٿيو، جڏهن جيئرا آهن هزار“

جڏهن اجيتسنگھ ۽ جھونجھارسنگھ جنگ ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي آيا تہ پٽن کي اها ئي هدايت ڪيائين تہ منهنجا بهادر ٻارو جنگ جي ميدان ۾ دشمن سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيڻ ديس جو شان وڌائڻ آهي.

ڳالھ ڪندا آهن تہ سندس ننڍو پٽ جنگ جي ميدان مان پاڻي پيڻ لاءِ موٽي آيو جو سندس وات خشڪ ٿي ويو هو. تڏهن سندس پيءُ چيو- تون پاڻيءَ لاءِ واپس آيو آهين وڃي دشمنن جي خون سان پنهنجي اُڄ لاھ، تنهنجي لاءِ پاڻي اُتي آهي، وير ٻالڪ پاڻي پيئڻ بنا جنگ جي ميدان ۾ آيو ۽ ديش ڌرم لاءِ پنهنجي ڀاءُ وانگر شهيد ٿي ويو.



گرو گوبندسنگھ جي وير ماتا گوجري پنهنجي ٻن ننڍن پوٽن کي وٺي آنندپور قلعي ڏانهن هلي ويئي.

گورنر وزير خان شاهي قيدي ڪري اُنهن کي نظربند رکيو، ۽ کين ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون، گورنر جي ماڻهن هنن کان پڇيو ”ڌرم بدلائڻ لاءِ تيار آهيو؟

جڏهن کين چٽيو ٿي ويو“ هنن ناڪار ڪئي ٻنهي لاڏلن کي ڀتين ۾ چٽيو ويو، هنن اُف نہڪئي. جڏهن گرو گوبندسنگھ کي وير پٽرن جي شهيديءَ جي خبر ملي. سندس ڳاٽ فخر کان اوچو ٿيو.

## (82)ستسنگ ۾ ننڊ ڇو ٿي اچي؟

اڪثر ڏٺو ويو تہ گھڻن ماڻهن کي ستسنگ ۾ ننڊ ايندي آهي، جھوٽا کائيندا رهندا آهن.ڪي ورلي جزوي ماڻهو ڌيان سان ٻڌندا آهن. ننڍي هوندي رامائڻ ۾ مون پڙهيو هو تہ راوڻ جو ڀاءُ ڪنڀڪرڻ ڇھ مهنا ننڊ ڪندو هو، هڪ ڏينهن اُٿندو هو ۽ کاڌو کائي وري سمهي پوندو هو.

جڏهن راوڻ ۽ راجا رام جي لڙائي شروع ٿي تہ راوڻ پنهنجي ڀاءُ کي ننڊ مان اُٿاريو ۽ لڙائي ڪندي مرڻ گھڙيءَ ۾ شري رام کي چيائين تہ مان توکي سراپ ٿو ڏيان تہ تنهنجي ڪٿا ڪير بہ نہ ٻڌي-سڀ ديوتائون کيس سمجھائڻ لڳا تہ هن کي تنهنجي سراپ جو اثر ڪونہ ڪندو. ڪنڀڪرڻ مان وئڪنٺ ۾ ويندس ۽ جتي جتي رام جي ڪٿا يا ڪيرتن ٿيندو مان هڪ هڪ جي متي تي وڃي وهندس. جڏهن وئڪنٺ جا پارشد ئي ننڊ ڪندا رهندا تہ رواجي ماڻهو ڇا ٻڌندا. اهو ئي سبب آهي تہ گھڻو ڪري ڏٺو ويو آهي تہ گھر ۾ ننڊ قتل هوندن پر جيئن ئي ستسنگ ۾ اچن. صاف سٿرو وايومنڊل ملين پوتر وچن ٻڌن ۽ پيا ننڊون ڪندا ۽ جھوٽا کائيندا.

## (83)پاماشاهه بنيئو!

مهاراڻا پرتاپ جي ديش ڇڏڻ جي خبر سڄي ميواڙ ۾ گهر گهر ۾ ٻڌڻ آئي ۽ سڀ ڏاڍو وياڪل ٿيا. اها خبر پاماشاهه جي ڪنن تي پيئي. هو مهاراڻا جو منتري ۽ خزانچي هو. پنهنجي ابن ڏاڏن جي ملڪيت گهٽي هئي. اها خبر ٻڌي سڀ پونجي ڪٺي آيو ۽ سڀ مهاراڻا پرتاپ جي چرنن ۾ رکيائين ۽ ٻاڏائيندي چيائين ''مهاراج! ڌن جي ڪميءَ جي ڪري توهين پنهنجي جنم ڀومي ميواڙ ۽ چتور ڇڏي ٿا وڃو. پوءِ منهنجو هيءُ ڌن ڪهڙي ڪم جو آهي. اهو ڌن توهين آزاديءَ جي ديويءَ تي چاڙهيو، ماتا کي پيٽ ڪريو. هيءُ ڌن منهنجو ناهي، ميواڙ جو آهي. مان پاڻ کي ڀاڳوان سمجهندس جي منهنجو هي تڇ ڀيٽا ماتا جي رکشا لاءِ ڪتب اچي.''
مهاراڻا پرتاب حيران ٿيندي چيو ''تنهنجو تياڳ لاثاني آهي. سڀ ديس واسي سنڪٽ سمي پنهنجو تن، من ۽ ڌن ديش جي لاءِ قربان ڪن ها ته اهڙو سنڪٽ جو وقت اچي ئي نه ها پر مان ته ديس ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهيان.''

پاما شاهه روئندي چيو ''اهو ڇا ٿا چئو توهين ميواڙ ڇڏيندا ته سڄو ڀارت اناٿ ٿي پوندو. چتور به آزاديءَ کان وانجهجي ويندو. توهين ئي هندن جو شان رکي سگهو ٿا. ڏسو ميواڙ توهان ڏانهن آسائتين نظرن سان نهاري رهيو آهي ۽ روئي رهيو آهي. ڇا توهان اُن جا لڙڪ نه اُگهندا؟ ۽ سندس چرنن تي ڪري ٻاڏائڻ لڳو. ''منهنجي هيءَ تڇ ڀيٽا سويڪار ڪريو ۽ آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ لڳايو.''

پاماشاهه جي ڏنل سمپتيءَ مان مهاراڻا پرتاپ نئين سينا تيار ڪرائي ۽ لڙائي لڙي انت ۾ چتور کي آزاد ڪرايو.

پاماشاهه نرڌن ٿي ويو پر هن ميواڙ کي سک آزادي ۽ سمپتي بخشي.

اسان کي ان مان اهو سبق سکڻ گهرجي ته ڌن اُهو، دان اُهو سڦلو جو ديش جي لاءِ ڪم اچي.



## (84)من کي جيتڻ!

هرڪو ساڌڪ، پرمارٿ جو پانڌيئڙو پنهنجي من کي جيتڻ لاءِ جتن ڪندو رهندو آهي.

هڪ ساڌڪ جي ڳالهه آهي ته هن پنهنجي من کي هن طرح جيتيو. هن وٽ هڪ پيٽي هئي. ڪنهن کي خبر ڪانه هئي ته هن پيٽيءَ ۾ ڇا آهي. سندس پٽ روز پيٽيءَ کي ڏسندو هو ۽ عجب پيو ڪائيندو هو ته هن پيٽيءَ ۾ الائي ڪهڙو خزانو آهي، ملڪيت آهي پر ڪڇندو ڪونه هو.

آخر ته سڀ ڪنهن کي هتان هلڻو آهي. آخر اُن سالڪ جو به وارو آيو. هنجو مرتيو ٿيو ۽ جڏهن اُن جو ڪريا ڪرم ڪري گهر آيو، تنهن ڪانپوءِ يڪدم لوهار کي وٺي آيو ۽ اچي پيٽي کولارايائين. ڇاتو ڏسي ته پيٽيءَ ۾ سوين خانا آهن. هرهڪ خاني ۾ پڙي پيئي آهي. ويو پڙيون کوليندو، هڪ ۾ لکيل هو ته اڄ بازار ۾ ويس ته سٺو انگور ڏسي وٺڻ تي دل ٿي پر ورتم ڪونه ۽ اُهي به روپيا جيڪي انگور وٺڻ ۾ خرچ ٿين ها سي هِتِ وجهان ٿو. وري ٻي پڙي کوليائين ته هڪ وقت سني بوٽ وٺڻ تي دل ٿي پر ورتم ڪونه گهر اچي بوٽ جي قيمت جيترا ١٠٠ رپيا پني ۾ ويڙهي مٿيون احوال لکي پيٽيءَ ۾ رکي ڇڏيم. اهڙي طرح ڪيترين ترشنائون روڪيندو من کي موچڙو هڻندو رهيو. اٽڪل ٤٠ - ٥٠ هزار نڪري آيا ۽ سندس وصيت ۾ لکيل هو ته اُهي ڪنهن شڀ ڪاريه ۾ لڳايا وڃن. هن جي پٽ ائين ڪيو. پيءُ لاءِ شرڌا جاڳيس ته ڪيئن پنهنجي من جي تمنائن کي روڪي پنهنجو من جيتي ويو.

تنهنڪري ته ڪامل سنت چوندا آهن ته من روپي گهوڙي جي لغام کي پختو جهلي ساوڌان ٿي هلڻو آهي. هر وقت سجاڳ رهڻو آهي ته من جو غلام ته ڪونه ٿو ٿيان. اها خبرداري سالڪ کي سائينءَ جي راهه تي سولو وٺي هلندي.

## (85)رمڻ مهرشي!

جڏهن ننڍو ٻار هو. هنجو چاچو هن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. روز ٽول ۾ رانديڪا وٺي ايندو هو هن لاءِ.

هڪ ڏينهن رمڻ اسڪول مان موٽيو ڏسي ٿو چاچو زمين تي ليٽيو پيو آهي ۽ سندس چوڌاري ويٺل روئي رهيا آهن کي مايوس ويٺا آهن، ڪجهه سمجهي نه سگهيو، ڪنهن چيس ته هيءُ گذاري ويو آهي. ڀڳوان جي گهر ويو آهي.

وري پڇيائين ”هيءُ ٻيجان چو سمهيو پيو آهي؟ سندس ساهه به ڪونه ٿو هلي.“

چيائونس ”جڏهن ماڻهو چالاڻو ڪري ويندو آهي تڏهن ائين ئي ٿيندو آهي.“ رمڻ پاڻ به وڃي ڪڏ تي ائين سمهي پيو جيئن سندس چاچو بي جان ليٽيو پيو هو. رمڻ مهرشيءَ چيو، سوچيو مان اهو ضرور ڄاڻندس

ته گذاريوڃڻ ڇاهي؟ ماڻهو وڃي ڪيڏانهن ٿو؟؟

اسڪول ويندو هو پاجائيءَ ڪان ڦي گهريائين پاجائيءَ ٽڪو ٻالهايو. ويراڳه اچي ويس. في وٺي ٿو پر اسڪول نٿو وڃي. اسٽيشن تي اچي ٽڪيٽ بابوءَ کان ٽڪيٽ گهري ٿو. هن ترومالائيءَ جي ٽڪيٽ ڏنس، وڃي ٿو ترومالائيءَ جي جهنگل ۾ سانت ۾ وڃي ٿو وهي. بي خبريءَ ۾ اچي ويو پلي ڪئليون پيون پٽين ته به ڪيس ڪا سمڪ ڪانه پيئي. ائين سانت ۾ ويهي ويهي پاڻ ۾ پيهي پاڻ کي ڄاتائين. اها مسافري، اها ياترا سالن جا سال ڪندو رهيو.



پال برٽن جو ڪتاب ”گپت پارت جي کوج“ جو سنڌي ترجمو پڙهيم، رمڻ مهرشيءَ جا انيو جيڪي پال برٽن بيان ڪيا آهن رونگٽا ڪڙا ٿي ويا.

پال برٽن پارت جا کي ئي سنت ڏسي آيو. تانترڪ سان گڏيو، پر ڪٿي به سندن من کي آرام نه آيو جڏهن رمن مهرشيءَ وٽ ترومالائيءَ ۾ پهتو آهي هن جو شانت مک منڊل ڏسي- انيوءَ ڪليو آهي. شانت مک ڏانهن نهاري نهاري هنجي هرديه ۾ گيان جي جوت جڳي اهڙو هن پاڻ ورنن ڪيو آهي.

## (86)عالم اِراسمن!

هو غريب گهر ۾ ڄائو هو، هو تمام ڪنگال هو، پنهنجي پيٽ گذاران لاءِ شهر شهر ۾ رلندو وتندو هو، پر وقت اصل نه وڃائيندوهو. فرصت جي وقت ويهي ڪشالي ۾ اُدم سان علم سکيو ۾ آخر هو اهڙو قابل ٿيو جو گهٽيئي ڪتاب لکيائين، ڏاڍي ناموس ٿيس، هنجي لکيل ڪتابن جو تعداد اينرو هو جو جيڪر سندس حالت ۾ ڪو ماڻهو سڄي عمر ۾ اينرا ڪتاب پڙهي به نه سگهي! سياڻا چوندا آهن ته وقت پنهنجي ڪيتي ٻاري آهي، اُن ۾ پوکه ڪرڻ ضروري آهي جي ڇڏي ڏبي ته ان مان ڪو به لاپ ڪونه ٿيندو پر جيڪڏهن اُن کي ڪارگر سمجهي ڪم آڻبو ته اُن مان گهڻي ڪمائي ٿيندي ۾ دل جون مرادون پوريون ٿينديون. پلي زمين ڪنهنکي ڏکيو بکيو ڪين ڇڏيندي.

## (87)سائنسدان آينسٽائين!

هنجي ايڪاگرتا هن کي سائنسدان بڻايو. هو آميريڪا ۾ اچي پروفيسر ٿيو، ۽ اتيئي هن سائنس جون کوجنائون ڪيون. فلاسافرن جو چوڻ آهي ته پرماتما انسان کي عجيب ٻُڌي ڏني آهي. انسان جي چڱيءَ طرح ٿورو به حصو ڪم آڻيون ته سنسار ۾ ڪمال جو ماڻهو ٿي پوي. آينسٽائين لاءِ ڪنهن لکيو ته هن صرف پنهنجي اٺ سيڪڙو ٻُڌي ڪم آندي ته هيڏو وڏو سائنسدان ٿي ويو. جنهن جي ڪم کي ماڻهن ساراهيو. ٻڌائين ٿا ته راڪ فيلر نالي شخص کي هن جون کوجنائن واريون رمزون ڏاڍيون وڻيون. عجب جهڙي هن جي ايڪاگرتا آهي. سو کيس ٢٠ لکن رپين جيترا ڊالر موڪليا. چيڪ سندس ائڊريس تي ڏياري موڪليو. هو پنهنجي ڪم ۾ مگن رهندو هو. چيڪ ڏسي ڪٽي ڪتاب ۾ رکي ڇڏيائين. ڪيس ته ياد به ڪونه هو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ اوچتو هن جي زال کي ياد پيو. پڇيائين چيڪ ڪيڏانهن ويو. اينسٽائين ڏاڍي بيپرواهيءَ سان چيو ته اسانجو سائنس سان ڪم آهي، چيڪ سان اسانجو ڪهڙو واسطو.

هو پنهنجي کوجنا ۾ پوري من سان رڌل رهندو هو. ٻئي ڪم ڏانهن سندس ڌيان ئي نه هوندو هو.

اهڙي ايڪاگرتا ۽ ڌيان سان ئي سائنس جون کوجنائون ڪري سگهيو.

اسين به اهڙي ايڪاگرتا ۽ ڌيان ڌاريون ته ڇا نٿا ڪري سگهون!



## (88)ستسنگ جي مهما!

ستسنگ جي مهما ڪو ورلو ٿو ڄاڻي!

”مانو سيوا سنگهه“ جو ڪوليندڙ سوامي شرڌانند ستسنگ کي ڏاڍو مهتو ڏيندو هو. جتي ويندو هو وڏي پئماني تي ستسنگ جو آيوجن ڪرائيندو هو. ڪنهن سنت ڪان سوال ڪيو ته ستسنگ تي ايترو خرچ! ستسنگ ته سادگيءَ سان ٿيڻ گهرجي.

سوامي شرڌانند چيو ته هيترو خرچ ڪندي به جيڪڏهن هڪڙو انسان به ڄاڳي پوي ته اُن تي سڄي سنسار جي سمپتي قربان ڪجي ته اها به ڪجهه ڪونهي. توهان ستسنگ جي مهما کي نه ڄاتو آهي. ستسنگ تي جان واري ڇڏڻ به ٿوري آهي.

**”اِهه تن وکه ڪي ول هئه، ستسنگ امرت ڪي ڪان،**
**سر ديئي ستسنگ ملي،تو ڀي سستا جانِ!“**

لکين روپيا خرچي- ٻار کي پڙهائي ڊاڪٽر، انجنيئر يا وڪيل بڻايو پر جي ستسنگ نه مليو ان کي ته ڇا پاڻ بچائي سگهندو ڪسنگ کان، ستسنگ انسان کي وشين وڪارن مان ڪڍي آتم سکه ٿو پردان ڪري! دنيا ۾ روٽيءَ جي ڪمي ڪونهي اُها ته هر ڪنهن کي ملندي ٿي رهي. پر ماڻهو ڪسنگ ۾ پئي ظالم بڻجي پوندو پر جي ستسنگ ڪرمن سان ملي وڃي ته هو پاڻ کي، پنهنجي سروپ کي پائي ٢١ ڪُل تاريندو. اها ڳالهه گرو گرنٿ صاحب ۾ به آيل آهي.

---

☆ **گهرجون گهٽ جيون خوش.**

# (89)راجيندر پرساد ۽ مهاتما گانڌي!

سنه ١٩٤٧ ۾ اسانکي آزادي ملي. سنوڌان ٺهيو. شري راجيندر پرساد کي ميمبر ڪيائون. سڄو ديش ڀڳت هو. هڪ سال يارهن مهنا ۽ ڪجهه ڏينهن ڏاڍو دل سان ڪم ڪيائين.

سچي ۽ ايماندار ماڻهوءَ کي ڪنهنجو تکو لفظ چڀندو آهي. شري جواهرلعل به سچو ۽ ايماندار هو پر ڪنهن ڳالهه تي راجيندر بابوءَ سان تکو ڳالهائي وڌائين. هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سمجهيائين ته مان هاڻي وڌيڪ ڪم ڪري نه سگهندس.

راجيندر بابو آيو مهاتما گانڌيءَ وٽ مان ڪم نٿو ڪرڻ چاهيان، مان استيعفا ڏيڻ آيو آهيان، راجيندر بابوءَ کان سڄو احوال ورتائين. مهاتما گانڌي چيو ''جنهن کي آتم سومان آهي سو اهڙي هنڌ ڪم نه ڪري سگهندو پر مونکي تنهنجي گهرج آهي. تون شِوَ وانگر زهر پي وڃ.''

راجيندر بابو سمجهي ويو ته مهاتما گانڌي هن نازڪ وقت ۾ منهنجي استيعفا نٿو چاهي.

اهڙا هئا اسانجا اڳيان ديش ڀڳت جنهن جي ڪري هيءَ آزادي ماڻي رهيا آهيون. شل قدر ڪريون.

---

☆ **گيان ته پري رهيو، پهرين وهنوار ته سڌار.**

☆ **جي اسين پاڻ سان سچا آهيون ته اسانجي چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ ڪو تفاوت نه رهندو.**



# (90)''قارون بادشاهه !''

قارون ايتري دولت ڪٺي ڪئي هئي جو ڪنهن وٽ هڪڙو روپيو به نه بچيو. قارون جڏهن ڏٺو ته راڄ جي سڄي ملڪيت مون وٽ اچي ويئي آهي تڏهن به کيس شنڪا ٿي ته متان اڃا ڪنهن وٽ ڪجهه هجي سو ڍنڍورو ڏيارايائين ته ڪو جيڪڏهن هڪ چانديءَ جو روپيو ڏيندو ته مان اُن کي پنهنجي ڌيءُ سان شادي ڪرائيندس.

پر ڪنهن وٽ ڪجهه هئو ئي ڪونه ته ڏئي ڇا!

هڪ مسلمان غريب ڇوڪرو ماءُ سان ضد ڪرڻ لڳو ته امان! مونکي چانديءَ جو هڪ روپيو ڏي.

امان چيو ''پٽ! قارون جو راڄ آهي- چانديءَ جو روپيو ڪٿان آڻجي؟''

وري ڇوڪرو اِٽ هٽي بيٺو ته مونکي ڪٿان به آڻي ڏي. جي نه ڏينديءَ مان روٽي نه کائيندس. مان هتي رهندس به ڪونه!

چار پنج ڏينهن ڇوڪري روٽي ڪونه کاڌي ۽ اُداس رهڻ لڳو. ماڻس سوچيو ته هيءُ ته ائين مري ويندو سو موهه جي وس ٿي پٽ کي ٻڌائي ويني ته هن هڪڙو چانديءَ جو روپيو لڪائي رکيو هو. تنهنجو پيءُ بيمار رهندو هو ۽ اسين مري ويل ماڻهوءَ جي منهن ۾ روپيو رکندا آهيون. پنهنجي پيءُ جي قبر کوٽي وڃي اُهو ڪڍ!

پٽ پيءُ جي قبر کوٽي مردي جي منهن مان روپيو ڪڍي قارون بادشاهه کي چيو ''هي وٽ روپيو ۽ پنهنجي ڌيءُ سان شادي ڪراءِ'' قارون ڇوڪري کان

سچي ڪرائي ۽ پوءِ تہ سڀ قبرون ڪوٺائي روپيا ڪڍي پنهنجي خزاني ۾ وجهائي ڇڏيا.

گرو نانڪ صاحب جن رتن ڪندا اچي هنجي راڄ ۾ پهتا ۽ ڏنائون هتي تہ لوڀ ۽ اگيان ڏاڍو وڌيل آهي. گرونانڪ صاحب قارون کي گهرائي هڪ ٽڪو ڏنو. سنڀالي رک، جڏهن مري وڃين تہ هي ٽڪو ساڻ کڻي اچجانءِ، متان اُتي ڪم اچي هتي تہ ڪا ضرورت ڪونهي. قارون بادشاهہ چيو تہ اُتي ڪيئن کڻي ايندس؟ گرونانڪ چيو تہ تو جو هيترو خزانو ڪٺو ڪيو آهي ضرور پرلوڪ کڻي ويندين باقي منهنجو ٽڪو چو نہ کڻندين؟ قارون بادشاهہ چيو ”خزانو ڪيئن کڻندس؟“

گرونانڪ صاحب چيو ”پوءِ ماڻهن کي ايڏو چو تو ستائين ۽ دکي ڪرين؟ مان وڏو بادشاهہ آهيان. خزانن جو مالڪ آهيان، اهو ڀرم مٽائي ڇڏ ڪنهن سچي گروءَ جي شرن ۾ وڃ، ڪيترا بہ خزانا ڀرين پر جيسين تو الاهي نور، ايشوريہ گيان نہ پاتو آهي، اصلي ڌن نہ پاتو آهي، پرماتما جو گيان پائي وٺ، سچو آتمڪ خزانو حاصل ڪر. اهو ملندءِ سچي سنپرش جي سنگہ مان ۽ پوءِ ئي تنهنجو ڪلياڻ ٿيندو.“

”سڪندر دارا هليا ويا، سوني لنڪا وارا هليا ويا،
قارون خزاني جا مالڪ، هٿين خالي ويچارا هليا ويا.

---

**☆ سادي رهڻي - اوچا خيال راضي ٿيندوءُ دين ديال**

**☆ ٻين کي ايترو ستاءِ جيترو تون اُنهن جو ستائڻ سهي سگهين.**



## (91)ڪاسائيءَ جو پٽ!

هڪڙي وڏوا ماءُ جو پٽ هو، جڏهن ٿورو وڏو ٿيو تہ وڇڙن جا ڪن ڪٽي ڇڏيندو هو. شهر جا بزرگہ اهو ڏسي سوچ ۾ پئجي ويا. سمجهي نہ پيا سگهن تہ ائين چو ٿو ٿئي چو تہ ڪين خبر هئي تہ وڏوا برهمڻ ڪل جي آهي سو پڇا ڳاڇا شروع ڪيائون. نيٺ پنهنجي شڪ جو سماڌان ڪرڻ لاءِ ڇوڪري جي ماءُ وٽ پهتا، ڇوڪري جي ماءُ دهلجي ويئي، آخر گهڻي پڇا ڳاڇا ڪانپوءِ وڏوا سچي ڪئي تہ هن جو سچو پيءُ ڪاسائي هو.

تڏهن هو سڀ سمجهي ويا تہ پيءُ جي خراب سنسڪارن جو هن تي پرڀاءُ پيو آهي. چو جو هن ڇوڪري جو پيءُ پنهنجي ڪاسائي ڌنڌي ۾ ڳانين ۽ وڇڙن کي ماريندو هو. ڏاڍا پاپ ڪيا هئائين.

ائين ٻار کي اهي سنسڪار مليا آهن.

ائين انسانن جا گذريل جنمن جا سنسڪار هلندا ايندا آهن . پر ڪو سنسڪار جاڳندو آهي تہ من سجاڳہ ٿي پوندو آهي. سڌنو بہ ڪاسائي هو- اهو ئي ڌنڌو ڪندو هو جاڳي پيو، پنهنجو جنم سڦلو ڪيائين ٻاڻي بہ لکيائين جا گرو گرنٿ صاحب تي چڙهيل آهي.

افغانستان ۾ ٻڌُ جي مورتيءَ کي ٽوڙيو ويو تہ وڏو بکيڙو مچي ويو. ڪيئي ماڻهو ماريا ويا. سني سپاهُ واري جو نرآدر ٿيندو آهي تہ چوڌاري مارڪٽ ٿيندي آهي. سپاءُ ناهي سگهجي ٿو اهڙو گيان ڀارت جي سنسڪرتيءَ ۾ آهي.

## (92)دادو ديال ۽ سنياسي!

دادو ديال راجستان جو سنت ٿي گذريو آهي، سچي ڀارت جو رتن ڪيائين، سنڌ ۾ به آيو هو.

دادو ديال پنهارو هو. پکالن ۾ پاڻي ڀري ايندو هو. هڪ ڏينهن جيئن پاڻي ڀري پئي آيو ته پکال ڦاٽي پيئي. سبيائين ويني ته ڏاڍو مينهن اچي پيو. جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو، اُتي ئي ويٺي پکال کي ڳنڍيائين- جهوپڙيءَ جي ٻاهران ڇڄو لڳل هو ان جي هيٺان سنياسي اچي بيٺو.

سنياسيءَ کي ڏسي دادو ديال کيس عرض ڪيو اندر اچو ۽ ڦاٽل پکال تي وهاريائين. سنياسيءَ پيو روئي ۽ کي تکون پيو اُڇاري.

گرميءَ ۾ بيٺو آهي، گرميءَ ۾ بيٺو آهي. هڪ هڪ دوار جي ٻاهران بيٺو آهي. تنهنجو هننجو پريو هڪ آهي، هڪ آهي، در ٻاهر بيٺو آهي، پيو پڪاري.``

دادو ديال جي دل ۾ ٻالهه ويهي ويئي. چيائين مان پريوءَ کي اندر آڻيندس،

اسانجي پريتم، اسانجي محبوب سان ملندس، ضرور ملندس!

---

**☆ اُٿ ! سجاڳ ٿيءُ ! اگيان جي ننڊ مان جاڳ !**

**☆ گيان جو هڪ اکرُ، هڪ وچن توکي بدلائي سگهي ٿو.**

**☆ پريوءَ سان پيار ڪرڻ چاهين ته پهرين پاڙيواري کي ڪر پيار.**



## (93)ڀڳت پرهلاد!

ڀڳت پرهلاد جو جنم تموگڻي دئيت ڪل ۾ ٿيو. پريو اننت ڪرپا ڪئي.

جو پنهنجو مهر جو هٿڙو هن جي مٿي تي رکيو!

خود ڀڳت پرهلاد پريوءَ جي پرارٿنا ڪندي چوي ٿو ’’هي پريو! توهان ۾ سنساري لوڪن وانگر ننڍي وڏي جو ڀيد ڀاوَ ڪونهي. اوچ نيچ جو تفاوت ڪونهي، ڇاڪاڻ سيني جي آتما ۽ بنا ڪارڻ پريمي آهيو. ڪلپ ورڪش جيان ڪرپا جو پرساد به شيوا پوڄا سان ئي ملندو آهي. هي پريو! مايا روپي نانگڻ هميشه اسانکي ڏنگڻ لاءِ ويٺي آهي. مان به اهڙي ڪُل ۾ ئي پيدا ٿيو هوس! پر توهانجي ڪرپا سان رشي نارد مونکي بچائي ورتو. جڏهن منهنجي پتا مونکي توهانجو سمرن ڪرڻ نٿي ڏنو ۽ انياءَ ڪري تلوار ڪڍي ڇيو ته جيڪڏهن مونکان سواءِ تنهنجو ڪو ڀڳوان آهي ته توکي بچائي ڏيکاري مان اجهو تو تنهنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪريان- تنهن وقت توهان منهنجي پراڻن جي رکشا ڪئي نرسنگهه اوتار ڌاري ٿنڀي مان پرگهٽ ٿي مونکي بچائي منهنجي پتا کي ختم ڪري ڇڏيو. توهانجا ڪهڙا گڻ ڳائي ڪهڙا ڇوان!``

جئه جئه نارائڻ هري هري،
تيري ليلا سب سي نياري نياري،
تيري مهما سب سي پياري پياري
هري هري.

# (94)لڪشمي ماتا!

لڪشمي کي هرڪو چاهيندو آهي، پر ان جا ڪيترا گڻ آهن جي اسانکي ڌارڻا آهن.

اهنڪار ڇڏي نئڙت ڌارڻي آهي. پاڻ ۾ ايڪتا رکڻ گهرجي. ڌرمي گرنٿ ۾ ڪٿا ايندي آهي ته جڏهن ديوراج اِندر ايمان ۾ پرجي درواسا رشيءَ جو اپمان ڪيو ته درواسا رشيءَ سراپ ڏنو ته تنهنجي سڄي لڪشمي نشٽ ٿي ويندي، نه رڳو اِندر جي لڪشمي هلي ويئي پر ٻيا ديوتا به غريبيءَ ۾ ڏينهن گذارڻ لڳا، ديوتائن ۽ راڪشن جي پاڻ ۾ دشمني هلندي ايندي هئي پر سمنڊ منٿڻ وقت پاڻ ۾ گڏ ٿي ايڪي سان گڏجي ڪم ڪيو ته هنن کي نه رڳو لڪشمي ملي ٻيا به ڪيترا رتن ۽ ڪاميابيون مليون. سمنڊ ولوڙڻ ۾ به گهڻي محنت ڪرڻي پيئي، ان مان ظاهر آهي ته محنت ڪانسواءِ ڪنهن به ڪم ۾ سڦلتا نٿي ملي. آلسي يا سست ماڻهو هوشيار هوندي به ڪجهه حاصل نه ڪري سگهندو. سچائي ۽ چستيءَ سان ڪم ڪندو اچي ته قسمت جاڳي پوندي آهي. ڀاڳ جاڳي پوندو آهي. لڪشمي چاهين ته پنهنجو سڀاءُ ۽ چريتر ناهڻو آهي. اهنڪار ڪان پاسو ڪرڻو آهي.

اهنڪار سيني دکن جي کاڻ آهي- تياڳيو جنهن اهنڪار تنهن سڀ سکه پاتا-

لڪشميءَ جو آدر ڪرڻ لاءِ اسان جي نئڙت ۽ منو سڀاءُ ضروري آهي.



# (95)جارج اسٽيفن!

جارج اسٽيفن هڪڙي پورهيت جو پٽ هو ۽ هو به پيءُ وانگر مزوري ڪندو هو. ڌرتيءَ مان اَگر ڪوئلي جي ڪل هلائڻ جو ڪم ڪندو. سڄو ڏينهن سخت پورهئي ۾ گذاريندو هو تڏهن جيڪو وقت واندڪائي ٿيندي هئس ته پاڻ کي سڌارڻ ۽ ڪنهن نه ڪنهن علم سکڻ جو يتن ڪندو هو. هو روز روز ٿوري ٿوري محنت ڪندو رهيو ۽ ان مان ايترو ته سکيو ۽ علم پرايائين جو اُن وسيلي لوهه جي رستي تي گاڏي هلائڻ واري ٻاڦ جي ڪل جوڙي وڌائين، اُها ڪل ڏاڍي ڪامياب ٿي، ان جي زور تي لوهه جي پٽن تي ريل گاڏي هلي ان کي انجڻ نالو ڏنائون. پوءِ ته هو ڏاڍو شاهوڪار ٿيو ۽ مشهور به ٿيو. جو وڏن امير ماڻهن جي قطار ۾ ڳڻيو ويندو هو.

تنهن مان سڌ ٿيو ته جنهن کي وقت سچائي ڪرڻ سان گڏ محنت جي ڪلا آهي سو ضرور ڪامياب ٿئي ٿو.

---

**زيور گهڻيئي آهن پر سون هڪ آهي**
**ڳانيون گهڻيئي آهن پر کير هڪ آهي.**
**جيو گهڻائي آهن پر ساهه هڪ آهي.**
**قومون گهڻيئي آهن پر انسانيت هڪ آهي**

**پرماتما کي پائڻ لاءِ هي ڳالهيون،**

**اندرين جو سنجم:-**

**اندرين جو ڪم آهي شيءِ ڏسڻ، شيءِ ٻڌڻ- شڌ کاڌو کائڻ، سادو پهرڻ-سڳند وٺڻ. ائين ڪرڻ سان اِندريون اسانجو سهايڪ ٿينديون.**

## (96)ايسپ جي آکاڻي!

ايسپ جي آکاڻين ۾ پيٽ ۽ عضون جي هڪ آکاڻي آهي.

هڪڙي وقت ۾ هٿن پيرن ۽ ٻين عضون ڏٺو ته اسين هيترا ڏکه ڏاکڙا سهي محنت ڪري جيڪو مال ٿا ميڙيون سو سڀ پيٽ ڪائي ڪپائي ٿو ڇڏي. اها ڳالهه نهي ته ڪونه ٿي، تڏهن زبان چوڻ لڳي ته ”هي دوستو! ڏسو ته سهين هيءُ ته انڌير آهي، پيٽ نڪو ڪم ڪار ڪري، ٻيا عضوا ڏکه ڏسي جيڪي گڏ ڪن سو هي ويني ويٺي ڪايو وڃي ان مان اسانکي ڪهڙو فائدو؟

هيءَ ڳالهه ٻڌي سڀني عضون ميٽنگه ڪري صلاح ڪئي ته ”اَڳتي اسين پيٽ واسطي ڪنهن به ڪم کي هٿ ڪين لائيندا سين.“ پيرن چيو ته ”پيٽ جو بار جيڪو سَنو، سو سَنو، اَڳتي اسين هن کي ڪين کڻنداسين‘ هٿ چوڻ لڳا ته ”هن پيٽ واسطي اسان هيتري محنت ڪري ڪاڏو ۽ پيچ پئي وڏو آهي، مگر اَڳتي ائين نه ڪنداسين“ اَکين چيو ”اسين پيٽ لاءِ نهارنداسين به ڪين.“ ڏندن چيو ته ”هن واسطي اسين هڪ داڻو به نه چٻاڙينداسين.“ اهڙي طرح سڀني عضون پاڻ ۾ فيصلو ڪري پيٽ کي ڇڏي ڏنو.

پر اجا ڏينهن اڌ ئي ڪين گذريو ٻين عضون ڪان پيٽ جي پرورش ڪانه ٿي ته سڀ عضوا اچي وائڙا ٿيا ۽ بي سگهه ۽ نٻل ٿي پيا، اکيون ڏرا ڏيئي ويون ۽ سڀ عضوا اهڙا ڪمزور ۽ هيڻا ٿي پيا جو ڳالهه ڪرڻ جي ناهي.

اهو حال ڏسي پيٽ چوڻ لڳو ته ”اي مورکو! هاڻي



توهانجون اکيون کليون آهن؛ هاڻي اوهان سمجهيو آهي ته جيڪي اوهان مونکي ڪارايو سو سچ ڇاڻو ته توهين پاڻ کي ٿا ڪارايو. جيڪا خوراڪ ڪاڏو مون ۾ پوندو هو سو مان پاڻ ڪين ڪپائيندو هوس. مان اُنکي پچائي تيار ڪري وري اوهانکي پهچائيندو هوس جنهنڪري توهان کي طاقت ۽ سگهه ملندي هئي ۽ هاڻي جو مونکي نٿا ڪارايو ته ڏسو ته توهانجا ڪهڙا حال ٿيا آهن.

سکيا:- هرڪو عضوو ڪم جو آهي، هر ڪنهن جو ڪم پنهنجو آهي ۽ اُنهن جو لاپ گڏيل آهي.

## (97)”واندو من شيطان جو گهر“

رشي ديانند آريه سماج جو پايو وڌو ۽ سچي جيون ان لاءِ ڪم به ڪندو رهيو پر پاڻ تي به اُن آريه سماج جا سڀ گڻ آزمائيندو رهندو هو. گهڻن جي رهبري ڪيائين.

هڪ پيري رشي ديانند ڪان ڪنهن سوال ڪيو ”توهان کي ڪامديو ستائيندو آهي يا نه؟

رشي ديانند چيو ”ها، ايندو آهي، ستائڻ جي ڪوشش به ڪندو آهي پر هن کي گهر جي ٻاهران ئي بيهڻو پوندو آهي ڇو جو مان ڪيس ڪڏهن به واندو نه ملندو آهيان.“

رشي ديانند ڪم ۾ مشغول رهندا هئا اُنهن کي اهڙين ڳالهين لاءِ وقت ئي نه ملندو هو. اهو ئي هن جي برهمچريه جو راز هو. ڪنهن نه ڪنهن شيءِ ڪم ۾ پاڻ کي مشغول رهڻ جي عادت وجهون پاڻ ۾. واندو من شيطان جو گهر، اُن کي ئي وڪار ستائين ٿا. پنهنجي ويچارن کي پوتر رکڻ لاءِ پاڻ کي هروقت رڌل رکون.

## (98)ستگر جي شيوا!

شري ڪرشن ۽ سڏامو ٻئي متر گرو سانديپني جا شش هئا. هو پنهنجي گرو ۽ گروماتا جي شيوا ڪندا هئا. هو رهندا بہ اُنهن وٽ هئا.

هڪ ڏينهن سانديپني جي استري گروماتا هنن کي ڪاٺين ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ موڪليو. هو جڏهن گهاٽي جهنگل ۾ پهتا تہ اوڏي مهل اچانڪ آنڌيءَ سانگڏ بارش شروع ٿي، آسمان ۾ وڄ جا ڪڙڪا پئي پيا، سڄ لهي ويو ۽ چوطرف اونده ٿي ويئي، زمين تي خوب پاڻيءَ جي ٻوڙ ٻوڙان ٿي ويئي، لڳو ٿي تہ هيءَ برسات نہ هئي پر هڪ قسم جي پرلئہ هئي. طوفان جي زور ۽ برسات جي وسڪارن ڪري هنن کي ڏاڍي تڪليف پئي ٿي ۽ رستو بہ ڏسڻ ۾ نہ پيو اچين. ٻئي ڏاڍا ماندا ٿيا هڪ ٻئي جو هٿ پڪڙي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪندا رهيا، گرو سانديپني کي خبر پيئي تہ هو سڄ اُڀرڻ شرط هنن کي ڳولهيندا وڃي اُتي پهتا. اُنهن کي ڏسي گرديو چيو ”پٽ! توهان ٻنهي اسان جي لاءِ ڏاڍو ڪشٽ سنو آهي. توهان پنهنجي شرير جي پرواه نہ ڪري شيوا ۾ لڳا رهيا. گروءَ جي قرض کان مڪت ٿيڻ لاءِ سچي شش جو اهو ئي فرض آهي تہ پنهنجو تن من سڀ ڪجھہ گرو شيوا ۾ ارپڻ ڪري ڇڏي. مان توهان ٻنهي تي ڏاڍو پرسن آهيان توهانجون سڀ منوڪامنائون پوريون ٿين ۽ توهان جيڪو ويدن جو اڀياس ڪيو آهي اُهو توهانکي هردم ياد رهي. توهان ڪڏهن ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندا. هن لوڪ ڇاهي پرلوڪ ۾ توهانجي جئہ ٿيندي.“

جيڪو ستگر ۾ شرڌا نٿو رکي اُن کي پلي لکہ ڪروڙ



هجن، سوين سنساري سکہ هجن تہ بہ هو نرڌن آهي. هزارين جنمن جا پتا ماتا جيڪو ڏيئي نہ سگهيا، اُهو آتم گيان هن سنسار ساگر کان پار ڪرائڻ وارا ملاح، ڪامل ڪشتيبان مهاپرش سهڄ ئي ڏيئي ڇڏين ٿا.

”گرو سمان داتا نهين، ياچڪ شش سجان،
تين لوڪ کي سمپدا، گرو پل ۾ ديني دان.“

## (99)سمنڊ جي لهر!

هڪڙي پيري سمنڊ جي هڪ وڏي لهر هڪ بدبدي کي تڇ سمجهي اُن تي کلڻ لڳي، چيڙائڻ لڳي، بدبدي چيس تہ ”او لهر! مان ننڍو آهيان پوءِ بہ ڏاڍو سکي آهيان. ٿوري دير ۾ منهنجي هيءَ ديه ختم ٿيندي، چوڌاري پکڙجي ويندي، مان پاڻيءَ سان ملي پاڻي ٿي ويندس، مان وراٽ بڻجي ويندس، منهنجي مڪتي ويجهي آهي. پر مونکي تہ تنهنجي حالت تي ديا ٿي اچي، تون هيڏي وڏي آهين تنهنجو ڇوٽڪارو جلدي نہ ٿيندو. تون ڀرين سامهون واري ڇپ سان ٽڪرائي انيڪ ننڍين لهرن ۾ ورهائجي ويندينءَ، اُنهن گهٽين لهرن مان اڻ ڳڻين بدبدن جي روپ ۾ بدلجي ويندينءَ، وري جڏهن اهي سڀ بدبدا متجندا تڏهن تنهنجو ڇوٽڪارو ٿيندو، تنهنڪري اهو ايمان نہ ڪر،

”ٻڙا سڏاوڻ ٻڙا دکہ پاوڻ،
ڇوٽي ڪا دکہ دور“ اي بندا!‘ تون بہ جڳت ۾ مليل پدارٿن جو ايمان نہ ڪر- بدبدي وانگر سرل ٿي. ايشور سان هڪ ٿي وڃ!

## (100)اُهو ڪيِ ڪر!

سياري جي مند هئي، هڪڙي تِڏِ سيءَ ۾ بک کان بي حال ٿي، اڏ مئي ٿي پٽڪندي پٽڪندي هڪ ماکيءَ جي ماناري وٽ ويئي ۽ مکين کي نيزاريءَ سان وينتي ڪري چيائين ته ادي! ڀيڻ! منهنجو بک ۾ ساهه ٿو وڃي، ديا ڪري ٻه ٽي بوندون ماکيءَ جون جيڪر ڏيوم؟ اها ڳالهه ٻڌي هڪ ماکيءَ جي مکه سوال ڪيو ته تو سڄي اونهاري جي مند ۾ ڇا ٿي ڪيو ۽ اسان وانگر تو اُنهن ڏينهن ۾ پنهنجو سَمَرُ ڪٺو ڪري ڇو نه رکيو؟ هن وراڻيو ته اُهي ڏينهن مون ڏاڍي موج مستي ۽ ذوق شوق ۾ گذاريا، اُنهن ڏينهن ۾ مان رڳو ڪائيندي، پيئندي ۽ نچندي ڳائيندي وتندي هئس ۽ سياري جي دل ۾ ذري به چنتا نه ڪيم.

مکهِ چيس ته اسانجي ريت نرالي آهي، اسين سوچيندئون آهيون ته اسانکي ڪاڏي خوراڪ جي پوءِ گهٽي گهرج پوندي. تنهنڪري اسين اونهاري ۾ جيءَ کي جفا ڏيئي، تڪليف ڏيئي گهٽي محنت ڪري اوير سوير لاءِ پنهنجو توشو ڪٺو ڪنديون آهيون پر جيڪي اونهاري ۾ رڳو ڪائيندا پيئندا نچندا ۽ گيت ڳائيندا ۽ سياري جي ڳڻتي ڪونه ڪندا سي ته سياري ۾ بک مرندا ٿي!

ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي!

سڏانت آهي ته اسين به جوانيءَ جو وقت عيش عشرت ۽ موج مستيءَ ۾ وڃائي ڇڏيون نام جپڻ جي يادگيري نه هجي، جڏهن اهو وقت هليو وڃي، سرير جواب ڏيئي بيهي تڏهن چئون ته هاڻي ته ڪجهه مونکان ٿئي نٿو.

**”مانش جنم تو پجن ڪر، مايا تو ڪڇ دان،**
**جو پن تو ڪڇ شيل ڪر، سو ڇايا پروان.“**



## (101)سمراٽ پرٿهري!

راجا پرٿهري وڏي راڄ جو مالڪ هو پر ڪيس جڳت کان ويراڳ اچي ويو جو سڀ راڄ پاٽ ڇڏي، اُنهن کي دکن جو سامان سمجهي فقير بڻجي ويو. هو هڪ ڏينهن پنهنجي پراڻي ڦاٽل گودڙي سبي رهيو هو. هن کان سئيءَ ۾ ڌاڳو نه پيو پوي. ايتري ۾ هڪ شخص اُتان لنگهي رهيو هو چيائين ”توهين ته سمراٽ هئا هاڻي فقير بڻيا آهيو..! هيءَ گودڙي ڇو پيا سبو؟

پرٿهريءَ چيو ”ادا! هي فقيري جهڙي تهڙي ڳالهه نه آهي. مون سڀ ڪجهه ڇڏي فقيري ڌارڻ ڪئي آهي پنهنجي مرضيءَ سان.“

اُن شخص پنهنجي ريشمي شال کيس ڏيندي چيو. ”هيءَ پايو. هن گودڙيءَ کي ڇڏيو.“

پرٿهريءَ چيو ”جيڪڏهن سچ پڇ تون منهنجي مدد ٿو ڪرڻ چاهين ته هيءَ ريشمي شال واپس کڻ ۽ مونکي سُئيءَ ۾ ڌاڳو وجهي ڏي پيارا ! مان پنهنجي گودڙي سبي پائيندس. هن گودڙيءَ ۾ جيڪو سنتوش جو سک، سادگيءَ جو آنند آهي اهو تنهنجي ريشمي شال ۾ نه آهي. مان اهڙيون هزارين شالون ورهائي سگهان پيو، پر راڄ پاٽ ۽ اُن ٺاٺ باٺ ۾ اهو سک نه آهي جيڪو مونکي هن فقيريءَ ۾ ملي رهيو آهي.

جنهن پاڻ کي ڄاڻي ورتو آهي تنهن کي هي دنيوي سک- بادشاهي خزانا ۽ دنيا جي ٻي ڪابه شيءِ ڇڪي نٿي سگهي. هو اُنهن کي تڇ ٿو سمجهي. سرڳ جا سک به اُن کي ننا آئڙن. هو سمجهي ٿو ته جڳت ۾ اهڙو ڇا آهي جنهن جي اڇا ڪجي؟

**”پاڻ سڃاڻ- سچو سک ماڻ،**
**نج سروپ سڃاڻ- فرض پڇاڻ!“**

## (102)يوگ وششٽ ۽ شري رامچندر!

شري رامچندر کي ويراڳ لڳو ته ننڍي عمر ۾، هن جو من ڪٿي به نٿي لڳو. هو تيرٿن تي هليو ويو. اُتان موٽيو ته راجا دسرٿ کي پنهنجي پٽ رام جي چنتا وٺي ويئي ۽ گرو وششٽ سان ڳالهه ڪيائين، تنهن ڪيس چيو ته اهو ويراڳ هن جي لاءِ فائدي وارو ٿيندو جي هي برهم گيان ٻڌندو ته هي پرم پد کي پائيندو، تون چنتا نه ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

تنهنڪانپوءِ گرو وششٽ سري رامچندر کي گيان ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جيڪي هن کي ٻڌايو اٿس اُهو يوگ وششٽ ۾ ورنن ٿيل آهي.

پهرين ته سري رامچندر شري وششٽ جي مهراج جي اڳيان جيون جي فانيپڻي جو ذڪر ڪيو ته آخر هن جيون مان ڇا ٿيڻو آهي؟ ٻالڪپڻ ڏسو ته رڳو اجاين مستين سان ٿو گذري، جواني ۾ آد انت يلجي ٿو وڃي انسان ۽ ٻڍاپو ڳڻتين ۽ موهه ۾ ٿو گذاري.

شري وششٽ جي مهراج ڪيس برهم وينا گرن جي مهما ٻڌائي ته اهي برهم وينا سٹگرو پنهنجي شش کي ست سروپ جو ٻوڌ ٿا ڪرائين، پيد ۾ اپيد جو گيان ڏيئي شش جو جيوپڻو مٽائي ٿا ڇڏين.

راجا جنڪ اشٽاوڪر جهڙي گروءَ کي پائي ڌن ڌن ٿي ويو ۽ جيون مڪت ٿي رهيو. تون به هاڻي اهڙي گيان جي لاءِ يوگيه آهين. مان توکي اهڙو گيان ٻڌائيندس جو تون پاڻ انيو ڪندين ته ”جڳت متيا آهي ۽ برهم ست آهي.“ اهو آتم گيان سنسار ساگر کان پار ڪرڻ وارا ملاح گياني پرش ئي آهن.

شري رامچندر پاڻ اوتار ڌاري اهو گيان حاصل ڪيو



جو شري وششٽ جي آشرم ۾ پاڻ شيوا ڪندو هو. جڏهن وشوامتر سان ويو ته گرو وشوامتر جي چرنن جي مالش ڪندا هئا زور ڏيندا هئا.

راوڻ وٽ سون جي لنڪا هئي ته به ڪنگال هو.گروگرنٿ صاحب ۾ ايندو آهي.

”ايڪ لاک پوُت، سوا لاک ناتي،
راوڻ ڪي گهر، نه ديئا نه باتي.“

هي رام! تون وڏ ڀاڳي ڌنوان آهين، تو وٽ شيوا جو ڀَڻو ۽ آتم گيان جي مستي آهي.

## (103)اديت درشن !

جڏهن اڪرور ڪرشن ۽ ٻلديوَ کي ڪنس جي چوڻ تي مترا مان وٺڻ لاءِ بندرابن آيو. تڏهن شري ڪرشن جي ڏاڍي اُستتي ڪيائين ۽ ڪرشن ڀڳوان جل ۾ پنهنجي دويه روپ جو درشن ڪرايو ۽ پوءِ ائين لڪائي ڇڏيائين جيئن ڪو بازيگر بازي ڏيکاري جهٽ وري اهو پردي پنيان لڪائي ڇڏيندو آهي. ڀڳوان جو اهو دويه روپ غائب ٿي ويو تڏهن هو پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري آيو. هو ڏاڍو حيرانيءَ ۾ هو. ڀڳوان ڪرشن ان کان پڇيو چاچاجي ! توهان ڌرتي، آڪاش يا جل ۾ ڪا وچتر شيءِ ڏٺي آهي ڇا؟ توهان جو چهرو ڏسي ائين ٿو لڳي. اڪرور چيو”پريو ! سارو جڳت آڪاش، ڌرتي، ڌرتيءَ تي جيترا اديت پدارٿ آهن اُهي سڀ توهان ۾ آهن. مون سڀ ڏٺو. ڪا به اديت شيءِ رهيل ناهي. سِڀ توهان ۾ آهي ڇو جو سڄي وَشِوَ ۾ توهين ئي آهيو. سڀ ڪجهه مان توهان ۾ ئي ڏسي رهيو آهيان.

ائين چئي اڪرور رٿ هلايو ۽ ڀڳوان ڪرشن ۽ ٻلرام کي وٺي سڄ لهندي وڃي مترا پوريءَ ۾ پهتو.

## (104)تون ڪير آهين؟

هڪ ڪتي ٻڪَر جي متڪي ۾ منهن وڌو، ڪٽان ڪڙ ڪڙ جو آواز آيو، ڪتي پڇڻ چاهيو پر جيئن پڳو ٿي تہ متڪو پڇي پيو، ڪتو ڦتڪڻ لڳو. اهو ڏسي هڪ ديالو پرش اهو ڏسي اَڳيان وڌي آيو ۽ اُن جو ڪشٽ دور ڪرڻ چاهيو، پر ڪتي سمجهيو هو مونکي مارڻ ٿو اچي سو تڪڙو تڪڙو ڊوڙڻ لڳو، ان جو ڪشٽ متجڻ جي بدران وڌي ويو.

اهو تہ آهي مثال پر ان جو تت اهو آهي تہ حقيقت ۾ مهاپرش جي هر ڪاريہ ۾ اسان انسانن جي ڪلياڻ جي ڀاونا هوندي آهي. ان ڳالھ کي نہ سمجهڻ وارا لاپ تہ نہ پرائيندا آهن پر پنهنجي من کي منجهائيندا آهن. پر جي اُنهن تيدرڍ وشواس رکي اُهي ٻڌن ۽ اُن تي عمل ڪن تہ هو چندن جي وڻ وانگر هر ڪنهن کي ٿڌو رکندا آهن. ٻين جي ڪري پاڻ ڪشٽ سهي دکين جا دکہ دور ڪندا آهن ۽ جيڪي ٻڇندا آهن اُنهن کي اڀيہ دان ڏيندا آهن. حقيقت ۾ سڪي ويچاروان آهي اهو ويچار ڪهڙو آهي؟ تہ ست ڇا آهي؟ است ڇا آهي؟ ساڻ ڇا هلندو ۽ ڇا ڇڏجي ويندو؟ مان ڪير آهيان؟ جڳت ڇا آهي؟ جنهن چڱيءَ طرح اهڙو ويچار ڪيو آهي تنهنجو آئيندھ اوجل آهي. اهڙا ويچار يوگہ وششٽ ۾ وششٽ مهراج شري رام کي ٻڌايا آهن.

---

☆بيمار من تہ سنتن جو سنگہ ڪر.

☆ڪرم ڀوڳڻ ڪانسواءِ نہ ڇڏيندو.



## (105)محنت ڪر، سڦلتا پاءِ!

محنت ڪر، سڦلتا پاءِ!

ڪم ڪهڙو بہ هجي، اسانجي محنت رنگہ لائيندي آهي. چوندا آهن محنتي ماڻهو ڪڏهن بکہ کونہ مرندو.

هڪ واڍي وٽ ٻہ ڇوڪرا واڍڪو ڪم سکندا هئا. هڪڙي ڇوڪري جي مرضي هئي تہ مان هوشيار ڪاريگر ٿيان ۽ ٻيو مڙيئي وقت گذارڻ لاءِ ڪم پيو ڪندو هو. پهريون ڇوڪرو انهي ڪم سان لاڳاپو رکندڙ ڪتاب پيو پڙهندو هو. ٻيو ڇوڪرو ٻين ڇوڪرن سان مستيءَ ۾ پيو وقت گذاريندو هو. هو پنهنجي دوست کي چوندو هو تہ تون هي پراڻا ڪتاب ڇو پيو پڙهين. هلي اسان سان گهمِ ڦر، انهي پڙهڻ مان ڇا ٿيندو؟ هو هميشھ اهو ئي جواب ڏيندو هو تہ مان جيڪو ڪم سکي رهيو آهيان ان ۾ پڪ ٿيان مان سٺيون شيون ٺاهڻ پيو سکان، مان پنهنجو قيمتي وقت اجايو نہ وڃائيندس. اهو ڪم سکيو ئي پئي تہ ان وچ ڪنهن اخبار ۾ اشتهار آيو تہ هڪڙي وڏي جاءِ جوڙائڻي آهي جيڪو ان لاءِ نقشو تمام سٺو ڪڍي موڪليندو تنهن کي چار سو روپيا انعام ملندو. هن محنتي ڇوڪري اهو اشتهار ڏٺو ۽ سوچيو تہ جيڪر ان انعام هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪجي. اُدم ڪجي، همٿ ڪجي، چڱيءَ طرح اڀياس ڪري، گهڻي جفاڪشي ۽ محنت سان نقشو تيار ڪيو ۽ اُن ڪاميٽيءَ ڏانهن ڏياري موڪليو.

اٽڪل هفتي کن ڪانپوءِ هڪڙو شخص آيو ۽ سندس نالي جي پڇا پئي ڪيائين. واڍي جواب ڏنو تہ هو منهنجو شاگرد آهي ۽ ڪيس سڏ ڪيائين ۽ ان شخص ڪيس ٻڌايو تہ تنهنجو نقشو ڪاميٽيءَ پسند ڪيو آهي ۽ تو انعام کٽيو آهي. هاڻي هلي اُها عمارت کڙي ڪر. هن شاگرد جي اُستاد کي هن ڇوڪري تي ڏاڍو فخر ٿيو ۽ ڪيس خوشيءَ سان وڃڻ جي موڪل ڏنائين. پوءِ تہ وڏو ڪاريگر بڻيو ۽ گهڻو ناڻو ڪمايائين ۽ مانُ پاتائين. مگر سندس مترساري عمر جهڙو تهڙو ڪاريگر ٿي رهيو ۽ ايترو بہ نہ ڪمائيندو هو جو گذران ڪري سگهي!

## (109) ”پنھنجو ڌرم نہ بدلائيندس !“

گجرات ۾ جئہ ڪرشن اِندر نالي ھڪ مشھور ونسپتي شاستري رھندو ھو. ھو ايترو تہ پنھنجي وديا ۾ ڪشل ھو جو وگياني بہ کيس مڃيندا ھئا.

پر ھو جڏھن ننڍو ٻار ھو تہ ھو تمام غريب ھو کيس ڪاڏي لاءِ تہ پئسا ڪونہ ھئا پر ڦاٽل ڪپڙن ۾ گذران ڪندي ۽ پراڻا پستڪ ھِتان ھتان وٺي پنھنجو اڀياس ڪندو رھندو ھو. گھر ويندي رستي تي ھن کي پوليس انسپيڪٽر گڏجي ويو. ھن جي حالت ڏسي کيس چيائين ”ھيءُ ڏينھن توکي گھڻا ڏينھن نہ ڏسڻا پوندا. توکي پوري مالي مدد ملي ويندي. سٺا ڪپڙا، نوان ڪتاب پڙھڻ لاءِ ھوادار ڪمرو-

جئہ ڪرشن کي تہ پل لاءِ پنھنجي ڪنن تي اعتبار نہ پيو اڇي سمجھيائين ڀڳوان پاڻ انسپيڪٽر جو روپ ڌاري آيو آھي. ايتري ۾ اُن کيس چيو ”سڀاڻي صبح جو مونسان گڏ چرچ ۾ ھلجانءِ“

جئہ ڪرشن حيران ٿي پڇيو ”چرچ ۾ ڇو؟ اُتي ڇو؟

”تون ھڪ دفعو ڪرستان ٿي وڃ پوءِ توکي ڪڏھن بہ ڪا تڪليف ڪونہ ٿيندي“!

توھان ڇا اھو ٿا سمجھائڻ چاھيو تہ مان پنھنجو سناتن ڌرم ڇڏي عيسائي ٿي وڃان..؟

”ھا! ٻچا! بلڪل ائين.“

جئہ ڪرشن چيو ”نہ، اصل نہ! مان ائين ڪڏھن بہ نہ ڪندس مان پنھنجو ڌرم ڪداچت نہ ڇڏيندس ڀلي پرائي ڌرم ۾ سوين سکہ ۽ سھوليتون ملنديون ھجن. مان اھو قبول نہ ڪندس. مان مصيبتن ۽ غريبيءَ کي



پنھنجي پونجي سمجھندس پر عيسائي ڌرم نہ قبول ڪندس. انسپيڪٽر جئہ ڪرشن جي پنھنجي ڌرم لاءِ نشٺا ۽ پورن وشواس ڏسي دنگ رھجي ويو.

”گيتا ۾ شري ڪرشن ارجن کي سمجھائيندي چيو تہ پرائو ڌرم ڀلي بھتر ھجي، ۽ پنھنجو ڌرم ڀلي اُن کان گھٽ ھجي تہ بہ پنھنجي ڌرم ۾ مڪتي آھي ۽ ٻئي جي ڌرم ۾ خطرو.“

## (110) پتيءَ جو نالو!

اسين اڪثر عجب کائيندا آھيون تہ استريون پتيءَ جو نالو ڇو ٿيون وارين. شادي ڪرڻ وقت ماءُ بہ ڌيءُ کي ائين چوندي آھي. سس بہ نہ چاھيندي آھي نونھن منھنجي پٽ جو نالو کڻي. ھاڻي دنيا بدلجي ويئي آھي. شان سان استريون پنھنجي پتيءِ جو نالو کڻن ٿيون.

مان اڪثر پنھنجي ڏاڏي ناني کان پڇندي رھندي ھئس!

ھڪ ڏينھن نانيءَ ٻڌايو-

سيني جو نالو کڻندا آھيون. جنھن جو نالو آھي سو نيٺ ھلندو، پتي جيڪو اسانکي پرانن کان پيارو آھي. اسانجي ھر رڳہ رڳہ ۾ وسي رھيو آھي. ھر استري سھاڳڻ ٿي مرڻ چاھيندي آھي. پتيءَ جي لاءِ ۽ پتيءَ جي نانوَ تي سڀ ڪجھہ سھندي رھندي آھي. اُف نہ ڪندي آھي. ھو ھن لاءِ سدائين آھي ئي آھي. ان ڪري اُنجو نالو واريندي رھندي آھي.

مونکي بہ لڳندو آھي.

نالو وارڻ ھڪ سٺي پرمپرا آھي. نہ تہ سڏ ڪري ڪوٺڻ چڻ لڳندو آھي تہ ڪنھن ٻئي کي پيا ڪوٺيون.

## (111)''انتر آتما روپي زيور!''

هڪ گرو پنهنجي شش کي آتم گيان جي سکيا ڏيندو هو. سڀ گهڻي شرڌا ۽ ڌيان سان ٻڌندا هئا. تڏهن ٻه گروءَ جي من ۾ اها اِڇا رهندي آهي تہ ڪو سچو شش نڪري جو ان گيان کي وڌائيندو رهي ڇو جو بنا آتم گيان جي ممت نہ مٽي من جي.''

آخر هڪڙي ڏينهن گروءَ هڪ يُڪتي جو سوچي سيني شش کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين چيائين تہ منهنجي نياڻي اڄي ساماٽي آهي اُن جي شاديءَ لاءِ مون وٽ ڪيس اُڪلائڻ لاءِ نہ زيور آهن ۽ نہ ڌن آهي. حقيقت ۾ سندس مراد هئي تہ پنهنجي ڌيءُ لاءِ ڪو لائق ۽ گياني ور ڳوليان. سو سيني شش کي چيائين تہ هرڪو هڪ هڪ زيور سندر ۽ وٽندڙ ڪٽي ايندو تہ سڀ سولي ٿي پوندي. زيور وٽندڙ ٻہ هجي ۽ ڪنهن کي خبر بہ نہ پوي.

شش جو اهو ٻڌو تہ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهر ويو ۽ قيمتي زيور پنهنجي گهر مان چورائي اچي پنهنجي گروءَ جي اَڳيان پيٽا رکيائون. گروءَ وٽ اڪيچار زيور اچي ڪٺا ٿيا. پر هڪڙو راجڪمار شش هو اُهو اجا ڪونہ آيو هو. گروءَ اجا سوچيو ئي پئي تہ ڏسي پريان راجڪمار اچي پيو. مايوس ۽ وياڪل ۽ سندس هٿن ۾ ڪجهہ ڪونہ هو.

گرو پڇيو، ''مون توکي زيور آڻڻ لاءِ چيو هو پر تون تہ خالي هٿ لوڏيندو آيو آهين. ڇو تون مونکي مدد نٿو ڪرڻ چاهين ڇا؟

راجڪمار نمرتا سان عرض ڪيو ''سائين! مان توهان



جو شرط پورو نہ ڪري سگهيس.'' مان گهر ۾ چوري ڪري نہ سگهيس، ايڪانت مونکي ملي ڪونہ سگهي. ماڻهن کان پري رهڻ سولو آهي پر پنهنجي اندر ويٺل انتر آتما کان نويڪلائي پائڻ ڪٺن آهي. انتر آتما سدا جاڳي اسانجي رهنمائي ڪري رهي آهي، پوءِ مان توهانجو شرط ڪيئن ٿي پورو ڪري سگهيس.''

گروءَ جي اَکين ۾ چمڪ اچي ويئي، مونکي تلاش هئي سچي انسان جي، اُهو مونکي ملي ويو آهي. سونا زيور تہ مٽي آهن. اُن راجڪمار کي پنهنجي گلي سان لڳايو ۽ ڌيءَ پرڻائي ڏنائين.

## (112)اهو شاگرد ڪير هو؟

اسڪول جي هڪ ڪلاس ۾ ماستر پاڙهي رهيو هو. پر ڪنهنجو بہ ڌيان پڙهڻ ۾ ڪونہ سڀ شاگرد ڳالهيون ڪري رهيا هئا. اُستاد ڏاڍو ڪاوڙجي ويو ۽ خارن ۾ اچي سيني کان سوال پڇڻ لڳو سڄي ڪلاس ۾ هڪ شاگرد هو جنهن سوالن جا جواب ڏنا ۽ ماستر ڏاڍو خوش ۽ ٻين سيني شاگردن کي بيهڻ جي سزا ڏني پر اُستاد ڏٺو تہ جنهن سوالن جا جواب ڏنا اُهو بہ بيٺو آهي. ماستر کيس سڏي بيهڻ جو سبب پڇيو. شاگرد جواب ڏنو تہ ''سائين ! مان بہ سزا جي لائق آهيان ڇاڪاڻ تہ مان بہ ڳالهائي رهيو هوس.'' اُستاد شاگرد جي سچائي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شاباس ڏنائين. ۽ سڄي ڪلاس جي سزاا معاف ڪيائين.

خبر اَٿوَ اُهو شاگرد ڪير هو؟ اُهو ٻالڪ نريندر هو جيڪو سوامي وويڪانند جي نالي سان اجا تائين مڃيو وڃي ٿو. هو سوامي رامڪرشن پرمهنس جو شش هو ۽ هن رام ڪرشن مَٺ جو پايو وڌو ۽ ديش وديش ۾ ڀارتي سنسڪرتيءَ کي ڦهلايو.

# (113)گروجن وزن پورو پيا ڪن!

گرو ارجن ديوجن پنجين پاتشاهي جڏهن گُرو گديءَ تي براجمان ٿيا. گيان ۽ ڀڳتيءَ ۾ پورن هئا. سکن جي سک سان سنڀال لهندا هئا، نه رڳو ڀارت ۾ پر ڪٿي ڪٿي جا سک سندن وٽ ايندا هئا ۽ رحمت پائي ويندا هئا گروجن جو ناماچار ٻڌي قابل مان هڪڙو ڪٽارو نالي سِکُ سندن درٻار ۾ آيو! ڏاڍي نماڻائي سان گروجن کي عرض ڪيائين ته ”سچا پاتشاهه! مونتي اهڙي مهر ڪريو جو منهنجا دک ڪتجن ۽ مان سچائيءَ سان پنهنجي زندگي بسر ڪريان ڪنهن سان بي ايماني نه ڪريان.“ گروجن فرمايو- تون پنهنجي ڪرت صحيح نموني ڪندو رهه ۽ ستنام جو جاپ ڪندو رهه ۽ پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪجهه حصو دان ڪندو رهه ته توکي ڪڏهن به نقصان نه پوندو. ڀائي ڪٽارو مال تورڻ جو ڪم ڪندو هو. هو ايمانداريءَ سان سيني کي مال توري ڏيندو هو ۽ هروقت ستنام جو منو نالو سندس زبان تي هوندو هو. هنجو ڏنڌو ويو وڌندو ۽ مشهوري به ٿيندي ويئي پر حاسد ماڻهو هر زماني ۾ ٿيندا آهن اُهي ڪٿي ٿا سهي سگهن. سو جن جي دل ۾ کوٽ هوندي آهي اُنهن کي خيال به کوٽا ايندا آهن.

هڪ ڏينهن ڪنهن چالاڪ ماڻهو سندس ٻَٽ ئي بدلائي ڇڏيا. پنج پئسا گهٽ تور وارا وزن جا ٻَٽ رکي ويا. هو ته نام جي مستيءَ ۾ توريندو ڏيندو ويو پر شڪايت ڪئي گراهڪ ته ڀائي ڪٽارو تور ۾ ٺڳي ٿو.



گهٽ وزن ٿو ڏئي، صوبيدار آيو، جاچ ڪيائين ته برابر سندس وٽ پنج پئسا وزن ۾ گهٽ هئا، ڀائي ڪٽارو روئندي گرو صاحبن کي ٻاڏايو ته منهنجي لڄ رکجو. مان نه ڪيو آهي، الائي اهي ٻَٽ ڪيئن بدلجي ويا. توهين ته سمرٿ آهيو منهنجو ننگ اوهان تي آهي. جاڻي جاڻٺهار پنج پئسا وجهي ٻَٽَ سان وزن پورو پيا ڪن. صوبيدار ۽ ٻين به ڏٺو، هوڏانهن سنگت امرتسر ۾ ڏٺو ته پنج پئسا گروجن ڪڏهن ساڄي هٿ ۾ پيا ڪڻن ته ڪڏهن ڏائي ۾، تڏهن ڪنهن پڇيو گروجن ڪان ته تنهنڪي ٻڌايائون ته ڪٽارو سِکُ راهه گناهه ڦاسي ويو آهي تنهن کي ٿا ڇڏايون. گروجن جا ڪوُتڪ انيڪ آهن. هو شرڌالو سک جي لڄ رکن ٿا.

”مهروان صاحب ميرا مهربان
جيءَ سگل کو ديو ۽ دان
تون ڪاهي ڏولي ۽ پراڻيا
تد راکيگا سرجنهار“

( گرواڻي)

---

★ انسان جي معما ڳڻن سان ٿئي ٿي، نه دولت سان نه عهدي سان.

★ماٺ مٺو ميوو آهي، جيڪو ماٺ رهيو تنهن سڀ پاتو.

★گهٽ ڳالهائڻ ۽ ڪم سان ڳالهائڻ به مؤن آهي.

★ چپ ۾ چئن آهي، ماٺ ۾ مزو آهي.

## (114)مسولين جو پوٽ!

هيءُ ١٩٤٢ جي ڳالهہ آهي. مسولين لڙائيءَ ۾ بري طرح هارايو. جان بچائي پنهنجي پريمڪا کي ٽرڪ ۾ وهاري لڪي سئزرلئنڊ ڏانهن ڀڄي ويو. رستي ۾ پڪڙجي پيا. ڏڙا ڏڙ گوليون هليون ٻئي مارجي ويا. ڪين جوتن جا هار پائي دفنايو ويو. پر هيرن جواهرن ۽ وديشي ڊالرن واري اُها ٽرڪ ڪيڏانهن ويئي، پتو ئي نہ پيو. ڪيترين سرڪارين ۽ جاچ ڪميٽون آيون پر اڄ تائين اُن ٽرڪ جو پتو نہ پيو آهي. مکيہ اڌڪاري اچي حيران ٿيا، ڪوئي پاڳل ٿي ويو، هن پاڻ کي ڦاسي ڏني، ڪن وري آتم هتيا ڪئي.

هڪ ڀيري اڌ رات جو مکيہ اڌڪاري چا ٿو ڏسي ”مسولين گهمي پيو!“

هن چيو ”اڙي مسولين! تون هتي؟“

مسولين جو پوٽ پيو ڪلي- ها- ها- ها منهنجو سرير مري ويو آهي پر منهنجي واسنا ملڪيت جي نہ ويئي آهي. مان اُها پاڙيهي سنپالينڌس تون مونکي چا ڪري سگهندين. سوين ماڻهن جي ٻلي وڻي اڄان تائين مسولين پوٽ بڻجي ڀٽڪي رهيو آهي. اڄان ان جي ملڪيت جو پتو نہ پيو آهي.

لوڀي ڌنوان ڌن تہ ڪنو ڪن ٿا ٻين کي پيڙي ۽ ستائي پر ڌن کي سنڀالي کپي کاڄي وڃن ٿا ۽ پوءِ پريت ٿي نانگہ ٿي ٿا پون!

ڀڳوت گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان اهائي سکيا ڏني آهي تہ هي ناسونت سمپتي جي اسان ست اپيوگہ معنيٰ دان ۾ نہ لڳائي تہ اسان جي اُن واسنا مان جند نٿي ڇٽي- سچو ڌنوان اُهو آهي جنهن نام روپي ڌن ڪنو ڪيو آهي. جيڪو اسان سان ساڻ هلي ٿو.

”ڪبيرا سب جگہ نرڌنا، ڌنونتا نهين ڪوءِ،
ڌنونتا سو جاڻيئي، جاڪو رام نام ڌن هوءِ!



## (115)راجا جنڪ ۽ پاراشر رشي!

راجا جنڪ کي آتم گيان جي چورا ڪوڙا لڳل هوندي هئي سو پيو سيني رشين سان پرشن اُتر ڪندو هو.

پاراشر رشي جڏهن راجا جنڪ وٽ آيو. هن اُنجو جوڳو آدر ستڪار ڪري آسن تي وهاري سوال ڪيو ”ڪلياڻ ساڌن ڪهڙو آهي؟ اُتم گت ڪهڙي آهي؟ اُهو ڪهڙو ڪرم آهي جنهن جو ڦل ڪڏهن بہ ناس نٿو ٿئي ۽ جيو ڪهڙي لوڪ مان هن سنسار ۾ نہ ٿو اچي؟

پاراشر برهم گياني هو تنهن اُتر ڏيندي فرمايو ”آسڪتي جو تياڳہ ئي ڪلياڻ جو بنيادي ڪارڻ آهي. آسڪتي مهاچار آهي. ماڻهو پريوار ۾، پٽن ۾ آسڪتي رکندا آهن. پٽ وڏو ٿي مونکي سک ڏيندو اُنهن کي پٽ دکہ ڏيندو آهي. اهو قدرت جو اٽڙنيم آهي جنهن جي جتي آسڪتي تنهن کي اُتان دکہ اوس ملندو. توهين پنهنجي مترن، پريوار ۽ اولاد ۾ آسڪتي رکندا تہ سکہ جي بدران دکہ، چنتا ۽ نراشا ملندي. پنهنجو سکہ اُنهنتي آڌرت نہ بڻايو. فرض پورا ڪريو پر محتاج نہ بڻجو. ٻين وٽان مليل سکہ ڪيستائين ٽڪندو؟ اندر ٿبي ڏي ۽ ڪجهہ ويچار تہ تون سکہ چاهڻ وارو نہ پر سکہ ۽ مانَ ڏيڻ وارو داتا بڻجي پوندين.“

هي جنڪ ”آتما پرماتما جو گيان ئي سڀ کان اوچي گت آهي. دنياداريءَ جو گيان منش کي ٻڌي ڇڏي ٿو. آتما پرماتما جو گيان انسان کي اُتم گت ڏئي ٿو.“

سيني کان اُتم ڪرم ڪهڙو آهي؟

پنهنجي ڪيل تپسيا ۽ سپاتر کي ڏنل دان اُتم ڪرم آهي. ان ڪرم جو ڦل ڪڏهن بہ ناس نٿو ٿئي.

اڌرم ۽ پاپ ئي انسان کي دکہ ڏئي ٿو، ڀٽڪائي ٿو. جيڪو سيني کي اڀيہ دان ڏئي ٿو تنهنکي اُتم سڌي پراپت ٿئي ٿي. ڪو ماڻهو هزار ڳانيون ۽ سوَ گهوڙا دان ڪري ۽ ٻيو سيني کي اڀيہ دان ڏئي، ٻنهي مان اڀيہ دان وارو سريشٽ آهي.

## (116)ڪالي ماتا وشال- تمام وشال

سوامي رام ڪرشن وٽ هڪڙو انگريز آيو. سوامي جن کي ڪالي ماتا جي پوڄا ۾ سمرن ڪندو ڏنائين ته سوال ڪيائين ماتا جي مورتي ته ننڍي آهي اُنجي ڇو ٿا پوڄا ڪريو؟ هيءُ برهمانڊ اٿاهه آهي. سچ به هن کان وڏو آهي.``

سوامي رام ڪرشن پرمهنس چيو ”سج ڏسڻ ۾ ته اسانجي گرانٽ جيڏو مس آهي. اُن جي منهنجي ماتا سان ڪهڙي ڀيٽ آهي؟

انگريز چيو ”سج تمام وڏو آهي پر پريان ڏسڻ سان ائين ننڍو ٿو لڳي.`` رام ڪرشن پرمهنس نهه ڦهه جواب ڏنو ته ڪالي ماتا کي به تون پريان ٿو ڏسين تڏهن توکي ننڍي ٿي لڳي. مان ته اُنجي گود ۾ وينو آهيان. مونکي ته وشال- تمام وشال ٿي لڳي!

## (117)ڪوي تلسيداس ۽ دنڊي ڪوي!

ڪوي تلسيداس ۽ دنڊي ٻئي ڪوي هڪ ٻئي سان شاستر ارٿ ڪرڻ لاءِ آيا. اُنهنجو فيصلو ڪيو سرسوتي ماتا!

ٻنهي چيو ”ماتا! اسان ۾ سنو ۽ هوشيار ڪوي ڪير آهي؟

”ڪوين ۾ سريشٽ دنڊي ڪوي آهي اُن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي.`` ماتا سرسوتيءَ چيو. تلسيداس ڪاوڙجي ويو تڏهن ماتا چيو ”تو سمجهيو ڪونه، تون منهنجو روپ آهين.``



## (118)نارد ۽ اُنجو اڳيون جنم!

نارد مني پنهنجي اَڳيئن جنم جي ڪٿا ٻڌائيندي چيو ته مان اَڳيئن جنم ۾ ديو داسيءَ جو پٽ هوس، منهنجي ماتا سنت شيوي هئي. هميشه سنتن جي شيوا ۾ تتپر رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن پنڊاري جا برتن صاف ڪري رهي هئي. مان پنجن سالن جو هوس سندس پرسان وينو هوس. ايتري ۾ سنت آيو چيائين ”ائين هٿ ٻڌي ڇو وينو آهين؟ تون به ڪا شيوا ڪر.`` تڏهن مون نمرتا سان پڇيو ته مون لائق ڪا شيوا هجي ته مان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مونکي پيار ڪندي چيو ته ٻچا! تون به شيوا ڪري ٿو سگهين. جيڪي سنت مهاتمائون پوڄن ڪن ٿا اُنهنجي جوٺي پاتل ڪٺي ٻاهر رکيل برتن ۾ وجهندو وڃ، ائين شيوا ڪندي منجهند اچي ٿي. مونکي بکه به ڏاڍي لڳي هئي ته مون سنت جي جوٺي پاتل مان پرساد ڪٺي کاڌو. منهنجو من ڏاڍو پرسن ٿيو. ٻئي سنت مونکي پوڄن آڇيو پر مان مها پرساد کائي ترپت ٿي ويو هوس. گهر آيس اچانک منهنجي زبان مان هيءَ ڏني نڪتي.

”اوم نمو ڀڳوتي واسديوايه``

منهنجي ماءُ اُن ڏنيءَ جو اُچارڻ ڪرڻ کان منع ڪئي.

ماءُ کي پٽ مان دنيوي آسون ٿينديون آهن پٽ شادي ڪري- پوٽا پوٽيون ڏسان، پر ماءُ جي چوڻ تي به مان نه مڙيس، ٿوري گهٽين ڏينهن منهنجي ماءُ پرلوڪ پڌاري. جڏهن منهنجو به وقت پورو ٿيو. مون به سرير ڇڏيو، ٻئي جنم ۾ مان برهما جو پٽ ٿيو آهيان. برهما جي منهنجي هٿ ۾ ويڻا ڏني آهي. مان اُها وڄائيندو سمرن ڪندو رهندو آهيان.

ڇا هر منش کي سرير روپي ويڻا ۽ من روپي تار مليل ڪونهي؟ اسين به سمرن ڪريون، شيوا ڪريون ته اسانجو جيون به سڦل ٿي پوي.

# (119)بال گنگاڌر تلڪ!

نبر ديش ڀڳت جنھن ڀارت جي جنتا کي سجاڳ ڪيو ۽ اھو نعرو ڏنو تہ آزادي اسانجو جنم سڌ اڌڪار آھي.''

سچي جيون پنھنجي اصولن تي اڏول رھيو، ساھري گھر مان سوٽ ڪوٽ، سون مليس تہ اُنھنکي سڌو چيائين تہ پئسا اجايا ٿا وڃايو. جي ڏيڻ ئي ٿا چاھيون تہ ڪتابن جي پيٽي ڀرائي ڏيو تہ ڪتاب پڙھي پنھنجو گيان وڌايان.

سندس ياداشت شڪتي بہ تمام سني ھئي. ڪابہ ڳالھہ ٻڌندو ھو تہ سندس دماغ ۾ کُپي ويندي ھئي.

ياداشت شڪتي وڌائڻ لاءِ سندس پتا ڪيس روز ھڪ سلوڪ سنسڪرت جو لکي اُن پني ٽڪر ۾ ھڪڙو پئسو ويڙھي ڇڏيندو ھو چوندو ھوس جڏھن سلوڪ بر زبان ياد ڪندين تڏھن اھو پئسو توکي ملندو ۽ ائين ھن ڪيترا سنسڪرت سلوڪ ياد ڪيا.

ھڪ ڀيري پيءُ کي ''ڪادمبري'' ڪتاب وٺي ڏيڻ لاءِ ضِد ڪيائين تہ پڻس ڪيس ھڪڙو ڏکيو حساب حل ڪرڻ لاءِ ڏنو. پتا سمجھيو تہ اھڙو ڪٺن حساب ڪري تہ نہ سگھندو پر ھن جي عجب جي حد نہ رھي جڏھن ان حساب کي حل ڪري پيءُ کي ڏيکاريائين ۽ پوءِ تہ ڪيس ''ڪادمبري'' ڪيس وٺي ڏيڻو پيو.

---

**☆ڳلا ھماري جو ڪري متر ھمارا سوءِ.**

**☆جي خيال سان ڳلا لاءِ سوچجي تہ سکيا بڻجي پوي.**



# (120)نيپولين بونا پارٽ!

نيپولين جڏھن پڙھندو ھو تڏھن ڏاڍو غريب ھو. ھو ھڪ حجم جي گھر رھندو ھو. اُنجي پٽني خوبصورت ھئي. نيپولين ڏانھن آڪرشت ٿي ويئي. پر ھو پنھنجي پڙھائيءَ ۾ مشغول ھو. ھن ڏانھن اَکہ کڻي بہ ڪين نھاريندو ھو. ھو پنھنجي اُدم سان پنھنجي مقصد ڏانھن وڌندو رھيو. جڏھن ڪاليج پاس ڪيائين تہ ھو سيناپتي ٿيڻ لاءِ اَڳيان وڌيو. سالن ڪانپوءِ اُن حجم جي گھر آيو. حجم گھر ۾ ڪونہ ھو، ان جي زال کان پڇيائين نيپوليس بونا پارٽ کي سڃاڻين؟ چيائين اُھو تہ اسانجي گھر رھندو ھو. تڏھن پنھنجي سڃاڻپ ڏيئي نيپولين چيو مان اُھو ئي آھيان مان پنھنجي مقصد تي پھتو آھيان. سيناپتي ٿيو آھيان. ھوءَ سمجھي ويئي تہ پنھنجي اُدم ۽ ڌيرج سان ھن عھدي تي پھتو آھي.

# (121)وڪرمادتيہ

وڪرمادتيہ وٽ جوتشي پھتو، اُنھي ڏنو تہ ھيءُ تہ غريب، ڪنگال ۽ بيمار رھڻ گھرجي، ھيءُ راجا ڪيئن ٿي ويو آھي، عجب ۾ پئجي ويو وڪرمادتيہ چيس ڇا پيو ڏسين؟ ڪيس ٻڌايائين تہ توکي تہ راجا ٿيڻو ئي ڪونہ ھو. تون راجا ڪيئن ٿئين؟ چيائين اندرين جوتش ڏس- جوتشيءَ ڏنو تہ ھيءُ پنھنجي پرشارٿ سان راجا ٿيو آھي. جوتشيءَ جون اَکيون ھيٺ ٿي ويون. پرشارٿ کي وڏي اھميت آھي. پڪو ارادو ۽ پرشارٿ انسان کي پنھنجي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

## (122)سياڻو گوپال!

راجا پنهنجي راجڪماري جي سويمور لاءِ سيني کي نينڊ پٽر موڪليا ۽ شرط بہ لکي موڪليو تہ راجڪماريءَ جي شادي اُن سان ٿيندي جيڪو اڻ ٻڌل ڪهاڻي ٻڌائيندو اُن جي راجڪماريءَ سان شادي ٿيندي، گھڻيئي راجڪمار آيا، آکاڻيون ٻڌايائون، شهزادي چوي ٻڌل آهي. ائين سڀ راجڪمار مايوس ٿي واپس هليا ويا.

راجا ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو، هاڻي راجا عام ماڻهن کي دعوت ڏني، گھڻئي عام ماڻهو پنهنجي قسمت آزمائڻ آيا پر سيني کي نراس ٿيڻو پيو ڇو جو جيڪا آکاڻي جنهن بہ ماڻهو ٻڌائي تہ راجڪماري چوي ٻڌل آهي.

آيل ماڻهن ۾ گوپال نالي هڪڙو ڳوناڻو آيو. هو ڏسڻ ۾ سهڻو ۽ ناهوڪو هو. هو ڳانيون مينهون چاريندو هو ۽ ائين پنهنجي ادرپورنا لاءِ ڪمائيندو هو. جڏهن گوپال جو وارو آيو، جيئن ئي ڪمري ۾ گھڙيو، جهڪي راجڪماريءَ کي پرڻام ڪيو ۽ آکاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي.

پنجاهہ سال اڳہ جي ڳالهہ آهي، اسان جا وڏا بہ راجائي خاندان جا هئا ۽ توهان جي پاسي ڪان ئي اسانجو راڄ هو. اسانجو راڄ ننڍو هو پر پرجا خوش ۽ سکي هئي. اسان جي وڏن سان توهان جي وڏن سان سٺا ناتا هئا.

اوچتو هڪ ٻيري دشمن دغا ڪري اسانجي راڄ مٿان حملو ڪيو اسان وٽ لشڪر گھٽ هو. هارائڻ جا آثار صاف پئي ڏسڻ ۾ آيا، هن منهنجي پيءُ کي سڏ ڪري چيو تہ توهان جي محلات ۾ جيڪا روڪڙ، سون ۽ چاندي موتي جواهر آهن هستناپور جي راجا وٽ رکي اچ. سڀ مال ملڪيت ڳوڻين ۾ ڀري توهانجي ڏاڏي وٽ رکي آيو. ان ڳالهہ جي خبر توهانجي ماتا پتا کي بہ آهي. لڙائيءَ ۾ سڀ مري ويا. مان ۽ منهنجي ماءُ اُتان ڀڄي نڪتاسين، ايترو چئي گوپال آکاڻي پوري ڪري راجڪماريءَ ڏانهن نهاريو. هن اها آکاڻي ٻڌائي پنهنجي سياڻپ جو ثبوت ڏنو آهي. راجڪماريءَ سوچيو جي چوان ٿي تہ ٻڌل آکاڻي آهي تہ سڀ مال ملڪيت واپس ڏيڻو پوندو ۽ چوان ٿي اڻ ٻڌل آهي تہ شادي ڪرڻي پوندي- پيار ڀري نظر سان گوپال کي ڏسندي راجڪماريءَ چيو اڻ ٻڌل آکاڻي آهي گوپال ۽ راجڪماريءَ جي ڌام ڌوم سان شادي ٿي. گوپال ماءُ کي محلات ۾ وٺي آيو- خوشيءَ ۽ سکہ سان جيون گذارڻ لڳا!

## (123)گندگي ڦهلائڻ سولي آهي!

ماڻهن گوتم لاءِ هڪ وئشيا خريد ڪئي ٻئي پاسي واري ڳوٺ مان اُها رات جو گوتم وٽ ايندي هئي ۽ ڏينهن جو پنهنجي ڳوٺ ۾ ايندي هئي. هن گوتم ٻڌ مان گيان پاتو- وئشيا ورتي ڇڏائجي ويس.

چاهي گيانيشور هو- چاهي گورا ڪنڀر هو، تڪارام هجي يا ايڪناٿ هجي، وششٺ جي لاءِ بہ نندڪ گھڻو ڪجهہ چوندا هئا. نندڪ ڪنهن کي ڪونہ ڇڏيندا آهن. هو پنهنجو ڪم ڪندا آهن ۽ سنت پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ رهندا آهن.

نندڪ ٻاهرئين گروءَ کي ڏسن ٿا پنهنجي اندر کي نرمل نٿا ڪن. آتم گيان کي نٿا ڏسن.

آتم ڏيئي مان هزارين ڏيئا جوت پائين ٿا پر آتم ڏِئي جي جوت نٿي گھٽجي.

”گرو پاونا آهي. ڪا مورتي ڪونهي.
پاونا شڌ تہ لاڀ ملندو.“

## (124)اسان جي ڀارت جو شان نرالو آهي !

سوامي وويڪانند چڪاگو ۾ جڏهن سناتن ڌرم جو رهسيہ سمجهائڻ لاءِ ويو هو :-اُتي هن جي سمجهائڻ ۾ ايترو تاثير هو جو چوڌاري هن جي واهہ واهہ ٿيڻ لڳي- هر جڳهہ تي ڪيس سڏاتو پي ويو.

هڪ ڏينهن پاڻ پنڌ ڪندي وچي هڪ شمشان ۾ نڪتو تہ ڇا ٿو ڏسي تہ هڪ استري، جنهن جي پتيءَ ڪي شايد اوڏي مهل ئي پوريو ويو هو سو پنهنجي پتيءَ جي قبر تي وڃڻو هلائي رهي هئي.

وويڪانند سوچيو تہ اسين سمجهندا آهيون اسان جون ڀارتي ناريون ئي پتورتا ، ستيون ۽ پتيءَ جي شيوا ڪندڙ آهن پر هيءَ تہ امريڪا جي استري آهي. اُها بہ پنهنجي پتيءَ لاءِ اهڙو پريم ۽ شرڌا رکي ٿي. ڏاڍو خوش ٿيو، وڌي اڳيان ويو ۽ ڪيس پرڻام ڪيائين. اُن استريءَ هن ڪي سڃاتو ۽ چيائين ”تون اُهو ساڌو آهين نہ جيڪو ڀارت مان هتي آيو آهين، مون تنهنجا ليڪچر ٻڌا آهن مان توکي پرڻام ڪريان يا اُلٽو تون ٿو مونکي پرڻام ڪرين.“

سوامي وويڪانند چيو ”ديوي ! توکي پتيءَ جي شيوا ڪندو ڏسي مان خوش ٿيس تہ نہ رڳو ڀارت پر هتي بہ تو جهڙيون پتورتا استريون آهن.“ ان استري نهہ پهہ جواب ڏنو ”نہ-نہ ! مان پتيءَ جي شيوا ڪرڻ ڪونہ آئي آهيان. مان تہ قبر سڪائڻ لاءِ ويني وڃڻي جي هوا ڏيان. اسان ۾ اها رسم آهي تہ جيسين هيءَ قبر نہ سُڪندي تسين مان بي شادي ڪري نہ سگهندس. مونکي شادي ڪرڻ جي جلدي آهي!“

سوامي وويڪانند حيرت مان ڪيس ڏسڻ لڳو ۽ من ئي من ۾ ڀارتيہ نارين ڪي پرڻام ڪيائين. جيڪي اڄ بہ پتورت ڌرم پالن ڪري رهيون آهن، ستيون ٿي رهيون آهن.

اسان جي ڀارت جو شان نرالو آهي.



## (125)ڪوڪا هٽندو وڃ !

هڪ گرهستي جو پٽ سڪيلڌو وچي ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندو، ڪوڙ ڳالهائي، ٻارن کان شيون ڦري کائي، ڏاڍي چنتا ۾ هو. هڪڙوئي پٽ ! اُن جو اهو حال. هڪڙي ڏينهن پنهنجي متر سان ڳالهہ ڪيائين جنهن چيس ڳالهہ بہ ايتري ! هل مان ٿو توکي پنهنجي گروءَ وٽ وٺي هلان، هو توکي پنهنجي ديا سان ڪا راهہ ڏسيندو !

پٽ کي وٺي پنهنجي دوست سان سنت وٽ آيا، سنت نئون ماڻهو ۽ ٻار ڏسي پنهنجي شش کان پڇيائين، جنهن ٻڌايس تہ هنجو هيءُ ٻار ڪوڙ بہ ٿو ڳالهائي، ٻين جون شيون ڦري ٿو کائي، ڪيڏو تا سمجهائين مائٽ پر ٻڌي ڪونہ ٿو ! سنت چيو ”ڳالهہ بہ ايتري ! هڪڙو ڪم ڪريو، جڏهن ڪا اهڙي ڳالهہ ڪري تہ پٽ کي در تي اوڏي مهل ڪوڪو هٽاءِ، جيئن ئي ڪجهہ ڪري بروقت در تي ڪوڪو هٽي، سڀ نيڪ ٿي پوندو. ڇوڪري جي پيءُ کي اها ڳالهہ وڻي سنت ڇوڪري کي بہ سمجهايو اُن بہ مڃيو. بس! پوءِ تہ جڏهن ڪوڙ ڳالهائي، دروازي تي ڪوڪو لڳائي، ائين ڪندي ڪندي سڄو دروازو ڪوڪن سان ڀرجي ويو. وڌيڪ ڪوڪا ڪٽي هٽي سو وٺي ويس سنت وٽ !

جنهن پريم سان سمجهايس ايترا ڪوڙ، ايتريون مستيون ڪيون اتئي جو دروازو ئي ڀرجي ويو آهي. هاڻي ڪٽي بند ڪر تہ عادت لهي وڃيئي، جيئن جيئن هڪ هڪ عادت ڇڏيندو وڃين تيئن دروازي مان هڪ هڪ ڪوڪو ڪڍندو وڃ. ائين من نرمل ٿي پوندو ۽ اهي عادتون پنهنجو پاڻ ڇٽي ويندئون. سنتن وٽ جڳتيون ٿينديون آهن ۽ اسين وشواس رکي اُنهن تي ويچار ڪري هلون تہ نهي پئون. ٻار ويو نهندو ۽ جيئن جيئن ڪوڪا لاهيندو وچي تيئن سندس من وچي شڌ ٿيندو ۽ ائين شپ ڪرمن لاءِ لاڙو ٿيندو ويس!

## (126)مايا ۾ موهجڻ اسنتوش آهي !

ڪسان ٻنيءَ جي ڪنڊ ۾ ويهي حقو جهلي آواز ڪڍي رهيو هو. نلي حقي جي هٿي وڏي. سيٺي پڇيس ايڏي وڏي نلي ڇو رکي اٿيئي؟ چيائين مان وشين ڪان پري رهندو آهيان. ايتري ۾ نگر جو سيٺ آيو پڇيائين ”اتي ائين واندو ويٺو آهين ڪجهه ڪرين ڇو نه ٿو؟

ڪسان چيو ”ڇا ڪريان“؟

”هر هلاءِ کيتي ڪر“ سيٺ چيو.

”پوءِ ڇا ٿيندو؟“

پوءِ اناج پيدا ٿيندو!

پوءِ ڇا؟

اهو وڪڻي ڏهه ٻارهن هزار سال ۾ ڪمائيندين پوءِ ڇا؟

پنج ايڪڙ زمين وٺي سگهندين، ڪجهه زمين تي کيتي ڪندين پوءِ نئدو گهر به ٺاهندين.

پوءِ ڇا؟

پوءِ راج دوت موٽر سائيڪل وٺندين، پوءِ ماروتي وٺندين، آرام سان رهندين. ڪسان ٺهڪ ڏيندي چيو”مان ته هينئر آرام ۾ آهيان، پوءِ ايتري تڪليف ڇو ڪريان؟ سنتوش جهڙو ڌن سڀ کان اُتم ڌن آهي! مايا ۾ موهجڻ، اسنتوش آهي!

آتم ڌن ۾ مست رهڻ سنتوش آهي.



## (127)واهه راجا رنجيتسنگهه!

پنجاب جي راجا رنجيتسنگهه جي ياترا اڳيان وڌي رهي هئي. راجا هاٿيءَ تي، ٻيا ڪي گهوڙن تي ڪي پنڌ اڳيان وڌي رهيا هئا. ڪوي راجا جي مهما ڳائيندا پئي هليا. راجا پارس مڻي آهي، ڪنهن لوهه جي شيءَ کي ڇهي ته سون ڪري ڇڏي.

هڪ ٻڍي اهڙي مهما راجا جي ٻڌي خيال ڪيو ته مان هيترن ڏينهن کان بک مري رهي آهيان. اَن جو داڻو ڪونهي جو ڪٽي پنهنجي پيٽ ۾ وجهان. سڀ ڪوي پنڊت راجا جي ساراهه ۾ چون ٿا ته راجا پارس مڻي آهي سو ڇو نه لوهه جي ننڍي تئي آهي، وڃي هنجي چرنن کي ڇهايان ته تئي سوني ٿي پوندي ته منهنجو ٻڍاپو سک سان گذري ويندو. جهٽ ڊوڙي وڃي جهوپڙيءَ مان لوهه جي تئي کڻي آئي. راجا ڏانهن وڌندي پئي ويئي، گهڻو ئي سپاهين هنکي روڪيو پر هوءَ نه مڙي، اوچتو راجا جي نظر پيئي حڪم ڪيائين هنکي اڳيان اچڻ ڏيو. سپاهين راجا کي ٻڌايو، هوءَ چوي ٿي ٻڌو اتم راجا پارس مڻي آهي مان هن تئيءَ کي راجا جي چرنن سان ڇهائڻ ٿي چاهيان. تڏهن راجا حڪم ڏنو ته هن کان تئي وٺي اوترو سون توري ڏيو. جڙ پارس مڻي لوهه کي سون ٿي ڪري، مان ته چيتن آهيان.

”شاهون ڪي نگاهون ۾ عجيب تاثير هئه

ان ڪي ايڪ نظر سي لوها ڀي سونا هو جاءِ“

## (128)سوامي وويڪانند ۽ واڍو !

سوامي وويڪانند اُپديش ڏيندو هو، ماڻهو ڏاڍي چاهه سان ٻڌندا هئا. هن کي گياني ڪري مڃيندا هئا.

هڪڙو واڍو جڏهن سيني کان سوامي وويڪانند جي ساراهه ٻڌندو هو ته خيال ڪندو هو ته سوامي وويڪانند ڏاڍو هوشيار آهي مان ته ننڍو ڪم واڍڪي جو ٿو ڪريان.

هڪ ڏينهن واڍو سوامي وويڪانند وٽ لنگهي ويو، ۽ ڪائنس پيري پئي آسيس ورتائين سوامي جن هن کان پڇيو ٻچا ! تون ڇا ڪندو آهين؟ هن چيو مان واڍو آهيان، ڪاٺ مان ڪرسي، ميز ۽ ٻيون ڪيترو سامان ٺاهيندو آهيان. سوامي جن خوش ٿيا ۽ چيائون تون ته ڏاڍو ڳُڻي آهين. ويچارو واڍو ڏاڍو لڄي ٿيو ۽ سواميءَ جي چرنن تي مٿو جهڪائي چيو سائين مان ته اٽپڙهيل غريب واڍو آهيان مان ڪيئن هوشيار آهيان، توهين گياني ۽ هوشيار آهيو.

سوامي جن چيس ته تون ڪاٺ مان فرنيچر ٺاهي ٿو سگهين، مان نه ٺاهي سگهندس. مان سوامي رام ڪرشن جو شش آهيان اُنهن جا اُپديش مان ڏيئي ٿو سگهان ڪم ته ڪم آهي اُهو گهٽ وڌ نه ٿيندو آهي. جنهن ڪم ۾ پريوءَ جنهن کي لڳايو آهي. اُهو پوري ايمانداريءَ سان ڪري، اها خاص ڳالهه آهي.

---

**☆سياڻو ماڻهو زبان جو مالڪ آهي، اياڻو اُن جو نؤڪر.**

**☆ ٻين کي اُپديش ڏيڻ جهڙو سولو ڪم ٻيو ڪونهي.**



## (129)رواج ڪيئن ٿا ٺهن !

پيوند پٽ جي شادي ڪرائي. لڪشمي نونهن گهر ۾ آئي، چوڏاري واڌايون وري ويون، شهنايون ۽ ڍولڪ وڳا، لاڏا ڳايا ويا، مٺايون وراهجي ويون.

شاديءَ جا سڳڻ ٻه ٽي ڏينهن هلندا آهن. ڏيوَن کان موڪلائبو آهي. ٻئي ڏينهن مهراج اچي پهتو، پر گهوٽ ماءُ ڪٿي نه پڄي، هيءُ ڪمُ، هو ڪمُ، سو ڦيرا پئي پاتائين. پيوند چيو چاڙ آيس، ٻليءَ جا پونگڙا ٽوڪريءَ هيٺان رکي ٿي اچان.

اهو نئين ڪنوار ٻڌو، اکين سان ڏٺائين ته سندس سس ٻليءَ جا پنج پونگڙا ٽوڪريءَ هيٺان رکيا تنهن کان پوءِ مهراج کي چيائين، هاڻي موڪلايو ڏ ُ يونِ کان.

جڏهن نونهن کي پٽ ڄائو وڏو ٿيو. شادي ڪرايائين ٻئي ڏينهن ڏيوَن کان موڪلائي نه. هوءَ چوي پنج پونگڙا جڏهن ٽوڪريءَ هيٺان رکبا تڏهن ڏيوَ ڪٽبا. ڳولي ڳولي پيا پونگڙا ڪٿي به نظر نه آيا. مهراج ويهي ويهي ٿڪجي پيو مهمان به اچي خفي ٿيا. ايتري ۾ پاڙي مان ڪا وڏي عمر جي عورت لنگهي آئي، هن گهوٽ ماءُ کي چيو وقت کي ڏسبو آهي. تنهنجي شاديءَ پيري ٻليءَ ويم ڪيو هو، پنج پونگڙا هئا. تڏهن تنهنجي سَسُ اهو سوچي ٻليءَ جا پونگڙا ڪنهن شيءَ ۾ ٻوٽ نه وجهن ڪنهن ڪاڏي جي شيءَ کي نوسين نه. ان ڪري اُنهنکي ٽوڪريءَ هيٺان ڍڪي رکيو هئائين، باقي اهو ڪو رواج ڪونهي.

ائين ڪيترا اجايا سجايا رواج پئجي ويا آهن.

## (130)پريوءِ سان ناتو جوڙيون!

هڪ بزرگ وٽ هڪڙو ماڻهو گڏجڻ آيو. حال احوال ڏيئي وٺي رهيو هو تہ ايتري ۾ هيٺان ڪنهن زور سان پڪاريو ”مرليڌر مرليڌر“ مون وٽ جيڪو شخص ويٺو هو مونکي خبر هئي تہ هنجو نالو مرليڌر آهي پر هن ڪو جواب ڪونہ ڏنو، وري وڏي آواز سان سڏ ٿيا ”مرليڌر مرليڌر“ پر هن تڏهن بہ ڪو جواب ڪونہ ڏنو.

مهاتما پڇيس ”جواب ڇو نہ ٿو ڏينس؟“ چيائين مونکي ڪو نہ ٿو ڪوٺي، مان هن جو آواز ئي نٿو سڃاڻان مان سمجهان ٿو بہ ٿي بنگلا پري ڪو ٻيو مرليڌر رهندو آهي، شايد اُن کي ڪوٺي رهيو آهي.“

تڏهن بزرگ سوچڻ لڳو تہ جڏهن اسين دنيوي ماڻهو ٿي ڪري بنا سڃاتل چاتل آواز ڏانهن ڌيان نٿا ڏيون، تہ پريو اسانجا آواز يا سڏ ڪيئن ٻڌندو، جڏهن تڪليف ۾ ايندا‌سين تڏهن ڪوٺيندا‌سين وري وساري پيا گهمندا‌سين تہ پريو اسان جي پڪار ڪيئن ٻڌندو؟

پريوءِ سان پريت جو ناتو جوڙيون، روز روز پڪار ڪريون، اسانجو آواز سڃاڻندو تہ ضرور سڏ ڏيندو.

**”هو سڏ ۾ سڏ ڏيندو**
**مگر هڪ پيرو ناتو جوڙي تہ ڏس !“**

---

**☆جيترو پڙين اُن جي اڌ جيترو ڳالهاءِ، زبان هڪ آهي-ڪَنَ ٻہ !**

**☆ ماٺ ڪرڻ ۾ ماڻهوءَ جا هزار عيب لڪي وڃن ٿا، ماٺ جو مزو وٺي ڏس.**



## (131)پاونا آهي تہ ڪلاڪار آهي!

راجستان ۾ هڪڙو رنگريز ساڙهيءَ کي رڱي چُڙڻ لڳو ٻڌائين تمام سهڻي بيني. اُتان هڪ ودوان لنگهيو، رنگريز جو ڪم ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هن چاهيو تہ پنهنجي پتنيءَ لاءِ مان جيڪر هيءَ ساڙهي هن کان وٺان، وڏي ويو هن وٽ اڳيان ڪيس عرض ڪيائين تہ هيءِ ساڙهي تہ ڏاڍي سٺي ناهي اٿيئي، مان اها وٺڻ ٿو چاهيان مونکي ڏي، قيمت جيڪا تون چوين.

رنگريز مشڪي ڏنو ۽ چيائين تہ هيءَ ساڙهي تہ مان توهانکي ڏيئي نہ سگهندس ڇو جو هيءَ مون پنهنجي پتنيءَ لاءِ رڱي ۽ چُڙي آهي باقي هفتي کن ۾ توهان کي ٻي اهڙي ساڙهي ناهي ڏيئي سگهندس. ودوان کيس ساڙهي رڱڻ جو آرڊر ڏيئي، هفتي کان پوءِ اچڻ لاءِ چئي ويو.

هفتي کان پوءِ اهو سڄڻ ساڙهي وٺڻ لاءِ آيو، ساڙهي ڏسي منهن جو رنگ ئي ڦري ويس، رنگريز کي چيائين  هن ۾ خاص اهڙي سونهن ڪونهي جيڪا مون اڳئين هفتي واري ساڙهي ۾ ڏٺي هئي. هُن جواب ڏنو تہ اها مون پنهنجي پياري پتنيءِ لاءِ ناهي هئي. اُن ۾ منهنجي پاونا بہ شامل هئي. شايد هن ۾ مان اهڙي پاونا پري نہ سگهيو آهيان. ڪم تہ مون ساڳئي نموني ڪيو آهي

جڏهن ڪنهن بہ ڪم ۾ پاونا ملائجي ٿي تہ اها ڪلاڪاري ٿي پوي. ڪرم بہ ٽن نمونن سان ڪيا وڃن ٿا.

هڪڙو ڪامدار، ٻيو ڪاريگر ۽ ٽيون ڪلاڪار.

ڪامدار يعني مزور پنهنجي مزوري وٺڻ لاءِ ڪم ڪندو آهي پر سمجهہ نہ ڪم آڻيندو.

ڪاريگر ڪم ضرور ڪندو پر ٻُڌي بہ ڪم آڻيندو جيئن بهتر ڪري سگهي، ڪلاڪار ڪم ۽ ٻڌيءَ سان گڏ پاونا بہ ملائيندو تڏهن تہ ڪلاڪار سڏبو.

اسانکي پنهنجو هر ڪرم، هر ڪاريہ ڪلاڪار  وانگر ڪرڻ گهرجي تڏهن اسان کي اُن مان آنند جي پراپتي ٿيندي.

## (132)سيٺ ۽ ڪچرالال!

سيٺ جي نوڪري ڪندو هو ڪچرالال، ننڍا وڏا ڪم ڪندو هو ۽ رهندو به سيٺ سان ئي هو.

هڪ ڏينهن سيٺ کي صبح جو سويل جاڳ ٿي، پاڻ جو اُٿيو سو ڪچرالال کي به اُٿاريائين. اهو انساني سڀاءُ آهي پاڻ اُٿندو آهي ته ٻئي کي سمهڻ نه ڏيندو آهي. ڪچرالال اکيون کوليون، سياري جا ڏينهن هئا. ڪيس ڏاڍي اوندهه لڳي، سيٺ کي چيائين هئڙي انڌيري ۾ اُٿي ڇا ڪريان؟ ”اُٿ ته سهين ڪو نه ڪو ڪم نڪري پوندو“ سيٺ چيو.

ويچارو ڪچرالال ڪر موڙي اُٿي ڪڙو ٿيو. ويٺي جهوٽا کاڌائين ته سيٺ چيس ته وڃي ڏسي اچ سج اُڀريو آهي يا نه. هو ٻاهر ويو ڪيس اوندهه ۾ خبر ئي ڪونه پيئي ته سورج اُڀريو آهي يا نه، ويٺو لالٽين ٻُولهڻ، سيٺ پڇيس ڇا پيو ڪرين؟ لالٽين ٿو ٻُولهيان اُهو ٻاري روشنيءَ ۾ ڏسان ٿو ته سورج اُڀريو آهي يا نه؟

سيٺ يڪدم چيو سورج کي ڏسڻ لاءِ لالٽين کڻڙي ڪم ايندءِ.

اهو ته آهي درشٽانت، سڌانت سمجهڻ جهڙو آهي. سيٺ آهي ٻُڌي، پرڪاش نه ڏسي هن کي حڪم ٿو ڪري ته ڏس سُکه روپي سورج اُڀريو آهي.ڪچرالال کي اوندهه نظر آئي. معنيٰ سُکه جي انڀوتي ڪونه ٿي ته لالٽين ٻاري سڀ دنيوي پدارٿ ڪنا ٿو ڪري، ته به هنکي سکه روپي سورج نظر اچي ٿو. پر اُهي سکه ڪڻ پنگر، اچ آهن سپاٽي ڪونهن. ائين پنهنجو جيون پورو ڪري ٿو. پر هڪ ڀيري جي سورج جو سچي سکه جو درشن ٿي وڃي ته سڄو سنسار روشن ٿي وڃي سکه دکه، هاڃي لاپ جهڙا ڀاوَ گم ٿي وڃن ۽ اسانجي ورتي وڃي اُٿي ٽڪي ٿي جنهن جي پرڪاش ۾ اسين سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا. اُها دويه درشٽي هر ڪنهن جي اندر آهي. ڪوجنا اُها ڪرڻي آهي.



## (133)وتايو فقير !

سنڌ جي وتائي فقير جا گهٽيئي ٽوٽڪا پڙندا آهيون ۽ محسوس ڪندا آهيون ته هر هڪ ٽوٽڪي ۾ ڪو نه ڪو گيان جو گفتو هوندو آهي. ان ڪري وتائي جا ٽوٽڪا سپني کي وڻندا اهن. ڪل به ايندي آهي ۽ ڪو نه ڪو اسانجي ٻُڌيءَ کي گيان جو نقطو ڏيئي ويندو آهي.

وتائي فقير کي ته ڪاڏي پيتي جو ڪو هوش ڪونه هوندو هو. جتي مليس اُتي ڪاڌائين، نه ملندو هوس ته رب کي رڙ ڪري ڏوراپو ڏيئي وڃهندو هو.

هڪ ڏينهن وتائي فقير جي ماءُ چيو ته ڪمائين ڪجهه ڪونه ٿو، ڪنهن ڪان روز وٺان اڄ به روٽيءَ لاءِ اٽو ڪونهي. وتائي ٻڌو ته يڪدم پنو پينسل کڻي هڪ مسجد تي چڙهي ويو آڪاش ڏانهن نهاري چوڻ لڳو ”اي خدا. چوندا آهن ته تون سپني کي رزق پهچائيندو آهين . ڪنهن کي بکيو ڪونه سمهاريندو آهين. ڏاڍو چالاڪ آهين، تون به گشا هٽڻ ۾ هوشيار آهين. منهنجي گهر ۾ اٽو ڪونهي هاٽي مان ۽ منهنجي ماءُ ڇا کائون؟ هان وٺ پنو ۽ پينسل لکي ڏي ته تون به ڪٿو آهين ۽ هيٺان پنهنجي صحيح ڪر.

اوڏي مهل ئي هيٺان ڪنهن سڏ ڪيس، گنبذ تان هلي اچ ۽ ڪڻ هيءَ ڪٽڪ جي ٻوڻ.

ٻوڻ ڏسي ڪلي خدا کي چيائين ڏاڍو سياٽو آهين. ٻوڻ ڏيئي پنهنجي عزت بچائي ورتئه. ۽ هيٺ لهي آيو.

## (134)ڏني ڀڳت جا روٽلا !

ڏني، جو غريب ۽ معصوم هو، ان کي ڄاڻ ڪا نہ هئي تہ ڀڳوان ڪٿي آهي؟ ڪهڙو آهي؟؟ ڪيئن ملندو آهي؟؟؟

هو مستيءَ ۾ ڪائي ڀي مست ٿي ڦرندو هو سارو ڏينهن ۽ رات جو سمهي پوندو هو.

هڪ ڏينهن ترلوچن ڀڳت کي ڀڳتي ڪندي ڏٺائين سالگرام جي مورتيءَ کي ارچنا ڪري سينگاري آسن تي رکيائين ۽ کيس ڀوڳہ لڳايائين. سڄي ڪريا ڏسي سمجهي نہ سگهيو تہ هي ڪير آهي ۽ هي ڪري ڇا پيو؟

ترلوچن ڀڳت کان پڇيائين،

”هي ڪير آهي؟ ۽ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟“

ترلوچن جواب ڏنو ”هي سالگرام آهي. مان هنجو ڀڳت آهيان هنجي پوڄا ڪري ڀوڳہ لڳائي پوءِ مان ڀوڄن ڪندو آهيان.“

ڏني جي من ۾ هنجي ڳالهہ گهر ڪري ويئي. ترلوچن ڀڳت کي عرض ڪيائين ”مونکي سالگرام آڻي ڏيو.“

گهڻيئي ڏينهن ليلائيندو رهيو.

ترلوچن ڀڳت چيس ”تون ڇا ڄاڻين؟

جڏهن گهڻو تنگہ ڪيائينس تڏهن ترلوچن ڀڳت هڪڙو پٿر ڪڍي هن کي ڏنو چيائين وٺ هي سالگرام. هو بہ پوري وشواس سان، اعتقاد سان گهرکڻي آيو. ڌوئي صاف ڪري ننڍڙي پنهنجيءَ جهوپڙيءَ ۾ آسن ٺاهي اُتي استاپن ڪري گل ڦل تلڪ لڳائي پوڄا ڪيائين. ڀوڳہ لڳائڻ لاءِ چار روٽلا پچايائين. ہ ڀڳوان لاءِ ہ پنهنجي لاءِ. ٿالهيءَ ۾ وجهي رکيائين ڏسي تہ ڀڳوان ڪائي نٿو. پاڻ بہ نہ کاڌائين. اهڙي نموني ڇهہ ڏينهن هو روٽلا پچائي رکي پر نہ ڀڳوان کائي نہ پاڻ کائي.

ستين ڏينهن ڀڳوان ڀڳت کي بکايل ڏسي پگهلجي ويو. جيئن ئي ڏنو ڀڳت اکيون پوري وينو، ڀڳوان چپ چاپ ٿالهيءَ مان چارئي روٽلا کنيائين ڏني اکيون کوليون هن کي ٻہ هٿڏسڻ ۾ آيا. ٻنهي هٿن ۾ ٻہ ٻہ روٽلا. رڙ ڪيائين، ٻہ منهنجي لاءِ ائين هٿ کان جهلي ورتائين. سالگرام جو درشن ٿي ويس. پوءِ تہ هن جي ڀڳتيءَ ۾ لين ٿي پنهنجو جنم سڦلو ڪيائين.



## (135)جهڙي درشٽي تهڙي سرشٽي !

ڀڳت ايڪناٿ مهاراسٽرا جو مهان ڀڳت ٿي گذريو آهي. سڄو ڏينهن پنهنجو ڪٿا ۽ ڪيرتن ۾ گذاريندو هو.

هڪ ڏينهن رامائڻ جي ڪٿا پئي ڪيائين تہ سنگت کي ٻڌايائين تہ جڏهن هنومان اشوڪ واٽڪا ۾ ماتا سيتا جو درشن ڪرڻ ويو ۽ جيڪا مُنڊي شري رامچندر کيس ماتا سيتا کي نشاني طور ڏيڻ لاءِ ڏني هئي. جڏهن اشوڪ واٽڪا ۾ پهتو تہ واٽڪا اتي سندر هئي ۽ اڇا گل چوڌاري جهومي رهيا هئا. جيئن ئي اڇا گل ڏٺائين تہ هنومان کي جهٽڪو آيو ۽ سوچڻ لڳو تہ گل تہ ڳ اڙها هئا هيءُ اڇا ڪيئن ٿو چوي؟

هنومان شري رامچندر جو پرم ڀڳت آهي. اڄ تائين جتي رام ڪٿا ٿيندي آهي هو ان آستان تي ڪنڊ ۾ اچي ويهندو آهي. جڳهہ نہ ملڻ جي حالت ۾ هو جوتن چمپلن ۾ وهڻ ۾ بہ نہ هچڪائيندو آهي.

شري ايڪناٿ جي رام ڪٿا ٻڌڻ لاءِ بہ اُتي وينو هو. اڇا گل ٻڌي رڙ ڪيائين ۽ چيائين سنت ايڪناٿ اُتي تہ ڳاڙها گل هئا، تو اڇا ڪيئن چيا؟ ٻنهي جو پنهنجي ڳالهہ تي زور هو. جنهن جيڪي ڏٺو هو اُهو پئي ورنن ڪيو. هنومان سوچيو سري رام کان پڇجي پر سوچيائين تہ شري رام تہ اُتي هئو ئي ڪونہ، ماتا سيتا کان پڇجي. ماتا سيتا کي عرض ڪيائين تہ هي اشوڪ واٽڪا ۾ گل تہ ڳاڙها آهن. پوءِ سنت ايڪناٿ اڇاڪيئن ٿو چوي؟

ماتا سيتا وراڻيو تہ گل اڇا بہ آهن تہ ڳاڙها بہ آهن. هنومان عجب ۾ پئجي چيو ”اهو وري ڪيئن؟

سيتا ماتا جو جواب هو تہ ”سنت ايڪناٿ آهي شانت سروپ ان ڪري اُن کي اڇا ٿا ڏسڻ ۾ اچن ۽ توکي آهي راوڻ تي ڪروڌ تہ مونکي ڇل ڪري ڪڍي اچي هتي وهاريو اٿس ان ڪري توکي ڳاڙها ٿا ڏسڻ ۾ اچن.“

تڏهن تہ چوندا آهن تہ جهڙي جنهنجي درشٽي هوندي ان کي اهڙي ئي ٻاهرين سرشٽي ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

## (136)سچ به ڪوڙ تي پوندو آهي !

منو وگيانين سڌ ڪيو آهي ته هڪ ئي سچي ڳالهه ست ماڻهو ڪوڙي ڪوڙي ڪري چون ته اُها سچي ڳالهه به ڪوڙي تي پوندي آهي.

هڪڙو ٻڪرار ٻڪري وٺي پئي ويو ته ڪيس ڳاهه ڪارائي اچي ڪير ڏهندس، ٻڪريءَ جو کير هلڪو ۽ جلد هضم ٿيندو آهي. ان ڪري ته ٻڪري پالي اٿم.

سَت ماڻهو گوشت کائو گوشت جي ڳولها ۾ نڪتا ڏٺائون ته هيءُ ٻڪرار ٻڪري وٺي پيو وڃي. خيال ڪيائون ڇو نه هن کان ئي ٻڪري ڦري وڃي حلال ڪريون سو هن کي گهيري بيهي رهيا. ”اڙي ڀائي ڪيڏانهن پيو وڃين؟ هن چيو ”وڃان ٿو هن کي ڳاهه ڪارائڻ پوءِ اچي هن جو کير پئيندس.“

هنن نهه ڦهه چيو ” هيءَ ته ڪتو آهي“ ”نه نه هيءَ ٻڪري آهي“ هن جواب ڏنو وري ٻئي ڀيرئين کي ٽيڪو ڏنو ته هيءُ ڪتو آهي. وري ٽئين چيو، اهڙي نموني ستن ئي زوردار نموني چيو ته هيءُ ڪتو آهي. هو ڀرمجي ويو ۽ هنن جي چوڻ کي سچ سمجهڻ لڳو ۽ ٻڪري ڇڏي اُٿي ڀڳو.

## (137)لڪشمي ۽ شني گرهه !

جڏهن سمندر منٿن ٿيو. چوڏهان رتن نڪتا اُتان شني ۽ لڪشمي به مليا. ٻنهي ۾ واد وواد ٿيو. شني چوي مان وڏو لڪشمي چوي مونکان سواءِ ڪنهنجو ڪم نه هلندو. آزمائي ڏسو !

لڪشمي ۽ شني جو واد وواد وڌي ويو. ٻئي شري وشڻو ڀڳوان وٽ ناهه ڪرائڻ لاءِ ويا، وشنو ڀڳوان سوچيو ته شنيءَ کي ٿو وڏو ڪريان ته لڪشمي تي ناراض ٿئي. جي لڪشمي کي ٿو وڏو ڪريان ته شني ناراض ٿيندو ۽ سادي ست وري لڳائي ڇڏيندو. سو يُڪتيءَ سان ٻنهي کي راضي ڪيائين. لڪشميءَ کي چيائين تون ايندي سٺي لڳندي آهين ۽ شنيءَ کي چيائين ته تون ويندي سٺو لڳندو آهين. ٻئي خوش ٿيا.

سچ به آهي لڪشمي ايندي آهي ته دنيا جا ماڻهو خوش ٿيندا آهن ۽ شني گرهه ويندو آهي ته ماڻهو خوش ٿيندا آهن.



## (138)ڪوهنور جو هيرو انگلنڊ ڪيئن پهتو !

پنجاب جو راجا تمام نڱڙت وارو ۽ دين ديالو هو. ڪنهنجو به ڏک سهي نه سگهندو هو. پريو ڀاڳيو هو. ڪوهنور جو هيرو به هن وٽ هو، جو سندس ننڍو پٽ ڳلي ۾ پائي گهمندو هو.

انگلنڊ جي راڻي وڪٽوريا ان هيري جي کوج ۾ ئي ڀارت گهمڻ آئي، گهٽيئي واجهه وڌائين پر پتو نه پيس. آخر ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ پنجاب ويئي ته ڏسي هيرو راجا رنجيتسنگهه جيڪو ننڍو ٻار هو اُن جي ڳلي ۾ پيو آهي، هو مست ٿي پئي گهميو. راڻي وڪٽوريا سوچڻ لڳي ته هيءُ ته ڪوهنور هيرو آهي. راجا پنهنجي پٽ کي ڳچيءَ ۾ ڪيئن پاتو آهي؟

سندس دماغ ۾ خيال اچي ويو ته ڇو نه هن جي پٽ کي پاڙهڻ ۽ سيکارڻ لاءِ انگلنڊ وٺي وڃان ۽ ان بهاني هيرو به هٿ ايندو.

ان خيال کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن پئي اندر ۾ ويچار ڪيو ۽ گهاٽ گهڙيو.

آخر هوءَ پنهنجي يوجنا ۾ ڪامياب ويئي. هن جي پٽ کي وٺي انگلنڊ رواني ٿي ۽ ائين اسانجو ڪوهنور هيرو انگلنڊ ۾ رهيو ۽ اجا تائين اُتي آهي.

---

★ **پين کي خوش ڏسي خوش ٿين ته سمجهه حسد تو وٽان ڀڄي ويو.**

★ **ماڪوڙي وانگر ٿيءُ ڌيرج وارو نه ڏينڀوءَ وانگر جو سڀ کي ڏنگي ٿو.**

★ **گهري ننڊ خوشيءَ جو خزانو آهي.**

## (139)ماتا سمترا جي لڪشمڻ لاءِ عجيب سکيا !

ڪيڪئيءَ جي وچن وٺڻ جي ڪري راجا دسرٿ کي راڻي ڪيڪئيءَ کي ٻه ور ڏيڻا پيا. هڪڙو ته رام چوڏهن سال بنواس ويندو ۽ ٻيو ته ڀرت منهنجو پٽ راڄ گديءَ تي ويهندو. پهريون ور ٻڌي راجا نراس ٿي ويو. کيس چيائين ته ٻيو تنهنجو ور مونکي قبول آهي. ڀلي راڄ سنگهاسن ڀرت کي ملي پر شري رام منهنجو اکين جو نور آهي اُنکي بنواس نه موڪل- پر ڪيڪئي ڪونه مڃيو.

شري رام جڏهن پنهنجي بنواس وڃڻ جو ٻڌو هڪدم پيءُ جو وچن پالڻ لاءِ تيار ٿيو. سيتا به شري رام تي زور وجهڻ تي بن ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي. شري لڪشمڻ به وڃڻ جي تياري ڪئي. تڏهن شري رام کيس چيو”ماتا کان موڪل وٺي اچ. هنجي آشيرواد کانسواءِ ڪئين هلندين؟“

لڪشمڻ شري رام جي آگيا مڃي پنهنجي ماءُ سمترا وٽ آيو. کيس پرڻام ڪري پڇيائين اما ! مان شري رام جي شيوا ۾ بنواس وڃان؟

”ڇو تون مونکان پڇڻ آيو آهين؟“

”توهين منهنجي ماتا آهيو، ان ڪري توهان“ کان آگيا ۽ آشيرواد وٺڻ آيو آهيان.

پٽ ! مان ته ڀاڳ کي وڏڀاڳي سمجهنديس جي تون پريو رام سان بن ۾ وڃي سندس شيوا ڪندين. مونکي توتي فخر ٿيندو. پر مان توکي صلاح ٿي ڏيان ته پنجن دوشن کان پري رهي پريو رام جي شيوا ڪجانءِ.

سمترا چيو ”موهه، ممتا، ڪروڌ، ايرکا ۽ ايمان، سڀني ۾ به اُنهن



جي وس نه ٿجاءِ. هر طرح وڪارن جو تياڳ ڪري من، وچن ۽ ڪرم سان شري سيتا رام جي شيوا ڪجانءِ.

پٽ ! پهريون دوش آهي ممتا، توکي ڪيترا ئي ملندا پر ڪنهن سان به آسڪتي نه رکجانءِ. پريت ته هڪ رام سان رکجانءِ.

ٻيو دوش آهي ڪروڌ-ڪڏهن به تنهنجي من مطابق نه ٿئي ته ڪروڌ نه ڪجانءِ. اهڙي ڪا اڇا نه ڪجانءِ جنهن مان ڪروڌ پيدا ٿئي.

ٽيون دوش آهي ايرکا- پريو ڪنهن کي به وڌيڪ پريم ڪن ته تون ايرکا نه ڪجانءِ. ساڙ نه ڪجانءِ، پر اُن کي وڌيڪ پريم ڪجانءِ.

چوٿون دوش آهي ايمان. ڀاڳ ۾ شيوا جو سدگڻ جو ايمان نه آڻجانءِ. اُنهن کي  شري پريو رام جي ڪرپا سمجهجانءِ.

پنجون دوش آهي موهه. ڪنهنجي موهه ۾ نه ڦاسي پئجانءِ، وڻندڙ هجي چاهي اڻ وڻندڙ ٻنهي ۾ ڀڳوان جو سهارو وٺجانءِ.

ڪپٽ رهت ٿي شري رام جي شيوا ڪجانءِ.

لڪشمڻ ! جتي رام اُتيئي ايوڌيا آهي.

سڀني جا نسوارٿ سکا ۽ ٻنڌو آهن اُنهن سان گڏ ڀلي بن ۾ وڃ ! هي پٽ مان تو تان ٻلهار وڃان.

**पुत्रवती युवती सोई । रघुपति भगत जस होई ।।**
**नतरु वांझ भलि बादि बिआनी । राम बिमुख सुत ते हित जानी ।।**

**(رام چرت مانس)**

سنسار ۾ اُها نينگري ڀڳن واري آهي جنهنجو پٽ شري رام جو ڀڳت آهي. جنهنجو پٽ ڀڳوان کان بي مک آهي تنهن جو سنتان رهت هجڻ سنو آهي. سڀني ڀڄن جو وڏو ڦل اهو ئي آهي ته شري سيتا رام جي چرڻن ۾ سڀاويڪ پريم هجي! پٽ ! تون اهو ئي ڪجانءِ جنهن سان رام کي بن ۾ ڪشٽ نه ٿئي.

## (140) گرو ۽ شش

پنج پانڊوَ ۽ سؤ ڪوروَ گرو دروڻاچاريه ڪان سکيا وٺندا هئا. هڪ ڏينهن دروڻا چاريه ارجن ۽ سيني ششن کي پاڻ سان نديءَ ڪناري وٺي ويا. اُتي هڪ بڙ جي وڻ هيٺان ويهي رهيا. ارجن کي چيائون ٻچا ! مان پنهنجي ڌوتي آشرم ۾ وساري آيو آهيان، وڃي اُها کڻي اچ.''

ارجن آشرم ۾ ويو. گرو دروڻاچاريه ٻين ششن کي ٻڌايو ته ٻاهرين ڌنش ۽ گدا ۽ ٻين هٿيارن ۾ شڪتي ته آهي پر منتر ۾ اُنهن ڪان گهڻيون وڌيڪ شڪتيون آهن. منتر جپيندڙ اُن جو مهاتم ۽ وِڌِي طريقو سمجهي سگهي ته هو منترن جي اٿاهه شڪتيءَ جو انڀو ڪري سگهندو. هينئر توهان جي سامهون ئي مان هڪ ٻاڻ تي منتر جپ ڪري هن وڻ جي هر هڪ پن ۾ سوراخ ڪري سگهان ٿو.

دروڻاچاريه ان ئي وقت ڌرتيءَ تي هڪ منتر لکيو. هڪ تير تي منتر پڙهي جپ ڪري اُهو تيرِ ڇوڙيو. اهو تير هر هڪ پن تي سوراخ ڪندو ويو. اهو ڏسي سڀيئي واڻڙن وانگر ڏسندا رهيا.اُن کانپوءِ گرو دروڻاچاريه ۽ سڀ شش سنان ڪرڻ ويا. ايتري ۾ ارجن واپس اچي ويو ۽ هن جي سڌي نظر بڙ جي وڻ ڏانهن ويئي. اڙي هي ڇا ٿي ويو....مان ويس تڏهن ته پنن ۾ سوراخ ڪو نه هئا.... لڳي ٿو مان آشرم ڏانهن ويس ان وقت گرديو سيني کي ڪو رهسيه ٻڌايو آهي. رهسيه ٻڌايو آهي ته ان ۾ ڪوئي سوتر شروعات به هوندو ۽ ڪوئي نشان به هوندو.... ارجن هيڏانهن هوڏانهن جاچيو ته هڪ هنڌ ڌرتيءَ تي لکيل هو ته وڻ ۾ سوراخ ڪرڻ جي سمرتي رکڻ وارو اديت منتر.... هن اهو منتر پڙهيو،



سمجهي ويو ۽ پڪو ارادو ڪيو ته منهنجو هي سنڪلپ ساڀيا ٿيندو. ارجن تير ڪنيو ۽ منتر پڙهي ڇڏي ڏنو. بڙ جي وڻ ۾ هڪ هڪ سوراخ ته هئو ئي، ٻيو سوراخ ٿي پيو. ارجن ڏاڍو پرسن ٿيو ته گروءَ سيني کي جيڪا وديا سيکاري اها مون پائي ورتي.

سنان ڪري جڏهن دروڻاچاريه ۽ سڀ شش موٽيا ته سيني ڏٺو ته وڻ جي پنن ۾ ٻيو به سوراخ هو، ٻيو ڪنهن ڪيو؟

دروڻاچاريه پڇيو ته ٻيو سوراخ توهان مان ڪنهن ڪيو ڇا؟ سيني چيو، نه اسان ته نه ڪيو.

دروڻاچاريه ارجن ڪان پڇيو ٻيو سوراخ تو ڪيو؟ ارجن ٿورو ڏڄي ويو، پر ڪوڙ ڪيئن ڳالهائي. پريوڳ ان ڪري ڪيو جو توهان کان پڇي توهان جو وقت نه وڃايان ڇو نه مان پاڻ ئي سکي وٺان گرو جي ! غلطي ٿي ويئي هجي ته معاف ڪجو.

دروڻاچاريه چيو. نه ارجن! تو ۾ جڳياسا آهي. سکڻ جي تڙڦ آهي ۽ منتر ۾ وشواس آهي تو همت ڪئي-ڪوشش ڪئي ڪامياب به ٿئين. تون منهنجو سپاتر شش آهين. ارجن! تون ڌنرڌاري آهين. ٻئيجو تيڻ مشڪل آهي. سڦلتا اُدم ڪندڙن کي ئي ملندي آهي.

---

**★ڪرندو اُهو جو ڪُڏ تي ويٺو آهي، زمين تي ويٺل کي ڪهڙو پوءُ.**

**★ اهنڪار جي ويگه سان دل جي بتي اُجهامي ٿي وڃي.**

**★انساني عقل جهڙو ڪو تيز پکي ڪونهي.**

**★غريبي لٽاڄي نٿي سگهي، شاهوڪاريءَ کي خطرو آهي.**

## (141)ٻہ ڀائر !

هڪ ڪٽنب ۾ ٻہ ڀائر هئا. برهمڻ جا پٽ هئا. پيءُ تہ گذر ڪري ويو هو. وڏي ڀاءُ برهمڻ جو ڪم ڪري، محنت ڪري ننڍي ڀاءُ کي پاڙهيو. ننڍو ڀاءُ پڙهيل، شادي ڪري وڏي ڀاءُ کان ڌار ٿيو.

اُتان جو راجا ننڍي ڀاءُ کي هر وقت ڪارجن ۾ گهرائيندو ۽ خوب ڌن ڏيئي هن کي خوش ڪندو. هو شاهوڪار ٿي پيو. وڏو ڀاءُ اُهو ئي برهمڻ جو ڪم ڪندو هو.

هڪ ڏينهن وڏو ڀاءُ راجا وٽ آيو ۽ کيس چيو تہ منهنجي ننڍي ڀاءُ کي توهان مالا مال ڪيو آهي ۽ مان غريب ٻن ويلن لاءِ محتاج آهيان.

راجا هن کي چيو تہ تنهنجو ننڍو ڀاءُ پڙهيل آهي ان ڪري هن جو قدر ڪيو ٿو وڃي. وڏي ڀاءُ راجا کي چيو، راجا سلامت ! هو برابر پڙهيل آهي پر منهنجي سوال جو جواب نہ ڏيئي سگهندو. راجا ننڍي ڀاءُ کي گهرايو. پهرين ننڍي ڀاءُ وڏي ڀاءُ کان سوال پڇيا جيڪي برهمڻ وڏيءَ جا هئا ۽ وڏي ان جا جواب ڏنا. راجا جي چوڻ تي وڏي ڀاءُ ننڍي ڀاءُ کان سوال پڇيو تہ هن پٽي تي هڪ وڏو گول آهي ۽ هڪڙو ننڍڙو. ٻڌاءِ اُهي چا آهن؟ ننڍي ڀاءُ هار قبول ڪئي. راجا اُن جو مطلب وڏي ڀاءُ کان پڇيو وڏي ڀاءُ چيو ”جئيندا قبلا، توهان جي ڏنل ڌن جي زور تي هي طعام ٿو کائي ۽ مان غريب بصر سان ماني ٿو کاوان. هي وڏو گول ماني آهي ۽ ننڍو بصر آهي. جواب ٻڌي راجا خوش ٿيو. تنهن کان پوءِ ٻنهي کي دکشڻا ورهائي ڏيڻ جو فيصلو ڪيائين.



## (142)سنت گيانيشور ۽ گياني چانديو !

سنت گيانيشور مهاراشٽرا جو مهان سنت ٿي گذريو. هن کي ننڍي عمر ۾ ئي سڄي گيتا ياد هئي. ماڻهن اعتبار ڪو نہ ڪيو، کيس چيائون هن ڍڳي کي گيتا ٻڌائي ڏيکاري عجب اهڙو ٿيو جو هيءُ وڃي گيتا جو پاٺ ڪندو تہ ڍڳو بہ ساڻس پاٺ ڪندو وڃي. ماڻهو ڏسندا رهجي ويا. سنت گيانيشور کي مڃڻ لڳا. اُهو اهڙو گياني ٿيو جو پندرهن سالن جي عمر ۾ گيانيشوري لکي پوري ڪئي. اڄ تائين ان مها گرنٿ جي ساراهہ ڪندا آهن. لکيل مرهٽيءَ ۾ هئي تنهن کي شري لڇمڻ هردواڻي ديوناگري سنڌي ۾ ترجمو ڪري سڀني سنڌين سان ڀال ڀلايا آهن.

تپسوي چاند ديو کي عجب لڳو تہ هن اها ڪيئن سڪي هوندي. هن جي پريڪشاوڻ گهرجي. گيان گيان ٿيندو آهي. جاتي پاتيءَ جو ڀيد ڪونہ ٿيندو آهي. پر چانديو پريڪشا وٺڻ جو نشچو ڪيو هو، سوچيائين تہ هن کي پٽر لکان جڏهن ڪاغذ قلم کنيائين منجهي پيو چا لکان؟ ”پٽ“ نہ-نہ- ”سنت“ نہ نہ سوچي سوچي قاصد کي خالي پنو ڪجهہ لکڻ کانسواءِ سنت گيانيشور ڏانهن موڪلي ڏنو.

سنت گيانيشور اُٿلائي پٺلائي ”ڏنو، ڪجهہ بہ لکيل ڪونہ هو. تنهن تي جواب لکي موڪليو تہ تو سوين ورهيہ تپسيا ڪئي آهي پر تہ بہ تون ڪوري جو ڪورو رهيو آهين. تو گيان جو انڀوُ ڪونہ ڪيو تپسوي چانديو آگ ٻبولا ٿي ويو. ڪاوڙ ۾ اچي شينهن تي چڙهي ڪاريهر نانگ جو ڏنڊو ڪٽي هليو گيانيشور سان وڙهڻ.

گيانشور جيئن ئي نانگ سان وار ٿيندو ڏٺو تہ يڪدم ڪاريهر نانگ کي پنهنجي هٿ ۾ ورتو.

چانديو حيران ٿي ويو ماڻهو تہ چا پر جيو جنت بہ هن جي وس ۾ آهن. اچي اهنڪار ڇڏي سنت گيانيشور جي چرنن ۾ ڪريو.

# (143)موت اڻ ٽر آهي !

**''وِئي سا وِئي، باقي رکہ رهت سان،**
**سامي سپرين کي اندر ڏس پيهي،**
**مانکا ديهي، موٽي ملندءِ کين کي.''**

هڪ ڪاسائيءَ وٽ ڪيترا ئي ٻڪر هئا. هرروز هڪ ٻن ٻڪرن کي حلال ڪندو هو. هڪڙو ٿلهو ٻڪر اهو ڏسي پيو ڪنبندو هو، منهنجو بہ اهو ئي حال ٿيندو.

آخر هڪ ڏينهن هن جو بہ وارو آيو. ڪاسائيءَ هن جا وار ڪٽي ڇڏيا. ان ڏينهن هن کي گراهڪ ڪونہ مليو سو ان ڏينهن هن کي ڇڏي ڏنائين. ٻڪر خوش ٿيو تہ مان اڃا بچيو رهندس پر ٽئين ڏينهن ڪاسائي هن کي بي رحميءَ سان وار ڪٽي ڇرو گهمائي ئي ڇڏيو.

اهو تہ آهي درشٽانت !

سڌانت اهو آهي تہ ڪال روپي ڪاسائيءَ ڪيترن کي حلال ڪيو آهي. ڪيترا ئي ڪٽنب جا پاتي حلال ڪيا اٿس. اڄ ماءُ کي وٺي ويو پيءُ کي وٺي ويو. پاڙيسرين کي وٺي ويو. هرروز ڪيترن کي وٺي ويو آهي ۽ اڃا گهڻا وٺندو ويندو.

ڪو روڳہ پڪڙيندو آهي تہ سمجهندا آهيون اجهو ٿا مرون. بچي ويندا آهيون تہ ڪال روپي ڪاسائيءَ کي وساري وهندا آهيون. اُن جو ڇا ڪجي؟ هاڻي بہ سڄاڻ ٿيءُ. هيءُ هميشه جو مڪان ڪونهي هتان هلڻو ئي آهي. چو نہ آتم سروپ کي کوجڻ جو يتن ڪريون.

**''من تون جوت سروپ هيءَ، اپنا مول پڇاڻ''**

**(گرواڻي)**



# (144)راجا يياتي !

راجا يياتي جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هو تمام ڀلو راجا هو. پرجا جي پرگهور بہ چڱيءَ طرح لهندو هو. ٻيا بہ انيڪ شڀ ڪاريہ ديش ۽ ماڻهن جي ڀلي لاءِ ڪندو رهندو هو.

ڀڳوان مٿس راضي ٿي اِندر ڀڳوان جي گادي ڏيئي ڇڏي. هو ڏاڍو خوش ٿيو پر اندر ديوتا پنهنجي گادي وڃائي ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ پيو سوچيندو هو تہ آخر هن کان پنهنجو تخت ڪيئن حاصل ڪريان؟

سڀني ديوتائن وٽ ويو. هڪ هڪ کان پڇڻ لڳو تہ آخر مان ڪيئن پنهنجي وڃايل گادي هٿ ڪريان.

هر ڪنهن ديوتا پنهنجا پنهنجا طريقا ٻڌايا پر سڦل ڪونہ ٿيو. آخر گڻپتيءَ کي عرض ڪيائين تہ آخر مان اهڙو ڪهڙو ڪم ڪريان جو مان پنهنجو تخت وري ماڻيان.

گڻپتي مهاراج چيس تہ ڳالهہ بہ ايتري تون هن جي ساراهہ ڪندو رهہ. ساراهہ ٻڌي ٻڌي هن کي اهنڪار ٿيندو. اهنڪار سڀني کي ڪيرائڻ وارو آهي. ٻئي ڏينهن اندر ديوتا هن وٽ ويو.

هن کان پڇيائين ''آخر اهڙو مهان ڪيئن ٿئين؟ تو ڇا ڪيو آهي؟'' راجا يياتي ويو هن کي پنهنجا شڀ ۽ ڀلا ڪم ٻڌائيندو. وچ وچ ۾ اندر ديوتا چوي ''اڇا ! توهان ايترا شڀ ڪرم ڪيا آهن. حق تي توهانکي ڀڳوان ايترو مانُ ڏنو آهي.''

جيئن جيئن ساراهہ ٻڌي وڃي ڦوند ۾ پربو ۽ وڃيس اهنڪار وڌندو.

ائين تہ پنج ئي وڪار ڪيرائيندڙ آهن پر سنت چوندا آهن تہ اهنڪار جو وڪار سڀني کان ڏاڍو آهي، ٻلوان آهي.

اُن ٻلوان اهنڪار يياتيءَ کي بہ ڪيرائي وڌو ۽ اِندر جي گادي اندر کي واپس ڏيڻي پيس!

## (145)صوفي درويش !

هڪ صوفي درويش سالن کان پنج نمازون نيم سان ڪندو هو. مينهن هجي، گرمي هجي يا ٿڌ هجي. بيمار هجي چاهي ٻاهر وڃي ته به نيم ڪونه ڇڏيندو هو. ٨٤ سالن جو اچي ٿيو.

هڪ ڏينهن آڪاش واڻي ٻڌائين اي صوفي درويش تو گهڻيئي سال نيم سان نمازون پڙهيون آهن پر تنهنجي هڪ به نماز قبول ڪونهي. هو درويش ذڪر ڪرڻ جي بدران ٺهڪ ڏيئي کلي رهيو هو.پاسي ۾ جيڪو مولوي ويٺو هئس تنهن پڇيس ”تو آڪاشواڻي ٻڌي؟“

صوفي درويش ”ها ٻڌي اٿم؟“

تڏهن توکي ذڪر ڪونهي ته ”تنهنجي هيترن سالن جو نيم ۽ محنت اجائي ويئي“ مولوي وري پڇيس.

مشڪندي جواب ڏنائين ”ذڪر ڇو ڪريان؟ مان ته پاڻ خوش ٿيو آهيان ڇو جو گهٽ ۾ گهٽ خدا مونکي سڃاڻي ته ويو آهي. منهنجي لاءِ اهو بس آهي. قبول ڪري يا نا ڪري اُها ته سندس مرضي. خبر ته اٿس نه ته مان روز ٥ نمازون پڙهان ٿو. اهو بس آهي منهنجي لاءِ. مولوي جواب ٻڌي دنگ رهجي ويو.

**روزا ۽ نمازون ايءُ پڻ چڱو ڪمُ،**
**اُوُ ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.**
(شاهه)



## (146) تڪارام پڳت !

پڳت، جيڪو مهاراشٽرا ۾ مهان پڳت ليکيو ويندو آهي. جنهن جي مرهٽي ڀاشا ۾ ڪيتري واڻي لکيل آهي اڄ به مرهٽا هن جا ”اينگ“ ڏاڍي چاهه سان ڳائيندا آهن. اسين به سندس هڪ پڄن اڳي ڳائيندا هئاسين:-

**जेका रंजले गांजले त्यासि म्हणे जां आपले**
**तुका म्हणे सांगो किती, तोचि भगवंता ची मूर्ति ।**

گوندولي ڳوٺ ۾ گٽپتي نالي ٻار جو جنم ٿيو. جڏهن وڏي هو ١٢ سالن جو ٿيو ته تڪا مائي (تڪارام کي سڀ تڪا مائي سڏيندا هئا) وٽ اچي پرارٿنا ڪيائين ته مونکي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو، مان هتي شيوا پيو ڪندس. تڪا مائي جيئن ئي هن ڏانهن نهاريو ته هن کي لڳو ته هي ڪو رواجي ٻار ڪونهي. هن کي گٽو ڪري ڪوٺيندو هو ۽ هو به تڪا مائي لاءِ پوڄن تيار ڪندو هو، صفائي مندر جي ڪندو هو. بابا جن هن کي پيار به ڏاڍو ڪندا هئا. پر جي هن کان غلطي ٿيندي هئي ته مار به ڏاڍي ڏيندا هئس. اهو ڏسي سڀ ڏسڻ وارا ماڻهو دنگ رهجي ويندا هئا. ڇو جو هو اهو نه ڄاڻندا هئا ته ستگر اندران ڪومل ۽ ٻاهران شش کي سيکارڻ لاءِ سختي به ڪندا آهن.

هڪ ڀيري تڪا مائي گٽوُ کي وٺي سنان ڪرڻ ويا اُتي ٽي مايون ڪپڙا ڌوئي رهيون هيون.

تڪا مائيءَ چيو ”گٽو هڪ کڏ ته کوٽ.“

گٽوءَ چڱيءَ وڏي کڏ کوٽي. تڪا مائيءَ چيو ته ٽنهي ٻارن کي ان ۾ وجهي مٿان مٽي وجهي آسن وجهي اُتي ويهي ڌيان ڪر.

ائين ڪپڙا ڌوئي مايون موٽيون، پنهنجي ٻارن کي ڳولڻ لڳيون پر ڪٿي به هنن کي ڳولي نه سگهيون. اوچتو ماين ڏٺو تڪا مائي

سنت اُتي وينا آهن. انهن کان پڇيايون اُن چين هي جيڪو
چوڪرو سامهون وينو آهي ڏونگھ ڪري اُن کي ماريوس. جيسين
سچي نہ ڪري تہ ماري پورو ڪيوس هو ٻڌائيندو، گُٺو من ۾
سوچڻ لڳو تہ گروءَ آگيا ڏني آهي ۽ گُٺو ان کان ڪونہ
هٽڪندو.

**”گرو ڪنيار، شِش ڪُنب، گهڙ گهڙ ڪاڍي کوٽ .**
**انتر دي هٿڙا، ٻاهر ماري چوٽ.“**

ڪيترو ماين هن کي ماري ڪٽي هن کي اڌ مئو ڪيو
پر تہ بہ گٺوءَ نہ ڪڇيو ”اڃا تائين نٿو ٻڌائي. هن ئي
پکڙي ٻارن کي ڪڏ ۾ وڌو آهي. مٿان مٿي وجهي ساڏوءَ
جو ڏونگھ ٿو ڪري.“ اهو ٻڌي بہ گٺو ڪجھ نہ چيو پوري
وشواس سان بيٺو هو.

ماين ٿلهو ڪوٽيو تہ ٽيئي ٻار مئا پيا هئا.

مايون ڪاوڙ ۾ پٽر ڪٽي گٺوءَ کي هڻڻ لڳيون. تڪا مائيءَ
چيو” ڇا هن توهانجا ٻار ماري ڇڏيا؟“

”ها هاڻي ! اسان هن کي جيئرو نہ ڇڏينداسين.“

بابا چيو ”ٿورو ٻارن کي لوڏيو مٿان بيهوش ٿي ويا هجن.“

گروءَ سنڪلپ ڪيو تہ ٻار جيئرا ٿي کلڻ لڳا. اهڙي آهي
گروءَ جي مهما ۽ ششن جي شيوا.

اهو ئي گٺو وڏو اوچ ڪوٽيءَ جو مهاتما گوندوليڪر مهاراج
ٿيو. اڄ بہ ماڻهو اُن آستان تي آدر سان ويندا آهن.

---

**★اڃا ترڪ ڪري شاهوڪار ٿيءُ.**

**★هردي جي ڪوملتا ئي ديا آهي.**



## (147)ڀيشم پتامهہ ۽ دروپدي !

ڀيشم تيرن جي سيجا تي سمهيل هو تہ شري ڪرشن، پانڊوَ ۽
دروپدي هن وٽ آيا. گيان ۽ نيتي جي سکيا وٺڻ تڏهن هن
چيو تہ هرڪنهن انسان کي نيتيءَ سان هلڻ گهرجي تڏهن
دروپديءَ کلي ڏنو. شري ڪرشن ۽ پانڊون کي ڏاڍو خراب
لڳو. سيني چيو تون کلين ڇو پيئي؟ چيائين شري ڀيشم
پتامهہ مرڻ ڪنديءَ تي اڃي پهتو آهي ۽ نيتيءَ جي ڳالهہ ٿو
ڪري. جڏهن ڀري سڀا ۾ ڪورون منهنجي ساڙهي لاهي ننگو
ٿي ڪيو تڏهن ڪيڏانهن ويو هو. نيتي ڪيڏانهن ويئي
هئي؟ شري ڪرشن ۽ پانڊون دروپديءَ کي چنيبو، پر ڀيشم
پتامهہ چيو نيڪ تي چوي، اوڏي مهل ودرُ سڀا مان اُٿي ويو
پر مان نہ اُٿيس ۽ نہ مون ڪورون کي روڪيو. برابر مان
ڏوهي آهيان، مان ان لاءِ اڃا تائين پاڻ کي معاف نہ ڪري
سگهيو آهيان، پر اُنهن سان ٻڌل هوس ڇو جو اُنهن جو
اَنُ کائي منهنجي بہ ٻُڌي بہ اهڙي ٿي ويئي ۽ مان ڄڻ تہ
مجبور ٿي پيو هوس. ۽ اُن جي سزا اڄ بہ ڀوڳي رهيو آهيان.
ڌيءَ مونکي تون معاف ڪر !

**ساچ چيو اٿن جهڙو انُ تهڙو منُ**
**جهڙو سنگھ تهڙو رنگھ، جهڙو پاڻي تهڙي ٻاڻي !**

---

**★دان اهو جو بنا ڏيکاءَ ۽ بنا اهنڪار ڪنهن گهرجائوءَ کي ڏجي.**

**★حاسد کي سندس حسد ئي ساڙي ٿو.**

**★موت کان ٻچي سيڪو ٿو پر ٻچي ڪونہ نٿو.**

# (148)رشي وشوامتر !

رشي وشوامتر سڪندو هو تہ مونکي شري وششٽ مھراج برھم رشي چوي پر ھن ڪڏھن نہ چيو ھو.

ھڪ ڏينھن ارونڌتي ۽ شري وششٽ سير ڪري رھيا ھئا تہ سندس استري ارونڌتي چيو ”سوامي ! ڏسو چنڊ چمڪي رھيو آھي پر اُن ۾ بہ داغ آھي“ تڏھن وششٽ مھراج چيو رشي وشوامتر ۾ سڀ گڻ آھن پر ڪروڌ جي ڪري ھن کي ڪير بہ پرڻام نٿو ڪري.

پريان رشي وشوامتر شري وششٽ کي مارڻ لاءِ پئي آيو. ھنجي واتان پنھنجي ساراھ ٻڌي واڱڙو ٿي ويو ۽ اچي سندس چرنن ۾ ڪريو، معافي ورتائين ۽ ڪروڌ ڪرڻ کان توبھہ ڪيائين، تڏھن شري وششٽ مھراج پريم مان اُٿاري چيو ”اُٿو برھم رشي.“ اھو ٻڌي، تنھن کان پوءِ ڪروڌ ڇڏي ڏنو. ڪنھن کي بہ مارڻ جو خيال نہ ڪيو. ڇڏي ڏنائين.

تڏھن تہ راجا دسرٿ وٽ ويو ھو. پنھنجي يگيہ جي رڪشا ڪرڻ لاءِ اُن کان رام ۽ لڇمڻ کي وٺڻ آيو جو ڪيس ڪنھن کي نہ مارڻ جو پرڻ ياد ھو.

# (149) سينيئر سٽيزن !

جيئن ئي گاڏي اسٽيشن تي آئي ھڪڙو عمر ۾ چڙھيل پلٽي ماري سيٽ تي ويھي رھيو. ٻيءَ اسٽيشن تان پنج ست ڇوڪرا اُن گاڏي ۾ چڙھيا. ھنن اُن ٻڍي کي چيو ”ٽنگون ھيٺ ڪري وھو اسانکي بہ وھڻو آھي.“ پر اُن ٻڍي چڻ تہ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪيو، جوانن وري چيس ”اسانکي بہ وھڻ لاءِ جاءِ ڏي ٽنگون ھيٺ ڪر.“ ھن ڪاوڙجندي چيو ”ٻڍو چو ٿا چئو؟ ڪجھہ ادب سان ڳالھايو“ جوانن چيس، ”توھان تہ آھيو ئي ٻڍا پوءِ اسان تي غصو چو ٿا ڪريو؟“ ٻڍي سمجھائيندي چيو تہ اسين تہ ھاڻي سينيئر سٽيزن آھيون. سرڪار ئي اسان کي ٽڪيٽ سستي ۽ ٻيون سھوليتون ڏيئي رھي آھي. توھان بہ منھجي عمر اوسٽا جو خيال ڪري ٻڍو ۽ پوڙھو نہ چئي سينيئر سٽيزن چئو. بابو چئو !



# (150) ستگروءَ جي آگيا جي پالنا !

ائين تہ سائين سترامداس ۽ سنت ڪنوررام جون ئي اھڙيون ڳالھيون مشھور آھن تہ سنت ڪنوررام سائين سترامداس جي ھر آگيا اکين تي رکي توڙ تائين نباھي ويا.

ھڪ دفعي جي ڳالھہ ٻڌائيندا آھن تہ ڪنوررام سنان ڪري انگوڇي سان پنھنجا پير پئي اُگھيا. اوچتو سندن ستگرو سائين سترامداس جي سندن مٿان نظر پيئي يڪدم ڪيس چيائون ”ڪنور ! پيرن کي پيو مھتين. ماڻھن کي پنھنجي سونھن تي موھت ڪرڻو اٿيئي ڇا؟“

بس !! اُھو ڏينھن اُھو شينھن، ستگروءَ جا لفظ دل ۾ کُپي ويا. ان وقت کان پوءِ پير اُگھڻ ڇڏي ڏنا. سڄي حياتيءَ ۾ وري پير ڪونہ اُگھيائون. سنان ڪري پنھنجا آلا پير جتيءَ ۾ وجھندا ھئا. اُنھن لفظن کي گروءَ جو حڪم مڃي سچي شش ھئڻ جي ناتي توڙ تائين اکين تي رکيا. سنت ڪنوررام گروءَ جي آديش مڃڻ کي ئي سچي ڀڳتي سمجھندا ھئا.

# (151) دڪاندار !

دڪاندار کي ڪو گراھڪ چوندو ھو تہ شيون ڪٽي ٿو وڃان، پئسا پوءِ ڏيندوسانءِ تہ ھو ڪنواري کي چوندو ھو. پلي اوڌر تي مال ڪٽي وڃ پر پئسا شاديءَ کان اڳہ ڏجانءِ ۽ شادي ڪيل کي چوندو ھو سامان ڪٽي وڃ پر پئسا ڏياريءَ کان اڳہ ڏجانءِ.

ھڪ ڏينھن ڪنھن گراھڪ ھن کان پڇيو ان جو ڪھڙو سبب آھي تہ مان تہ سمجھي نٿو سگھان.

ھن چيو“ مان ڪنواري کي شاديءَ کان اڳہ پئسا ڏيڻ ان ڪري چوندو آھيان جو مونکي خبر آھي شاديءَ ۾ گھڻا خرچ ٿي ويندا آھن گھر ۾ مھمان، نئين ڪنوار، ٻيا بہ ڪيترا خرچ ٿيندا آھن تہ منھنجا پئسا رھجي ويندا.

شاديءَ ڪيل کي ڏياريءَ کان اڳہ ڏيڻ لاءِ چوندو آھيان تہ ٻارن ٻچن وارن کي ڏياريءَ ۾ ٻيا ئي انيڪ خرچ ٿي ويندا آھن. ٻارن جو فرمائشون، مٺايون، ڏئين کي ڏڻ وار، ائين منھنجا پئسا رھجي ويندا آھن.

دڪاندار سوجھہ ٻوجھہ رکي پنھنجي رقم سولائيءَ سان وصول ڪندو آھي.

## (152)سوامي سترامداس جن جي ڪرپا ۽ سنت ڪنوررام جو جنم!

سائين سترامداس جي ستسنگ ۾ گهڻيئي شيوا ڪندا هئا انهن ۾ تيرت نالي مائي هئي. اها ڏاڍي چاهه سان آشرم جي شيوا ڪندي هئي، هئي تمام غريب پر شيوا تن من سان ڪندي هئي. هوءِ سڀني ستسنگين کي پاڻي پيارڻ جي شيوا ڪندي هئي.

هڪ ڏينهن سائين سترامداس خوش ٿي چيو ”مائي! گهر جيڪي گهرڻو هجيئي“ مائيءَ جهولي ڦهلائي ”سنو-سنو“ چئي هنن پنهنجي ڪرپا جي درشٽي ڦهلائي. وقت گذرڻ تي هڪ ستپرش سنت ڪنوررام ان تيرت بائيءَ جي گهر ۾ اوتار ورتو. سائين سترامداس ۾ موجودهه ڪروڙا ۽ ڪرپا جون شڪتيون ماڻهن جي ڀلي ۽ ڀڳوان جي پروسي هلڻ وارن کي اتُساهت ڪند يون هيون. سڀ سنڌي سائين سترامداس جي سپوت ڪنوررام کي پائي پاڻ کي ڌن ڌن مڃي رهيا آهن. اڄ جي ست پرشن ۾ سائين ڪنوررام ۽ سائين سترامداس جو نالو خوب عزت ۽ آدر سان جوڙ يو ويندو آهي. سڀني سنڌ ين کي هنن ٻنهي سنتن لاءِ اٿاهه شرڌا آهي ۽ وقت پئي پاڻ شرڌا وڌندي ٿي رهي.

سنت ڪنوررام جو ڪيرتن، ستسنگ ۽ سماج جاڳرتي جي شڀ ڪارين پنيان سندن ماءُ جي شيوا ۽ سائين سترامداس جي ڪرپا جو ڪرڻو ئي ڪم ڪري رهيو آهي. تپسيا، تياڳ، جپ ۽ يٿارٿ سمجهه ماڻهوءِ کي سڀني جو سرتاج بڻائي ڇڏيندي آهي.



## (153)ستسنگ ڪندو رهجي !

سنت ڪبير مهان سنت ٿي گذريو آهي. هن جي عجيب باڻي گرو گرنٿ صاحب ۾ چڙهيل آهي.

**”ميرا مُجهه ۾ ڪڇ نهين، جو ڪڇ هئه سو تيرا،**
**تيرا تجهه ڪو سونپ دي ڪيا لاڳي ميرا.“**

اهڙا ڪيترا ئي دوها سنت ڪبير جا چپيل آهن.

سنت ڪبير وٽ هڪڙو پريمي آيو. هن چيو ته سائين ! توهين هميشه ستسنگ ڪرڻ جي هدايت ڪندا آهيون. هر روز ستسنگ ڇو ڪجي؟ ور ور ڪري پريمي پڇندو رهيو. جواب ۾ سنت ڪبير هٿوڙي ڪٽي پٽ ۾ هڪ ڪوڪو ٺوڪي ڇڏيو. وري ٻئي ڏينهن، ٽيئن ڏينهن آيو. چوٿين پنجين ڏينهن به آيو سنت روز هٿوڙي ڪٽي ڪوڪي کي ٺوڪيندو هو پريميءَ پڇيو ائين ڇو؟

تنهنجي سوال جو جواب ڏيئي رهيو آهيان. مان هر روز ان ڪوڪي کي هٿوڙيءَ سان پٽ ۾ ٺوڪيندو آهيان جو روز به روز ٺوڪڻ سان اهو پختو ٿيندو ويندو آهي. ان طرح هي من روپي ڪوڪو به روز ٻڌڻ سان ڀڳوان ۾، گيان ۽ ستسنگ ۾ پختو ٿيندو. هڪ ڀيرو ستسنگ ٻڌڻ سان نه ٿيندو. ان لاءِ هر روز ستسنگ َجي ضرورت آهي ئي آهي.

---

**★مٺ پيڙ ڀائي ڀلي وس ڪان ٻاهر جي ڪلي ته وٺاءُ**
**★ ننبُ انسان جا ٽڪ مٽائي ٿي، ڇو جو گهري ننبُ ۾ سڀ وسريو وڃي.**
**★ايندڙ ۽ گذريل جي ياد ڇڏي ورتمان ۾ رهه.**

## (154)سچو سترام سائين سترامداس !

سائين سترامداس سنت ڪنوررام جو سنگرو هو. هنن جي ورتي مهان هئي. هنن جي درشتي ايڪ رس هئي. هو هر هڪ جيو ۾ پرماتما جو نور پسندا هئا. مايا چار ڪان نرليپ هئا.

هنن جا ڪيترا ئي پرسنگ آهن.

هنن جي وچنن ٻڌڻ سان قدم قدم تي ايڪتا ۽ ادويت گيان جو انڀوُ ٿئي ٿو. ڪيترائي روز مرهہ جي جيون ۾ اهڙا پرسنگ ملن ٿا.

سائين سترامداس هڪ ٻلو پاليو هو. اُهو سيني گهر جي ڀاتين سان هري مري ويو هو. سائين جن روز هن ٻلي کي پيڙا کارائيندا هئا.

هڪ ڏينهن جيئن سائين جن ٻلي کي پيڙا کارائي رهيا هئا ته سندن ننڍو پٽ امولڪ داس اڳيان آيو ۽ سائين جن هن کي اتي ئي روڪي ۽ هن جي هٿ مان پيڙا وٺي ٻلي کي کارائڻ لڳا. شش کان رهيو نه ٿيو. هڪ شش همٿ ڪري پڇيو ”توهان پنهنجي معصوم ٻار جي هٿ مان پيڙا وٺي ٻلي کي چو کارائي ڇڏيا؟“

سائين سترامداس ڏاڍي سانت مان وراڻيو ”پٽ ! ٻلي کي به گهٽ سمجهڻ نه گهرجي. اهو ئي پرماتما هر پراڻي، هر جيو جنت ۾ وسي رهيو آهي. جتي ڪٿي اها پرم جوتي جڳمڳائي رهي آهي.

**”جهان وهان تون ئي تون. هر جڳهہ جوت هئہ اُنڪي“**



## (155)رابيا ـبصري !

رابيا ايران جي پهتل درويشاڻي ٿي گذري آهي. هر وقت پيئي پرڀوءَ سان ڳالهائيندي هئي.

هوءَ پنهنجو سچو حال رب سان اوريندي هئي. هڪ ڀيري هن کي بخار ٿيو، وچي وڌندو. سيءُ ۾ به سندس سرير پئي ڪنبيو، چو نه ان وقت ڪو درويش اچي سندس گهر نڪري. رابيا ! هي ڇا؟ تون ويني بخار ۾ پوڳين. روز رب سان ڳالهيون ڪندي آهين. تو وٽ روز ٿو ڏٺي اچي ۽ تون پاڻ ٿي ٻڌائين ته مان روز اُن سان ملندي به آهيان، تون ڪٿي ڪيس چئه ته توکي بخار آهي؟ هن لاءِ اها ڪا وڏي ڳالهہ ته نه آهي. جلدي تنهنجو بخار لهي ويندو. خبر اَٿوَ ڪهڙو جواب ڏنائين اُن درويش کي ڇپائينس توکي تنهنجو متر ڪا سوکڙي ڏئي ۽ تون هن کي چوين اُها واپس وٺ ! ڪيس ڪيترو نه ڏکہ ٿيندو. منهنجو بخار به منهنجي رب وٽان آيو آهي. اُن موڪليو آهي جي مان چوان واپس وٺ ! ان ۾ به ارٿ رکيل آهي. جيڪي رب ڪري اُهو اسين خوشيءَ سان قبول ڪريون. نه شڪايت ڪريون ۽ نه واپس وٺڻ لاءِ عرض ڪريون. ڪهڙي نه رابيا جي اوچي منزل هئي.

هن ڪيترا ڏينهن ڪنهن مالڪ وٽ ڪم پئي ڪيو، مالڪ کي هن جي رهڻيءَ مان محسوس ٿيو ته هيءَ ته درويشاڻي آهي.

## (158)سائين ! منهنجا ڪنا ڪرم ڪٽي ڇڏيو !

سنت ستگرو پنهنجو لائق شش ڏسي خوش ٿيندا آهن. پنهنجو گيان ۽ ڀڳتي ان کي ڀري ڀري ڏيڻ چاهيندا آهن.

**”پارس اور ستگر ۾ بڙو انترجان !**

**پارس لوها ڪنچن ڪري، ستگرَ ڪري آپ سمان !!**

اتي پنهنجي گرو ماتا (آئيءَ) جي ڳالهه تي ياد اچي. جڏهن اهو سلوڪ پڙهائيندا هئا ته صاف سمجهائيندا هئا ته پارس ته لوهه کي سون ڪندو پاڻ جهڙو پارس ڪري نه سگهندو پر ستگرو اُن کان به مهان آهي. شِش تي مهر ڪري، رحمت ڪري ته پاڻ جهڙو ڪري ڇڏي.

سائين سترامداس سنت ڪنورام جا ستگرو خوش ٿي ڪنورام کي چيو !! گُهر جيڪي گُهرڻو هجيئي“

ڪنوررام اُٿي بيهي هٿ جوڙي اکين ۾ پاڻي آڻي پنهنجي ستگرن کي چيو ”سائين ! منهنجا ڪنا ڪرم ڪٽي ڇڏيو، منهنجي هوميءَ ۽ ممتا مٽائي مونکي جنم مرڻ جي دک کان آجو ڪريو.“

ستگرو سترامداس فرمايو ”ٻچا ! اڄ تنهنجا ڪنا ڪرم ڪٽجي ويا ۽ توکي نام روپي پدارٿ ڏيئي لال ٿا ڪريون.“

”بندي جو ڪم آهي ڀُل ڪرڻ ۽ ايشور جو ڪم آهي معاف ڪرڻ“

هڪ دفعو غلطي ڪرڻ ڪانپوءِ سنت ڪنوررام من ۾ پرڻ ڪيو ته ستگرن جي آگيا ڪانسواءِ اڳتي ڪيڏانهن به پچڻ ڪرڻ نه ويندا. سوامي سترامداس حاضران حضور، جي پرلوڪ پڌارڻ ڪانپوءِ به هو اُن پرِنَ جي چڱيءَ طرح پالنا ڪندا آيا. جيڪڏهن پچڻ ڪرڻ لاءِ ويندا هئا ته سائين سترامداس جي سنتان کان آگيا وٺندا هئا ۽ گهڻو ڪري ستگرن جي سنتان مان به هڪ کي ساڻ وٺي ويندا هئا.



## (159)ڌرم آچاريه !

هڪ ڌرماچاريه کي انهي ڳالهه تي ڏاڍو ايمان هو ته هن جا ديش وديش ۾ گهڻائي شش آهن ۽ منهنجي گهڻي مشهوري آهي. ڌن جي هن وٽ ڪمي ڪونه آهي، شاستر به گهڻيئي ياد آهن. هن کي پورو وشواس هو ته هو مرڻ ڪانپوءِ پڪ سرڳ ۾ ويندو ۽ ديوتا منهنجو آدر ڀاءُ ڪندا. پرماتما پاڻ مونکي وٺڻ ايندو.

سچو ڏينهن اهڙا پور پچائيندو هو. هڪ رات هن کي سپنو آيو ته مان سرڳ جي دروازي تي پهچي ويو آهيان پر اهو ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو ته سواگت لاءِ ڪير ڪونه آيو آهي. نه ڀڳوان ئي آيو آهي. چوڌاري سانت ڏسي هو منجهي پيو.

هن ڏٺو ته سرڳ جو دروازو به بند هو. وڏو دروازو هو، لڳو اُن کي کڙڪائڻ، هيڏي وڏي دروازي تي هنجي ٺڪ ٺڪ به جهيڻي ٿي لڳي. ڪيترا ڪلاڪ گذري ويا، دروازو نه کليو، هو سوچڻ لڳو وقت کان پهرين ته ڪونه مئو آهيان.

وري دروازي تي ٺڪ ٺڪ ڪيائين، هڪڙي دري کلي ڪنهن جهانڪيو. ڌرم آچاريه کي لڳو ڄڻ سورج اُڀري آيو آهي. هو گهبرائجي ويو، پاسيرو ٿي رکو نهاريائين ته آواز آيو توهين ٿورو پريان هٽي وڃو. مان توهانجي روشني نٿو سهي سگهان.

مونکي معاف ڪجاءِ مان ته هتي جو دوارپال آهيان پرماتما ۽ منهنجي وچ ۾ لکن ميلن جو فاصلو آهي. مونکي ته اڃا درشن ڪرڻ جو موقعو نه مليو آهي. ”ڌرم گرو اهو ٻڌي آهستي آهستي چوڻ لڳو ته مهرباني ڪري پرميشور کي منهنجو نياپو پهچاءِ ته ڌرتيءَ جو وڏو گرو آيو آهي. اُتي منهنجي ڏاڍي مشهوري آهي، هن به ضرور ٻڌو هوندو. منهنجا ڪروڙين شش آهن.

اهو ٻڌي دربان مشڪل سان پنهنجي کل روڪي چيو ته توهانجو گيان تمام الپ(ٿورو) آهي. برهمانڊ ۾ ته ڪئين پرٿويون آهن، توهين پنهنجي پرٿوي جو صحيح پتو ٻڌايو. هاڻي ته گرو اُلجهن ۾ اچي ويو. پرٿوي نه ته پنهنجي (SOLAR) جوئي نالو ٻڌاءِ ته

رڪارڊ ڏسي پتو لڳايان ته تون ڪٿان آيو آهين.

اهو ٻڌي ڏرم گروءَ جي حيرت ۽ پريشاني وڌندي ويئي ۽ سوچڻ لڳو ته جيون پر پنهنجي پئي هليس، ساراهه ڪني ڪرڻ ۾، ششن جو تعداد وڌائڻ ۾ لڳو رهيس. پنهنجي تڇ ٻُڏيءَ ڪي مهانتا سمجهڻ لڳس. ڪڏهن پرماتما جي وراٽ سروپ جي ڪلپنا به نه ڪئي. ان سوچ ويچار ۾ گهٻراهٽ ۾ هن جي ننڊ کلي ويئي ننڊ کلڻ ڪانپوءِ هن کي لڳو ته مان سچ پچ اڄ جاڳيو آهيان، هن سوچي ورتو ته رواجي لوڪ سيوڪ ٿي شيوا ڪندس. اها لوڪ سيوا سَتِ جي سنگه سان ٿيندي آهي ۽ ستسنگه جي لاءِ ”وقت“ڪيڍٺو پوندو

## (160)گوتم رشي ۽ سندس پٽ!

گوتم رشيءَ جو هڪ پٽ هو، جنهنجو نالو چرڪاري رکيو هئائين ڇو جو هو سڀ ڪم دير سان ڪندو هو.

هڪ ڏينهن گوتم رشيءَ کي پنهنجي پتنيءَ تي غصو اچي ويو، گوتم رشي پٽ چرڪاريءَ کي آگيا ڪئي ته ماءُ جي هتيا ڪري ڇڏ ۽ پاڻ جهنگل ڏانهن هليو ويو.

چرڪاري سوچي رهيو هو ته ماءُ جي هتيا ڪيئن ڪبي. ماءُ ڏهه مهنا پيٽ ۾ سانڍي مونکي جنم ڏنو. پاليو، وڏو ڪيو منهنجو پتاجيءَ جو به هن سان ڏاڍو پريم آهي. پوءِ به اهڙي آگيا ڪيئن ڏني؟

هوڏانهن گوتم رشيءَ کي به جهنگل ۾ خيال آيو ته مان چرڪاريءَ کي ڇئي آيو آهيان ته ماءُ جي هتيا ڪري ڇڏجانءِ سو الائي ڇا ٿيو هوندو؟

گهر آيو سامهون چرڪاري اچي پيءُ کي پيري پيو ته رشيءَ جي من ۾ شنڪا ٿي ته هو منهنجي آگيا جو پالن ته ڪونه ڪري سو آيو آهي. وري اُتيئي خيال آيس ته هيءُ سڀ ڪم دير سان ڪندو آهي تنهنڪري نه ڪئي هوندائين. تڏهن هن جو من شانت ٿيو ۽ اچي پتنيءَ کان معافي ورتائين.



## (161)دکم کان ڇوٽڪارو !

هڪ ڳوٺ ۾ هر سال ميلو ٿيندو هو ۽ بزار به لڳندي هئي. جتي پاسي وارن ڳوٺن مان به ماڻهو اهو ميلو ۽ بزار ڏسڻ ايندا هئا. هن سال پر واري ڳوٺ مان هڪ استري پنهنجي ٻن ننڍن ٻارن کي وٺي آئي. ننڍي ندي پار ڪرڻي هئي. هن سوچيو ته ٻه ٻار ڪٽي مان ندي پار نه ڪري سگهندس، سو ٻنهي مان جيڪو وڏو پٽ سٺن اٺن سالن جو هو اُن کي مٺائي لائي ۽ بسڪوٽ ڏيئي ڪناري تي وهاري ويئي. پاڻ ننڍي پٽ کي ڪڇِ ندي پار ڪرڻ لڳي. ڇو نه هٿ مان ننڍو ٻار ڇڏائجي وڃيس اُهو ته ٻڏي ويو. هوءَ زور سان واڪا ڪرڻ لڳي. ڪناري تي ويٺل ٻار ماءُ کي روئندو ۽ ڇلائيندو ڏسي پاڻ به پاڻيءَ ۾ گهڙي پيو ۽ اهڙي زوردار لهر آئي ته اُهو به پاڻي ۾غوطا کائيندي ٻڏي ويو. ٻئي ٻار درياهه سرن ٿي ويا.

هوءَ بي سهاري نديءَ تي ويٺي رهي. پريان هڪ ساڌو ويٺو هو. اُهو اچي ان استريءَ کي سمجهائڻ لڳو. ٻيا به ڪيترا ڀڳت هن جو ستسنگه ٻڌي رهيا هئا.

هن ٻارن جي ماءُ جو من ئي نه لڳي. روئي ساڌوءَ کي چوي پيئي ته منهنجا ٻار جيئرا ڪري ڏيو. ساڌوءِ هن کي کهڙي دلداري ڏئي؟ ويل ٻار ته موٽي ڪونه ايندا. ساڌو يُڪتي هلائي- بابا ! تون ڪنهن گهر مان تِرن جي مٺ وٺي اچ، پر اُن گهر مان جتي ڪو مُئو نه هجي ته مان تنهنجا ٻار جيئاري ڏيان. اهو ته ٿي ئي نٿو سگهي.

”نه جت موت ماري، اُهو گهر ڪٿي آ“

هوءَ موٽي آئي، هڪ گهر ۾ اُن وقت ڪو ٻار مئو هو. گهر جا ڀاتي روئي رهيا هئا اهو ڏسندي هن جي من ۾ ڦيرو اچي ويو.

ساڌوءِ کي نمرتا سان عرض ڪيائين منهنجي اگيانتا جي عرض کي معاف ڪجو. هاڻي مونکي ٻار واپس نٿا ملي سگهن. جنهنجي امانت هئي، اُن کي ملي. امانت ته واپس ڪرڻي ئي آهي.

## (162) پَنَ تي رام لکيو !

سنت تلسيداس وڏو ستسنگي مها پرش ٿي گذريو آهي. اڄ تائين سندس لکيل رام چرت مانس سڄي دنيا ۾ پڙهيو ويندو آهي. بئنڪاڪ ۾ اسين پاڻ ڏسي آياسين.

هو ڪاشيءِ ۾ رهندا هئا. اُتي روز ستسنگ-رام ڪٿا ڪندا هئا. ڪٿا ٻڌڻ جا شائق ئي ايندا هئا. هڪ ڏينهن ستسنگ ۾ ٿوري هونئن ڪان دير ٿي. هڪڙو ستسنگي پريان آيل هو. سنت تلسيداس کيس چيو ته اڄ دير ٿي آهي هتي ئي رهي پئُ، ته ستسنگي ٿورو گهبرائجي ويو. هنجو چهرو ڏسي سندس من جا ڀاوَ ڄاڻي سمجهيو ته هيءُ رهڻ نٿو چاهي سو ڪانئس پڇيائين گهر ۾ ڪو اهڙو خاص ڪم اٿيئي ڇا؟

ستسنگيءِ چيو ته ضروري ڪم اهو آهي ته مان ناڪرن جي شيوا ڪندو آهيان. هنن جي شيوا ۽ پوڄا بنا آنءُ نه کائيندو آهيان ۽ نه پاڻي پيئندو آهيان. وڏي ڳالهه ته مونکي ماءُ پيءُ جو ٻه اونو آهي، جي مان نه پهچندس وقت تي هو چنتا ڪندا ۽ مان نه سندن شيوا ڪري سگهندس.

سنت تلسيداس چو ڪري جي ڀڳوت پوڄا ۾ رُڇيءِ ماتا پتا جي شيوا لاءِ ويا ڪل ڏسي تلسيءِ جو پتو ڪٽي رام لفظ لکيو. اهو هڪ ڪاغذ ۾ ويڙهي چيو ته هي ساڄي مُٺ ۾ رکي پلي تون وڃ. ڪاشيءِ جي گنگا جو تيز وهڪرو ۽ گهرو پاڻي، هيءُ ائين پئي ويو ڄڻ رستي تي ڪوئي هلندو آهي. مهاراج تلسيداس هن کي اهڙي کهڙي جادوءِ جي پُڙي ڏني آهي جا هو پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان بچائي رهي آهي. ڪناري جي ويجهو پهتو ته هن کي اُن تڻ تي کولي ڏسي ته



تلسيءِ جي پَنَ تي رام اکر لکيل آهي. هيءُ ٻه ڏڄي ويو صرف ''رام اکر'' جيئن هن کي سنسو ٿيو تيئن هو غوطا کائڻ لڳو. هن مهراج تلسيداس کي پرارٿنا ڪئي ۽ ڀڳوان جي شرن وَرتي ته ڪناري تي پهچي ويو.

سڏانت اهو آهي ته مهاپرش خاص ڪري مهراج تلسيداس جنهنجو شري رام ۾ اٽوٽ وشواس هو جهڙن سنتن تي شنڪا نه ڪرڻ گهرجي. سنت جي ڪرپا ۽ اُن جي ڏنل منتر ۾ سنسو نه رکجي.

## (163)''پارپتي جو شِوَ کان سوال پڇڻ''!

پارپتي جون ساهيڙيون روز کيس چوڻ لڳيون ته تنهنجو شوَ پلا کوپرين جي مالها ڇو ٿو پائي. هو ديوتا آهي. سون جي مالها پائي، هيءَ کوپرين جي مالها نهي ئي ڪونه ٿي هن جي ڳلي ۾.

پارپتي چيو ته مون ته هن کان ڪڏهن پڇيو ئي ڪونهي. اڄ توهان ڏيان ڇڪايو آهي ته موقعو ۽ مهل ڏسي وچي ٿي پڇانس.

اُن ڏينهن ئي پاڻ ۾ وينا هئا ته وجهه وٺي پارپتيءِ شِوَ کان پڇيو ته منهجون ساهيڙيون مون تي کلن ٿيون ۽ تنهنجو شو کوپرين جي مالها ڇو ٿو پائي. هنن چيو ته منهنجي من ۾ به اُتڪنٺا ٿي.

هن شِوَ جي چهري ۾ نهاري فرمايو. سچ پچ توکي ٻڌڻو آهي ان باري ۾.

ها! سوامي ! ته ٻُڌ- جيستائين تون مونکي پائين تيستائين تنهنجا انهن کوپرين جيترا جنم ٿيا آهن. شري هماليه ۽ سُنئنا جي گهر جنم وٺي تو مونکي پائڻ لاءِ گهور تپسيا ڪئي آهي تڏهن تو مونکي حاصل ڪيو آهي.

پارپتي وائڙي ٿي ويئي ۽ پوءِ مشڪي ڏنو.

## (164) تيلي ۽ ڌوٻي !

ڪنهن ننڍي ڳوٺ ۾ تيلي ۽ ڌوٻي هڪ ٻئي جي پاسي ۾ رهندا هئا. تيلي گهاڻي مان تيل ڪڍڻ جو ڌنڌو ڪندو هو. هن کي گهاڻي هلائڻ لاءِ ڏڳو هو. هنجو ڌنڌو سنو هلندو هو، شام تائين سڀ تيل وڪامي ويندو هو. گراهڪي وڌندي رهندي هئي. هو خوش هو ۽ سندس گرهستي به سني هلندي هئي.

پاسي ۾ رهندڙ ڌوٻي جو سڀاءُ شڪايت وارو هو. هو هميشه سوچيندو رهندو هو ته مان ڪپڙن ڌوئڻ جي لاءِ ڪيتري جاکوڙ ڪريان. ميرا ڪپڙا ڪٺي اچان، ڌوئان، سڪايان ۽ وري استري ڪري گراهڪن کي ڏيئي اچان ته به منهنجو گذارو ڏاڍو ڏکيو ٿو ٿئي ۽ تيلي ڪيترو خوش ٿو رهي.

ڌوٻي روز نماز پڙهندو هو. روز پنج دفعا نماز پڙهي ته به ائين ئي پيو سوچيندو هو ته شايد تيليءَ جي خوشيءَ جو ڪارڻ ڏڳو آهي. نه ته ڏڳي بنا گهاڻو ڪيئن هلائي جيڪر، روز نماز ۾ اها ئي پرارٿنا ڪندو رهندو هو ته هنجو ڏڳو مري وڃي. هن کي اها چنتا هوندي هئي، روز ڏسڻ ويندو هو. چو نه هڪڙي ڏينهن هن جو ئي گڏهه مري ويو. ڌوٻي منهن مٿو پيو پٽي ۽ رب کي ڏوراپو پيو ڏئي ته مون توهانکي ڏڳو مارڻ لاءِ چيو ته توهان منهنجو گڏهه ماري ڇڏيو.

سچ چوندا آهن جيڪو ٻئي جي لاءِ کڏ کٽي ٿو اهو ئي ان کڏ ۾ ڪري ٿو.

---

**★سچي وديا آهي پنهنجي اياڻپ کي محسوس ڪرڻ.**

**★روشن دل اُها دوربيني آهي جنهن کي ٽنهي لوڪن جي خبر اندران ملي ٿي.**

**★دل جو پستڪ پڙهه ته پرماتما کي پائين.**



## (165) ڀڳت نامديو ۽ سنت گيانيشور!

ڀڳت نامديو جو ڀڳوان وٺل ۾ وشواس هو، شرڌا هئي. جڏهن هنجو درشن ڪرڻ چاهيندو هو ته هليو ويندو هو پنڊرپور درشن ڪري نهال ٿيندو هو ۽ سمجهندو هو مونکي آشيرواد ملي ويئي.

سنت گيانيشور جنهن اٺن سالن جي عمر ۾ گيتا لکي هئي. جا اڄ به گيانيشوري جي نالي سان مشهور آهي. اُهو نامديو کي سمجهائيندو هو ته روز روز پنڊرپور ڇو ٿو وڃين؟ هو ته تنهنجي اندر آهي. اُها جڳهه ڏيکار جتي هو نه آهي هو ته هرهنڌ آهي. هر ڪنهن ۾ آهي. نامديو ڪجهه نه ڪڇيو. پر ٻئي ڀيري جڏهن پنڊرپور ويو ته وٺلا کان پڇيائين ته تون منهنجي اندر ۾ آهين ته پوءِ ڏيکاري ڇو نه ٿو ڏين؟

هن چيو ٻچا! مان جتي ڪٿي آهيان. هينئر به ڪٿي اندر ڌيان ڪر ته ڏسندي ته مان تو وٽ وٺو آهيان.

سچ پچ اکيون پوري ڌيان ڪيائين ته ڇا ٿو محسوس ڪري ته وٺلا ته مون ۾ ئي آهي. جهڙو مان پنڊرپور ۾ ڏسندو آهيان.

’’تو ۾ ئي سڪه سارو جنهن جا تون پنڌ پڇين ٿو.‘‘

---

**★سچي سرشٽي خيال جي تار تي پيئي نچي.**

**★خيالن کي وس ڪر ته دکه آميئي ڪونه.**

**★من جو نؤڪر نه ٿيءُ، من کي پنهنجو نوڪرُ ڪر.**

**★حياتي جهڙي بي وفا ٻي شيءِ ڪونهي.**

# (166)راجکماري ملکا

راجکمار ڏاڍي سهڻي هئي.ڪيترا ئي راجڪمار ۽ راجائون هن سان شادي ڪرڻ لاءِ خواهان هئا. پر ملڪا راجڪماري به پنهنجي ڳالهه سان هئي. هن چيو ته هي سڀ پوڄڻ لاءِ منهنجي تمنا تا ڪن ۽ چاهين ٿا ته مان جلدي ئي ٻڌي ٿي وڃان. مونکي اهڙي جيون نه جيئڻي آهي.

جڏهن راجائن ۽ راجڪمارن جا حيلا نه هليا. سيني گڏجي سندس پيءُ کي لڙائيءَ ۾ هارائڻ جو گهات گهڙيو ۽ راجڪماري کي پڄائڻ جي يوجنا ٺاهي.

چو نه راجڪماري کي سڻس پئجي وڃي سو پاڻ ئي راجائن ۽ راجڪمارن کي گهرائي ڳالهايائين ۽ چيائين ته کو به ڏينهن مقرر ڪيو.

هوڏانهن ملڪا چا ڪيو جو پاڻ جهڙي هڪ خوبصورت مورتي ٺهرائي. مقرر ڏينهن کان ۴-۶ ڏينهن اڳ ئي ان ۾ کاڌو وجهندي ويئي. جنهن هال ۾ هوءَ راجائن ۽ راجڪمارن سان گڏجڻ واري هئي، اُن ۾ اها مورتي رکائي ڇڏيائين.

طئہ ٿيل ڏينهن تي سڀ اُميدوار راجائون ۽ راجڪمار آيا. مورتي بلڪل هوبهو ٺهيل هئي. هنن سمجهو اها ئي راجڪماري ملڪا آهي. ايتري ۾ ملڪا پاڻ آئي. هو سڀ حيران ٿي ويا ته ملڪا ته اسانجي سامهون ويني آهي ته پوءِ هيءَ ڪير آهي؟

ملڪا راجڪماري چيو ته هيءَ ته مورتي آهي مونکي خبر هئي ته توهين هن کي سچي سمجهندا. توهان کي جيڪا سندرتا کپي اها مون هن مورتيءَ ۾ لڪائي رکي آهي. ائين چئي اُن مورتيءَ جو ڍڪ لاٿائين ته سڄو حال بدبوءِ سان پرجي ويو. سڀ ڇٽا ڇي-ڇي ڪرڻ لڳا.

ملڪا اُنهن کي چيو ''درڳنڌ پيدا ڪندڙ اُن کاڌي ۽ اَن مان ٺهيل چمڙيءَ تي توهين عاشق ٿي رهيا آهيو ته اَن کي



رت ٻڻائڻ واري اسانجي آتما ڪيڏي سهڻي هوندي! توهين چمڙيءَ جي سونهن ۽ ڪشش کي ڇڏي پرماتما جي سچي سندرتا ڏانهن وڌو ها.''

ملڪا جي اهڙي آتم گيان جي ڳالهه ٻڌي هنن جو من صاف ٿي ويو ۽ اُهي ٻيهڻ ٻڻجي ويا ۽ ملڪا به سنتن جي شرن ۾ پهچي ويئي ساڌنا ۾ لڳي ويئي. اڄ به جين ڌرم ۾ پوڄجي رهي آهي. جيڪا هڪ رواجي ڇوڪري هئي.

# (167)راجا ۽ گاهي !

راجا وٽ هڪ گاهي هو جيڪو گاهہ ڪٽي سنواريندو هو. هو محنتي هو. جيڪو ڪم راجا چوندو هوس جهٽ ڪري وٺندو هو. راجا به آهستي آهستي سڀ ڪم مٿس رکندو ويو. راجا هن جي ڪم تي ڏاڍو پرسن ٿيو سوچيائين هن کي چو نه وزير ڪري رکان ته سڀ ڪم پاڻيهي پيو نپٽائيندو. ٿيو به ائين هن راجا جو سڄو ڪم سنڀالي ورتو. راجا ڏاڍو خوش هو.

پر حاسد ڪٿي ٿا سهن. اُنهن کي ساڙ ٿيو ۽ گاهہ ڪٽڻ وارو وزير ٿي ويو ۽ اسين اُتي ئي ويٺا آهيون. لڳا شڪايتون ڪرڻ. راجا جا ڪن پريندا هئا. راجا سوچيو ته چو نه سيني جو امتحان وٺان ۽ وزير کي به اُنهن سان گڏيان.

راجا راڄ جي باري ۾ صلاح وٺڻ لاءِ سيني کي ۽ وزير کي به گهرايائين. راڄ کي ڪيئن وڌائجي ۽ پرجا کي ڪيئن خوشحال رکجي؟ اهڙا ڪيترائي سوال پڇيا پر وزير ڪانسواءِ ٻيو ڪير به جواب ڏيئي نه سگهيو . منتري تمام سٺيون صلاحون ڏنيون ۽ اهو به ٻڌايو ته پرجا ته خوش آهي پر اجا به کي سهوليتون ملن ته هو گهڻو خوش ٿيندا.

ٻيا ماڻهو جيڪي حسد ۽ ساڙو ڪندا هئا ڪجهه نه چئي سگهيا ۽ هڪ هڪ تي اُٺان سڀ کسڪندا ويا.

''چڱي جي چڱائي نه وڃائجي. اُن جو قدر ڪجي''

# (168) ڀارت ديش جي سنسڪرتي

هڪ ڳوٺ جو ڇوڪرو پڙهي لکي پئسو ڪمائڻ لاءِ ويو. اڄڪلهہ ماڻهن کي ٻاهر وڃي ڪمائڻ جو ڀوت چڙهيل آهي. گرو گنجو ڀڳو ٻينو آهي. ڀهرين تہ ڇوڪرو جڏهن ويو تہ ڪيس مشڪل سان پيٽرول پمپ تي ڪم مليو. ٿورو ڪمايائين تہ پنهنجي ديش ڀارت ۾ آيو. ڀارت کي ”انڊيا“ پيو چوي. انگريز جو ٿي ويو آهي. گهر آيو تہ ماءُ ۽ پيءُ کي پيري بہ ڪين پيو. ٻن سالن کان پوءِ آيو هو. پيءُ کي ”پاپا“ پيو چوي. وري بزار ۾ ويا ڀاڄي وٺڻ. پيءُ ڪريلا ورتا. پٽ چوي توهانجي اِنڊيا ۾ هتي هيڏا ننڍا ڪريلا جهڙيون ڪريليون. امريڪا ۾ تہ ان کان ٻيڻا ٿيندا آهن.

هاڻي ڀاڻ انڊيا جو نہ آهي، اهو پيءُ جو ٿي ويو. وري اڳتي ويا تہ ڀٽس پيندبيون ورتيون اُنهن لاءِ بہ ائين چيائين.

پيءُ سمجهي ويو، چوي ڇا؟ سمجهي ويو تہ اميريڪا جي ڇڪا چونڊ ڏسي اُن تي موهت ٿي پنهنجي ديش جو ذڪر ۽ سنسڪرتي ڀلجي ويو آهي. پيءُ سٺن خيالن وارو هو جنهن ڪيس سمجهايو تہ ”پٽ ! اُتي سڀ ان طرح جون ڀاڄيون کائيندا هوندا تہ تڏهن تہ اهڙا متارا آهن ۽ انهن جي ٻڌي بہ اسٿول هوندي. ڀارت ۾ اسين ساتوڪ کاڌو ٿا کائون تہ اسانجي ٻڌي بہ ساتوڪ آهي.

اُتان جون جيڪي سٺيون ڳالهيون آهن، جن کي ڪٺڻ ڪپي اهي اسين ڪٺون نٿا. باقي اُتي جا هلڪا سنسڪار، کائڻ پيئڻ جا، ماس مڇي ۽ شراب پيئڻ جا اهي ٿا ڪٺون ڪارڻ؟ ڇو جو تو ڀارت جي سنسڪرتي جي فخر ۽ شان کي نہ ڄاتو آهي. اسان جي رشين منين دواران مليل آتم گيان جي سکيا جن جا اميريڪا واسي بہ اڄ قائل آهن. اها سکيا نٿا ڄاڻون. تڏهن تہ اُنهن جا ٿي وڃون ٿا

راجا ڀرتري جي ويراڳہ شتڪ ۾ ايندو آهي تہ جيسين تن تندرست آهي ۽ ٻڍاپو نہ آيو آهي، اندريون ٻلوان آهن تيسين ودوان انسان کي پنهنجي ڪلياڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهڻ گهرجي. گهر ۾ باهہ لڳي وڃڻ وقت کوهہ کوٽڻ مان ڪهڙو فائدو؟

ان ڪري مهان ديش جا واسي ! سجاڳہ ٿيءُ. پنهنجو پاڻ سڃاڻ.



# (169) ونوپا جي ماءُ جا سنسڪار

سنت ونوپاجي ماءُ روز نيم انوسار پرارٿنا ڪندي هئي.

پرارٿنا ۾ اهو ئي عرض ڪندي هئي ”هي اننت پرڀو تون منهنجا دوش دور ڪر ۽ مونکي پنهنجي چرنن جي پريت ڏي. هر هميشهہ تنهنجي رنگہ ۽ مؤج ۾ هجان.“

جن کي پرڀوءَ تي وشواس هوندو آهي. صرف ڀڪاريون ۽ ڀاوَ ۾ ڀرجي وڃون. ماءُ تہ وشواس سان خوش رهندي هئِي. پر سندس پٽ ماءُ کي ڏسندي، پرکيندي وڏو سنت ٿي ويو. وڏن سنتن ۾ ليکجڻ لڳو.

هڪ دفعي اخبار واري هن کان پڇيو تہ

”توهان کي ڀڳوان مليو آهي؟“

جواب ڏنائين ’نہ‘

”توهان ڀڳوان کي چاهيندا آهيو؟“

جواب:- ’نہ‘

”ڀلا توهين ڀڳوان کي مڃيندا آهيو؟“

پيارا ! ڇا ٿا پڇيو، ”مٽو تہ ٻئي کي پوندو آهي. چاهنا ٻئي جي ٿيندي آهي. ڀڳوان تہ منهنجي آتما آهي. مان پاڻ بہ اُهو آهيان.“

اهڙو نشچو، اهڙي پڪ هن ۾ ماءُ جي مليل سنسڪارن مان اچي ويئي.

---

★ هڪ هڪ سواس سون جي کاڻين کان مٿي آهي.

★ نام روپي ڌن ئي ساڻ هلي ٿو، ۽ آهي بہ ساڻ.

★بنا ڏوهہ پٽ دعا جي برابر آهي.

## (170) پنهنجي ڪائڻ تي ضابطو رکو !

هڪ ماڻهو ڪنهن سنت وٽ آيو چيائين ته مان پڳوان جي ڀڳتي چڱيءَ طرح ڪري نه سگهندو آهيان ته سنت چيو ”پيٽ ڏانهن ڌيان ڏي“

وري ٻيو ماڻهو آيو ته چيائين منهنجو من قابوءَ ۾ نه آهي. سنت جو اهو ئي جواب ”پيٽ تي ڌيان ڏي“ وري ٽيون آيو ته ان وري شڪايت ڪئي ته مان گهڻو ڪري بيمار رهندو آهيان. سنت وري به ائين چيو ”پيٽ ڏانهن ڌيان ڏي...“

زبان جا غلام نه بڻجون. ساتوڪ کاڌو کائون. اهو به بک کان ٿورو کائون ۽ پيٽ صاف رکڻ.

”پيٽ صاف ته پيڙا معاف
پيٽ خراب ته تندرستي خراب“

اُپواس تندرستيءَ لاءِ لاڀدائڪ آهي. گهٽ کائو، غم کائو. پيٽ صاف رکو.

هيءَ دوا نه ڌرتي تي ٿيندي آهي، نه آسمان ۾ ٿيندي آهي، نه پاڻيءَ مان پيدا ٿيندي آهي، نه ڪوڙي آهي نه کساري آهي. جنهن ۾ ڪو رس به نه آهي. سڀني شاسترن جي مڃيل آهي اهڙي انوکي دوا آهي اُپواس-پيٽ کي آرام. اهڙي فائدي واري ٻي ڪا دوا ڪونه آهي.

---

**★پاڻ کي سياڻو سمجهڻ جهڙي بيوقوفي ٻي ڪانهي.**

**★پنهنجي ڀُل قبولڻ لاءِ ڪو بهانو نه ڏي.**

**★سچو انسان اُهو آهي جو ڏک وقت به مشڪندو رهي.**



## (171) پوتر چريتر

پنجاب جو پاڙ يسري ڪابول وري وري پنجاب تي حملا ڪندو رهندو هو. پنجاب جي مکيه سيناپتي هر يسنگهه هنن کي سبق سيکارڻ لاءِ ڪابول تي چڙهائي ڪئي پر هر يسنگهه جي سورويرتا جي اڳيان ڪابول جو سيناپتي هر يسنگهه هٿان مارجي و يو. ڪابولي سردار جي ڌيءُ ميهر، جا پاڻ به بهادر هئي تنهن هر يسنگهه کان بدلو وٺڻ چاهيو ۽ ختم ڪرڻ ٿي چاهيو.

هن کي هريسنگهه جي تنبوءَ جو ڏسُ مليو. هوءَ رات جو اوندهه ۾ اڪيلي تلوار کڻي وڌندي آئي تنبوءَ طرف ميهر چيو” مونکي سيناپتيءَ سان ملڻو آهي.“

چوڪيدار وائڙن وانگر ميهر ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ چيائين، ” اسانجو سيناپتي استرين سان گڏجڻ نه چاهيندو آهي. تون هتان هلي وڃ.“

ميهر چيو ”اصل نه مان هريسنگهه ساڻ ملڻ کانسواءِ هرگز نه وينديس. هن کي وڃي چئه ته ڪابول جي سردار جي ڌيءَ ميهر آئي آهي.“

اهو ٻڌي هريسنگهه هن کي آدر سان سڏ ڪرايو. رات جو وقت هو، چوطرف شانتي ۽ ايڪانت ميهر جو روپ سينگار لڀائيندڙ پر هريسنگهه تمام پوتر آدمي هو. هن ميهر ڏانهن مشڪي چيو ”ويهه ڀيڻ“

هن اچرج مان پڇيو ”توهان مونکي ڀيڻ چيو؟“ ”ها“ تون عمر ۾ مونکان ننڍي آهين. ان ڪري منهنجي ڀيڻ برابر آهين. مونکي تنهنجي پيءُ جي مارجي وڃڻ جو بيحد افسوس آهي پر تون اسانجي مجبوريءَ کي سمجهه ۽ پنهنجي پيءُ جي ظلمن جي ته جاڻ اٿيئي ۽ اسانکي مجبورن اهو قدم کڻڻو پيو.“

ميهر اها سچائي ۽ صاف گوئي ٻڌي دنگ رهجي ويئي ۽ وشواس ئي نه پيو اچيس ته ڪو ماڻهو اهڙو پختو ۽ اوجل چريتر وارو به ٿي سگهي ٿو. مون توهانجي بهادريءَ جا قصا ٻڌا آهن ۽ راز اڄ جاتو اٿم.

هريسنگهه چيو ”مان نه! ڪنهن جي به سورويرتا ۾ ان جو اوجل چريتر سمايل هوندو آهي. آهي به سچي ڳالهه. منش جي سڀ کان سريشٽ سمپتي آهي اوجل چريتر. جنهن جو چريتر پوتر ۽ اوجل آهي. اُهو ساهسي، نڊر، ٻڌيمان ۽ ڌيرجوان هوندو آهي ڪميا، دَيا ۽ شڀ گڻ سهج ئي هن ۾ ٿڙڻ لڳندا آهن.

# (172) دريوڌن ۽ ارجن !

ڪروڪيتر جي لڙائي هلي پئي. ڪورون کي ته پڪ هئي ته اسين کٽنداسين. اسانجي سينا ارجن ۽ ڀين پانڊون کان گهڻي آهي.

جڏهن به لڙائي ٿيندي آهي اُلڪو ته رهندو ئي آهي ته متان سامهون واري پارٽي کٽي وڃي. دريوڌن ته هو ايماني هن کي لڙائي ضرور کٽڻي هئي سو خيال ڪيائين ڇو نه وڃي شري ڪرشن کان سينا وٺي پنهنجي وڌايان.

هوڏانهن وري ارجن کي به ويچار آيو ته وڃان شري ڪرشن وٽ ۽ ڪيس ٻڌايان ته برابر توهانجي گيان ٻڌڻ کانپوءِ مان لڙائيءَ لاءِ تيار ته ٿيو آهيان پر تڏهن به توهانجو ساٿ مونسان هجي ته ڪو ڀپ ڊاءُ ڪونهي.

سو ٻيئي ڄڻا خيال ڪري صبح جو سويل اُٿي پنهنجي ليکي شري ڪرشن وٽ پهتا. دريوڌن پهرين پهتو. ڏٺائين شري ڪرشن سمهيو پيو آهي. وڃي سندس مٿي کان وينو. ايتري ۾ ارجن به آيو سو وري وڃي شري ڪرشن جي چرنن کان وينو.

جيئن ئي شري ڪرشن اکيون کوليون سندس نظر هڪدم ارجن تي پيئي. شري ڪرشن پڇيو، تون هن وقت ڪيئن آيو آهين؟

اڃا ايترو مس چيائين ته دريوڌن ڪاوڙجي رڙ ڪئي. هن کان پهرين ته مان آيو آهيان توهين هتي به پاسخاطري ٿا ڪريو ۽ شري ڪرشن چيو اهڙي ڳالهه ڪونهي. اُٿڻ واري جي نظر پهرين ته پيرن ڏانهن ويندي. چڱو هاڻي ٻڌاءِ تون ڪيئن آيو آهين؟ دريوڌن چيو مان توهان کان سينا گهرڻ آيو آهيان. وري ارجن ڏانهن نهاريائين ۽ چيائين ڏيان هن کي پنهنجي سئنا؟ باقي توکي ڇا ڏيان؟ ارجن چيو سئنا ڀلي هنن کي ڏيو. مونکي ته توهين آهيو نه !

طئه ٿي ويو ته سينا ڪورون کي ڏني ويندي ۽ شري ڪرشن پانڊون سان هوندو. پوءِ يڌ جي وقت شري ڪرشن ارجن جو سارٿي ٿي رهيو. جنهن جو سارٿي خود ڀڳوان سي ڪيئن هارائيندا. سيني کي خبر آهي ته جيت پانڊون جي ٿي.



# (173) اديت درشن !

جڏهن اڪرور ڪرشن ۽ بلدائو کي ڪنس جي چوڻ تي مترا مان وٺڻ لاءِ بندرابن آيو. تڏهن شري ڪرشن جي ڏاڍي اُستتي ڪيائين ۽ ڪرشن ڀڳوان جل ۾ پنهنجي دويه روپ جو درشن ڪرايو ۽ پوءِ اهڙو لڪائي ڇڏيائين جيئن ڪو بازيگر بازي ڏيکاري جهٽ وري اهو پردي پنيان لڪائي ڇڏيندو آهي. ڀڳوان جو اهو دويه روپ غائب ٿي ويو تڏهن هو پاڻيءَ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ جلدي جلدي سڀ ڪم پورا ڪري رٿ ڏانهن آيو. هو ڏاڍو حيرانيءَ ۾ هو. ڀڳوان ڪرشن ان کان پڇيو چاچاجي ! توهان ڌرتي، آڪاش يا جل ۾ ڪا وچتر شيءِ ڏٺي آهي ڇا؟ توهان جو چهرو ڏسي ائين ٿو لڳي.

اڪرور چيو ''پرڀو ! سارو جڳت آڪاش، ڌرتي ڌرتيءَ تي جيترا اديت پدارٿ آهن اُهي سڀ توهان ۾ آهن. مون سڀ ڏٺو. ڪا به اديت شيءِ رهيل ناهي. سڀ توهان ۾ آهي ڇو جو سڄي وِشوَ ۾ توهين ئي آهيو، سڀ ڪجهه مان توهان ۾ ئي ڏسي رهيو آهيان.

ائين چئي اڪرور رٿ هلايو ۽ ڀڳوان ڪرشن ۽ بلرام کي وٺي سج لهندي وڃي مترا پوريءَ ۾ پهتو.

---

**★''مان ! مان'' جي رٽ ڇڏ-پرڀوءَ کي پڇاڻ**

**★عشق جي عينڪ پاءِ ۽ هرهنڌ پرڀوءَ کي پاءِ**

**★من، تن جو رٿ ڀڳوان جي حوالي ڪري ٻي اونو ٿي رهه.**

**★ڪم ۾ رڌل رهبو ته اجاين خيالن کان بچبو.**

## (174)ماءُ جو قرض ڪير لاهي سگهندو؟

سوامي وويڪانند اڪثر نوجوانن سان گڏجندو هو. هڪ ڏينهن هڪ نوجوان پڇيو ”مهاراج“ ! ماءُ جو قرض چڪائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. اهڙو ماءُ ڇا ڪندي آهي جو اسين چڪائي نٿا سگهون؟

سوامي وويڪانند چيو ”ان سوال جو جواب عملي طور چاهين ٿو، ڏسڻ چاهين ٿو.

ها ! مهاراج.

”هاڻي ٻُڌ، ٿوري همت ڪر، هي جيڪو پٿر سامهون پيو آهي، اهو پنهنجي پيٽ سان ٻڌي ڇڏ ۽ پوءِ وڃي آفيس ۾ ڪم ڪر ۽ شام جو مون سان ملجانءِ.“

پيٽ تي اڍائي ڪلو وزن وارو پٿر ٻڌل هجي ۽ ڪم ڪار ڪرڻو پوي ته ڪهڙي حالت ٿيندي؟ آزمائڻو هجيو ته آزمائي ڏسو.

اُهو ماڻهو ٿڪجي ٽٽي شام جو واپس آيو ۽ سوامي وويڪانند کي چيو ”ماءُ جو قرض ڪهڙو. ان جو جواب وٺڻ ۾ ڏاڍي تڪليف سهڻي پيئي آهي. هاڻي ته ٻڌائڻ جي ڪرپا ڪريو ته ماءُ جو قرض ڇا ٿيندو آهي؟

”هي پٿر تو ڪڏهن کان ٻڌو آهي؟“

”هڪ ئي ڏينهن ته ٿيو، وڌيڪ ته نه ٿيو آهي نه.

’نه‘

”تو هڪ ڏينهن ۾ ئي توبهه ڪري ڇڏي تهجيڪا ماءُ مهنن جا مهنا تنهنجو بوجهه کڻي گهمندي هئي، سڀ گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي.سڄي گرهست کي منهن ڏيندي هئي. اُن ڪيترو سهن ڪيو هوندو؟ ان ته ڪڏهن ڪا شڪايت ڪا نه ڪئي. ان کان وڌيڪ عملي طور ڇا ٻڌايان ۽ سمجهايان توکي؟



## (175)وگيانڪ جڳديش بسوُ ۽ سڀلا !

وگيانڪ جڳديش بسو ڪلڪتي ۾ رهي وگيان جي کوجنا به ڪندو هو، گڏو گڏ هڪ ڪاليج ۾ انگريزي پروفيسر هئڻ ڪري ٻارن کي پاڙهيندا هئا. جيتوڻڪ هو به گهڻو هوشيار ۽ وگيان جو کوجنيڪ هو ته به هن کي پگهار انگريز پروفيسرن کان گهٽ ملندي هئي.

اهو انياءُ ڏسي ، بسوءَ کي مهاپرشن جا سڏانت ياد آيا ۽ انياءُ نه رڳو ڪرڻ پاپ آهي پر سهڻ به پاپ آهي. هو پگهار جو چيڪ اختياري وارن کي واپس ڪندو ويندو هو. پنهنجي استريءَ کي ٻڌايائين ته مالي حالت وڃي ٿي ڪمزور ٿيندي. نه کوجنا ٿيندي ۽ نه گهر هلي سگهندو. سندس استري يڪدم پنهنجا قيمتي زيور آڻي رکيا. ۽ چيائين ته ٿورو وقت ته هنن مان گذري ويندو پر جيڪڏهن ڪلڪتي جهڙو مهانگو گهر ڇڏي هلي هگليءَ نديءَ جي هن پار چندننگر ۾ سستو گهر وٺي رهون پوءِ گذارو ٿي ويندو. بسوءَ چيو:- ”اهو ٺيڪ آهي پر ندي پار ڪري هر روز ڪلڪتي ڪيئن پهچبو.

سندس استريءَ چيو ”پراڻي ٻيڙي پيئي آهي اها مرمت ڪرائي روز توهين وڃجو پر جي توهانکي ٽڪ جو خيال هجي ته مان توهانکي روز ڇڏي به ايندیس وٺي به ايندیس توهين ڪو به خيال نه ڪريو. سندس استريءَ جو نالو هو ته ابلا پر، سبلا ٿي پيئي. ۽ هن وشواس واري استريءَ ائين ئي ڪيو.

جڳديش بسوءَ پنهنجو اپياس ۽ کوجنا ڪري سگهيو. جڳ پرسڌ وگيانڪ بڻجي ويو. انگريز سرڪار بہ آڻ مڃي ۽ ڪيس به انگريزي پروفيسرن جيتري پگهار مليو.

ايڪتا، ساهس، نشچو ۽ پاڻ ۾ وشواس درڍ هجي ته ڪاميابي ملي ٿي.

# (176)چالاڪ بيربل !

بادشاهه اڪبرحاضر جوابي ۽ چالاڪين جي باري ۾ ٻڌي هن کي پنهنجي درٻار ۾ اچڻ لاءِ چوائي موڪليو.

بيربل حڪم جي پيروي ڪئي.

هو آيو، پر پهريدار کيس اندر وڃڻ نه ڏنو چيائين شاهي پروانو ڏيکار.

مونکي اچڻ لاءِ نياپو مليو آهي، شاهي پروانو ڪو نه مليو آهي.

سڀ پهريدار کلڻ لڳا کيس چيڙائڻ لڳا ته ”سو توکي بادشاهه گهرايو آهي؟ تون پهريون دفعو آيو آهين. توکي بادشاهه سلامت وٽ پهچڻ جي قاعدن جي به خبر ڪانهي ۽ هليو آهي بادشاهه سان ملڻ.

ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي چٺي ڪٿي آيو آهين؟“

بيربل چيو ”مان اهڙي ڪنهن به ماڻهوءَ کي ڪو نه سڃاڻان.“

پهريدارن چيو ته اسانکي خوش ڪرڻ ڪانسواءِ تون اندر نٿو وڃي سگهين.

بيربل سمجهي ويو ته هنن کي رشوت کپي.

بيربل آهستي چيو”ڏيان ڏيئي ٻڌو. بادشاهه سلامت مونکي ڪنهن خاص ڪم لاءِ گهرايو آهي.“

تون ڪا خاص خبر ڪٿي آيو آهين ڇا؟“ پهريدارن سوال ڪيو ’ها‘ بيربل جواب ڏنو.

”اسان کي به ڪجهه خاص ڏيڻو پوندو توکي.“ پهريدارن حڪم ڪندي چيو ۽ وڏيڪ چيائون، اسانجي باري ۾ ڪجهه نه



ٻڌائيندين.“ بيربل چيو ”ضرور ! بادشاهه سلامت وٽان جيڪي ملندو سو مان توهان سان ونڊيندس ۽ توهانجي باري ۾ به ڪجهه نه ٻڌائيندس.“

بيربل اندر درٻار ۾ گهڙيو ته بادشاهه سلامت پنهنجي تخت تي براجمان هو ۽ بيربل ڏاڍي نمرتا سان کيس سلام ڪيو.

”توکي ڪا تڪليف آهي. ڪنهن توکي ستايو آهي ڇا؟ تون بادشاهه سلامت کي ڪجهه چوڻ ٿو چاهين؟“ وزير پڇيو

”مان بادشاهه سلامت جي حڪم سان هتي آيو هيان. مان بيربل آهيان.“

بيربل پنهنجي واقفيت ڏيندي چيو.

بادشاهه سلامت بيربل ڏانهن نهاريو ۽ کيس ڏسي نراس ٿيو ۽ سوچڻ لڳو ته هيءُ ته رواجي ماڻهو آهي، مون ته هنجي باري ۾ هنجي چالاڪين ۽ سڃاڻپ جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌو هو. پر خير وزير کي حڪم ڪيائين هن کي سونيون مهرون ڏيئي روانو ڪر.

بيربل ٻڌو ۽ چيائين ”بادشاهه سلامت ! مونکي مهرون نه کپن مان ته توهان سان ملڻ آيو آهيان.“وزير بيربل کي سمجهايو ته بادشاهه سلامت پنهنجي آيل مهمانن کي ڪجهه سوکڙي ڏيندو آهي.

”حضور ! توهين سچ پچ مونکي ڪجهه ڏيڻ ٿا چاهيو ته مان جيڪي گهران اُهو مونکي ڏيو. مان جيڪي گهران اُنهي ڏيڻ کان انڪار نه ڪندا اهڙو آٿت ڏيو“. بيربل چيو.

”چڱو ڀائي ! جيڪي تون چوندين سو توکي ڏيندا سين.“ بادشاهه سلامت اهڙي خاطري ڏني.

”حضور ! مان چاهيان ٿو تہ مونکي ڦٽڪا هنيا وڃن.“ بيربل وراڻيو.

سڀ دربار ۾ ويٺل وزير وائڙا ٿي ويا بيربل جي گهربل سزا جو ٻڌي پر بادشاهہ سلامت حڪم ڪيو تہ بيربل جي اڇا پوري ڪئي وڃي. جلد ئي هڪ شخص ڇهبوڪ کڻي آيو ۽ بيربل پنهنجي پٺي هنجي اڳيان ڪئي. جڏهن ٻہ ڦٽڪا ڪيس هنيا تڏهن بيربل چيو ”ترسو ! ٻيا بہ آهن جيڪي مونسان انعام ونڊڻ ٿا چاهين.“

ببادشاهہ سلامت خفي ٿي چيو ”وري ڇا ڪپي توکي؟“

بيربل چيو تہ پهريدارن کي ڪوٺيو وڃي مون هنن کي گهڻو ئي سمجهايو تہ مان راجا جي حڪم سان هتي آيو آهيان پر هو مونکي اندر اچڻ ئي نہ ڏين.“

بادشاهہ سلامت وري پڇيو ”ڇو پيا توکي روڪين؟“

”کين رشوت کپندي هئي. مون بہ هنن سان انجام ڪيو تہ جيڪي مونکي ملندو اُن مان توهانکي حصو ڏيندس. جڏهن اهڙو انجام ڏنم تڏهن اندر اچڻ ڏنو اٿن. هاڻي جيڪو مونکي انعام مليو آهي سو کين بہ ملڻ گهرجي. ٻيٽا ڪري ڏيو هنن کي حضور ! اها منهنجي التجا آهي ”بيربل نيزاريءَ سان چيو.

پوءِ تہ يڪدم حڪم ٿي ويو بادشاهہ سلامت جو تہ پهريدارن کي ڪوٺيو وڃي ۽ کين چار چار ڦٽڪا هنيا وڃن.

سياڻي بيربل ائين بادشاهہ سلامت کي رشوت وٺندڙ پهريدارن مان ڇوٽڪارو ڏياريو.

بادشاهہ اڪبر تي بيربل جي انهي ڪارنامي جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ هن کيس پنهنجي دربار ۾ وزير ڪري مقرر ڪيو. بيربل بہ سڄي حياتي بادشاهہ سلامت جي دل وجان سان شيوا ڪئي.



## (177)مهاتما گانڌي

ٻاپو قدرت سان پريم ڪندڙ هو.هو ڪڏهن بہ ڪنهن وڻ جي ٽاريءَ کي نہ ٽوڙيندو هو، ڪڏهن گل بہ نہ پٽيندو هو، نديءَ مان بہ فقط ايترو ئي پاڻي ڀريندو هو، جيتري ضرورت هوندي هئس. هڪ ڏينهن جمنا لال مذاق سان ڪلندي چيو ٻاپوجي! توهين سنان ڪرڻ لاءِ پاڻي ڪڍڻ ۾ يا پاڻي پيئڻ ۾ ايتري ڪنجوسي ڇو ٿا ڪريو؟

ٻاپوءَ چيو تہ نديون، کوهہ ۽ تلاءَ مونکي وصيت ۾ نہ مليا آهن، اُهي تہ قدرت جي ملڪيت آهن، مونکي جيتري پاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي، اوتروئي ڪڍندو آهيان ۽ جي پاڻيءَ کي اجايو برباد ڪرڻ لڳس تہ پاڻي گندو ٿي پوندو. ڪيترن ئي ماڻهن کي پياسو رهڻو پوندو، ڪيتي ۾ ڇڳيءَ طرح پوکہ ڪو نہ ٿيندي، بجلي پيدا ڪرڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندي. ٻاپوءَ جي گهاگهر ۾ ساگر ڀرڻ واري ڳالهہ ٻڌي جمنا لال کي سمجهہ اچي ويئي ۽ ٻابوءَ کي چيائين- ٻاپوجي اهو سچ آهي جيڪڏهن قدرت سان اسان جو رشتو صحيح هوندو تہ اُها منش جاتيءَ کي ڪڏهن نقصان نہ پهچائيندي.

## (178)شاستري جي

هڪ ڏينهن ڪي ماڻهو ڪنهن وڻ کي ڪٽي رهيا هئا-ڇو نہ ان وقت شاستري بابو اتان لنگهي رهيو هو. اُن وڻ ڪٽڻ واري کي ٽوڪيندي چيو- قدرتي وڻ کي ڇو پيو ڪشٽ ڏين؟ ٻڌي هڪ ماڻهو چيو- هڪ وڻ ڪاٽڻ سان قدرت جي صحت تي ڪهڙو فرق پوندو؟ شاستريجي چيو- هتي بہ گهڻيئي ماڻهو آهن، جيڪڏهن هڪ گهٽ ٿي وڃي تہ ڪهڙو فرق پوندو؟ اُهو وڻ ڪٽڻ وارا ڪهاڙي اُتي ڇڏي ڀڄي ويا ۽ ڀڄندي ڀڄندي چوندا ويا- اسان کي معاف ڪريو هاڻي آس پاس ڇيزن جي صحت کي نقصان نہ پهچائينداسين.

## (179) چاچا نهرو ۽ آٽوگراف

هڪ ماسترياڻي پنهنجي ڪلاس ۾ آئي ان ڏينهن تاريخ هئي چوڏهين نومبر. ڪلاس ۾ گهڙڻ سان ئي ماسترياڻيءَ پڇيو ”اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟“

ٻارن چيو ”چوڏهين نومبر.“

”ڪجهه ياد اچيو ٿو؟ ماسترياڻي وري ورجائي پڇيو.

ڪجهه وقت جي ماٺ ڪانپوءِ هڪڙو شاگرد اُٿيو ۽ چيائين ”اڄ پنڊت نهروءَ جو جنم جو ڏينهن آهي.“

ماسترياڻي کيس شاباس ڏني ۽ شاگردن ڏانهن مخاطب ٿي چيو ”مان اڄ توهان کي چاچا نهروءَ جي باري ۾ هڪ يادگيري ٿي ٻڌايان:-

جواهرلال ڀارت جو پهريون پرڌان منتري هو. هو ٻارن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. جڏهن هن جي چوگرد ٻار هوندا هئا ته پاڻ به اُنهن سان ٻار ٿي ويندو هو. اُنهن سان رانديون ڪندو هو. چرچا مسخريون ڪندو هو.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي، اُهو به چوڏهين نومبر جو ڏينهن هو. نهروءَ جي گهر ۾ ٻارن جون ٽوليون کيس جنم دن جون واڌايون ڏيڻ آيون هيون. جيئن ئي گهر ۾ گهڙيا ٻارن خوشيءَ مان زور سان چيو چاچا نهرو جنم دن جون واڌايون ! واڌايون!

اُنهن ٻارن مان هڪ ٻالڪا اُٿي ۽ پنڊت نهروءَ جي ويجهو وڃي کيس پنهنجو آٽو گراف بڪ هٿ ۾ ڏنو ۽ چيو ته مونکي توهانجو آٽو گراف کپي.

چاچا نهرو اُهو ڪتاب کو ليو ۽ پنهنجي صحي ڪئي ته ايتري ۾ ٻالڪا چيو صرف صحي نه پر ڪو شڀ ڪامنا جو



سنديش به لکو. چاچا نهرو وري آٽو گراف جو ڪتاب کولي لکيو ”جيون ۾ ڪڏهن به هار نه مڃجو مشڪلاتن ۾ به مسڪرائڻ سکو“. ٻالڪا آٽو گراف ۽ چاچا نهروءَ جو سنديش پڙهي ڏاڍي خوش ٿي پر وري چيائين اڄ جي تاريخ ته توهان وڌي ئي نه آهي.

ٻالڪا خوش ٿي چيو ته توهانجي وڏي مهرباني. ”چاچا ! توهان شڀ ڪامنا جا اکر هنديءَ ۾ لکيا آهن ۽ صحي انگريزيءَ ۾ ڪئي آهي ۽ تاريخ اُردوءَ ۾ لکي اَٿوَ. ائين ڇو؟

چاچا نهروءَ مسڪرائيندي چيو ”تو جيئن چاهيو، تيئن مون ڪيو تو آٽوگراف چيو ته مون انگريزيءَ ۾ صحي وڌي، وري تو هنديءَ ۾ شڀ ڪامنا چيو ته مون هنديءَ ۾ سنديش لکيو. وري تاريخ لکڻ لاءِ چيو ته تون اُردوءَ ۾ وڌي.

تون مليل جلبل (کچڙي) ڀاشا ڳالهائيندينءَ ته توکي صحي به اُن ۾ ملندي. ٻالڪا مسڪرائيندي وڃي ٻين ٻارن جي وچ ۾ ويٺي.

## (180) ”سمجهو راجڪمار“!

راجا اڇي ٻڍو ٿيو. کيس ٽي راجڪمار هئا ٽنهي کي گهرايائين ۽ چيائين ته هاڻي مان چاهيان ٿو پنهنجي راڄ لاءِ ڪو سچو اڌڪاري چونڊي پنهنجو راڄ-پاٽ انجي سپرد ڪريان.

راجڪمارن چيو ”پتاجي ! توهان جو خيال ته نيڪ آهي پر توهين سچو اڌڪاري ڪنهنکي ٿا چئو؟“

راجا چيو ”مان اُنهي راجڪمار کي پنهنجو راڄ سونپيندس جو پاڻ کي منهنجي ڪسوٽيءَ تي پرکجي پاس ٿيندو. انهيءَ

ڪري توهانکي وڏي پريکشا ڏيڻي پوندي.'' سڀ راجکمار راضي ٿيا.

راجا ٽنهي کي ٢٥-٢٥ گنيون ڏيئي چيو تہ اهڙي شيءِ ڳولهي لهو جيئن هر هڪ جو ڪمرو ڀرجي وڃي. اهڙي شيءِ وٺي اَچو جيئن ڪمرو ڀريل لڳي ۽ جنهنجو ڪمرو مونکي نيڪ لڳندو اُن کي هيءُ راڄ ڏيندس.

وڏو راجکمار پنهنجي ياترا ڪندي ريگستان ۾ پهتو اُتي مٽيءَ جا درا ڏسي خوش ٿيو ۽ سوچيائين تہ هنن سان ڪمرو ڀرجي ويندو. ريتيءَ جون ڳوٺيون ڀرائي پنهنجي گهر کي ڀريندو ويو. سمجهيائين مون ڪمرو ڀري ڇڏيو آهي.

وچون راجکمارجڏهن ڪنهن شهر جي ڪپهہ جي پازار ۾ پهتو تہ يڪدم ڪيس خيال آيو تہ چو نہ ڪپهہ وٺي گهر کي ڀريان. ڪپهہ هلڪي آهي سولائيءَ سان گهر ڀرجي ويندو، هن ائين ئي ڪيو ڍيرن جا ڍير ڪپهہ وٺي هن ڪمرو ڀري ڇڏيو. پر ڪيس خبر ئي نہ پيئي تہ منهنجي اها ڪوشش سڦل نہ ٿيندي.

ننڍي راجکمار سوچ ويچار ڪري عقل جو ڪم ڪيو، پنهنجي شهر جي بازار مان چندن جي ڪاٺي وٺي ۽ ٻاري ڪمري ۾ رکي ڇڏيائين. مٺي مٺي خوشبوءِ سان سڄو ڪمرو ڀرجي ويو ۽ وايومنڊل ڏاڍو مڌر ۽ وڻندڙ ٿي ويو.

راجا ٽنهي جي ڪمرن ۾ ويو، جاچيائين ۽ پرکيائين، ننڍي راجکمار جو ڪمرو ڪيس ڏاڍو وڻيو. هن پنهنجي عقل سان ڪمري کي ڏاڍو خوشبدار بڻائي ڇڏيو هو. راجا ٽنهي جي مهلت سان پنهنجو راڄ ننڍي راجکمار کي سونپي ڇڏيو.



## (181) ''جواهر لعل نهرو'' !

### وچ ۾ ڳالهہ ڪٽڻ جي همٿ

جواهرلعل نهرو جو پتا پنڊت موتي لعل نهروءَ جو روب ۽دٻدٻو سڄي علاقي ۾ هو. وڏن ۽ سٺن انگريزن بہ هن کي پنهنجو گرو مڃيو هو. هڪ دفعو هو ڪلڪتي ڪانگريس جو سڀاپتي مقرر ٿيو هو پنهنجي ڀاشڻ ۾ چوڻ لڳو ''انگريز جيڪڏهن پنهنجي راڄ جي اندر بہ جيڪڏهن اسانکي اَندرين معاملن ۾ سوراڄ ڏين تہ بہ اسانکي مڃڻ گهرجي.

هن جي ڀاشڻ جي وچ ۾ ڳالهائڻ جي ڪنهن کي همٿ ڪو نہ ٿيندي هئي. پر اڄ سڀا جي وچ ڪنهن آواز ڪيو ''پوري سوراڄ کان تِر بہ گهٽ نہ، ذرو بہ گهٽ نہ''

سڀ ماڻهو وائڙا ٿي ويا، حيران ٿي ويا. ،موتي لعل گرجندي پڇيو:-

''ڪنهن کي همٿ آهي جنهن منهنجي ڳالهہ کي وچ ۾ ڪٽيو؟''

اهو ڏسي موتي لعل خاموش رهجي ويو، چپ ٿي ويو، جڏهن خبر پيس تہ هنجي ڳالهہ وچ ۾ ڪاٽڻ وارا ٻيو ڪير نہ پر جوهر لعل نهرو هو. جيڪا ڳالهہ جوهر لال کي نہ وڻندي هئي، هوُ اُها ڪڏهن بہ نہ مڃيندو هو.

## عادت

جواهر لعل نهرو همٿ ۽ بهادريءَ جو پُتلو هو. ڪنهن بہ سنڪٽ کان نہ گهبرائيندو هو. ڪنهنجي بہ روب کان دٻجندو نہ هو. نهرو جي جي اها عادت جوانيءَ ۾ هئي تہ ٻڍاپي ۾ بہ هئي.

نهروجيءَ يڪدم جواب ڏنو.

مان ڪانگريس جو ميمبر آهيان، ۽ اُن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ڪان ڪنهن بہ قسم جي آگيا وٺڻ يا مڃڻ منهنجي عادت ڪونهي

## (182) ”سوامي وويڪانند“!

### پسچاتاپ

سوامي وويڪانندڪي سنياس وٺندي ٿورا ئي ڏينهن ٿيا هئا ۽ هو وچتر آستانن جي پيرين پنڌ ياترا ڪري رهيو هو.

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ گرميءَ جي ڏينهن ۾ پنڌ هلندي هلندي هنجو گلو سڪي ويو.

پياس ڪان ڏاڍو وياڪل هو. اچانڪ ڪنهن ڪوهہ تي هڪ ماڻهو پاڻي پئيندو ڏسي پاڻ بہ اُتي پهچي ويو. ويجهو وڃي چيو:- ڀاءُ ! ٿورو پاڻي مهرباني ڪري پيئار ڏاڍي اُڃ لڳي آهي.

مان تہ ڀنگي آهيان. ڪوهہ مان پاڻي ڀريندي اُنماڻهوءَ چيو. اهوٻڌي تہ مان ڀنگي آهيان سوامي وويڪانند بنا ڪجهہ چوڻ جي اڳيان هلي ويو.

ٿوري دير گذرڻ ڪانپوءِ سوامي وويڪانند کي گيان ٿيو. هي ڇا؟ مان تہ ڪل جاتين اوچ نيچ کي تياڳہ ڪري سنياسيءَ جو ويس ڌارڻ ڪري چڪو اهيان، پوءِ ڀنگي جاڻي منهنجو سمهيل جاتيءَ جو اڀمان ڇو جاڳيو؟ سوامي ٿي بہ مان تہ شودرن جو ڪم ٿو ڪريان.

من ۾ جيئن ئي اهو ويچار آيس، هو ڪوهہ تي واپس موٽي آيو ۽ اُن ڀنگيءَ کي هٿ جوڙي چيو ”ڀاءُ مونکي معاف ڪري



ڇڏ. مون ڪان وڏي ڀُل ٿي آهي. تو جهڙي ايشوري-ڀڳت کي مون توکي پاڻ ڪان گهٽ سمجهيو.

مان ڇا سنياسين جون واتائون ڪندس. سوامي جيءَ پنهنجي ڀاڪر ۾ اُن ڀنگيءَ، کي جهليو ۽ پريم سان اُن ڪان پاڻي وٺي پيتو .

## (183)’لفظن جو چمتڪار

سوامي وويڪانندسَرِوَ ڌرم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چڪاگو، اميريڪا ويو. وچڻ ۾ بہ ڏاڍي هرڪنهن ڳالهہ جي تڪليف ٿيس پر اميريڪا پهچي وڃي ڪٿي رهندو؟ ان جي ڪا خبر ئي نٿي پيئي. اُنهن ڏينهن وڃڻ جو طريقو صرف پاڻيءَ جو جهاز ئي هو. اميريڪا جي ڪناري تي جڏهن جهاز پهتو تہ ٻيا سڀ مسافر لهي وڃڻ لڳا. اُنهن سڀني جا مٽ مائٽ کين وٺڻ آيا هئا. سوامي جي پنهنجي جاءِ تي ويٺا هئا ۽ سوچيائين تہ مان جهاز مان لهي ڪيڏانهن وڃان ڇو جو هنن وٽ ايترو ڌن بہ ڪو نہ هو جو وڃي هوٽل ۾ لهن. ايتري ۾ هڪڙو اميريڪي پرش هن کي منجهيل ڏٺو ۽ ويجهو اچي پڇيو تہ توهان کي وٺڻ ڪير ڪو نہ آيو آهي؟

سواميجيءَ يڪدم جواب ڏنو ’ نہ ! نہ! يڪدم چيو: ڪير آيو ڪيئن ڪونهي، ائين بنا سنڪوچ جي جواب ڏنو.

اميريڪي هن جي جواب تي ايترو تہ تپرس ۾ اچي ويو جو جلد ئي سوامي جيءَ جو ننڍو وڏو سامان کنيو ۽ پاڻ سان گڏ اچڻ لاءِ چيو. سوامي جي ڪيترا ڏينهن اُن سڄن جي گهر رهيو ۽ اُنجي سهايتا سان هو اُن سميلن جي جاءِ تي پهچي ويو.

# (184) ”فولادي نيتا“ !

سردار ولڀ ڀائي پٽيل نڊر راجنيتڪ نيتا سردار ولڀ ڀائي پٽيل کي لوهه جو آدمي، لوهه پرش يا فولادي انسان جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي، ڇو جو هو ٻچپڻ کان ئي نڊر هو، منهن تي سچي ڳالهه چوڻ وارو هو، ان ڪري وڏا وڏا انگريز اڌڪاري هن کان ڊڄندا هئا.

ڄاڻ جو سردار پٽيل پنهنجي درڍ سڌانتن جو پڪو هو، ان ڪري جيڪي هو سوچيندو هو، ويچار ڪندو هو ڪري ڏيکاريندو هو.

اُنهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن پٽيل پنجين درجي ۾ پڙهندو هو،تنهن وقت هنجي ٽنگ ۾ هڪ وڏي ڦڙي ٿي پيئي. جنهن ڪري سڄو سرير سور کان ڪڙهندو هو. گهر وارن گهڻيئي علاج ڪرايا پر ڪو به فائدو ڪو نه ٿيو. هڪ ڏينهن ٻالڪ پٽيل کي ڦڙي جي سور، ڇڻ ڪڙهي پئي، ڏاڍو ستايو ته هو چپ چاپ رنڌڻي ۾ ويو ۽ لوهه جي شيخ کي ٻرندڙ چلهه ۾ رکي ڇڏي ۽ شيخ جڏهن تپي ڳاڙهي لال ٿي ته يڪدم پنهنجي هٿ سان ڦڙي ۾ اندر نوسي ڇڏيو. جلدئي روڳ وهي نڪتو. ان وقت سندس ماءُ اچي ويئي، پر ٻار ولڀ وشواسي ڀاوَ سان مسڪرائيندي چيو- اما ! ايترو نه گهٻراءِ، ڦڙيءَ جو روڳ ۽ رت ڇا لاڏ پيار سان نڪري سگهي ٿو ڇا؟

اهو ٻڌي ماءُ هنکي پنهنجي ڀاڪر ۾ لڪايو ۽ چيائين منهنجا لال تون ته پورو فولادي آهين.

هڪ ڀيري هو اسڪول مان موٽي رهيو هو ته هڪڙي انگريز پوليس هن کي پڪڙي چيو ”تون مونکي ڏسي ڪلندو ڇو آهين؟ ٻالڪ پٽيل جهٽڪي سان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو ”ولايتي گڏهه ڏسندو آهيان، ته کلڻ ۾ خوب مزو ايندو آهي.“

انگريز پوليس وارو لاجواب ٿي ويو.

سردار پٽيل پنهنجي ساٿين سان زور زور سان کلڻ لڳو.



# (185) پولو گڏهه جي هوشياري !

پولو گڏهه تمام سادو هو. هرڪو جهنگل ۾ کيس چيڙائيندو رهندو هو. جيتوڻيڪ پولوءَ کي اهو وڻندو ڪو نه هو پر ڪجهندو ڪونه هو.

هميشه ڀگوان کي ڏوراپو ڏيندو هو ته ڇو مونکي اهڙو سادو بڻايو آهي.

هڪ ڏينهن جهنگل جو آفيسر جهنگ جي ڇڪاس ڪرڻ آيو ۽ اڳڪٿي ڪيائين ته ٿورن ڏينهن ۾ هتي ڀاري طوفان اچڻو آهي. طوفان جو ٻڌي سيني جانورن ۾ ڦرڦوت پئجي ويئي.

جانورن کي وياڪل ۽ منجهيل ڏسي چالاڪ گدڙ کي جانورن کي ڦرڻ ۽ ديڇارڻ جو وجهه ملي ويو. گدڙ ائين ڪٽي ڦهلايو ته طوفان کان بچڻ لاءِ مان ”طوفان بچاءُ پوڄا“ ڪري رهيو آهيان ۽ مونکي پڪ آهي ته اهڙي پوڄا سان گهڻن جانورن جي جان بچي پوندي. ابوجهه جانور هن جي ڦندي ۾ ڦاسي ويا. هتان هتان ميوا- ڪاڏي جون شيون گڏ ڪري گدڙ جي اڳيان پيٽا رکي پوڄا ۾ شامل ٿيا. جيتوڻيڪ جهنگل جي راجا شينهن کين گهڻو ئي سمجهايو ته ڪنهن سلامتي واري هنڌ تي هلو، پر جانورن هڪ نه ٻڌي.

هوڏانهن وري جيئن ئي پالو گڏهه طوفان اچڻ جي سوچنا ٻڌي ته يڪدم سچ ويچار ۾ لڳي ويو ته هن مصيبت کي ڪيئن منهن ڏجي. سوچيندي سوچيندي کيس هڪ غار جي يادگيري اچي ويئي جيڪا جهنگل جي ٻاهر ئين پاسي هئي. اُها غار وڏي ۽ سلامتيءَ واري هئي.

بنا وقت وڃائڻ جي هو پنهنجا ٻار ٻچا وني ۽ ڪجهه ڪاڏي جو سامان ڪٽي غار ڏانهن وڃڻ لڳو، رستي تي جيڪي جانور گڏيس تي اُنهنکي به پاڻ سان هلڻ جي صلاح ڪيائين پر هڪ به جانور هن جي هڪ به نه ٻڌي. مرڳو ئي ويچاري کي چيڙائين پيا ۽ ظالم گدڙ جي پوڄا ۾ پنهنجو سڀ ڪاڌو ۽ ٻيون شيون سواهه ڪري ڇڏيائون.

ٻئي ڏينهن سچ پچ طوفان تمام تيزيءَ سان آيو ۽ هوا اهڙي زور سان ٿي لڳي جو ڪيترا ئي وڏا وڏا وڻ پاڙن کان پٽجي اچي هيٺ ڪريا.

ڪيترا ئي اُنهن جا گهر به طوفان ۾ وهي ويا. جيڏانهن تيڏانهن پاڻي ئي پاڻي هو. ويچارو پالو، جيئن ئي طوفان ۽ هوا جو زور گهٽيو ٻاهر نڪري سيني

کي مدد ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن گهڻن ئي جانورن کي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان بچايو. جڏهن سڀ ڪنهن کي پنهنجي جان بچائڻ جي لڳي پيئي هئي تڏهن گڏهه پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪري ٻين کي بچائڻ جي ۾ لڳو رهيو.

**نصيحت :- ڪنهنکي گهٽ نه ڄاڻجي سڀ ڪنهن جي ٻڌي پوءِ ثابت قدم ڪٿجي.**

## (186) ڪاڌو زيان نه ڪجي !

ارڻ تمام ٺاهوڪو ڇوڪرو هو. اسڪول ۾ سڀ هن کي پيار ڪندا هئا. هڪڙو ڏسڻ جو سهڻو، ٻيو يونيفارم به تمام ٺاهوڪي ۽ صاف پهريندو هو. جيتوڻيڪ هو مائٽن جو هڪ ئي سڪيلڏو ٻار هو ته به هنکي ايمان ڪو نه هو.

هو منهنجو دوست هو. هو حسابن ۾ تمام هوشيار ۽ مان اڪثر هن کان حسابن سلجهائڻ لاءِ مدد وٺندو هئس.

پر هن ۾ هڪ خراب عادت هئي. هر ٻئي ٽئين ڏينهن هو ڪاڌو جيڪو اسڪول ۾ کائڻ لاءِ کڻي ايندو هو ڦٽو ڪري ڇڏيندو هو. ۽ پاڻ اسڪول جي ڪئنٽين ۾ لنچ کائيندو هو. مان هن تي گهڻو ئي ڪاوڙبو هئس پر هو منهنجي هڪ به نه ٻڌندو هو.

هڪ ڏينهن ارڻ دير سان اُٿيو، اسڪول اچڻ جي تڪڙ ۾ ڪاڌو به نه کڻي آيو ۽ پرس ۾ پئسا وجهڻ به وسري ويس. ٻئي ڏينهن مان ڄاڻي واڻي پنهنجو ڪاڌو نه کڻي آيس. ارڻ به پنهنجو ڪاڌو کڻي ڪچري جي دٻي ۾ وڌو ۽ پئسا به سندس پرسِ مان مون چورائي ڪڍي رکيا هئا.

اُن ڏينهن ٻئي بکيا رهياسين ۽ ارڻ کي به پنهنجي ڪاڌي ڦٽي ڪرڻ جو پهريون ڀيرو ڏک ٿيو.

مان پئسن چوري ڪرڻ جي چالاڪي ۵-۱۰ ڏينهن ڪندو رهيس پر جيئن ته هو منهنجو دوست هو ته هنکي مون ۾ شڪ نه پوندو هو. مان وري اُهي پئسا پنهنجي ماءُ کي رکڻ لاءِ ڏيندو هئس. اٽين سو روپيا اچي ڪنا ٿيا. اٽين ڪيترا ڏينهن اسان بنا ڪاڌي گذاريا. ٿورن ڏينهن کانپوءِ ارڻ اسان سڀني کي پنهنجي جنم دن تي گهر ۾ اچڻ لاءِ نينڊ ڏني. اسين سڀ وياسين ڪيس سوکڙيون، واڌاين جا ڪارڊ ڏناسين.

سڀني ٻارن ڊنر خوشيءَ سان کاڌي پر ڪاڌو ڏاڍو زيان ڪيائون. ڪيترو ڪاڌو



پليٽن ۾ ڇڏي ڏنو هئائون. جيئن ئي نوڪر پليٽون کڻي پئي ويو مان اُن جي پٺيان ويس سڀ ڪاڌو جيڪو بچيل هو ڪچوريون پوريون مٺايون- ڦلڪا ۽ ٻيون به ڪيتريون شيون کڻي پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ وجهندو ويس ارڻ جي ماءُ گهڻو ئي چيو ته هٿ ڇو پيو خراب ڪرين پر مون هڪ نه ٻڌي. مون کيس ٻڌايو ته هتي پاسي ۾ غريبن جي بستي آهي اُتي ڪيترا ئي بکيا سمهي پوندا آهن. جڏهن هتي ته توهين ڦٽي ٿا ڪريو. ڇو نه وڃي اُنهن کي ڪارائي سجايو ڪريان. مونکي اهڙي اجازت ڏيو.

ارڻ جي ماءُ واٽڙي تي ويئي ۽ پڇيائين توکي اهو سڀ ڪنهن سيکاريو آهي؟

”ڪنهن به نه، سچ ته اهو آهي ته اهو سڀ مان پنهنجي گهر ۾ ماءُ کي ڪندو ڏسندو آهيان. منهنجو پيءُ ڇوندو آهي پئسو ڪمائڻ ايترو ڏکيو ڪونهي، جيترو اُن کي صحيح نموني خرچ ڪرڻ ڏکيو آهي.“

ارڻ جي ماءُ اهو ٻڌي باقي بچيل ڪاڌو ۽ مٺايون کڻي آئي ۽ اسين سڀ ٻار گڏجي بستيءَ ۾ ڪارائي آياسين. سڀ بستيءَ وارو ڏاڍو خوش ٿيا. پوءِ ته وڻاسين سوکڙيون کولڻ جڏهن منهنجي سوکڙي تي کوليائين مان ٻاهر هلي ويس.

ٿوري وقت کانپوءِ آيس ايتري ۾ مون واري لنچ باڪس ڪارڊ جنهن ۾ مون سڀ لکيو هو ۽ سؤ روپيا کولي چڪو هو. مونکي ڏسي رڙ ڪيائين. ”هيڏانهن اچ چور ! تو ئي منهنجا پئسا چورايا هئا. هاڻي ته تو منهنجي دل به چورائي ورتي آهي. تو نه رڳو منهنجا پئسا چوري ڪيا پاڻ به مونسان بکيو ٿي رهئين، تو منهنجو اکيون کولي ڇڏيون ۽ سبق سيکاري ڇڏيو ته ڪاڌو ڪڏهن به زيان نه ڪجي. سجايو ڪجي. اُنجو قدر ڪجي.“

## (187) قدرت جا نظارا !

نريش ڀت تي ڪنهن ٻڍي ماڻهوءَ جو فوٽو ٽنگيل ڏسي ماءُ کان پڇيو ”هي ڪير آهي مما؟“

ماڻس چيو ”هي تنهنجو نانو آهي جيڪو دور پهاڙن تي رهندو آهي ۽ اُتي قدرت جي نظارن جو آنند ماڻيندو آهي.“

تنهنجي ناني جو خط آيو آهي ته هو ٿورن ڏينهن ۾ توسان گڏجڻ لاءِ اچڻو

آهي چو جو جيئن تنهنجو جنم ٿيو آهي تيئن هو هتي نہ آيو آهي. ”

نريش پڇيو ”نانا وٽ ٽيليوين آهي؟“ ماءُ جواب ڏنو ”هاڻي ورتو اٿس پر اڳي هن وٽ ٽيليوين ڪو نہ هو.“ ناناجي اچي پهتو، نريش اڳيان ئي نانا اچي شرم، ناناجي اڳيان وڏي ڪيس پاڪر پاتو ۽ ڏاڍو پيار ڪيائين. پوءِ تہ ناني سان هري مري ويو ۽ سڀ ٽي-وي جا پروگرام ٻڌائڻ لڳس پر ناني چيس هل تہ ٻاهر هلون توکي نديون نديون قدرتي شيون ڏيکاريان.

نريش چيو تہ هلو تہ هلون.

هو باغ ۾ ويا، نانو تڪڙو پنڌ ڪري رهيو هو پر نريش ٿڪجي پيو تہ وچي گهاٽي وڻ جي ڇانو ۾ ويٺا.

جيئن ئي اٿي ويٺا ۽ نريش چوڌاري ساوڪ ڏسي خوشيءَ مان ناني کي چيو. ڪيتري نہ ساوڪ آهي. گل بہ ڪيترا نہ سندر آهن !

ناني چيو ”ٿورا ڏکها ساهہ کڻ گلن جي مٺي خوشبوءِ ايندي“ ۽ پوءِ ڪيس مئگني فائنگہ گلاس ڏنائين. پر نريش کي وڻن جا پتا گل سڀ وڏا پئي ڏسڻ ۾ آيا. آسمان ڏانهن نهاريائين گلن ڏانهن نهاريائين ديزي گل جا نندا نندا ستارا پئي ڏسڻ لڳو، هڪڙو پکي ڏسي نريش پڇيو ”هيءُ ڪهڙو پکي آهي؟“ ۽ ناني چيو ”مئنا پکي سامهون وڻ تي آهي.“

اهڙي نموني گهڻا ئي پکي ۽ جدا جدا گل، پتا، گاهہ وڻ ڏسي گهر موٽيا جو نريش کي بکہ لڳي هئي.

ٻئي ڏينهن سويل اٿي سج اُڀرڻ جو نظارو ڏسڻ ويا.

”اڙي سج تہ جهڙو باهہ جو گولو ٿو لڳي نريش رڙ ڪئي“ پوءِ تہ بوٽ هٿ ۾ کڻي گاهہ تي پنڌ ڪندا رهيا جيڪو ماڪ جي ڦڙن جي ڪري ڪجهہ آلو هو.

نريش ناناجيءَ کان پڇيو ”چا پهاڙن تي اندلٺ وڌيڪ سندر لڳندي آهي ؟“

ناني چيو ”توکي مونوٽ اِن لاءِ دارجلنگہ اچڻو پوندو.“

ٻئي مهني نريش مائٽن سان دارجلنگہ پهاڙن تي قدرتي سندرتا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ناني کي چيائين نانا ! توهان مونکي قدرتي نديون نديون شيون ڏيکاري منهنجون اکيون کوليون آهن. مان هاڻي ٽي-وي ڏسڻ جو وقت بچائي، قدرتي نظارن جو آنند ماڻيندس، مهرباني نانا !



## (188) مورکہ راجا !

گهڻن ڏينهن جي ڳالهہ آهي ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو واپاري رهندو هو.

هڪڙي ڏينهن هن جي گهر جي ڀت اچي ڪري. هي ڏاڍو ڪنجوس هو سوچيائين جي سرن ۽ سيمينٽ سان نهرائيندس تہ گهڻو خرچ ايندو سو چيڪي مٽيءَ سان لنبائي ڇڏيائين.

مٽيءَ جي ڀت ڪهڙو ڏک جهليندي اوچتو ڪنهن ٻڪريءَ کي ٽنگن تي اچي ڪري ۽ ٻڪريءَ جي هڪ ٽنگہ ڀڃي پيئي.

ٻڪريءَ جو مالڪ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي سو يڪدم ڳوٺ جي راجا وٽ دانهن کڻي ويو.

راجا بہ هو مها مورکہ سڀ ڪيس ائين ئي ڪوٺيندا هئا.

راجا يڪدم واپاريءَ کي ماڻهو موڪلي گهرايو ۽ پڇيو ”تو هن ماڻهوءَ جي ٻڪريءَ جي ٽنگہ ڀڃي آهي ۽ اُن لاءِ توکي سزا اها آهي تہ تون هيءُ ڳوٺ ڇڏي وڃ.“

واپاري وائڙو ٿي ويو ۽ هڪدم خيال اچي ويس چيائين ”منهنجو ڏوهہ ڪونهي اهو تہ رازي جو ڏوهہ آهي جنهن هيءَ ڀت ٺاهي آهي.“

راجا سوچيو چوي تہ ٺيڪ ٿو سو رازي کي ماڻهو موڪلي گهرايائين. ان بہ چيو منهنجو ڪهڙو ڏوهہ مونکي چو ٿا ديس نيڪالي ڏيو اهو تہ مٽي وڪڻندڙ جو ڏوهہ آهي، جنهن مٽيءَ ۾ الائي ڇا ملايو هو راجا وري بہ سوچيو چوي تہ صحيح ٿو. سو مٽيءَ واري کي راجا جا ماڻهو وٺي آيا. راجا مٽيءَ واري کي چيو ”يڪدم هن ڳوٺ مان نڪري وڃ تنهنجي مٽيءَ جي ڪري هنجي ڀت ڪري رهي آهي ۽ ٻڪريءَ جي ٽنگہ ڀڳي آهي.“

مٽيءَ واري چيو ”راجا صاحب ! اهو تہ مٽي ملائڻ واري جي ڪري ٿيو آهي اُنکي گهرائي سزا ڏيو. هن ئي مٽيءَ ۾ گهڻو پاڻي ملايو آهي جنهن ڪري ڀت ڪچي ٿي پيئي آهي.“ آيو مٽي ملائڻ وارو هن بہ پنهنجي غلطي ڪو نہ مڃي چيائين اهو تہ پاڻ ٺاهڻ واري جو ڏوهہ آهي منهن وڏو ٺاهيو، پاڻ ٺاهڻ وارو آيو. چيائين منهنجي غلطي ڪيئن ٿي. اها تہ منهنجي پاسي ۾ رهندڙ ڇوڪري جنهن اُن وقت گهنگرو پائي نچي پئي ۽ اڻ وڻندڙ آواز پئي ڪيا تہ منهنجو هٿ ڦسلي ويو.

وري ڏڪندي ڏڪندي پاڙيواري ڇوڪري آئي ڇيائين منهنجو ڪڙو ڏوهہ اهو تہ گهنگهرن ٺاهڻ واري جو ڏوهہ ٿيو سزا وڃي ڪيس ڏيو.

آيو چاندي ٺاهڻ وارو هن ڏنو هرڪو پاڻ کي ڇڏائي ٻئي کي ڏوهاري ٿو ڪري. مورڪہ راجا کي بہ عقل ڪونهي جو سمجهي سگهي تہ ڏوهہ ڪنهنجو آهي. هو چاندي وارو هوشيار هو. راجا جي سزا ٻڌي چيائين تہ پلي جتي موڪلڻو هجيو، موڪليو مان پاڻ توهانجا شڪرانا مڃيندس.

سڀ وائڙا ٿي ويا ۽ هن ڏانهن نهارڻ لڳا، سمجهائون شايد پاڳل آهي. راجا کي بہ سندس وهنوار عجيب لڳو تڏهن پڇيائين ”تون بن ۾ هن ڳوٺ کان ٻاهر ڇو ٿو وڃڻ چاهين؟“

چانديءَ واري چيو ”مون رات خواب ڏٺو جتي ڪنهن فرشتي مونکي چيو تہ جيڪو اڄوڪي ڏينهن بن ۾ ويندو ۽ وري نہ موٽندو اُن کي اُتي شاهي خزانو ملندو ۽ اُهو دنيا جو سڀني کان شاهوڪار ماڻهو ٿي پوندو.“

اهو ٻڌي راجا چيو ”اي ظالم ! مان راجا هتي وينو آهيان ۽ تون هليو آهين خزانو ڪڻڻ ۽ شاهوڪار ٿيڻ، اهو منهنجو حق آهي. مان ويندس.“

پنهنجو مڪٽ لاهي ۽ بن ڏانهن هلندو ويو، وري ڪنهن اُن کي اُن ڳوٺ ۾ ڪنهن نہ ڏٺو.

## (189) ٻارن جي گهرو لئبرري !

موهت، سني، پرڪاش، سنيل پنڪج هڪڙي ئي ڪالونيءَ ۾ رهندا آهن پاڻ ۾ دوست بہ آهن. رانديون ۽ پارٽيون بہ ڪندا آهن.

وئڪيشن شروع ٿي، سڄو ڏينهن رانديون ڪندا ماڻهن جي گهرن جا شيشا پڇندا هئا، پيون مستيون ڪري ماڻهن کي تنگ ڪري ڇڏيو هئائون.

هڪ ڏينهن سونيا پنهنجي گهر مان هيٺ لهي آئي ۽ ٻارن کي درين جا شيشا پڇڻ ۽ شور ڪرڻ لاءِ ڇينڀيائين ۽ کين تاڪيد ڪيائين تہ اڄ ڪانپوءِ شور نہ ڪندا ڇو جو توهانجا اسڪول جا امتحان پورا ٿيا آهن پر ڪاليجن جا امتحان اڃا ٿيڻا آهن تنهنڪري اُنهن کي پڙهڻ ۾ نہ منجهايو.

ٻارن هيسجي راند ڪرڻ بند ڪئي ۽ چپ ڪري ويهي رهيا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا. پنڪج کي سوچ ۾ ٻڏل ڏسي سيني پڇيو ”ڇا پيو سوچين؟“



”مونکي هڪڙي سني ڳالهہ سجهي آئي آهي توهين مونکي ساٿ ڏيو تہ مان توهانکي ٻڌايان“پنڪج چيو. سيني گڏجي چيو ”اسين تيار آهيون، هاڻي جلدي ٻڌاءِ.“

اسان سيني وٽ گهڻيئي ڪتاب آهن پيا بہ گهڻيئي ڪتاب رامائڻ، مهاڀارت ۽ ڪا مڪس مهان پرشن جا ڇو نہ اسين سڀ اُهي گڏ ڪري ننڍي لئبرري ٺاهيون؟ پوءِ اسين جدا جدا قسمن جا ڪتاب بہ پڙهي سگهنداسين ۽ اسانجو وقت بہ سنو گذرندو. پنهنجو ناليج بہ وڌائينداسين. سيني کي پنڪج جي اها ڳالهہ تہ ڏاڍي وڻي پر وري منجهي پيا ۽ چيائون ”پر جڳهہ ڪٿان ايندي؟“

اُن جو حل پنڪج ٻڌايو تہ ”اسان کي ڪالونيءَ ۾ هڪڙي گئريج آهي. اُها خالي پيئي آهي مان پنهنجي پيءُ کي عرض ڪندس تہ اُها اسانکي ڏئي. پر منهنجي صلاح آهي تہ ڪجهہ في بہ رکجي جيئن هرڪو ڪتاب سنڀالي پڙهي. في تمام ٿوري ٿا رکون رڳو پنجاهہ پئسا.“

سيني کي پنڪج جون ٻئي رٿون وڻيون، پوءِ گئريج صفا ڪرڻ کي لڳي ويا. هڪڙو بورڊ ٺاهيائون ٻاهران لئبرري کي هڻڻ لاءِ ڪتاب، مخزن، ڪامڪس، سڀ ٺاهي سنواري رکيائون.

سندن لئبرري ڏاڍي مشهور ٿي ويئي. جيڪو لنگهندو هو سو ڏاڍي چاهہ سان ڏسندو هو سيني دوستن ڪم ورهائي ڪنيو ڪنهن ڪتاب ڏيڻ جو تہ ڪنهن اڪائونٽ رکڻ جو. نہ رڳو ٻار لئبرري جا ڪتاب پڙهندا هئا پر وڏا بہ ٻارن جو اتساهہ ڏسي کين مدد ڪرڻ لڳا. مخزن ڪتاب سڀ آڻي کين ڏنائون. بہ سؤ ڪتاب ۽ ڪيترين مخزنون اچي گڏ ٿيون. موهت جي ڏاڍي مٺان نظرداري ڪرڻ جي جوابداري ڪنئي ڇو جو هو رٽائرڊ آفيسر هو ۽ ڪيس گهڻو ئي وقت ملندو هو. هن بہ ڏاڍي چاهہ سان لئبرري کي سنڀاليو ۽ گهڻيئي ڪتاب ٻارن جي ناليج وڌائڻ لاءِ ڪٺي اچي اُتي رکيائين.

جيڪي مائٽ ٻارن جي مستين ۽ ڏنگاين مان بيزار ٿي کين گهٽ وڌ ڳالهائيندا، سي بہ ٻارن جو اهو ڪارنامو ڏسي خوش ٿيا.

هڪ پل به پرپوءَ ڪي نہ ٽلائي، متان اهو آخري پل هجي.

تندرست تن من هجي، اُهو ئي سرڳ آهي.

يي ٻي گذر جائيگا، اهو منتر پڪو ڪر ۽ اُن تي عمل ڪر.

من جي ماٽ آهي موتي، زبان جي ماٽ آهي پڪراج.

خرابيون ڳالهائڻ مان اُتپن ٿين ٿيون، ماٺ مان نہ ڪڏهن خرابي ٿيندي.

جيڪو ماڻهو ڌن دان ڪري ويو، اُن جو نالو قائم دائم آهي.

جي آڌار ٿو چاهين تہ پرپوءَ ڪي پنهنجو آڌار بڻا ۽.

وچ واري چال سامتيءَ واري آهي.

عادت ڦاسي آهي.
من آهي خيالن جو وهڪرو، اُن کي ٻيو رنگہ روپ ڪونهي.

هر انسان جي زندگي سندس خيال معابق ٿئي ٿي.

سيني کي پريم ڏيون، پرپوءَ کي پايون.

پرپو وسريو تہ موت آهي، اُهو ياد آهي تہ جيون آهي.

پاڻ سڌار، جيئن ٻين کي سڌاري سگهين.

موت کان ڊڄي هرڪو ٿو پر اُن کان بچي ڪوبہ ڪونہ ٿو.

موت جي مهل ڪانہ آئي آهي، تہ تلوار جي ڌار کان بچي ويجبو

ڪو بہ ڪم ڪرين تہ دل سان ڪر، بيگڙ ۾ نہ ڪر!

استري لاءِ گهر جو ڪم ۽ ورتڻ بہ پوڄا آهي،جي گ هر جي ڀاتين ۾ اُها ڀاونا رکي.

پتورتااسترشتي اهڙو شي ڦل پائي ٿي، جو رشي مني تپسيا مان نٿا پائي سگهن.

جي چاهين تہ منهجي حياتي نيڪ نموني ۾ گذري تہ

ڪو ٻہ ڪم پوڇا سمجهي ڪر.

سونهن زيورن ۽ شڪل سان نہ ڳڻجي،ڳڻ شيِ سچي سونهن آهن.
ڪم بندگي آهي.
پاڻ چڱو تہ جڳ چڱو.